۱/۲_۱۹۹۲ء





خَتَمَ اللّٰهُ عَلٰى
الله سندن دلين تي

قُلُوْبِهِمْ وَعَلٰى سَمْعِهِمْ ۚ وَعَلٰٓى اَبْصَارِهِمْ
ٻسندن ڪنن تي مُهر هڻي آهي ؛ ۽ سندن اکين تي

غِشَاوَةٌ ۫ وَّلَهُمْ عَذَابٌ عَظِيْمٌ ؑ ⑦ وَمِنَ النَّاسِ
ڇوڙ (ڇڙهيل) آهي، ۽ اُنهن لاءِ وڏو عذاب آهي. ۽ ماڻهن مان

مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَمَا
ڪي (اهڙا) آهن جي چوندا آهن ته الله ۽ قيامت جي ڏينهن کي مڃيوسين ۽ حالانڪ

هُمْ بِمُؤْمِنِيْنَ ⑧ يُخٰدِعُوْنَ اللّٰهَ وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا ۚ
اُهي مؤمن نه آهن. الله ۽ مُؤمنن کي دلبو ڏيندا آهن ؛

وَمَا يَخْدَعُوْنَ اِلَّآ اَنْفُسَهُمْ وَمَا يَشْعُرُوْنَ ۗ ⑨
۽ حالانڪ پاڻ کان سواءِ (ٻئي ڪنهن کي) دلبو نه ڏيندا آهن ۽ نه سمجهندا آهن.



(هن صفحي لاءِ پنهنجي ڳوٺ ، شهر جي
مسجدن جو فوٽو ڏياري موڪليو)

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ جو ٽماهي علمي ۽ ادبي دستاويز

جلد ۴۱] جنوري - جون ۱۹۹۲ع [نمبر ۲،۱

●

نگران ايڊيٽر:

**سيد امداد حسيني**

سهڪاري ڪارڪن:


- پريس مئنيجر: ميان الله بچايو يوسف زئي
- ڪمپيوٽر آپريٽر: مسٽر شمس الدين سومرو، سيد منير علي شاهه، نجمه پنهور ۽ ثمينه ميمڻ
- پيسٽر: محمد عرس ڏمرو ۽ هدايت علي باريچو
- مشين آپريٽر: عبدالستار قريشي، سيد علي رضا شاهه ۽ ممتاز علي سومرو


**سنڌي ادبي بورڊ**

**ڄام شورو/حيدرآباد سنڌ**

# مهراڻ

سنڌي ادبي بورڊ
استيشن روڊ، ڄام شورو سنڌ.

The 'MEHRAN' Quarterly
Vol: 41 No: 1-2, 1992
[Established in 1955]
An age old leading journal of scholarship in Sindhi language, acknowledged in all literary circles of Pakistan.
Published by **SINDHI ADABI BOARD** for the development and promotion of Sindhi literature.
Contemporary Creative Literature, History, Civilization, Numismatics, Lexicography, Education, Music, Folklore, Archaeology and General Culture of Sindh are the main topics of material usually published in this periodical.
Besides translations of world literature are also presented.
All correspondence about publication be addressed to:
Editor
'Mehran Quarterly',
Sindhi Adabi Board,
Jamshoro, (Post Code: 76070)
P.O. Box No. 12
G.P.O. Hyderabad, Sindh, Pakistan.
Telephone: (0221) 71276

خريداريءَ لاءِ لکيو
مئنيجر بُڪ اسٽال
سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي، حيدرآباد، سنڌ.
فون نمبر: ٦١٥١٤٩
(جي - پي - او باڪس نمبر ١٢ حيدرآباد سنڌ)

ساليانو چندو: ١٠٠-٠٠ رپيا    هيءُ پرچو: ٦٠-٠٠ رپيا

Printed and published by Imdad Hussaini Secretary, Sindhi Adabi Board, at the Sindhi Adabi Board's Printing Press, Jamshoro Sindh, Pakistan.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# سٽاءُ


● مهراڻ: سيد امداد حسيني



٨_٨٨

● مخدوم محمد زمان طالب المولیٰ: دُعا/بد دعا (نظم) ٨
● شيخ اياز: جي ناھ ڏياٽي وِچ سهين ... (غزل، وايون، نظم) ١١_٣٦
● ع - ق - شيخ: هيءَ حياتي (نثري نظم) ٣٧
● بشير مورياڻي: سنڌ نامو ٣٨_٣٩
● ابراهيم منشي: پشم جهڙي پدمڻي (بيت) ٤٠
● تانيا ٽيبو: ساوڻ پنهنجا گيت لکي ٿو ٤١_٥٠
● نجمہ پنهور: غزل ٥١
● قاضي منظر حيات: يادون ڪونج قطارون (غزل) ٥٢
● سرمد چانڊيو: جنهن جو موهہ مٽيءَ سان (وايون) ٥٣_٥٥
● سرڪش سنڌي: ٽانڊن جيئن ٻرن ٽا چَپَ (غزل - وائي) ٥٦
● محمد اسماعيل "سپاهي": غزل ٥٧
● جوهر بروهي: ڪيڏاري جي ڪُوڪ (وائي) ٥٧
● حفيظ ڪنبر: سارَ وِسارَ (آزاد نظم) ٥٨
● تنوير عباسي: خواب ۾ چو ٽي اچين (آزاد نظم) ٥٨
● اڪبر ساگر: ذات نہ مون ڪي ڏنگ (غزل - نظم) ٥٩_٦٠
● همراز سيوهاڻي: غزل ٦١
● تلهار پيرزادو: وائي ٦١
● شرجيل: ٽڪڙا اسڪيچ (نثري شاعري) ٦٢_٦٤
● امداد حسيني: ملوڪان موت، مروڻان شڪار (نظم، گيت، ٽيڙو بيت، وائي) ٦٥_٨٠
● سحر امداد: سني نچي ٿو جيئڻ (ٽيڙو وائي، نظم) ٨١_٨٢
● اعجاز منگي: ڏُک بہ ڌرتيءَ جهڙو (غزل، نظم، گيت، آزاد نظم، بيت) ٨٣_٨٨.



٨٩_١٣٩

● عبدالقادر جوڻيجو: ناول جا ڪجهہ پنا ٩١_٩٤
● مشتاق احمد شورو: جيون جو خاليپڻو ٩٥_١٠٤
● سحر امداد: اَڻاسي ١٠٥_١١١
● تانيا ٽيبو: جيتامڙا ١١٢_١١٥
● فاروق سولنگي: پاڙي جو دوست ١١٦_١٢٥
● حليم بروهيءَ جي لکڻي: ١٢٦_١٣٠
● طارق اشرف: موڙ ١٣١_١٣٤
● موهن ڪلپنا: جهلڪ ١٣٥_١٣٩/



خاڪو، تاثر ۽ هڪ خط ١٤٠_١٧٠

- شوڪت حسين شورو: جلا وطن موهن ڪلپنا ١٣٠_١٣٣
- ياترا ١٣٤_١٣٦
- علي بابا: پيڙا جو هڪ پيج ١٣٧_١٣٨
- اياز عالم ابڙو: موهن لالا سرڳ جي ڳولا ۾ ١٣٩_١٥٠
- ماهتاب محبوب: ساگر ڪان گهرو ـ هيري ڪان سخت! ١٥١_١٦٣
- موهن ڪلپنا جو هڪ خط ١٦٤_١٦٧
- ظفر حسن: ڊائري جا ڪجهه ورق ١٦٨_١٧٠



١٧٣ ـ ٣٠١

- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌ جا قبيلا ۽ نسب ناما ١٧٣_١٧٦
- ڊاڪٽر اي ـ آر ٻُٽ: ڪراچيءَ جون اوائلي تي انگريزي اخبارون ١٧٧_١٨٦
- ڊاڪٽر غلام علي الانا: سنڌي ادب جا مسئلا ۽ ان جا حل ١٨٧_٢٠٧
- هدايت پريم: پيرومل مهرچند آڏواڻي ٢٠٨_٢١٦
- محمد خان ٻرڙو: سانگهڙ جا ڪي هنر جا سگهڙ (١) ٢١٧_٢٢٠
- بيدل مسرور: فقير ميان غلام علي مسرور (مختصر سوانحي خاڪو ۽ ڪلام) ٢٢١_٢٣٠
- انيس انصاري: شاهه بهاري جو مقبرو ٢٣١_٢٣٤
- ممتاز مهر: اديب جي جانبداري ـ ڪنهن سان ۽ ڇو؟ ٢٣٥_٢٣٧
- ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي: سفرنامو ـ هڪ مقبول ادبي صنف ٢٣٨_٢٥٦
- استاد لغاري: سنڌي الفابيٽ ۽ ٻوليءَ تي روشني ٢٥٧_٢٥٩
- اعجاز منگي: چانڊوڪي، چمپا جي مالها (١) ٢٦٠_٢٦٧
- دادا سنڌي: مولانا عبدالرحمان "ضيائي" ٢٦٨_٢٧٤
- ايس ـ گل: گل جي ڪهاڻي ـ گل جي زباني! (١) ٢٧٥_٢٧٩
- مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ": منهنجو سرهه ۽ گيد جو پهريون شڪار ٢٨٠_٢٨٤
- ڊاڪٽر الياس عشقي: شاهه جي شاعريءَ ۾ فن جي اپٽار ٢٨٥_٣٠١



٣٠٢_٣١٨

- سحر امداد: رپورٽ ٣٠٢_٣٠٦
- ظفر حسن: طارق اشرف ـ جبل جهڙو اڏول ماڻهو ٣٠٧_٣١٤
- مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ": فقير حسين بخش "خادم" سروري ٣١٥_٣١٦
- امداد حسيني: استاد نياز حسين ـ هڪ ڳُني ماڻهو ٣١٧_٣١٨



ڪئٽلاگ ٣١٩_٣٣١

● محمد رحيم ميمڻ: ڪتالاگ/پهچ ٣١٩_٣٢٣
● ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ: سنڌي ٻولي ٣٢٥_٣٢٨
● تابش بخاري: بزم غالب ٣٢٩_٣٣٠
● حسن علي عطار: مومن پبلڪيشن ٣٣١
٣٣٢_٣٥١

# مهراڻ

# مهراڻ

(١)

۽ پوءِ برف ڳَرڻ لڳي.
ٽِپو .. ٽِپو ٿي،
ڦُڙو .. ڦُڙو ٿي ڳَرڻ لڳي.
۽ پوءِ نئيون، نديون ۽ نالا وهيا.
۽ هاڻي مهراڻ ڇولان ڇول آهي.

مان جڏهن سنڌي ادبي بورڊ ۾ آيو هئس،
تڏهن مهراڻ ۾ واري پئي اُڏامي.
اُن ۾ هڪ بُوند (لفظ) به نه هئي.
اُن ۾ ڪانئي لهر (سٽ) به نٿي لڳي.
هڪ پنو به نه هو مهراڻ لاءِ!

۽ پوءِ لفظ لفظ چونڊڻو پيو.
ائين، جيئن ست ـ رنگا پيرون چونڊبا آهن.
سِٽ سِٽ لسارڻي پئي.
ائين، جيئن ڀُوٽيءَ مان تند لسارڻي آهي.
پنو پنو گڏ ڪرڻو پيو.

۽ پوءِ برف ڳَرڻ لڳي.
ٽِپو .. ٽِپو ٿي
ڦُڙو .. ڦُڙو ٿي ڳَرڻ لڳي.
۽ هاڻي مهراڻ ڇولان ڇول آهي.

(٢)

مهراڻ توهان جي هٿن ۾ آهي. ڪيئن آهي؟ اهو ته توهين ئي ٻڌائي سگهندا: چاڪاڻ ته اهو حق صرف پڙهندڙ جو آهي: پر ايترو سو عرض ضرور ڪندس، ته مهراڻ جيڪو ٩ مهينا ليٽ هو. اُن کي ايتري ٿوري عرصي ۾ ۽ ايڏي پرپوريت سان آڻڻ ۽ هڪ ئي وقت سنڌي ادب جا ايڏا وڏا نالا، ايڏا محترم نالا ڪٺا ڪرڻ ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ ناهي! بلڪل ائين جيئن سنڌي ٻوليءَ جو زنده رهڻ ڪنهن ڪرشمي کان گهٽ ناهي! ۽ يقيناً سنڌي ٻوليءَ جي زنده رهڻ جي سگهه ۽ سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي پاڻ ارپڻ واري جذبي سان ئي ائين ممڪن ٿي سگهيو آهي.

اڄ سنڌي ٻوليءَ کي جيڪي به خطرا آڏو آهن، اُن جا ڪيترائي ڪارڻ ٿي سگهن ٿا: پر ان جو مکيه ڪارڻ تعليمي ميدان ۾ اسان جو پوئتي پوڻ آهي. استاد پڙهائي نٿو ۽ شاگرد پڙهي نٿو. اسڪول وڏيرن جون اوطاقون بڻجي ويا آهن. اسان جي انهيءَ وهنوار جو سڌو سنئون اثر پوري سماج تي پيو آهي. ۽ ان جي نتيجي کي جيڪڏهن هڪڙي ئي لفظ ۾ بيان ڪجي، ته اهو لفظ آهي: جڏڙو.

انهيءَ جڏڙي مان ڪيترائي ناسور ڦٽن ٿا: جهڙوڪ:

> سُستي، لاپرواهي، غير ذميواري، اَسهپ، ڪروڌ، ڏوُنس، ڏانڌلي، بلئڪ ميلنگ،چاڙتاپ، جُوٽيتون، گلا، الزام، بهتان، ڪوڙ بدوڙ، ذاتيات تي لهي اچڻ، رهزني، جيري خاطر ٻڪري ڪُهڻ، پنهنجي پير تي پاڻ ڪهاڙو هڻڻ، جنهن وڻ سان ٻڌڻ اُن کي ڪاٽڻ ـــــ ايستائين جو هڪ ٻئي جي رت ۾ هٿ رڱڻ کان به نٿا مُڙون!

اها هڪ انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي، جنهن جو تدارڪ جيترو جلد ٿي سگهي، اوترو سٺو آهي. مان اهو نٿو چوان ته سنڌ جا عالم، اديب ۽ شاعر ــ پنهنجي قومي مسئلن کان ڪو اکيون ٻوٽي ڇڏين. بلڪل نه: پر مان رڳو اهو ٿو چوان، ته سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت به هڪ قومي مسئلو آهي. ۽ ان مسئلي کي نبيرڻ جو فرض عالم، اديب ۽ شاعر جو آهي. هر ليکڪ جو آهي. هر محقق ۽ تخليقڪار جو آهي، ته هو لکي، سرجي، رچي ۽ تخليق ڪري ــ ڪو نظم، ڪا ڪهاڻي، ڪو ناول، ڪو ليک ...!

لِکڻ جي پيشي سان جيڪو به واڳيل آهي، اُن جي پهرين ۽ آخري ذميواري اهائي آهي، ته هو نه رڳو پنهنجي ٻاباڻي ٻوليءَ کي قائم ۽ دائم رکي، بلڪ اُن کي اڳتي به وڌائي ــ اُن کي پنهنجي ذات ۽ ذانءَ سان سنواري ۽ سڌاري. پنهنجي دور جي سموري اُگراهه کي لفظن جي روپ ۾ پني تي پکيڙي ــ ۽ پنهنجو منصبي فرض پوري ڪرڻ لاءِ انهيءَ سٽ سرجڻ جي جتن کي جاري رکي، جيڪا اتهاس ۾ ڪيس اَمر ڪري ڇڏي!

(٣)

ڪنهن بہ ٻوليءَ لاءِ يا اُن جي ادب لاءِ سڀ کان وڏو خطرو خود ان ٻوليءَ جا ڳالهائيندڙ ۽ اُن ادب جا لکندڙ آهن. جيڪڏهن اُهي پنهنجي ٻوليءَ سان سچا نہ آهن، تہ پوءِ اُهي ڪنهن سان بہ سچا نہ آهن. ۽ سچ تہ اهو آهي، تہ اُهي پنهنجو پاڻ سان بہ سچا نہ آهن. ذاتي شهرت، عهدن جي بُک، سفارش، اقربا پروري، ٻنسي ڏوڪڙ جو لوڀ، ڪين اهڙي دڳ لائي ٿو، جنهن جي پُڄاڻي ڏُٻڻ تي ٿئي ٿي! ۽ هن کان لڪڻ ـــ سرجڻ ڇڏائجي ٿو وڃي. سچائي، ايمانداري هن وٽ محض لفظ ٿي بڻجي رهجي ٿا وڃن. سکڻا لفظ ـ خالي ـ کوکلا ـــ بنا معنيٰ جي! سندن شاعري، ڪهاڻيون، ليک .... وقت ۽ ٻني جي زيان کان سواءِ ڪجھ ڪونهن! نتيجو اسان جي آڏو آهي، تہ ڪيترن چڱن ڀلن ليکڪن کي پنهنجي ٻوليءَ جي ڄاڻ ناهي! سندن صورتخطي صحيح ناهي! ڪين مذڪر ۽ مونث جو پتو ناهي! حد تہ اها آهي تہ وڏين وڏين دعوائن جي باوجود سندن لهجو ٺي سنڌي ناهي! پوءِ اهڙا "ٻج ٻڌي مهري ڪيل" صحيح ٿلنٽ جو رستو روڪي بيهي ٿا رهن. اُن کي اڳتي وڌڻ نٿا ڏين. پوءِ شل نہ ڪو صحيح ٿلنٽ سندن وَر چڙهي، ان کي وڻ ـ ويڙهيءَ وانگر ويڙهي اُن جو رت ست چوسي، اُن جو ڪئريڪٽر ۽ ڪيريئر تباھ ڪريو ڇڏين!

(٤)

۽ جڏهن ڪوبہ اصول، ڪوبہ قاعدو ڪوبہ قانون ۽ ڪوبہ سسٽم ٺي نٿو رهي، تہ پوءِ نانيءَ ڪُنڙي واري بي اصوليءَ هيٺ ادارن ۾ بہ اهڙا ڇَسا، نااهل ۽ بدعنوان ماڻهو داخل ٿي ٿا وڃن، جيڪي اڏوهيءَ جيان انهن ادارن کي اندران ٺي کوکلو ڪندا رهندا آهن؛ تان جو هڪڙو وقت اهڙو بہ ايندو آهي، جو اهي ادارا رک جو ڍير بڻجي اچي پَٽ پوندا آهن.

ايترو عقل تہ سنڌ جي عام ماڻهوءَ کي بہ آهي، تہ جڏهن بہ ڪو نڪر جو ٿانءُ ونجي، تہ ان کي بہ ٺونگي پوءِ ونجي ـــ ۽ سنڌ جي عام ماڻهوءَ جو اهو اصول اسان جي پوري زندگيءَ لاءِ هڪ رهنما اصول جو درجو رکي ٿو، پر جتي ذاتي وٽت ـ اٿوٽت ٺي پرک جو معيار هجي، تہ پوءِ اسين ڪنهن کي ورسائڻ تي سندرو ٻڌي بيهي ٿا رهون ۽ اهڙن ماڻهن کي ادارن ۾ ڀرتي ڪري ٿا وجون، جيڪي ادارن تي بوجھ هوندا آهن ـــ ۽ پوءِ اهڙن "اٽي تي ڇٽي" ماڻهن مان جند ڇڏائڻ ٺي ڏُکي ٿيو پوي!

نانيءَ ڪُنڙي واريءَ بي اصوليءَ ۽ بي قاعدگيءَ جو ٻيو اُگرو نتيجو اهو ٿو نڪري، تہ ڄاڻو ۽ سينئر ڪارڪنن جي مٿان اڻڄاڻ ۽ اڻ سکيا ورتل ماڻهو مڙهيا ويندا آهن. ائين پنهنجي ڪم جي ڄاڻو، تجربيڪار ۽ سينئر ڪارڪنن جي حقن تي ڏينهن ڏٺي ڌاڙو هنيو ويندو آهي.

جتي ڄاڻ، محنت، سچائيءَ ۽ ايمانداريءَ جي صلي ۾ سڪٽي شاباس تہ پري رهي، ماڳهين هرويل اهو ڪُتڪو ڪاريهر جيان ڪَرَڪنيو بيٺو هجي، تہ مُرڳو روزگار ٺي نہ کسجي وڃي، تہ پوءِ اُتي چاڪيءَ جي ڏاند جيان اکين تي کوپا چاڙهي وَهٽو ۽ ڳهٽو ٿو پوي! ۽ ان سڄي صورتحال جي نتيجي ۾ نہ رڳو پيداوار گهٽجيو وڃي، پر خود اداري جي نيڪناميءَ تي بہ خراب اثر پوي ٿو! اسان جي اڪثر ادارن سان اهو ٺي حشر ٿيو آهي.

انهيءَ سڀني ڪٿا ۾ اتساهه ڏياريندڙ ڳالهه اها آهي، ته سنڌي ادبي بورڊ جي ڪارڪنن جي گهڻائي پنهنجي ڪم جي ڄاڻو، محنتي ۽ اداري جي هڏڏوکي آهي ۽ پنهنجي فرض کان ڀليءَ پت آگاهه آهي.

سنڌي ادبي بورڊ هڪ علمي ۽ ادبي ادارو آهي. سنڌي ادبي بورڊ سان سنڌ جي انتهائي اهم ۽ محترم هستين جا نالا لاڳاپيل رهيا آهن. ماضيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ سنڌي ٻوليءَ، سنڌي ادب ۽ سنڌي ثقافت لاءِ لازوال خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ان جو اعتراف نه رڳو سنڌ ۾ ڪيو ويو آهي، نه رڳو پنجاب، سرحد، بلوچستان — پوري پاڪستان ۾ ڪيو ويو آهي، بلڪ ٻاهرين ملڪن ۾ به ڪيو ويو آهي.
هتي اهو به عرض ڪندو هلان، ته سنڌي ادبي بورڊ نه ته ڪنهن جو شخصي ادارو آهي، نه ئي ڪنهن مخصوص ڌُر يا ٽولي جو آهي: بلڪ سنڌي ادبي بورڊ سڀني جو ادارو آهي — ۽ اُن جي ساک کي بحال ڪرڻ لاءِ اسان کي سڀني جي ساٿ ۽ سهڪار جي ضرورت آهي.

(۵)

سنڌ اڄ جنهن عذاب مان لنگهي رهي آهي: امن جي ڌرتيءَ تي هيءَ جيڪا رتوڇاڻ ٿي رهي آهي — ان رتوڇاڻ کي روڪڻ لاءِ، امن قائم ڪرڻ لاءِ هڪ اديب — هڪ سرجڻهار تي ڀاري ذميواريون عائد ٿين ٿيون.
سنڌ جي ماڻهوءَ جي مورال بلند ڪرڻ، هن کي سندس شناخت واپس ڏيارڻ، پنهنجن / پراون هٿان سندس ڇِنِ تان کسيل مُرڪ موٽائي ڏيڻ لاءِ سنڌ جو اديب هڪ سونهي جو ڪردار ادا ڪري سگهي ٿو.
سنڌ جيڪا ڏينهن جو پورهيو ڪندي هئي ۽ رات جو جاڳندي هئي. سنڌ، جتي اوطاقن ۾ ڪچهريون ٿينديون هيون: دڪانن تي ڏور- ڳجهارت جا معرڪا ٿيندا هئا: اوتارن ۽ درگاهن تي راڳ رنگ جون محفلون مچنديون هيون: ميلا ملاکڙا ٿيندا هئا: چانڊوڪين ۾ ونجهه - وٽي ٿيندي هئي — اڄ اُهي چانڊوڪيون رُسي ويون آهن. مان سنڌ جي سڀني اديبن — سرجڻهارن کي اپيل ٿو ڪريان ته هو هٺرادو ويڇا وساري، انهن رُٺل چانڊوڪين کي پرچائڻ لاءِ چند وٽ ميڙ ٿي هلن، ته جيئن "سپاٽي" جو سج، هن امن - آشتيءَ جي ڌرتيءَ تي وڏيڪ اُجرو ٿي اُڀري.

— سيد امداد حسيني

★★★★★

اُتو اوهيرا ڪري، عاشق مَتي اَڄ،
ڏور ڏُڪاريا! ڀڄ، مِينهَن مُنهن ڏيکاريا.

# لطيفي لات

تان ڪِي سائَنِ اوڙِ جان آهِينِ اوطاقُنِ مِ،
ڏَهه ڏَهه يــيرا ڏِينهَن مِ، پاڻُ مَتائنِ گهــوڙِ
وِيــا جــي هِنگلوڙِ تہ ڪَــرَمِ مِلَنڊءِ ڪــاپڙي.

## وچڙيا کهڙا کهڙا ماڻهو

گڏريل ويجهڙائيءَ واري عرصي ۾ ساهت ۽ سنگيت کيتر جون کيتريون ئي اهم ۽ سُڄاڻ هستيون اسان کان وڇڙي ويون آهن. ناٽڪ ڪار ۽ زرعي ماهر ڊاڪٽر يوسف پنهور، سنگيتڪار استاد نياز حسين، منفرد ڳائڻو ڊول فقير، شاعر ۽ ڳائڻو فقير حسين بخش خادم ـ روايتي شاعريءَ ۾ پنهنجو مخصوص رنگ رکندڙ فيض بخشاپوري، ڪافي ـ رنگ غزل جو شاعر ڪريم پلي، چترڪار ۽ ڪهاڻيڪار ع.ق شيخ؛ ڪهاڻيڪار اشرف سيال، سماجي ڪارڪن عادل سخيرائي، ڪهاڻيڪار ۽ "سهڻيءَ" جو ايڊيٽر طارق اشرف ۽ هند ۾ سنڌيءَ جو اهم ڪهاڻيڪار ۽ شاعر موهن ڪلپنا اسان کان وڇڙي ويا آهن.

وچڙيا کهڙا کهڙا ماڻهو
اُس چمڪي تہ اُجهامي ويا
مينهن وساڙن جهڙا ماڻهو

انهن سڀني سنڌي سنگيت ۽ سنڌي ساهت کي جيڪا اوج ڏني، اُن تي ڪين جس هجي. اڄ اسان وٽ سندن اکري ـ پورٽريٽ، آڊيو ـ وڊيو رڪارڊنگ .... ناهي، تہ اهو اسان جو اڀاڳ آهي. ضرورت ان ڳالهہ جي آهي، تہ انهن جو ڇڏيل مواد هٿ ڪري محفوظ ڪيو وڃي. ۽ جيڪي حال حيات آهن، انهن کي سندن زندگيءَ ۾ مڃتا ڏني وڃي. هن جديد دور ۾ سندن زندگيءَ ۽ ڪم کي محفوظ ڪرڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ ڪري سگهجي ٿو. سنڌي ادبي بورڊ ان ڏس ۾ پنهنجون ذميواريون ضرور پوريون ڪندو.

هن پرچي ۾ اسين چاهيندي بہ انهن هستين مان صرف ڪجهہ هستين تي مواد ڏئي سگهيا آهيون. ايندڙ "مهراڻ" ۾ اها ڪسر پوري ڪئي ويندي.

ـــ سيد امداد حسيني

## مخدوم محمد زمان "طالب المولىٰ"

# دعا/بد دعا!

خدا ڪري تہ محبت جو تون مريض ٿين،
مٺي مغَانہ منجهان خوب مستفيض ٿين.

خدا ڪري تہ ڪو مستن جو ٿين تون تابعدار،
خدا ڪري تہ پو مغ بچّہ جو هجين حبدار.

خدا ڪري ٿيين ابروني جانِ جان جو شهيد،
خدا ڪري تہ زماني جي لاءِ هوندين مفيد.

خدا ڪري تہ ڪو تيرِ مژہ شڪار ڪري،
خدا ڪري تہ ڪا الفت گناهگار ڪري.

خدا ڪري تہ گرفتارِ عشق ٿين هڪدم،
ڪهين حسين جي جدائي ۾ روني ٿين بيدم.

خدا ڪري تہ حسينن جا تون ڏسين جلوا،
هو توڪان وسري وڃن پوڙ، ڪوفتا، حلوا.

خدا ڪري تہ ڏسين تون بهارِ ميخانہ،
پيين ڪنهن ساقيءِ مهوش هٿان تون پيمانہ.

خدا کي ياد ڪندي ناخدا کي ياد ڪرين،
پيار ساڻ دلِ مہ جبين بہ شاد ڪرين.

گناهہ ناز ڪهين جو ڇڏيني ڦٽڪائي،
ڪهين جو هجر رلائي ڇڏني ۽ ٿڙڪائي.

ڇڏائي ڪنز قدوري وڃني محبت ۾،
قضا ڪرڻ لڳين روزا نمازون فرقت ۾.

ڪمند زلفہ سيہ ۾ تون شال قيد ٿيين،
پيالا پرت جي مٺي وارا بار بار پيين.

ڪهين جي راهِ محبت ۾ روز رلندو رهين،
هزار درد جدائي جا دل تي سهندو رهين.

گريبان چاڪ هجني شال ڪنهنجي الفت ۾،
مڪين ڪوچہ جانان جو ٿين محبت ۾.

سداءِ خشڪ عبادت کان ڪا پناہ ملني،
ڪهين جي عشق مجازي ۾ "واهواہ" ملني.

ريا و ڪذب کان مولا ڪا شل پناہ ڏيني،
ڏسين حقيقت کي جنهن سان سا نگاہ ملني.

پوني ڪو پاندو پڄي ڪوڙي پارسائي جو،
ڪهين سان عشق ۾ وعدو ڪرين وفائي جو.

دعا هي "طالب مولا" جي من قبول ٿني،
چيانين جيڪي اهو هوبهو حصول ٿني.

★

٢١ جنوري ١٩٩١ع
هالا، سنڌ.

## اياز کان اعجاز تائين

*مون جنهن نئين دور کي لوڪ - ڪلاسيڪل نئون جُڳ (New Folk-classical Age) سڏيو هو ۽ ان دور کي اياز کان انور تائين جو دور چيو هو، تنهن گهڻن کي ان تي مئيان لڳي هني ۽ منهنجي ان وضاحت کان پوءِ به ته، اهو دور ۱۹۴۷ کان ون يونٽ تائين محيط آهي، هرمامن ان کي ان معنيٰ ۾ ڪنيو، ته مان انور کان پوءِ آيلن کي نظرانداز ڪري رهيو آهيان. اڄ مان انهيءَ لوڪ - ڪلاسيڪل نئين جُڳ کي اياز کان اعجاز تائين جو دور سڏيان ٿو. دراصل اهو نئون دور لوڪ - ڪلاسيڪل دور جو تسلسل آهي.*

— امداد حسيني

# شيخ اياز

## غزل

## نظم

## وايون

(هيءُ ڪلام شيخ اياز جي اڻڇپيل مجموعن "ڪَنين ڪَر موڙيا ــ ٢" ۽
"سورج مُکي سانجهه" تان کنيل آهي)

بلڪل ڀرپور زندگي جيئڻ جو اتساهہ ڏياري ٿي.سنڌ جو درد هن جي شاعري منجهہ آهي. سنڌي عوام هن جي شاعريءَ منجهہ آهي. ساڃهي وقت زندگيءَ ۾ جيڪا خوبصورتي آهي، جيڪا نيچر آهي، جيڪا سونهن ڀريل آهي، اُها بہ هن جي شاعريءَ ۾ آهي. سنڌ جا ڳوٺ هن ۾ آهن. سنڌ جي شهرن جو تيزاب هن ۾ آهي. سنڌ جي ڳوٺن جي مٽيءَ جو هڳاءُ هن ۾ آهي. ۽ ٻل ٻل جيڪي ڪڙڪيتا جرڪن ٿا، اُهي هن جي شاعري منجهہ آهن. شيخ اياز جهڙو شاعر صدين ۾ پيدا ٿيندو آهي.

— موهن ڪلپنا

# غَـزَلَ

## جي ناهه ڏياتي، وِڄ سهين ....

جي ناهه ڏِياڙي، وِڄُ سَهين، ڪا جوت تہ ٻاري ٿي سگھجي.
اونداهہ تہ آ درياهہ جيان، ڪا لَهر اُجاري ٿي سگھجي.

مايوس نہ ٿي تاريخ ڪَنان جو ٿيڻو ني هو سو ٿي ويو،
هي هَٿُ هٿوڙا اَڄُ بہ اَٿي ۽ دنيا ڏاري ٿي سگھجي.

ڇا من وَرتي من ٻاوڪ هئي هوءِ ناري ساري ساوڪ هئي،
هي پر ڪرتي دُڪدانڪ آ ير پو بہ سنواري ٿي سگھجي.

ڪنهن وقت بسنت تہ اچڻو آ ۽ رنگ هوا ۾ رَچڻو آ،
هاڻي بہ اچي ٿي جا خوشبو ڪنهن ريت نہ ناري ٿي سگھجي.

هي جيون توڙي مايا آ، پر جو ٻَلُ ان جي ڇايا آ،
ٿا اُن ۾ پنهنجا پير وَڌن ۽ اُسُ اُٻاري ٿي سگھجي.

تو اڳتان ماري جل ڇوليون، پر پيار اُنهيءَ ڪان پَربل آ،
جي ونجَهہ هَلايو، پار ڪنهن هِي ناوَ اُتاري ٿي سگھجي.

هي ذات ڏسي ٿي ڪجھہ اڳتي ويهي تہ نہ رهڻو آ دگ تي،
ٿي سوچي اڄ تہ "اياز" ڪٿي ڪنهنجي تہ پناري ٿي سگھجي.

●

# هر ڇوُنرو ڪوئي ڀوُنرو آ ....

تون آڌيءَ رات اُتارين ٿي ۽ منهنجي ننڊ ڦٽائين ٿي.
جي رهجي ويا ها گيت اڻکي، سي مون کان ڳهت لکائين ٿي.

اَڌ راتِ اڃي جاڳائين ٿي ۽ ڇم ڇم ڇيرون پائين ٿي،
ٿا پير پُڄن آڪاش مٿان، هي ڪهڙا ناچ نچائين ٿي؟

مان تنهنجا چنڊ ستارا هان، ڪيڏيءَ نہ تجّليءَ وارا هان،
ڪيڏا نہ گلن جا کارا هان، سنسار سَڄو مهڪائين ٿي!

سڀ ساز سرندا تُنهنجا ها، آواز ٻُرَندا منهنجا ها،
هر ڇَوُنرو ڪوني ڀونُرو آ، گُنجار ائين ٿهلائين ٿي!

# سنسار ته ڪوئي پل آهي ....

ڪيئن ڏينهن ٽئي ڪيئن رات لهي، مان ڇا ڄاڻان؛ مان ڇا ڄاڻان؟
ڪئن دل ٽي ايڏو درد سهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

هر لهر هنئي مضراب جيان ۽ ساري عمر رباب جيان،
آ وقت جئين درياهه وهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

هن رُوح هرڻ جي ڳولا ۾ ڪو پاڻي آهي؟ ڪونه آهي؟
ڪيڏانهن وڃي ڪيڏانهن ڪَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان؟

سنسار ته ڪوني پَل آهي ۽ ان جو انت اٽل آهي،
ڪنهن وقت ٺَهي، ڪنهن وقت ڊَهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

پل پيارِ بنان ڄڻ وَٽل آهي، هي جيوَن ڄڻ ڪو بٽل آهي،
تو چَڪرِ ۾ ڪيڏو نه ڳَهي، مان ڇا ڄاڻان مان ڇا ڄاڻان!

من روز منجهاني ٽو ساهي، ڪنهن وقت "اياز" تَري تائين؛
تو سِپَّ ڏِسي موتِي نه لهي، مان ڇا ڄاڻان، مان ڇا ڄاڻان!

★

# نئين اُٽت جيئڻ پيار آهي

هوا گُهلي ٿي اَجا چڳن ۾ اُڏارَ آهي، بهارُ آهي.
اجا تہ جهومي پيو صنوبر، ٻِڙي پيو ديودارُ. آهي.

اجا پياريون اَچن وڃن ٿيون، مَحبّتون مُرڪ کي مڃن ٿيون،
اجا ٿيو ناهہ جامر خالي، اجا اکين ۾ خمارُ آهي.

اجا گُلن شَبنمي پياليون، ڀَري پيون ٿا اجا جِيون ٿا،
اجا جواني وئي نہ آهي، اجا تہ مَني ۾ خمارُ آهي.

اجا مَحَبت مُئي نہ آهي، سڀڪو بہ آهي سُني بہ آهي،
اَجا تہ ياري ڪشيده ڪاري. نئين اُٽت جِينً پيارُ آهي.

اجا گهٽائون اَچن وَڃن ٿيون، اجا تہ ساونڻ هلي رهيو آ،
اجا تہ بوندون وسن پيون، دِل اڳي جيان آبشارُ آهي.

اجا اکين ۾ گُليل آهي، اجا هوا ۾ ٻکي چُني ٿي،
گناهگارو انين نہ سمجهو، تہ هيل پرهيزگارُ آهي.

اسان اوهان جا اجا بہ ناتا، جڏهن اکين اوچتو سُڃاتا،
تہ دل ٻني منڪدا ڏسي ۽ اجا اُنين ميگسارُ آهي.

مسين مسين راتڙي ٻني آ، ڪٿي تہ رابيل اج ٽڙي آ،
اچي ٻني سا عجيب خوشبو، ”اياز“ دل بيقرارُ آهي.

# سِج جئن پاڻ کي پتوڙين ٿي

روحَ کي ول جيان وڪوڙيو ٿِي!
جيءُ سان جيءُ اينئن جوڙيو ٿِي.

ڇُوڙيون چنڊ جئن ٽُٽيون آهن،
ٻانهن کي ايترو مروڙيو ٿِي.

هاءِ مِهار بنسري تُنهنجي،
ايترا سڏَّ! اڄ ته ٻوڙيو ٿِي!

اُڀُ گهنگهورُ ٿي ويو آهي،
سِجَ جئن پاڻ کي پتَوڙيو ٿي.

سيءُ ۾ رات ڪانجي ويندي،
ڇو صدين لاءِ هِينئن روڙيو ٿي.

اي سُڪاني اڃا ته ڪنڌيءَ ڏي
پيار جي ناوَ کي نه موڙيو ٿي؟

هاڻ سوچي لڪي رهيو آهيان،
اي ازل! عَهد ڇو ته ٽوڙيو ٿي!

وانئِنيون واءُ ۾ پيون ڦَرڪن،
نينَهن! پنهنجو نِشانُ کي ڪوڙيو ٿي!

پيار کان ڪونه ٿو مڙين اڄ ٻي،
ڪيترو اي "اياز" لوڙيو ٿي.

★

# اچي ويا گيت مينهن وانگر

جڏهن ته توکي مٽي ڪري مُنهُن، ڏِنيون ٺڏي ساهه سان مَيارون!
اچي ويا گيت مينهن وانگر، ڏيئي لڳو اُڀ اوچنگارُون.

جڏهن ته گهر ۾ گِهري اَچين نه، وَري وَري جنن ڦِري اچين ٿو،
ته مَن اِنين آهه موَرَ ڪن جنن، سَوين ٺهوڪا، سَوين پُڪارُون.

اجا ته آزاهه جنن نه آهين، اجا ته ڦُرَ ڦُرَ وسي رهيو آن،،
وجهي ٻيو سِڄَ بادلن مان، لِڪي لِڪي ڇو اِنين نهارُون!

اجا ته آهي تلاش جاري، اجا ته مون نانهه هانوُ هاريو،
اجا ته آواز آڳرين جا، سوين صدائون، سَوين سَتارُون!

ڪڏهن اچين جي نماز وانگر، جهڙي وڃين روح باز وانگر،
ته جي، منهنجو پکيءَ جيان ٿي، ٿَپي هَوا ۾ ڪري قَطارُون.

اڱي ته سَنگيِ اَڱي ته ساٿي، ٻُني ملاقات آ سدا ٿي،
پياڪُ ٿِي تيزَ ۾ مليو آن، ڪڏهن ڪَيون توڪَلالَ ڪارُون!

جڏهن سفر ۾ ملي ونين تون، ته ٿي ويو آنهه گهورَ مُنهنجي!
ڪٿي مليو آن؟ ڪٿي مليو آن؟ خبر نه آ، ايتريون وِسارُون!

ڏِسين پيو تيزُ تيزُ ڏارُون، رڪين پيو واڳ وسَ تن جي،
نه ناوَ مُنهنجي، نه ناکئو مان، ٻَري ڪَنارو نه آن، تارُون!

"اياز" هيِ آبشار ڇاهي، ڪٿان اچي ٿو، ڪٿي وڃي ٿو؟
اسان ته اُن جون ڏسون پيا ٿا، رڳو، ٻَرين پارَ ڪان اُڏارُون!

★

# هي ننڍي جي هوا ....

رات تارن ڀَري پيار ۾ او جَري
اَڄُ مون ڏي وَرِي، تارَ تي تون تَرِي!

تون ڳچيءَ کان ڀَري، هٿ جهٽڪي ڪَري،
ڪالهه موٽي وَڻينءَ ڏيهه کان ڇو ڏري؟

ڪا نه مُڪري ڪِڙي، ڪجهه نه گُل ٿي ويو،
آهه سُرهاڻ ساري اگڻ ۾ ڀَري!

هي ننڍي جي هوا تيزُ تَر ٿي کُهلي،
ياد مون کي اچين ٿي اڳي جئن وَري.

ڪائناتون هنينءَ، تون بَراتون هنينءَ،
تون ستارا سوين رات جن سان ڀَري.

ڪالهه توکي ڏٺو مون ڏِياريءَ جيان،
شهر ڏِينا هيو، روشني، هر ڏَري!

گُل هيا فڪر جا، يار جي ذڪر جا،
جا نه خوشبوءِ ڪَئي راهه ۾ رَهبري!

اي اياز آسرو مون اڳي کان گهٽو،
هو ٻره جِيئن آ، رات ويندي ٽَرِي!

★

# هي ذات جئين برسات پوي ....

هي ذات جئين برسات پوي، تون ڇا ڄاڻين تون ڇا ڄاڻين؟
ڪنهن ڏينهن لهي ڪنهن رات پوي، تون ڇا ڄاڻين، تون ڇا ڄاڻين!

اڳ آهه ازل جي ميري ڪان ۽ پوءِ ابد جي جيڙي ڪان،
تي وچ ني ذات صفات پوي، تون ڇا ڄاڻين، تون ڇا ڄاڻين!

دنيا ۾ دولت شهرت ڪان، هر چاهت ڪان اُن ڪان ٻه منان،
تي ماڻهوءَ جي مرجات پوي، تون ڇا ڄاڻين، تون ڇا ڄاڻين!

جنهن وَقت ٻه رمتو راهه وَڃي، تنهن وقت لَڪانين، ترڪڻ تي،
ڪيڏي نه پَري برسات پَوي، تون ڇا ڄاڻين، تون ڇا ڄاڻين!

جنهن وقت گُلن تي ماڪ ڏِسين، جنهن وقت پنل افلاڪ ڏسين،
تون سمجهه ته ني پِرڀات پوي، تون ڇا ڄاڻين، تون ڇا ڄاڻين!

ڪي ماڻهو نا فولاد نيڻ ۽ آدم جي اولاد نيڻ،
جنهن وقت "اياز" آفاتِ پوي، تون ڇا ڄاڻين، تون ڇا ڄاڻين!

●

# نظم

ٻار مون کي ٿا چَوَن:
"سنڌُ توکي ٿي سڏي،
ڌَرتيءَ کي تون ڇڏي
روجهه وانگر ڳوليون کي واڙيون."
مان چوان ٿو:
"روجَهه کوليءَ کي لَنوايو ڪيئن آ؟
سنڌڙيءَ کي مون ڱنوايو ڪيئن آ؟
نظم منهنجا تاابد ڏيندا اوهان کي زندڳي
جا وجي ٿي اُڄ ڪِسَي
ٻر ڪَسي سَگهندو اُها ڪوئي اوهان کان ايئن ڪونہ!
نظم منهنجا اَنتُ ماري ڪوبہ سگهندو جِيئن ڪونہ"
ٻار مون کي ٿا چون:
"ٻر اسان کي ڪيرٿر جا ٻارَ ڏس!
ٻنڌ تُنهنجي جي وَهِي ناهي، اهو جاٺون پيا،
تون سفر جا ٻارَ ڏس!
تو ڏٺو جو آ ٻهارن ٻر ، اسان کي اُن نگر جا ٻارَ ڏس!
ڪنهن ترائيءَ، ڪنهن تہ تر جا ٻارَ ڏس!
ڪنهن تہ گهر جا ٻارَ ڏَس!"

-★-

آن، جو موت تي جيت هان
موت مون لاءِ ڪنهن لاش جان
منهنجي گهوڙن جي سُنبن جي هيٺان ٿو چيٿارجي!
مان پيو ٿو وڌان
سِجُ هاٿي پهاڙن پُٺيان.
رات جي واڙ ۾، ٿو پيو واڙجي.
منهنجي گهوڙي جي سُنبن جي هيٺان ٿو چيٿارجي:
پو بہ ڪو ٿڪ ناهي اجا
پيرَ منهنجا رڪابن ۾ اڳ جيئن سوگها لڳن
پنڌ ڏاڍو ڪٺن پو بہ گهوڙا اَڙيءَ سان اُڏن
پالوا، پالوا!
ڪيترو تون پري آنهه اي پالوا!
چنڊ مون ڏانهن ٿو مارئيءَ جئن ڏسي،
دور تان ديس جي هر خوشيءَ جئن ڏسي.

-★-

شاعري منهنجي تہ هوندي
آن، توسان ڪوند هوندس!
رات ٿيندي
چاندني اُن کي چُميندي.
صبح ٿيندو
سجُ اُن کي ڏَنُ ڏيندو.
روشنيءَ جا ترورا ٿيا:
سمنڊ جون لهرون اُداميون
اِئن ڪنديون منهنجي سَلامي
جئن تہ منهنجي فوج آهن.
موج پنهنجان موج آهن!
آن، هي سنسار آهيان،
آن، توکان ڌار ناهيان
تون ڏسي سگهندين نہ مون کي
ساٿ پنهنجي:
شاعري منهنجي تہ هوندي
ها برابر، آن، توسان ڪوند هوندس.

-★-

**شمع ٻُجي ٿي**

پروانا ڪيڏانهن ويا سڀ؟
ديوانا ڪيڏانهن ويا سڀ؟
تيرن جان جي پَر ڦَرڪائي
منهنجي سيرانديءِ ايندا ها،
۽ شعلي ۾ پاڻ جلائي
روشنيون اڳُ ڪان ٻه وَڌائي
مَنُ مَچائي
نور سَماني جرڪي جَرڪي
مون تي جي ويندا ها جَرڪي
سي پروانا
اڄ ديوانا
ڪونه ڏسان ٿِي!
جو نه ڏسان ٿِي؟

-★-

**دوستو آزادگي**

هاڻ گوليءِ پنڌ تي ملٿي نه آهي،
هاڻ ڪنهن سوڳنڌ تي ملٿي نه آهي
جو ڪٿي
پاڻ کي آجو ڪَري ويندا اوَهين!
مان چوان ايڏو پَري ويندا اوهين،
رَتُ جا درياهَ هوندا،
چوُطرف واهڙَ وَهي ويندا تڏهن،
لاش جڻن آڪاش ۾ تارا ڪڏهن
ايترا اڳ ۾ نظر آيا نه هوندا!
سيرَ ۾ زنجير ٽاهيندا ڪَٿين جڻن ائن ڪٿي جڪڙيا نه هوندا!
مَوت جي پَنجي اڳي ڀَڪڙيا نه هوندا!
وچَ پاڻيءِ ۾ ٻُجي
نيٺ سَڀُ ويندا سُجِي،
ڪيترو اَڪڙيا نه هوندا!
ايترا جَرڪا نه هوندا
جي اُهي ڪاٺي سگهن:
موت پنهنجيءِ ۾ مگن،
ڪنهن طرف گهوري نه ڏسندو ڏيان سان،
زندگي اَيمان سان، لُڙهندي ٻَني ڦيرا ڪَري
مانگريون گهيرا ڪري
واتَ ڦاڙينديون وَڏا
ڪونه رهندا ڪي هَڏا
جي ٻيا ڪاٺي سگهن:
ڪير تا قيمت ڏين
ايتري؟
آزادگي!

-★-

**سوچنين تون متان**

مون متان مقبرو!
چنڊ، تارا، ڪتيون
سڀ جون مشعلون
مون متان
روز ٻرنديون پيون!
هي خدائي مجاور جيان
روز مون تي ڪندا سوجهرو.
روز مون تي شفق پڙ پائي زريءَ جا، عقيدت جو اظهار مون سان ڪندي،
ڏينهن جو روز سورج مُڪين سان پني زندگي جرڪندي،
رات رابيل جا گُل نچاوَر ڪندي،
ماڪ سان تنهن مٽيءَ کي معطر ڪندي
آن، هوندس جتي،
تون متان هن گُنهگار کي
ڪنهن وڏي پير سان ڀيٽئين
شاعري ريٽئين
جنهن هزارين بُزرگيون مٽائي ڇڏيون،
سڀ هيڻان ڪَکر جئن لڪائي ڇڏيون
سمنڊ ۾ ريت وانگر ڇُپائي ڇڏيون
مشعلون سَوَ جلائي ڇڏيون
جي نه ڪوئي بُجهائي سگهي،
۽ نه طوفان ڪوئي به تن کي وسائي سگهي.

-★-

موت ويجهو اَچي پيو آهي
جو سُپاڻي تہ روئڻو پَوَندو!
مان نہ هوندس تہ ماڪ سان پنهنجو
مُنهن اُتي نيٺ ڌوئڻو پَوَندُو!
ماڪ جا آسمان مان وَسندي
لُڙڪ هن لوءِ تي وَهائيندي،
۽ املتاس تان جڏهن ڪويل
ڪوڪندي گيت چار ڳائيندي
تون انهيءَ وقت سارَ ۾ منهنجي
ڪنهن ٿَنيءَ منجهہ اوچتو ايندينءَ:
"هو بہ ڪويل جيان هُيو راڳي!"
پوءِ آڪاس ڏانهن ڳوليندينءَ،
هيڪلو گيت جڏ تہ ڪويل جو
نيرَ سان نيڻَ جڏ پچائيندينءَ:
اِيئن لڳندءِ تہ آنءِ ڳايان ٿو
(مون جيان ڪيرُ ايئن ڳائيندءِ!)
ڪير ڄاڻي تہ ڪيرَ آ ڪويلَ
ڪُوڪندي آهہ هوءِ ڪنهنجي لاءِ؟
ڪُجهہ تہ هن ڪان وڃانجي ويو آ
ايئن بي چين آهہ جنهن جي لاءِ!

-★-

آنءِ ٿيبوءِ جڏ ڪڏهن وڙهندي مران
يا مران مان بستري تي،
فرق ان ۾ ڪونہ آهي!
شاعري منهنجي مسلسل جَنگِ آ
زندگيءَ جي سَنگ آ:
پو بہ ڄاڻان ٿو تہ مان
نيٺ مرڻو آهيان،
موت مون تي ڪنهن ڪکَر جي ڇانوَ وانگر ٿو هَلي:
زندگيءَ جي اُسَ ۾
ڏسُ تہ ڳهوڙو ڳُسَ ۾
ٿو ڪٿي ويريءَ مٿان پنهنجا نَرا!
موت مون لَئہ ڪجهہ نہ آ،
ننڊ جي جَهپڪي جئين
موت مون لَئہ آ اِئين!

-★-

## هيڊي ماءُ

او منهنجي رَت ڀوٽي ماءُ
مٺڙي ماءُ،
ڇا تنهنجي مان ڪَڇَ ڀريان
تولڻ روئي رَڃَ ڀريان؟
يا پيو ڪوئي آھہ اُپاءُ؟
هيڻي ماءُ!
ڇا تون مٽيءَ جي برتن جئن
ڀورا ڀورا ٿي گهاريندينءَ.
ڪالھہ لڏو ڀنيور منجهان جو
اُن جئن چِتَ بہ ميساريندينءَ؟
پنهنجي پاڻَ وهيڻي ماءُ!
يا ترن موڪيءَ جو مَٽُ ٽيندينءَ
مون کي سَگهہ صدين جي ڏيندينءَ؟
مون سان ٻيا بہ متارا ايندا
تنهنجي لاءِ سهارا ايندا
ٽيندا جيءَ جٿاءَ
جهيڻي ماءُ!
سَڏُ اجايو وڃڻو ناهي
منهنجي هيڻي ماءُ!
تنهنجا پُٽڙا!
ڪيئي پُٽڙا، زرد گلابن وانگر ڦُٽڙا
جن ۾ تنهنجو آھہ هُگاءُ!
نيٺ پرھہ کي پارون آٽي
ٽيندا اُن جو آدرياءُ
منهنجي مٺڙي ماءُ.
دل جو لاهي ويٺي آهين
غم درياھہ. اُنهيءَ جا گهاٽ ڇَڏي، ڇا لاءِ ڪُنن ۾ پيئي آهين!
اڄ بہ ٻڏان ٿو مان ڪُرلاءُ!
ڪونجون نيٺ قطارون ٿي
اينديون لُنءِ لُنءِ لارون ٿِي
آڪيرن جي اوٽَ ڇڏينديون
اينديون جڻ تہ اُلاءُ!
ماءُ!
جهيڻي، هيڻي، پاڻ وهيڻي ماءُ.

-★-

## نِمَّ جي ٻور کان

پيار جي پُور کان
آنءُ ڪئن دور ٿيندس!
چيٽَ ۾ چنڊَ کان
مانگهہ ۾ مَنڊَ کان
آنءُ ڪئن دور ٿيندس!
ڇمڪٽيون واءُ ۾
جهولنديون واءُ ۾
آنءُ ڪئن دور ٿيندس!
نيڻ آلا ڏِسي
يا جُهڙالا ڏِسي
آنءُ ڪئن دور ٿيندس!
ٻونءِ تي ٻُڪ ۾
دانهن کان دُک ۾
آنءُ ڪئن دور ٿيندس!
آھہ ڌرتي جِتي
جيءُ منهنجو ٿِتي،
آنءُ ڪئن دور ٿيندس!
آنءُ ڪيئن دور ٿيندس!

-★-

وايون

## متاهون تي موت کان ....

چا تون مون سان روهہ جي، چوٽيءَ تي هلندين؟
سوچي پوءِ وراڻ تون!
چا تون بيهي جَنڊَ جي پٽر ۾ ڏلندين؟
سوچي پوءِ وراڻ تون!
چا تون ڇال اُڇال سان سَرهَہ جي چلندين؟
سوچي پوءِ وراڻ تون!
متاهون تي موت کان، قضا ۾ پلندين؟
سوچي پوءِ وراڻ تون!

●

## اُلا اُلا رنگ ....

تون جو مون ۾ ٿو جيئين
مون ۾ مَرين ٿو!
چا تون منهنجي ذاتِ ۾، مون کي ڏرين ٿو؟
اُلا اُلا رنگ ۾، مُون ۾ ٻَرين ٿو!
مون ۾ پنهنجون روشنيون، ڪيڏيون ڪرين ٿو!
جڏهن افق پار کان، مون ڏي وَرين ٿو!
تون جو مون ۾ ٿو جيئين،
مون ۾ مرين ٿو!

●

## .... اُڏري پوپٽ جان

ٻاريان ٻيو شمع کي، ٻنهي پاسي مان،
ڳـري ڳـري ڪيترو،
هِيَنَن نه پنهنجي ڪو ڏِٺُ، اڄ تائين پتنان!
سورج ۽ سورج مُکيءَ، ڳالهيون ڳُجَهه منجهان!
مون تنهنجو ڳَل ڳَل ڏنو، اُڏري پوپٽ جان!

●

## ڪيڏا ميگهه ملار ها ....

ڪُهنبن ڪيڙن ڪاڻ، ڳاڙهن چيڙن ڪاڻ،
ڪيڏا ڏينهن وِڃائيندِ!
ڪيڏيون آيون ڀاڻ تي، پُوريون تنهنجي ڀاڻِ!
سارُون جن جون لوڏِينـدِ، هانوَ هندوري هاڻِ!
ڪيڏا ميگهه ملار ها، مٽيءَ جي ماندڻِ!
هاٿي ڇاڻِي عمر جي، ڇاڻيون ويئو ڇاڻِ!

●

## چِمر چِمر ڪندي شاعري

تون ڪنهنجي اڌ رات جو، وڃين پني ڪِد،
چِمر چِمر ڪندي شاعريِ؟
جيئَن پنائي وٽ ڳُلان، اِنين تنهنجي اَد!
اڄـا پـرهـه پـار کي، نانهِن ڏِنـا وَدِ؛
ڏورانهين ڌهـڪـار ۾ توکي ڪـهـڙا ڏَدِ؟

●

## .... شهر تہ سارا شَر

تـر تنهنجا توهَر،
وسري وسرن ڪينڪي.
توتي سانوڻ مينهڙا، ساوا سارا سَر.
تو بن چڻ تہ اُباڻڪا، هيل ڪراچيءَ گهر.
تن جا اندر ڪِينرا، شهر تہ سارا شَر.

●

## ڪوئي نئون ڏيئڙو

تون تين دنيا کي،
هاڻي ٻيو ڪو ڏي،
ڪوئي نئون ڏيئڙو.
ڏرتي گُرڙيون رَتَّ جون، ساري رات ڪَري!
سارو سپنو ڪُوڙُ هو؟ ڏاهَہ نہ ڪنهن ڏاهي!
متان ويجهو آڻين، ٻيهر ڪنهن ڪوڙهي!

●

## وهندي ندي وقت جي ....

هيل نہ مَرندس مان،
مون مان لاهِہ نہ آسرو.
وَهندِي ندِي وقت جي، اَجا تَرندس مان.
جِنَن پاڻيءَ تي ڏيئڙو اِئين ٻرندس مان.
ٻر جي وِجان، واعدو جلدي وَرندس مان.

●

## مان جئن آهيان سنڌڙي

مان جئن آهيان سنڌڙي، تنهنجو مصوّر
پيو ڪو ٽيندو ڪينڪي.
اَڪرن ۾ ويو اُڪرجي، واريءَ تي گهرُ گهرُ!
هي ماٺو، هي مونگهرڙو هي ٽر جو ٽوهر!
تن جي مٺان چنڊ جو، سانوڻ رات سَفر!
۽ هي ڪوسو "ڪڇ" ۾ ريٻاريءَ جو ور!

●

## ڳجَهه ڳجهاندر ڳالهڙي

هي ماٺو جي مُرتّ جا داتا ٻه ناهن.
هي چوِ ٿا چاهن، سمجهڻ هن سنسار کي؟
اِنهين اُن جي سونهن کي، نه ٿا ساراهن!
هي چو ٿا چاهن ..........
تارا تارن کان اڳي، ڪاڏي ٿا ڪاهن!؟
هي چو ٿا چاهن ..........
ڳُجَهه ڳُجهاندر ڳالهڙيون، ازل جون آهن.
هي چو ٿا چاهن ..........

●

## سمنڊ ٻري جئن ڪوڏ ۾ ....

تون جو جهوني ڦٽ جئن، مون ۾ ڪُرين ٿو،
جوُ تون اهڙو ڪير آن؟
سَمنڊُ ٻُري جئن ڪوڏ ۾، مون ۾ ٻُرين ٿو!
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟
تون جو ڦولَ ڦلارَ جئن، مون ۾ ٽُرين ٿو!
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟
هَر هَر منهنجي هانَو ۾، تون جو هُرين ٿو،
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟
جيئين سُرٽا سانت ۾ ٻيئين سُرين ٿو،
چوُ تون اهڙو ڪير آن؟

●

## ڪنڏيءَ ويهي ٻارڙا ....

ڪنڏيءَ وِيهي ٻارڙا، ڪيڏا رانديڪا،
ٿاهي ڏاهي ٿا ڇَڏِن!
وارِيءَ وِجهي آڱريون، ليڪَن تي لِيڪا،
ٿاهي ڏاهي ٿا ڇَڏِن!
اِن ڪان سوا ڪيچلا، راند نہ ڪَن ٻي ڪا،
ٿاهي ڏاهي ٿا ڇَڏِن!
سڀني ماٺهو موت وٽ، آهن هٿيڪا،
ٿاهي ڏاهي ٿا ڇَڏِن!

●

## .... رات چوي ٿي "رُل"

هي جو سانجهي، گُل،
چانيو آهي نَهر ٽي.
اجا پنڇي هيڪلا، رات چوي ٿي "رُل"!
تنهنجو آڪيرو اُتي، هُو جو هَوا هُل!
وَرُ هِي اُڏڻ ڳالهڙيون، واهيري ڪي پُل!

●

## ڪيترا رابيل پوئي

ڪيستائين انتظارُ
تون ڪرائيندين، اجا؟
گُل ڦُٽا تارين مٿان مون سوچيو "آيو بهار!"
ڪيستائين انتظار؟
ڪيترا رابيل پوئي مون جهليو تو لاءِ هارُ
ڪيستائين انتظار؟
ٿي اچي پيهر سَرءُ، تو ناس ٿي، سارو نِکارُ
ڪيستائين انتظار؟

●

# ڪيترو ڪينجھر اڪيلو

رات جا تارا چَون ٿا،
تون نہ ايندينءَ.
ڪيترا جُگنو هِتي آيا ويا، پوءِ بہ سڀ چارا چَون ٿا،
تون نہ ايندينءَ.
دل تہ توسان ايتري هُني، ڇا ڇنون! پوءِ بہ مون پارا چَون ٿا،
تون نہ ايندينءَ.
ڪيترو ڪينجھر اڪيلو تو لڳي، ڪيترا ڪارا چَون ٿا،
تون نہ ايندينءَ.
پيار کي جھيجھاڙبو آهي اِنين، ڏسُ نہ سڀ پيارا چَون ٿا.
تون نہ ايندينءَ ....
تون نہ ايندينءَ ....

●

# متان هينئون هارئين!

اَڃا جِنٿو آهہ،
متان هِينئون هارئين!
جيسين ساري ماڳَ کي جهرمر ٿِيٺو آهہ.
متان هِينئون هارئين!
وِهُہ جو وَتِيءِ آڇيو سارو پيٺو آهہ.
متان هِينئون هارئين!
توکي ڏوهِي ڏيهہ جو، ليکو ڏِيٺو آهہ.
متان هينئون هارئين!

●

# سامهون نيري سمنڊ جي

اَڄ تہ ڪيڏا ڪيڪڙا، ڪنڌيءَ تي آهن،
سامهون نيري سمنڊ جي!
هيڏي هوڏي ٽا هلن، ڪُجاڙو ڪاهن؟
سامهون نيري سمنڊ جي!
ڀَڪ اُڏامي ڏُور ٽا، پنهنجا پَر ساهن.
سامهون نيري سمنڊ جي!
هوڙا ڪُنن ويجهڙا، مانگرڙا ٽاهن،
سامهون نيري سمنڊ جي.

●

# ايندو واءُ بسنت جو ....

ڪيڏيون سَرءُ واءُ جون، وڻن ڇيڇاڙون،
ڪيڏيون سرءُ واءُ جون.
نِوڙن ايئين ڏارَ ٽا، پَڃن تيون پاڙُون.
وڻن ڇيڇاڙون ....
پيلا پَن پڪڙي ويا، جيئين لباڙُون.
وڻن ڇيڇاڙون ....
ايندو واءُ بسنت جو، مُندَ ڪندي ماڙُون.
وڻن ڇيڇاڙون ....

●

## ڪَرڪِي ٽِپِي ڪُونج جان

هيءَ جا جهونِي جَڙ،

وجي نِي ڀاتار ۾.

اُنهيءَ اُپرِي اُتِ ڏي، ڪيا مون سان وَڙ.

ڪَرڪِي ٽِپِي ڪونج جان، ٻنّانيءَ جا ٻَڙ.

ٽوري وَٽج وِلات جو، هي جا منهنجي هَڙ!

●

## سانجهي ٽوهر شاخ تي. ...

ڪونہ هني ڪارانتي،

سانجهي ٽوهرَ شاخَ تي!

پوءِ بہ اُن ڪي جندڙي، ڏِسي هُٺِي جانتِي.

سانجهي ٽوهرَ شاخَ تي!

هو جيڪا ڳاڙهاڻ آ، آهي هوندِ هُجانتِي!

سانجهي ٽوهرَ شاخَ تي!

ڪَتيءَ★ سنجها، تارڙا ڦَرَ ڦَرَ وَسَّ مُندانتِي.

سانجهي ٽوهر شاخ تي!

سوني ڪَنِي سِجَّ جي، ڪيڏي نہ سيبانتي!

سانجهي ٽوهرَ شاخ تي!

●

---

★ ڪَتي: هڪ مهينو.

ع. ق. شيخ

# هيءَ حياتي

هيءَ حياتي!
ڪنهن پهر،
ڪنهن لحظي،
يا
هڪ پَلَ جو
ناتو ني سهي
پر،
اهو پل، پَل ـ!
سمنڊ جي،
لهر ٻنجي ڦٽڪي،
۽ اٿل ڪاني مگر
ترسي نہ سگهي،
۽ ڪسڪي وڃي
جيئن
مُٺ مان واري
ها ـ
اهو پل، جهڙو ائين اوچتو
هوبهو اهڙو
جو،
تريءَ تان،
ٽڙڪي،
ڪري فرش تي،
۽ چڙو چڙ
تي پوي، پارو!
پر،
ڪي پَل ـ
تہ الائجي،
الاـ!
ڪهڙا، ڪهڙا-
گل ـ
خوشبو جو
گهونگهٽ کولي
ڪوني پکيڙو
پهرين پهر،
پرڙا کولي،
آڪاس ۾ اڏري
اونداهين جو
نگريءَ ۾ ،
ٿم ٿم ـ
ڪو ٽانڊاڻو نڪري!
۽
باک ڦٽيءَ جو
وهانو تارو
اوپر مان
جيئن اُپري ـ
هانو،
هڪ،
اهڙو ني پل ـ
جي، ڪري
ساغر ۽ صراحيءَ
کي خالي
ٻن خاموش
نيڻن جي نهار
دل کي هرڪائي،
۽ نيٺ، شرمائي
ها،
اهي پل! اَپل ني سهي يارو،
سچ، سونهن ۽ ساجهہ سان،
جي ساپيان،
ماٺي سگهجن تہ،
ها، حياتيءَ جو هڪ،
اهڙو پل،
اَپل ـ سائين،
سالن
۽ صدين کان
تہ،
سرس ۽ سوايو آهي.

بشير مورياڻي

# سنڌ نامو

پنهنجي وطن عزيز جي عظمت بيان ڪجي
آغاز سنڌ ديس جي تعريف سان ڪجي

هن ديس جو اوائلي ديسن ۾ هو شمار
ڌرتي جي برپٽن ۾ هيو هي، لالہ زار

سنڌو جي برڪتن سان هو آباد هي، ديس
امن ۽ سڪون جي هنج ۾ هو شاد هي، ديس

دنيا مڃيو انهي کي تہ ڏاڍي قديم آ
تهذيب سنڌ ديس جي بيشڪ عظيم آ

ان جو نشان سنڌ ۾ نروار آ ڪڙو
مشهور ان سبب کان ئي موهن جو آ دڙو

عظمت جي لاءِ ان جي مها ڀارت آ گواه
ورتو حصو انهي ۾ بہ اهڙو جو واه واه

آريا هتا يا ٻيا بہ جي ڌاريا هتا هتي
يونانين جي ظلم جي ٿي انتها هتي

ايرانين بہ پنهنجي وسان ڪجهہ گهٽايو ڪونہ
ٻاهر کان ڪوبہ ٻئجي هتي دوست آيو ڪونہ

ڪنهن دور ۾ هو راءِ گهراڻو بہ حڪمران
در پرده بت پرست برهمڻ ها ڪامران

جنهن وقت تخت راءِ سهاسي جي هٿ ۾ هو
ان وقت بخت چچ جي ڪيسي ۾ هو پيو

ڏاهر ٽي برهمڻ جي گهراڻي جو انت ٿيو
هن پنهنجو تخت بخت بچائڻ جو وس ڪيو

آخر ائين صدي ۾ پڌاريا هتي عرب
ليڪن چيو وڃي ٿو ته آيا نه بي سبب

ٻڌجي ٿو ڪا زيادتي راجا ڪئي هئي
جنهن جي ڪري ٿي فوج هي ڏاري اچي وئي

ڪن جو خيال آ ته حقيقت ائين نه آ
ڏارين انهي ڪان اڳ ۾ به حملا ڪيا هنا

عربن سان سنڌ ۾ ٿي تصوّف جي ابتدا
ويدانت جا به ان جي مٿان ڪجهه اثر پيا

هوندا ها هڪڙي دور ۾ سردار سومرا
پر پوءِ هڪ ٻئي ڪان ٿيا ڏار سومرا

ڪمزور سومرن ڪان سمن ورتو اقتدار
پر نيٺ اهي به جنگ ۾ مغلن جو ٿيا شڪار

ان وقت هو سمن جي تشخّص جو هڪ مثال
درويش سنڌ ديس جو مخدوم هو بلال

ارغون حڪمران اڳيان ڪِونه هو جهڪيو
ظالم هٿان هو ڪفر جي تهمت ۾ قتل ٿيو

ارغون ويا ته جاءِ نشين ٿيا سندن امير
ترخان جو هو بخت زماني ۾ بي نظير

قبضي ۾ آئي سنڌ ڪلهوڙن جي جلدئي
ليڪن انهن ڪان ٽالپرن ترت ئي کسي

سونهري دور هيءَ هو سنڌي زبان لاءِ
الفاظ مون ڪي ڪونه ملن ٿا بيان لاءِ

ساراهه مان ڪري نه سگهان ٿو لطيف جي
بس مهرباني آهه مڃان ٿو لطيف جي

سرتاج سنڌ جو ۽ اسان جي ادب جو آهه
هن ڪي مُڪائين سنڌ ۾ احسان رب جو آهه

هن ڪان مٿي ته سنڌ ۾ شاعر نه ٿي سگهيو
شايد ني هن جو ثاني آ عالم ۾ ڪو ٻيو

ميرن ڪي اهڙي پنهنجي ني گهر مان اچي لڳي
ڪم آئي ڪين رت به نه هوشو شهيد جي

حرفت سان پنهنجي، سنڌ ۾ انگريز آنيا
آيا بنا سبب جي مگر تيز آنيا

سنڌين حقن جي لاءِ جو هلچل شروع ڪئي
تنهن جي سبب ني سنڌ به بمبئي ڪان ڏار ٿي

انگريز پوءِ سنت ني ورهاڱو ڪري ويو
پوءِ پاڻ پاڻ ساڻ به پاڳو ڪري ويو

هڪ اجنبي وطن ۾ وڃي هم وطن رهيا
آزاديءَ وطن ۾ ٻيا هت مگن رهيا

سادن سپاجهڙن ڪي هو ايمان ڪيترو
هر هنڌ اوپرن ڪي مليو مان ڪيترو

پر جلد آئي تلخ حقيقت به سامهون
ظاهر ٿي اوپرن جي عداوت به سامهون.

●

ابراهيم منشي

# پشم جهڙي پدمڻي
## (بيت)

پشم جهڙي پدمڻي، جهونو ٿو جهٽڪي
تن تتل تِپي، ڦلن جيئن ڦٽڪي
الا نہ اٽڪي، ڪا بيواهي شل بند ۾ ....!!

سودي ۾ سهاڳڻي، پوڙهي آ پرڻي،
پيءُ وڪڻي پيسن تي، ڏني هٿن سان هرڻي،
مهيني اڌ مرڻي، ڇوري ڇال ڇڏي وئي ....!!

جسم جنسي جل، ڪامي ڪورن وچ ۾
ڪري بغل باز ۾ ڪوڪارُون ڪويل،
سارو لوڪ سُتل، هي ٿهڪي ٽانڊن وچ ۾.

ڏس ڳهاڙيٽو ڳهرَ جو ٽڙڪن ٽيون ٽوٽيون،
پَتر ٻاسا پٽ پيا، ڳنڊيل اُت ڳوٽيون،
ڇوٽان چند چوٽيون، پوڙهي جي پساهه ۾ ....!!

سج، ڪپ ۽ ڪج، ڏيکاءَ ڏينهن نہ ڏج،
روپ وئي ٿو رات ۾ محبت ٻوٽو ٻج،
انين ـ نينهن نسري نج، جيئن ٻليون نسرن
بانس جون ....!!

پشم جهڙي پدمڻي، تون وَڏَ هڏ وچڙنين ڪينن،
ڇوري توکي ڇا ٿيو، رات نہ ڏسين ڏينهن،
سمنڊ مٿان مينهن، وسائين ٿي ويسري ....!!

●

تانيا ٽيهو

# سانوڻ پنهنجا گيت لکي تو

مون هميشه راز دل جا دل ۾ ئي سانديا هئا
شاعريءَ تي چار ڪوليا پوءِ ته بس ڪلندا ويا
مون هميشه کي بهانا زندگي گهارڻ جا چاهيا
منهنجي دل تي چار گولهيا پوءِ ته بس ملندا ويا
موت ڏانهن ويندڙ ڪي رستا مون ته سمجهيو ڪونه ملندا
زندگيءَ تي چار گولهيا پوءِ ته بس ملندا ويا
مون هميشه ساز دل جا اڻ ڇهيل سانديا هئا
پيار تنهنجي تار ڇيڙيا پوءِ ته بس وڄندا ويا.

●

زندگي زندگي تون وٽين ٿي ڪٿهن
؛ ڪٿهن زهر ڪان پي ڪڙي ٿي لڳين
جا نه گذري سگهي سا گهڙي ٿي لڳين
زندگي زندگي تون سٺي ٿي لڳين
؛ ڪٿهن موت توکان مٺو ٿو لڳي
؛ سٺو ٿو لڳي توکي تياڳي چڻڻ
زندگي زندگي تون اچين ٿي ڪٿهن
ڪـهـڙي پل تون هلي ٿي وڃـيـن
مان نه ڄاڻي سگهيس
چو رُسي ٿي وڃين
زندگي زندگي تون وٽين ٿي ڪٿهن
؛ ڪٿهن زهر ڪان پي ڪڙي ٿي لڳين.

●

دل چوي هڪ ڳالهه دنيا ٻي چوي
لڙڪ جي لاڙيان زمانو ٻيءُ چوي
مان جي جيئڻ چاهيان زمانو جيءُ چوي
مان جي بيهڻ چاهيان زمانو بيهڻ نه ڏي
جي هلڻ چاهيان زمانو بيهُه چوي
دل چوي هڪ ڳالهه دنيا ٻي چوي
لڙڪ جي لاڙيان زمانو پيءُ چوي.

●

اڻ سمجهيل ني رهجي ويندا
ڪٿي اچي ڪو سمجهائيندو
من جا سپ اسرار سدائين
چونه وڃنون تا ٻاڻ ني سمجهي
رهياسين ائين جي انتظار ۾
پياس هميشه من ۾ رهندي
چاڻندي يا ائين رستو پلجي
ساجن ڪي ته نه اچڻو آهي.
چو نه پڻون تا ٻاڻ ني پلجي
بادل برسي ۽ من ترسي
ائين ته هميشه ٽيندو رهيو آ
دور ڪٿي ڪو پنڇي اڏري
ٻاڻ ڪي دل قيدي سمجهيو آ
پيارو بادل يا ڪو پنڇي
چونه وڃنون تا ٻاڻ ني بنجي.

●

## دوستي هر دوستي آ خواب جهڙي

چنڊ رات ۾ ڇڻ چنڊ جهڙي
بهار ۾ ڪنهن گلاب جهڙي
دوستي هر دوستي آ خواب جهڙي
چانڊوڪيءَ ۾ سمنڊ جهڙي
۽ رڻ ۾ ڇڻ سراب جهڙي
دوستي هر دوستي آ خواب جهڙي
ڇڻ گذري ويل مُند جهڙي
يا پراڻي شراب جهڙي
دوستي هر دوستي آ خواب جهڙي.

●

## ڪٿهن سچل ڪٿهن شاهه ڪي ويجهي

ڪٿهن سچل ڪٿهن شاهه ڪي ويجهي
دل منهنجي هيءَ دل منهنجي
دور ڪٿهن ڪٿهن راهه ڪي ويجهي
دل منهنجي هيءَ دل منهنجي
بادل ڪي ڪٿهن باهه ڪي ويجهي
دل منهنجي هيءَ دل منهنجي
صديون پري ڪٿهن ساهه کان ويجهي
دل تنهنجي ها دل تنهنجي.

●

پنهنجي اندر جي ماڻهوءَ لاءِ
اسان ته بس آئينو آهيون
جنهن ۾ نظر اچنون ٿا ها پر
صاف چٽا ۽ واضح ناهيون
نظر اچنون ٿا ان ڪان بدليل
جهڙا اسان اصل ۾ آهيون
پنهنجي اندر جي ماڻهوءَ لاءِ
اسان ته بس آئينو آهيون.

●

توکي چاهيندو رهڻ ۽ ناهه ناهيندو رهڻ
ايترو سؤلو نه آ منهنجا سڄڻ
تنهنجي يادن ڦهر ڪيو آ زهر ڪو اوتي ڇڏيو آ
سو ٻـڙيءَ ڪـان هيٺ لاهيندو رهڻ
ايترو سؤلو نه آ منهنجا سڄڻ

●

سات ساري زندگيءَ جو ڪير ٿو گهري
ٻن گهڙين ۾ ڏسجانءِ ڪينڻ پياس ٿي مري
پيار جا دلين ۾ سمنڊ ڪير ٿو ڀري
ٻن ڏُڪن ۾ ڏسجانءِ ڪينڻ پياس ٿي مري
سؤ يگن لاءِ انتظار ڪير ٿو ڪري
ٻن گهڙين ۾ ڏسجانءِ ڪينڻ آس ٿي مري.

●

ٻاهر جيڪا پيري لڳي ٿي
اندر ۾ ته فقيري آهي
منهن تي جيڪا ٽهڪ ڏياري
من جي ڪا دلگيري آهي.

●

حقيقت جو ايڏو اڻ‌ٿاه سمنڊ آهي
۽ طوفان جهڙيون پنهنجيون خواهشون هن
ڏکن ٿيون چون ٿيون اچا هل اچا هل
ويهي ڪونه رهندس مان تڪجي جوان ٿي
پنڌ ساهه ڏيو بس گهڙي پل گهڙي پل.

●

موت سفر جو انت نه آهي
اچا ته اڳتي هلڻو آهي
جسم جي رولاڪي پوري ٿي
اچا ته روح کي رلڻو آهي
هينئر سان ني پوريو چوٿا
اچا ته من کي مرڻو آهي.

●

هر طرف آ زندگي پر دل ۾ آ وحشت گهڻي
ڪا گهڙي ناهي وڻي توکان سواءِ منهنجا پرين
توکي مون سان پيار آهي اج چئي ڏي سچ ڪٿي
ڪا گهڙي ناهي وڻي توکان سواءِ منهنجا پرين
ناهه دل ڪو قيد خانو جو ڪيان هان قيد توکي
ياد جو آ بس سهارو ساز مون سانديي گهڻي
ڪا گهڙي ناهي وڻي توکان سواءِ منهنجا پرين.

●

## پاڳل هوا ڪي چئو سپنا نہ آٽي رڳو

پاڳل هوا ڪي چئو سپنا نہ آٽي رڳو
مون ساپيا جي انتظار ۾ جيون ئي گهاري ڇڏيو
پاڳل هوا ڪي چئو سپنا نہ آٽي رڳو
مون جيون ڪي سپنو سمجهي ننڊ ۾ گذاري ڇڏيو
پاڳل هوا ڪي چئو سپنا نہ آٽي رڳو
مون اميد ڪي ڳوڙها سمجهي اکڙين مان ڳاڙي ڇڏيو
پاڳل هوا ڪي چئو سپنا نہ آٽي رڳو.

●

## تون ۽ مان تنهائيءَ ۾

تون ۽ مان تنهائيءَ ۾
ياد ڪيون جي هڪ ٻئي ڪي
سارَ ۾ ڪجھ پل گذري ويندا
گذرن تا نہ جدائيءَ ۾
اچي ويا آهيون تون ۽ مان
نيڻن جي شايد دوکي ۾
ماڻهن جهڙا ماڻهو آهيون
ڇا تو ۾ آ ڇا مون ۾.

●

هي گيت لکان ٿي کنهن جي لاءِ
دل منهنجي اڄ تہ ٻڌاءِ ڪٿي
؛ کنهن جي کهڙي ڳالهہ وٺي
دل منهنجي اڄ تہ ٻڌاءِ ڪٿي
اڄ ترسيو آهين کنهنجي لاءِ
اي سانوڻ اڄ تہ ٻڌاءِ ڪٿي
هو گهڙي سوا ۾ وڃ نہ هليو
کي کارا ککر وساءِ ڪٿي.

●

تڏڙي ڳل تي اڄ پل پل
ٻسانوڻ پنهنجا گيت لکي ٿو
پريت پرائي ريت لکي ٿو
کنهن جي هار نہ جيت لکي ٿو
سانوڻ پنهنجا گيت لکي ٿو
جيون ڀُل ۾ اڄ پل پل
ساڳيا ساڳيا گيت لکي ٿو
پريت پرائي ريت لِکي ٿو
کنهن جي هار نہ جيت لکي ٿو
سانوڻ پنهنجا گيت لکي ٿو.

●

بي رنگ راتين ۾ رنگين سپنا
بس رنگ آهن اهي ئي اسان وٽ
دل هن اڪيلي ۾ سوچن جا ڦيرا
بس ساٿ آهن اهي ئي اسان وٽ
پيارن پکيڙن جون معصوم ٻوليون
بس گيت آهن اهي ئي اسان وٽ.

●

رستا وڏا همتون ڇو ننڍيون
ماڻهون وڏا چاهتون ڇو ننڍيون
سپنا وڏا راتيون ڇو ننڍيون
انڌيارا وڏا باتيون ڇو ننڍيون.

●

## حسرت

سمنڊ آسمان ڏانهن
حسرت منجهان ڏسي ڇيو
سانت ۽ سڪون اهڙو
مون کي به ڇو نه مليو.

●

مان تنهنجي ٻَرن تي گيت لکان
تون اڏري وڃين مان ڪنهن ڪان پڇان
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
مان ڪاڏي وڃان مان ڪاڏي وڃان.

تون جيون ۾ ٿو رنگ ڀرين
جڏ مون کي تون ڪيئن ياد ڪرين
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
تنهنجي سارَ اچي مان ڪيئن ڪيان

تون سندر مکڙين ڏانهن ڊوڙين
منهنجي وارن ڪان ڇو دور ڀڄين
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
ٽي ٻاچي سان مان پيار ڪيان

منهنجي جيون ۾ جي رنگ ڪُٽل
سي تنهنجي ٻَرن تان چورايان
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
تو سواءِ ٻڌاءِ تہ ڪيئن جيان

هي جڳ تہ وساري وينو آ
هن جيون کي مان ڪاڏي ڪيان
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
جي توکان پي مان وسري وڃان

اڄ دور هلنون ان انڌلڪ ڏي
جنهن رنگ ڏنا آهن توکي
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
مان پي تہ هلي ڪجهہ رنگ کڻان

بي رنگ گلن تي رنگ چڏي
۽ پنهنجا پيارا انگ چڏي
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
تون دور ڪٿي نہ هليو وڃجانءِ

تنهنجو جيون جهوٽو ني سهي
جي بادل ڏي تون موٽي وڃين
او منهنجا پوپٽ جهڙا پرين
مون کي پي ساڻ وٺي هلجانءِ.

●

# چؤستا ـ ٽه ستا

چـنـڊ چانڊوڪي ۽ راتوڪي
ڳالهه ته توکي ياد ني هوندي
توبه مجي ۽ مون به مجي هئي
هـار ته توکي يـاد ني هوندي

●

ڇـايـا هـئـا نه بادل
مينهن ڪنين پيو اڄي دل
هيو ياري جڳ سان جهيڙو
سـڏ ڪنهن ڪيو اڄي دل

●

تـو ۾ جيڏي آهي سـاجن
مـون ۾ ايڏي مستي ناهي
ڪنهن ڪنهن ڪٽي لڳندي آهي
منهنجي ايڏي هستي ناهي

●

اڻ ڪيل ڪچهرين جا
لفظ ڌرايان پئي
هو جو مون کان دور آهي
تنهن کي پرچايان پئي

●

جو تو ائين ويچ وڌائين
مان ننڊي ايڏي ـ آهيان
تون وڏو ايڏو نه آهين

●

منهنجي نظرن ۾ زمانو آهي
دل تي ڪي بار وڏا لاهڻ جو
توکي چاهڻ ته بهانو آهي

●

جنهن شعر تي دل مان واهه نڪري
سو شعر ته ٿي ڏيکار ڙي دل
جنهن رات جو سپنا جاڳي پون
سا رات ته ٿي ڏيکار ڙي دل

●

جهڙا جيءَ ۾ جهيڙا آهن
تنهن جهڙا ڀيا کهڙا آهن
عشق نه هوندو اهڙو ڀيو
جو پاڻ سان پاڻ ڪري ٿو ڪو

●

نجمہ پنهور

# غزل

گهاريم پنهنجي تنهنجي آڏانءَ
ڪوهہ ڪري وٺين مون کي ڏاڙ

جن لاءِ نيڻ تريا پنهنجي هردم
نيڻ رُنا سي زارو زارَ

تنهنجي گيتن منجهہ سمائي،
منهنجي چپڙن جي جُهونگارَ

اُتر جي ٿي هوا اڏاريا،
تنهنجي سُندر مکُ تان وارَ

ڪينن وساريان، ڪينن وساريان،
ٻن نيڻن جي هوءِ نهارَ

ڪوڙا آخر ڪينن ٿيا سڀ،
تنهنجا سارا قول قرارَ

نيپ تي جيڪو گيت وڳو ٻنهي،
تنهن سان آئي تنهنجي سارَ

قاضي منظر حيات

# يادون ڪُونج قطارون آهن

## غزل

مُک تي لڙڪن لارون آهن.
ٿڙڪيل تن جون تارون آهن.

شهر شهر ۾ چونڪ چونڪ تي،
پنهنجون پريم پچارون آهن.

من منجهر تي شام پهر جو،
يادون ڪونج قطارون آهن.

هاڻ جياپي جو هڪ ڪارڻ،
تنهنجون هر پل سارون آهن.

رسمن جي سنگهرن ۾ اڄ پڻ،
باندي مست بهارون آهن.

عمر جي راهه ۾ وڌندڙ منظر
دردي گل هُبڪارون آهن.

●

سرمد چانڊيو

# جنهن جو موهه متيءِ سان

## وائي

چانڊوڪيءِ ۾ جَڪُ، گيڙيو رات گُلالَ،
جوڀن ماٺي شالَ،
جنهن جو موهه متيءِ سان.
آويءِ چڙهندا رچڙا، وهيءِ چڙهندي زالَ،
جوڀن ماٺي شالَ،
جنهن جو موهه متيءِ سان.
ڪيڏا ڪويءِ ستّ مان، سُوڏيا سَڪيءِ سوالَ،
جوڀن ماٺي شالَ،
جنهن جو موهُه متيءِ سان!
سامي مان سوراج جو، باڪون هن جا ڀالَ،
جوڀن ماٺي شال،
جنهن جو موهه متيءِ سان!
آتي آتي آتما، جهاڳي پٺي جنجال،
جوڀن ماٺي شال،
جنهن جو موهُه متيءِ سان!
هن جي گَهرِ نيڻن سان، ڪهڙي مڏ مجالَ؟
جوڀن ماٺي شال،
جنهن جو موهه متيءِ سان!

●

# مگڻو واپس ڪيئن وري

## وائي

تار نہ پنهنجي هار نہ ميندي،
مگڻو واپس ڪيئن وري،
سر جو سودو ڪو نہ ڪري!

جُهونا گُڙهہ تي جهانءِ جهڪورون،
ٻولن ۾ پيو ٻاڻ ٻري،
سر جو سودو ڪو نہ ڪري!

"منڊ ۽ مگڻي وچ تي راجا،
ٽيني آهن عشق اري،
سر جو سودو ڪو نہ ڪري!

سارا دان ڏڪاريو ٻيجل،
ور ور ويٺو ٻول ٻري،
سر جو سودو ڪو نہ ڪري!

سورٺ جو سرچاءُ ٻہ اوکو،
تند جو ناءُ بہ ڪين ٽري،
سر جو سودو ڪو نہ ڪري!

راجا راڳي، سُرَ جا ساڪِي،
ٻونءِ سان ٻوڙي ٻَتِ ٻري،
سر جو سودو ڪو نہ ڪري!

●

# اوچو مان هالار کان

## وائي

پيچل تند جيان،
تڙپي تان هٺان!
تون جو سچ نہ ٿو ہڏين!
سوريءِ سگهہ لڇي وڃي
اهڙو ڳات ڪٺان!
تون جو سچ نہ ٿو ہڏين!
موجون ٿي مهراڻ جون،
پانڻ پوڙ ڪيان!
تون جو سچ نہ ٿو ہڏين!
ڪاريهر هيءَ ڇپ ڪکي،
توکي ياءِ چوان!
تون جو سچ نہ ٿو ہڏين!
اوچو مان هالار کان!
نيچو تون ننهن کان!
تون جو سچ نہ ٿو ہڏين!

●

سرڪش سنڌي

# ٽانڊن جيئن پرن تا ڇپَ

## غزل

ٽانڊن جيئن پرن تا ڇپَ!
ٽڙپانَ ڪيئن نہ توسان تپَ؟

تون بہ سَخي تو سڏجين يار،
سارو ڏيهہ خوشين جي لَپَ.

ٻوڙهي ماٺوءَ ڄُنبڙَ جَهلِي،
اُڇي ڏاڙهي، دل ۾ ڏَپَ.

اکرين، اعرابون نہ پڙهيون،
ساڳيا سمجهيم سِپَ ۽ سَپَ.

ادب سياست گڏ رهن،
اُجرو پاڻي ڪاري گَپَ!

ڪَوتائن جا ڪنڌ ڪِريا،
واهہ ڪرِنسي تنهنجا ٽَپَ.

●

## وائي

رُوح رچيندڙ رَنگَ،
انڊن چا ڏيکاريان؟
هِي جي پُوري‌ءَ پاڪرين سونا سونا سنگَ
انڊن چا ڏيکاريان؟
ڪينجهر منڇر تي مِرڻيا، آهن ڪيئي ڪنگ.
انڊن چا ڏيکاريان!
انگ اگهاڙا ڪيترا، پوءِ بہ واڌُو انگَ!
انڊن چا ڏيکاريان؟...
جوڏن پر ناهي رکي ٽنگ تي چاڙهي ٽنگ.
انڊن چا ڏيکاريان؟
ڪيڏاري جي ڪُوڪَ تي اُونڌا سپ بلنگ،
انڊن چا ڏيکاريان؟
سرڪش سانڍيا ساهہ ۾، ڌرتي تنهنجا ڍنگَ
انڊن چا ڏيکاريان؟

●

محمد اسماعيل "سپاهي"

# غزل

اج بہ مون کي دلربا، دلبر چيو دلدار چُپُ،
ماٺ مورهون ويو ڪراني، منهن مٺو منثار چُپُ.

مون چيو ڏي مونکي موڪل، شان تنهنجي تي لکان،
ڪو غزل يا گيت توتي، ڪا ثنا سرڪار چپ.

نيڻ نازڪ ٿو ڪٽي، جنهن دم نهاري ناز مان،
ٿيو وجي هڪدم ڏسڻ سان هيءَ زبان گفتار چپ.

مَن ڪنهن پوري ڪري ڪا هِن "سپاهي" جي صدا
اج تہ آهي خاصخيليءَ سان صفا ڪيڪار چپ.

●

جوهر بروهي

# ڪيڏاري جي ڪوڪ ....

## وائي

رڻ: رڻ تي آ رَڻ،
ڪيڏاري جي ڪُوڪ ٻڌي مون!
ڏارهيـاڙي تـي تـڪـرايـا هن: پاڻي ۽ پاهڻ،
ڪيڏاري جي ڪُوڪ ٻڌي مون!
گلن واسيل جڳ ٿو چڻڪي: اپنم جـو پـارڻ،
ڪيڏاري جي ڪُوڪ ٻڌي مون!
گوتم: مون کان ڪالھ پڇيو هو: ماڻهو آ يا هڻ ڪڻ،
ڪيڏاري جي ڪُوڪ ٻڌي مون!
جوهر! منهنجي وستي مون لئہ: دوزخ ٿي ٻني جڻ،
ڪيڏاري جي ڪُوڪ ٻڌي مون!

●

اڪبر ساگر

# ذات نہ مون کي ڏنگ

## غزل

جيون جڻ ڪا جنگ الا
ماڻهو ماڻهو تنگ الا.

موھہ ھليو ويو ماڻھن مان،
دنيا تي بي رنگ الا.

ڪوڙ حسد ۽ ڪيني جي،
باھہ لڳي انگ انگ الا.

ڏڪار ذاري دل ۾ دوست!
ذهن نہ ائين ني زنگ الا.

آئون اڳيني ڏنگيل ھان،
ذات نہ مون کي ڏنگ الا.

●

## غزل

منھنجون تخليقون،
جن ۾ تون ني تون.

ڪجھہ نہ رهيو باقي،
ہڙي ڪي يادون.

چاھيو هيم توکي،
ننيڙي ني لاڪون.

سُک نہ پاتم ڪو،
وچڙيا هون جاڪون.

رات رنم ساري،
ڦُٽي ويون باکون.

ساگر جيون خواب،
ڏينھن مڙوئي ڏون.

●

**همراز سيوهاڻي**

# غزل

بيخبريءَ ۾ ليڪا ڪيندي،
تنهنجي آ تصوير نهي وئي.

اڄ پيي راهون ڏسندي ڏسندي،
اوسيئڙي ۾ رات لڙي وئي.

رت بسنتي ٽڏريون هيرون،
ساجن تنهنجي سارَ اچي وئي.

منهنجو هوءَ آواز سڃاڻي،
خار ۾ ٽيليفون رکي وئي.

هاڻي ڪهڙو سرگم ڇيڙيان،
دل جي آهي تار ٽٽي وئي.

سوچون، سپنا مُرڪون سڏڪا،
جيئڻ جو سامان ڏني وئي.

ڳوڙهن هاڻا ڳل "همراز"،
پنهنجي پوتيءَ ساڻ اگهي وئي.

●

**تلهار پيرزادو**

# وائي

ڏاڪا ڏڏڪا ڏماڪا.
مارو ڪن ٿا واڪا، مارو ڪن ٿا واڪا.
بدمعاش، شريف مٿان،
چڙهي ٿو ٻڌي ڏاڪا، مارو ڪن ٿا واڪا.
سچَ لٽي ڪان پو،
بند ٿيو وڃن ناڪا، مارو ڪن ٿا واڪا.
"تلهار" هڪ نه ٻئي ڏينهن،
ٽٽي پون ٿا ٽاڪا. مارو ڪن ٿا واڪا.
مارو ڪن ٿا واڪا.

●

# ٽڪڙا اسڪيچ

● **شوڪت حسين شورو**

جنهن جي
وڏن وڏن
ٽهڪن ڪي
ڪوڙ سارن سالن کان
ٻڌي نه سگهيو آهيان
★___★

● **محمد علي پٺاڻ**

چتر منهنجي سونهن
رنگ مڙني
روشنيون -
★___★

● **رضا حسين گهلو**

جيون جي
آنڌ مانڌ
نوان نوان
موڙ ڪٽيندي
ڪڏهن، ڪڏهن
ماٺار جو
روپ وٺي
ويهي رهندي آهي
★___★

● **عاشق حسين عارباڻي**

اڄ ڏينهن تائين
خبر نه پئجي
سگهي آهي
ته هن ڪي
"عشق"
ڪنهن سان آهي!؟
★___★

● **حليم بروهي**

سندس چُريون
ءِ ٽهڪڙا -
خدا جي پناهه -
★___★

● **هدايت منگي**

جنهن جا
لفظ ءِ
شخصيت
سڪ ڀاسندا آهن
★___★

● **اطهر منگي**

ڪڏهن نه
اڻ پورائين جا
پور به پربا
☆___★

● **قمر سومرو**

اوجاڳي ڀاريل
ڳاڙهيون اکيون،
سانوري رنگت -
لڳندو آهي،
واهڻ ءِ
وستين ۾
ڪو،
سدابهار
سُر پکيڙي
آيو آهي
★___★

● رضوان

تنهنجي، منهنجي
وچ ۾
ڪجهه تہ آهي ـ
شايد!
احساسن جون
نازڪ تندون
يا
Complexes
جا ٿلها زنجير ـ

★___★

● امداد حسيني

جيڪو رمضان جي مهيني
هڪ ٻہ دفعو
منجهند جو
روزو کولڻ لاءِ
مون وٽ
ايندو هو ـ
هاڻي،
خيرن سان
ٻہ رمضان
گذري ويا آهن،
جو انهن ۾
هڪ ٻہ روزو
مون وٽ
نہ کوليو اٿس!

★___★

● احمد خان ملڪاڻي

جنهن ڪان
گهڻو ڪجهه تہ نہ
ڪجهہ، ڪجهہ
ضرور
وسري ويو آهي

★___★

● شيخ اياز

جيڪا ڌرتي،
سگهارا ڪوي
پيدا ڪندي آهي ـ
جڻ تہ،
پنهنجي سرحدن تي
عقابن جي
اکين جو
پهرو
ڏيهاريندي آهي

★___★

● مهتاب راشدي

جنهن جو نالو
سنڌي عورت جي
اونداهن دڳن تي
سدائين،
روشنيون
ڦهلائيندو رهندو ـ

★___★

● نورالهديٰ شاهہ

شال سنڌس
اڙدو قلم،
پنهنجو ڪنڌ
نہ جهڪائيندو ـ

★___★

● ظفر حسن

جنهن جي
نفاست پسند
طبيعت
۾ ڪرنيسي
ڏاڍي
ڀلي لڳندي آهي ـ

★___★

● سريش بابو

سماج ۽ فن
هڪ ٽي سوچ سان
نہ سڌرندا آهن
نہ ٽي سنواريا
ويندا آهن ـــ

★___★

● ساجد قريشي

ننڍي عمر
وڏا جذبا
عظيم حوصلا
رنگن ۽ ليڪن جو
انوکو
اسرندڙ چترڪار

★___★

● **بدر ابڙو**

سچن اکرن
۽ جذبن جي
سچائيءَ
جي حوالي سان

★___★

● **نصير مرزا**

ريشم جي
ڪيڙي وانگر
پنهنجي ذات ۾
لفظن جون
خوبصورت تارون
اُندڙ —

★___★

● **شفيق انصاري**

شرميلو
سڀاجهو
ويل ڪلچرڊ
۽ آئيڊيلسٽ

★___★

● **استاد بخاري**

سچ
۽ سونهن
جو شاعر

★___★

● **غلام علي سومرو**

تنهنجن
ٿڪن کي
نه ٻيهڻ
گهرجي —

★___★

● **سليم سولنگي**

خاموش
سمنڊ

★___★

● **عابده پروين**

سُر، سُر
آلاپ، آلاپ
لهر، لهر
سچي سنڌ
هندورو هلچل

★___★

● **علي بابا**

رولاڪ،
الائي ڇا اٿس
اندر ۾ —!!
ڪا نه ويڏن اٿس
ڪا نه ولوڙ اٿس —
پر شايد،
ڳوليان ڳوليان مَر لهان،
جيون جي پَل پَل کي
مُٺ ۾
بند ڪندڙ
رولاڪ علي —

★___★

امداد حسيني

# مَلوڪان موت
# مِرُوئان شڪار!

لوڏ ڪُتن جي ٻوٽتان، اڳتان سونر ڦَر
ڪيٽي ۽ واري ۽ ڪانهہ ۾ مَلُوڪن جو شڪار
گهوڙي تي دونال سين، ويٺل هڪ نيڪار
سولي ۽ سنڌي ۾ چون، جنهن کي ٽا ڀوتار

ڀڄندڙ سونر تي ڪٽي، ڇوڙيائين هڪ نال
گهوڙي ڪاڏو ٿاهہ ۽، مِرُو ۽ بہ ڪاڏي موٽ
ڦهڪو ڄُڏي ۾ ڪيو، گهوڙي تان ڀوتار
پوءِ ڏٺو منهنجي اکين، منظر هي "امداد"
هڪ سونر ڦاڙيو ڇڏي، ٻني سونر کي ڪينن!

●

# نما شام

## نظم

نما شام گهر ٻَريا جنن ڏِيا،
ڪُليا ياد جا ريشمي تاڪِيا!

وري ياد آني اُهاني ڳِهَتي،
اسان سونُ ڀانئي ٿي جنهن جي مِٽي.

ڪِلي ٿي مِليا ۽ ملي ٿي ڪِليا،
سيني نور ٿي مور واري ٽِليا!

اُهي قرب واريون ڪهاڻيون اَلا،
اُهي روح رجنديون رهاڻيون اَلا!

اَلا چوڪ اُهي، ڳوٺ ڳَليون اُهي،
ٻَريون چيلڙيون، شام ٽَليون اُهي.

اُهي ڪيڏندا ڪيڏندا ٻارڙا،
ٻُڪيا اڌ ننگا ڪوجهڙا ڪارڙا.

اُها جُهڄ ساون وڻن جي قطارَ
اُهو واهه جو ڪپ پکين جي ٻُڪارَ

اُهي ٻل پکيڙن جيان ٻَر ڪري،
الائي تہ ڪاڏي اُڏامي ويا!

نما شام گهر ٻَريا جنن ڏِيا،
ڪُليا ياد جا ريشمي تاڪِيا!

●

# گيت

## تيتيھر ٻولي ٿو

سانجهيڪي چنڊ رات جو
آڌيءَ ويلي
ٽيٽيھر ٻولي ٿو!

سانت سُريلي ٿي وني آهي،
چنڊڙي جهومي جي پني آهي،
سُر ـ موتي رولي ٿو،
ٽيٽيھر ٻولي ٿو!

تارو مينهوڳيءَ لئہ ٻولي،
دريا ساڳر کي ٿو ڳولي،
ھي ڪنھن کي ڳولي ٿو؟
ٽيٽيھر ٻولي ٿو!

بند ٽيل ھا جي مُٺ وانگي،
ڪنھن جي ڪارڻ، ڪنھن جي سانگي،
سارا ڳُجهہ کولي ٿو،
ٽيٽيھر ٻولي ٿو!

●

# آئون اُجهامڻ چاڻان ڪونہ!

## نظم

سارو ڏيهہ ڏياري آهي
منهنجي رات انڌاري آهي
ڏينهن تيڻ جي دير آهي
ڏيهہ ڏيا تہ اُجهامي ويندا
پنهنجي وَٽ ۾ ڪامي ويندا
ڏيهن جو ڏاتار جڏهن
سورج اُڀ تان اُڀري ڏسندو
آئون اُجهامڻ چاڻان ڪونہ
وٽ وانگي ڪامڻ چاڻان ڪونہ!

●

# مرڻي ناهي سنڌ

## (ٽيڙو)

سوچون، اُڌما، اونَ،
گهريل هي جي ڳوڙا،
جاڳندا بہ يا ڪونہ!

مانَ پسان پريات!
عمر وڃي ٿي گذرندي،
ڪانہ کُٽي ٿي رات!

ڪچيءَ تند جڻن جند،
مرنداسين تون آئون ٻئي،
مرڻي ناهي سنڌ!

●

# لهسيو هير هُڳاءُ

## بيت

ڪيڏو تاهُ تناءِ، تانَ چِٽڪانَ ڏيهہ ۾
بارُود بوءِ ٻونءِ ٿي، لهسيو هير هڳاءِ،
اڳي ڪنان اڳرو ٿيو، ڏاڍ ڏمر ڏهڪاءِ،
انڌ ڌنڌ انياءِ، اهڙو اڳ نہ سڻيران!

هَيا! هڇارا! ڏُونيد نہ آهي سنڌڙي،
ڳجهون لامارا، جنهن تي اڄ ڏين ڀيون.

هيءَ بہ ڪنهن جي ڀينڙي، هوءُ بہ ڪنهن جو ڀاءُ،
هيءُ بہ ڪنهن جو ٻيءُ، ٻٽ، هوءَ بہ ڪنهن جي ماءُ،
کهاڙيءَ کهڪاءُ، ڪونہ ڪيو ڪنهن ڪنڌ تي!

کهاڙيءَ ڪي ڏوهہ، ڪوهہ ڏيين تو او ڪوي!
هيءَ نسورو لوهہ، ڳَنُ وڍيندڙ هٿَ ۾.

ٽُڪي چڏي تو ٿَيُ، ٻنهنجي جيجل ماءُ جي،
ٽرڙا ٽري وَڄُ، منهنجي اکين سامُهان!

●

# جيوت

مسئلو ڇاهي؟
اُن جو حل ڇاهي؟
صرف مانيءَ کيو ٿي گهرجي تو
۽ پيٽ ليءِ ٻه ڏُڪ پاڻيءَ جا
تن ڏکڻ لاءِ ليڙ ٿي گهرجي
پر انهيءَ سڀ جي لاءِ اي امداد

کيت گهرجي
۽ هڪ ندي گهرجي
هڪڙو ٻيلي
۽ ٻار تو گهرجي!

ٻار جيڪو نديءَ کي ٻُڪ ۾ ڀري
هڪ مٺيءَ مُٺِ کيت جي ڳوهي
ٿاهي کيڏوڻو، ڏاهي ۽ ٿاهي

اُهو ٻيلي جو ٻاهه کي ٻاري
پوءِ تو ٻيءَ مٿان ٽُڪي ماني!

مسئلو ڇاهي؟
اُن جو حل ڇاهي؟

●

## باهڻ

اج لکڻ لاءِ کجھ گھٽو ناهي
بس رڳو ايتراني لفظ آهن:
تہ اسين انڌ جو وٺون پاسو
اَسوبڪار نياءِ کي ڪريون
هـو چـوي ٿـو
اهو ني چاهي ٿو
ٿاهہ ڪيڏا نڳيءَ جا ٿاهي ٿو
سَچَ سان ڪوڙ سينو ساهي ٿو
ڪينن ڳري ٿو
۽ ڪٿن نہ باهي ٿو!

●

## چپيل بہ ڪورا ڪاڳر

جنهن ٻوليءَ ۾
لٽريچر ۾
تو جهڙا هوندا شاعر
۽ مون جهڙا ايڊيٽر
۽ هُن جهڙا ميمبر
تنهن ٻوليءَ ۾
لٽريچر ۾
ڪينن نہ هوندا
چپيل بہ ڪورا ڪاڳر!

●

# "اياز" کي پيتا

("ڪتين ڪر موڙيا جنڊن" پڙهڻ کان پوءِ)

تو جا اکر اُکيلَ، ڪوري پني تي ڪني،
ڪيڏي سهج سياءَ سين، چيني اڻ چني،
پڏري پٽ پني، ڳجھ ڳجهاندر ڳالهڙي.

وُٺي ساري رات، ڪوتا ساوڻ مينهن جئن،
اُني اوهيرا ڪري، ڪنوٽين سين برسات،
ڏاها تنهنجي ذات، سڀ سانيھ سُڪاريو.

لنيني اوچي ڏارَ تي، ڪنڀ ڪنڊيري لات،
پِرهہ ڦُٽي پريات، آندي ان اوڏي ڪري.

ڪوتا ساوڻ مينهن جئن، برسي ترسي ڪانہ ،
ان کان پوءِ چا چا نہ ، ڌرتيءَ ڦوڳ ڦُلاريا.

ملنديون مجتائون، جي هيءَ رهي سنڌڙي،
ڪيڏيون ڪوتائون، رچيني ديٺ بيٺ تي.

سدا رهي هيءَ سنڌڙي، ور ور اچين شالَ،
ڪيڏا پليءَ پونءَ تي، پَلا! پلاڻي پالَ،
تنهنجي قيل مقالَ، سموري راڄ ڪاڄ ۾.

●

# مان راڳي ـ مان ويراڳي

مان راڳي
مان ويراڳي
ڪرڻا ڪرڻا سُر سر جيان تو
ننبڊ ڦٽائي راتيون جاڳي
گُلڙن جهڙا گيت رچيان تو
پن جڻ پوءِ ٻه اُهائي ساڳي
برهه پکين سان لات لنوان تو
پر تو اُبري ڏينهن ڏُهاڳي
مان راڳي
مان ويراڳي

●

# ڏيٺ ويٺ کان اڳ / پوءِ

توسان جڏهين سُڃاڻ ڄاڻ نه هئي
وقت ڪيڏو نه ٿي سُٺو گذريو

لڙڪ پنهنجا ها، ٽهڪ پنهنجا ها
لوڻ پنهنجو هو ڇهڪ پنهنجا ها
پاڻ ئي پاڻ ۾ اڪيلو هوس
پاڻ ئي پاڻ لاءِ ميلو هوس

هاڻ ساڻ آهيون، ڌار ڌار آهيون
هڪڙي ئي وڻ جا ڄڻ ته ڌار آهيون

توسان جڏهن سُڃاڻ ڄاڻ نه هئي
وقت ڪيڏو نه ٿي سُٺو گذريو.

●

# رُونس *

(هڪ طويل نظم جا ڪجھ بند)

روتس ڏسي محسوس ٿني تو
مازُهو ڪيڏا ڏُکَ ڏسي تو
جيڪو مازُهو هوندو آهي
ڏُکُ انهيءَ کي ملندو آهي
جيڪو مازهو هوندو ناهي
ڏک انهيءَ کي ملندو ناهي
ڏُکُ تہ آهي دين خدا جو
ڏُکُ تہ آ وردان ايشور جو
ڏُکُ تہ آهي پارس ڪوني
جنهن سان مازُهو سون ٿني تو
جيون جيوڻ وانگ جني تو
سَچُ چني تو زهر پني تو
ايٿنز جو سقراط ٿني تو
نياس لاءِ مسيح ٿني تو
يزيد لاءِ حسين ٿني تو
هوسو ڦاهي لاءِ ٿني تو
هيمون گوليءَ لاءِ ٿني تو

رُونس ڏسي محسوس ٿني تو
هر مازُهو جڻ ڪو وڻ آهي
ڌرتيءَ جي پاتالن تائين
جنهن جي اونهي پاڙ وڃي ٿي
جنهن جا ڏار آڪاش چُهن ٿا

---

* جڳ مشهور ناول "رونس" جي ٽيلي ـ فلم کان متاثر ٿي لکيل

رُونس ڏسي محسوس ٿني ٿو
جندڙي جڻ ڪو جنجير آهي
جنهن سان ڳاٽ مُري ٿي آهي
يا ڪو ڳُٽُ ڳچيءِ جو آهي
ڳرندڙ ڦَٽُ ڳچيءِ جو آهي
جو شهه رڳ جي ويجهو آهي
پر اُن تائين پهتو ناهي
جيڪو ساهه ڪڍي ٿو اندر
جيڪو ساهه ڇڏي ٿو ٻاهر
واجهه وانگي ڪنن ۾ وڃي ٿو
پوريءَ سگهه سان جڻ ته وسي ٿو
ننگيءَ پُٺ تي ڦٽڪي وانگر!

رُونس ڏسي محسوس ٿني ٿو
هي! غلاميءَ کان آزاديءَ
تائين جيڪو رستو آهي
سو ڪو ايڏو سستو ناهي
ان رستي جي وِک وِک ويري
قدم قدم بُارودي سُرنگون
ان ۾ جيڪي موڙ اچن ٿا
سي جڻ ڏاڙيوال هجن ٿا
شهه رڳ تي اُو وَجَ رکن ٿا
ڪوسو ريٽو رَتُ پيئن ٿا
ٻني کي ماري پاڻ جيئن ٿا

ان رستي جي ٻن پاسن تي
جيڪي ننگا وَڻ هجن ٿا
سي ته رڳو تابوت ٿين ٿا
يا پيرن ليءِ ڪاٺ ٿين ٿا
عيسيٰ لاءِ صليب ٿين ٿا
چڪيا ليءِ ڪاٺيون ٻڄن ٿا

پوءِ بہ آزاديءَ جي آشا
اُوشا جينن اُرھہ تي کولي
پِرھہ ڦُٽيءَ جنن سانئي وڻ تي
(ڌرتيءَ جي پاتالن تائين
جنھن جي اونهي پاڙ وڃي ٿي)
منڙيون منڙيون ٻوليون ٻولي
ھن انڌي اونداھي من ۾
جڳمڳ جڳمڳ جوت جلائي
آزاديءَ جي سوني سُر ۾
ڳهٽي جهڙو گيت سُڻائي
آزاديءَ جي ڀٽ - راڻيءَ جي
ڪونج ڳچيءَ جو ھار ٻڻائي
رتو رَتُ ٿيل ٻيرن سان
ٻنڌ ڪرڻ تي آپاري ٿي
منھنجي چِت جي نيل گگن تي
ڪڏهن بہ ڪونہ اُجهامڻ وارو
ســون ورن ســورج ٻــاري ٿــي

آزاديءَ جي پرھہ ڦُٽڻ ليءِ
ٻن اکين جي آس وڌي ٿي
ڪيرن ڳوڙن کي پيئڻ ليءِ
ڦُٽل ڇپن جي پياس وڌي ٿي

روئنس ڏسي محسوس ٿئي ٿو
ماڙهو نيٺ بہ ماڙهو آهي
ڪک پن يا ڪو پٿر ناهي
ڪاٺي وٿ يا ٽول نہ آهي
مُاڙهوءَ جو ڪو مول نہ آهي
ھن جي ڇاتيءَ جي ڌرتيءَ تي
ساوڻ سياري وسندي پاري
ٻارهو وهنڌڙ دل دريا مان
ڪوسو ريٽو رَتُ وهي ٿو

ريتي رت جي ڦُڙي ڦُڙي ۾
ڳاڙها گل گُلاب ٽــڙن ٿــا
ڪنهن ٻالڪ جي ڦرموتيءَ جئن
ڌرتيءَ جي ڦرندڙ گولي تي
سونَ ورن سو سڄ ڪڙن ٿا

ريتي رت جو رنگ اُهو ئي
ڪاري ۾، گوري ۾ سو ئي
امريڪا ۾ ۽ ڪانگو ۾
لنڪن ۽ لوممبا ٻنهي
ذات پات جا فرق مٽائي
اُوچ نيچ جا پيد پُلائي
گوليءَ سامهون سينو تاڻي
وڏي واڪ شــهــادت مــاڻــي
مُاڙهوءَ ماڻُ متانهون ڪن ٿا
پنهنجي ڏُک کي ٻانهون ڪن ٿا
اوچــو ڳــاٽو جهنڊو ڪــن ٿــا
ڪاٽيءَ اک ليءَ ڪندو ڪن ٿا!

رونس ڏسي محسوس ٿئي ٿو
جن جي ڪاري چمڙي جيڏي
تن جو من آ اُجرو ايڏو!
جن جي ڳوري چمڙي جيڏي
تن جو من آ ڪارو ڪيڏو!
دانگيءَ ڪنان بہ ڪِٽ ۽ ڪارو
اوٺهينءَ رات کان اونداهو
انڌي جي اکين کان انڌو
بلنڪ وارنٽ کان بہ بلنڪ
ڪارنهن جي ٽِڪي کان ڪارو!

روڻس ڏسي محسوس ٿئي ٿو
ڏُکُ بہ آهي جڻ ڪو ڏينو
جنهن ۾ رت جو تيل ٻري ٿو
سنڌ بہ آهي جڻ ڏک ڪوني
ان ڏک ۾ آ جڻ سُک ڪوني
ڏک آ جوني سُک آ سوني
ڏُک جهڙي ان سُک ڪارڻ
سُک جهڙي ان ڏُک ڪارڻ
چار ڏسائون تاٿيل آهي
لاک رتي مارُل جي لوني

توڙي ليڙون ليڙون لوني
پوءِ بہ ان جو رنگ اُهوني
ڄنمن جو اتهاس انهيءَ کي
پيرن هينان ڀوري ڌرتي
سر ڇت نيل آڪاس انهيءَ کي
صدين جي تاريخ انهيءَ کي
ٻولارن ۾ چيخ انهيءَ کي
..................

●

# راهوڪي رت - راند

## بيت

(فاضل راهوءَ جي ياد ۾)

راهوڪيءَ ۾ رات، ڪڙيا گُلَ گلاب جا،
جٽاٿو، چپ چپات، ٻُري پيا ڪنهن ٻول سين.

راهوڪيءَ ڪي ريج، ڏيئي ريتي رت جو،
ڏندڻ هٽي گلاب جا، هنيئڙي هيڏو هيج،
مُک تي سورج تيج، سورج جو نہ اُجهامڻو.

راهوڪيءَ تي رنگ، پلٽيائين پاڻوهہ سين،
ڇُرندا پُرندا ٿي ويا، چانڊ ڪين ۾ چنگ،
هير هندوره ڪيت ۾، جهومن سونا سنگ،
ارتا انگ اُمنگ، سرتا سُرهي سڱ سين.

راهُو - راهوڪي، سڳنڌ جيئڻ گلاب سين،
چنڊ ۽ چانڊوڪي، ڪنڊ هجي جڻ ڪير ۾.

راهوڪيءَ جي راهہ، روشن راهوءَ رت سين،
نعرا هڻندا، جهومندا، وڏندا ويا همراهہ،
اُٿليا سمنڊ اٿاهہ، ماڙُهوئڙن جا ماڳ تي.

راهوڪي رت - راند، آهي اوءَ اُڇاترا،
ٻُرين تائين ٻلاند، سنڌين وسري ڪينڪي.

●

# آئون ڪھڙي پار وڃان؟

## وائي

چنگ چڙن ڇُونگارَ وو يارَ
پارَ اَپارَ
آئون ڪھڙي پار وڃان؟
مون ورنائي، مون ورنائي، لهرين جي للڪارَ وو يارَ
پارَ اَپارَ
آئون ڪھڙي پار وڃان؟
موج پريو مهراڻ اڳيني، مٿان ميگھه ملهارَ وو يارَ
پارَ اَپارَ
آئون ڪھڙي پار وڃان؟
وچَ سير ۾ هڪ ٿي ويڙا، اوريان پريان پارَ وو يارَ
آئون ڪھڙي پار وڃان؟

●

سحر امداد

## سني★ نچي تو جيئن
(ٽيڙو)

نئون نکور نينهن
تنهن اُس ۾ پاسي تي
جُهڙ جُهڙالو ڏينهن
●
مور نچي ٿو ايئن
ٻُوندن جي سُرتال تي
"سني" نچي ٿو جيئن.
●
شام جُهڙالي شام
ڪڙي ڪساري ڪافي سُرڪيم
ورتم تنهنجو نام!
●

★ سني: منهنجو پٽ

## چرڪي پيئي چير

هيڪل گذريا ڏينهن،
توکي ساريان سانورا –
آنءَ تہ وسندي مينهن.
●
چرڪي پيئي چير،
مينهن پنل منيءَ تي جيئن –
گوريءَ ڌريو پير!
●
گهاٽو جُهڙ آڪاس،
هيءَ هيءَ جيءَ جهڙالڙو –
لارون لڙڪ رُناس!
●

# ... تيلي ٿي ڪائي ٻارا

## نظم

۽ آس آ سپاڻ جي سنڌڙي جو هرڪو ٻار
اُٿ: اُٿ: اُٺي انڌيري ماڻ سورج ڪٽي اُڀار
ٻَر آهي جا ٻُري، جي اُٺي ٻر اُهاڻي پار
اڳتي وڌڻ جي سوچ ۽ اڳتي جي ڪر ٻچار
سُرهاڻ پيهي آڻي آ سيخن جي آرپار
جي ڪجهه ڪري نٿو سگهين تيلي ني ڪاني ٻارا

●

## نوحو

ٽنڊو بهاول جي شهيدن جي ياد ۾

سيخون تنبيل اکين ۾
ڪوني سهانو سپنو
پٽرانجي وجي ٿو

شهه رڳ وڍيل ڳلي ۾
ڪوني سُريلو نغمو
گهوگهاٽجي وجي ٿو

ميندي، رتن هٿن تي
تيزاب هارجي ٿو
تڙ تڙ تي مارجي ٿو

سورج جا تيز ڪِرڻا
خنجر جيان چُڀن ٿا
۽ رات زهر وانگي
نس نس ۾ اوتجي ٿي!

●

تون ڪنول جي ماڪ آھين
۽ مان،
پونئرو ڀانورو -
شام جو رنگ سانورو
ونڊ تي ريو ڇانئجي
راتڙيءَ جو ڇانورو-
تون مٿي جي
رات ڪوسي
۽ مان،
تو ڀرئو ڦتان
ٻئجي ستارو
۽ تو مرڪان،
تنھنجي ڳل ۾ چڪھ ٻئجي
پرھ تائين
تون جڏھن ايندين
صبح جي سج وانگر
مان ڦتي پوندس ٻنيءَ ۾
ٻج وانگر.

●

آرزوءَ جي ٻانھن ۾،
چوڙيون وڃن ٽيون،
زندگيءَ جون خوبصورت آڱريون،
ٻي جان مٽيءَ ڪي چمن ٽيون
پوءِ اتر جي ھير، منڙا تيرتالي
ٽي ڪري آواره گردي وار ڪولي
۽ پپل جي ھنج مان،
ڪائي ڪوئل ڀانوري ٻوليون ٽي ٻولي
سمنڊ تو درياھ ڏي ڊڪندو وڃي.
شوق تو جھڪندو وڃي
ٻي شوق ڏي -
پوءِ خوشيءَ جي مڪ تي
مرڪ جي معصوم چڳ
لڙڪي پوي ٿي
اجنبي اونڌھ گھري ڪوھ ۾
ھڪ نشين جيون جي دل
ڌڙڪي پوي ٿي.

●

بيت

اديون لڳي اوبري، ساري خدائي
ساري جدائي، پُران جھوني پت جيئڻ.

---

ڪري مٺيون ڳالھڙيون، دل ويا ڌتاري
مان تن ڪي ساري، روئان ساريون راتڙيون.

---

نھاري نيڻن ۾ - ھر ھر چمي چپ
ڪبڏي پنھنجائپ، پربڻ پرڏيھيءَ ۾.

---

سالن تائين سڪيا، جن لاءِ منھنجا نيڻ
ڏسي ساڳيا سيڻ، دلڙي پيرن ۾ پئي

●

سارنگ کيِ سارِينِ، ماڙُهو، مِرگھ، مينهِيُون،
آڙيُـــون، اُبـرَ آسَـري، تــاڙا تــنـوارِيــنِ،
سِـپُـون جي سَمُونڊَ مِ، نئين سِجَ نِهارِينِ،
پَلُرُ پِـيـارِينِ، تہ سنگھارَنِ سُـکُ تـئـي.
ـــ شاهہ



# ڪهاڻيون

## ليکڪ ۽ نظريو

ڪهاڻي زندگيءَ جي ڪهڙي به موضوع تي لکي سگهجي ٿي ۽ اها پنهنجي لهجي ۾ هلڪي، گنڀير يا مذاقي ٿي سگهي ٿي؛ پل پوءِ اها سياسي، سماجڪ، ڌارمڪ، نفسياتي، عياري، اسراري، سامونڊي، هوائي يا من وگيانڪ هجي. بنيادي ڳالهه مگر، منهنجي ويچار ۾ ليکڪ جي طرفداريءَ جي آهي، ته ليکڪ زندگيءَ جي ڪهڙي ڌارا جو طرفدار آهي؛ ته زندگيءَ جي معنيٰ کي قبول ڪري ٿو يا رد ٿو ڪري، ان جي مختلف مسئلن جي محض عڪاسي ٿو ڪري يا ڇيد ٿو ڪري.

ضروري آهي ته ليکڪ کي زندگيءَ لاءِ نظريو هجي.

ـــ موهن ڪلپنا

# ناول جا ڪجھ پنا

عبدالقادر جوڻيجو

روز صُبح جو سوير ڇھ ست ڪلوميٽر جاڳنگ ڪرڻ کانپوءِ غسل خاني ۾ گهڙي سارا جڏهين پنهنجو بدن ٽوال سان اُگهندي هئي تہ سندس بدن جون مُشڪون ائين ڦَڙڪنديون هيون، جيئن هٿ لائڻ کانپوءِ پلي گهوڙيءِ جو جسم ڦڙڪندو آهي. پر اڄ صبح جو سوير جڏهين هوءِ جهاز ۾ اچي ويٺي تہ سندس جسم بدران مَن ڦڙڪي رهيو هو. جڏهين جهاز مٿي اڏاڻو تہ کيس لڳو تہ جهاز مٿي نہ پر، هيٺ وڃي رهيو آهي، وطن جي ڌرتيءِ ڏانهن.

سارا جو ڏاڏو مرحوم روهيءِ (چولستان جي ٿر ۽ بنريج جي ايريا جي وچ وارو علائقو) سان لڳ آباد علائقي جو اهڙو ڪڙپيل زميندار هو جو وڻ ٻيا وڄندا هُئا. پٽس حال حيات هو ۽ اسلام آباد ۾ هڪ اهڙي کاتي جو اعليٰ عملدار هو جو، جڏهين مُلڪ جي ڪنهن بہ حصي ۾ فون کڙڪائيندو هو تہ فون وصول ڪرڻ وارو پاڻ کُڙڪي ويندو هو.

سارا پورا ڏھ سال گجگاھ مُلڪ آمريڪا ۾ رهڻ کانپوءِ وطن واپس وري رهي هُئي.

★

روز منجهند جو ٻرين وکن سان گهر موٽندڙ سدا جو سُست مقيم جڏهين گهر پهتو، ۽ سوڙهي ۽ رڱهيل ڪمري ۾ گهڙي کڙ کڙ ڪري هلندڙ پکي جو ٻٽڻ آن ڪري دوست کان ورتل ڪتاب کڻي کوليائين. پهرئين ئي صفحي تي کيس قازقستان جو لوڪ گيت نظر آيو، "اسان جي وطن جون زمينون هَرن سان نہ، پر گهوڙن جي سُنبن سان کيڙيون وينديون آهن. اسان جي ٻنين ۾ ٻجَ جي بدران سِرَ ڇٽيا ويندا آهن، اسان جي درياءَ ۾ ايترو پاڻي ناهي، جيترا مارجي ويل مڙسن جي وَنين جا لُڙڪ آهن." - اهي سٽون پڙهي کيس لڳو تہ هُو ڪٿ تي نہ پر جهاز ۾ ويٺو آهي ۽ جهاز اهڙن مُلڪن ڏانهن اُڏامندو پيو وڃي، جتي اهڙيون سِٽون انگريزيءِ ۾ ترجمو ڪري لکن جي تعداد ۾ ڇاپيون وينديون آهن.

مقيم جو ڏاڏو مرهيات مُهراڻي ۾ اُنين جو وڳ چاريندو هو. پٽس حال حيات هو، ۽ نواب شاھ ضلعي ۾ پنهنجيءِ حد ۾ ڏينهن ڏني جو ڄاتل سڃاتل همراهن هئان ڇھ خون ٿيڻ کانپوءِ جوابدار جهلي نہ سگهيو هو. نتيجي ۾ صوبيداريءِ سان گڏ دُنيا دورنگيءِ کي لت هڻي، گذريل ويهن سالن کان عبادت جي مشق ۾ غرق هو.

مقيم گذريل ڇنن پنجن سالن کان مغرب وڃڻ جا خواب ڏسي رهيو هو.هڪڙي اڪ پوري ڏيرج سان گولڊ ليف جي سگريٽ مان هلڪي ڦوڪ ڀري ڳالھ کي چوريندڙ سارا کي آمريڪا ۾ رهي ڪري اهوئي نظر آيو تہ آمريڪا جي اُپ تي روز سج اُڀرڻ جي بدران ڊالر جو نوٽ اُڀرندو آهي، ٻن ڀريل اکين سان

موڪلائڻ جي بدران ٻن جرڪندڙ آڱرين سان ٽاٽا ڪئي ويندي آهي، عمرين جا سودا ٿيڻ ۽ ٻرن جون بازيون لڳڻ جي بدران ڪجھ ويڪ اينڊس جو وهنوار هلندو آهي، پٽ کي ماءُ جي پيار کان وڌيڪ ڪمري جي پرائيويسي عزيز آهي ۽ پيءُ جي دل ڌيءُ ۾ اٽڪيل هئڻ جي بدران گهڙيءَ جي ڪانٽن ۾ قائل هوندي آهي.

"هُنھ! اهڙي ملڪ ۾ رهڻ جي بدران منڙي مُلڪ جي ڪنهن درياء ۾ ٻُڏي مرجي تہ چڱو آهي." سارا دل ۾ چيو ۽ لاهور ايئر پورٽ تي بيٺل جهاز مان هيٺ لهڻ لڳي.

★

سستو سگريٽ مُٺ ۾ پيڙي تکو سُوٽو هڻي ڪنگھ ۾ ٻُڏي ويندڙ مقيم کي پنهنجي مُلڪ ۾ رهي ڪري اهوئي نظر آيو تہ سندس وطن نڪارا گوئا جي لوڪ گيت جي اُها ڇوڪري آهي. "جيڪا مُرڪندي مُرڪندي واگھ تي چڙهي ويٺي ۽ واگھ پنهنجيءَ منزل ڏانهن روانو ٿيو. جڏهين واگھ منزل تي پهتو تہ ڇوڪري غائب هُئي ۽ ڇوڪريءَ جي مُرڪ واگھ جي چپن تي ڇانيل هُئي."

ڪيس پنهنجو ديس اُپ جي اک مان ڪريل وڏو لُڙڪ لڳو هو.

"هنھ! هھڙي مُلڪ ۾ رهڻ جي بدران يو. ايس وڃي اُتان جي بيٽ جنريشن جي ليڪڪن ۽ پاپ سنگرز وانگيان موتمار نشن جا شاٽ هڻي چاليهن جي چمار کان اڳ ۾ ئي مري وڃجي تہ چڱو آهي". مقيم دل ۾ چيو ۽ اڳيان پيل اخبارون کڻي ڪم جي خبرن تي ٽِڪ مارڪ ڪرڻ لڳو.

★

سارا سامان ريڙهي تي رکي جيئن ئي ٻاهر آئي تہ ڪيس ٻين سان گڏ فاروق بہ بيٺل نظر آيو. فاروق کي ڏسي سارا جي مُرڪ جي رونق سندس چپن ۽ اکين تان ٿيندي نظر جي عينڪ جي شيشن ۾ جرڪڻ لڳي.

پوسٽ گريجوئيشن تائين ٻئي ڄڻا لاهور ۾ گڏ پڙهيا، پرائين نظرن جي پهري ۾ ڪاريڊارن ۾ ڪُلهو ڪُلهي سان لائي مليا، ڪلاڪن جا ڪلاڪ سياست تي بحث ڪندي پاڻ ۾ اٽڪيا ۽ وري سرچيا ۽ هڪڙي ئي ڊيڪ تي دلين ۾ دونهيون دُکائيندڙ نيم ڪلاسيڪي سرائيڪي ڪافيون ٻُڌائون، پر سندن "دوستي" "عشق" ۾ تبديل ٿي نہ سگهي.

فاروق نيشنل اسٽوڊينٽس فيڊريشن جو ويڙهاڪ ورڪر هو ۽ پستول جي ناليءَ کان وٺي اسٽيج تي پيل مائيڪ سان فائر ڪري پئي سگهيو، پر هُو پاڻ ۾ ايتري همت پيدا ڪري نہ سگهيو جو سارا کي چوي تہ "آءٌ توتي مران ٿو." وڏا وڏا شينهن اِنهيءَ هنڌ تي پهچي پڇ لڙڪائي ويهي رهندا آهن. ٻئي پاسي پنهنجيءَ مستيءَ ۾ مست سارا جي ذهن ۾ اهو لاڙو ڇپ هڻي ويهي رهيو تہ جيئن ڪا عورت ڪنهن عورت جي ۽ ڪو مرد ڪنهن مرد جو گهاٽو دوست رهي سگهي ٿو، تيئن ڪا بہ عورت ڪنهن بہ مرد جي سُٺي گهاٽي دوست رهي سگهي ٿي. وڏي ڳالھ تہ فاروق ساڻس اهڙي ڪا ڳالھ ئي نہ ڪئي. جي ڪجھ چوي ها تہ سارا شايد دوستيءَ جو ڀرم رکي وڃي ها. انهن ئي جيئن آمريڪا ۾ ڪجھ ويڪ اينڊس ڪنهن ايرانيءَ سان گذاريون هُئائين.

سارا جي آمريڪا وڃڻ ڪانپوءِ فاروق شادي ڪري ڇڏي هُني ۽ سارا جي واپس اچڻ تائين فاروق هڪ عدد پُٽ جو پيءُ بڻجي چڪو هو. زال سان پهريان ۾ ٽي سال سُٺا ۽ پويان چار پنج سال بور گذارڻ کان پوءِ اهڙا امڪان پيدا ٿي پيا هُئا ته هن پيري جيڪڏهن فاروق دل چيري سارا جي سامهون رکي نه سگهيو ته گهٽ ۾ گهٽ قميص جا بٽڻ ٽوڙي پنهنجي ڇاتي ته ڏيکاري پئي سگهيو.

★

"پڌو ائين ته صاحب بدلي پيو ٿئي". مقيم جي آفيس ۾ ڪم ڪندڙ واحد ڇوڪريءَ شازيه ڪانوينٽي انگريزيءَ ۾ قرڙاٽ ڪيو. "انهيءَ خوشيءَ ۾ چانهن ٿي وڃي."

اهڙا افواهه آئي ڏينهن آفيسن ۾ اُڏندا آهن ۽ پوءِ ڪوڙا ثابت ٿيندا آهن. شازيه کي به خبر هُني ته اهو ٺلهو اُفواهه آهي، پر سندس اصل دلچسپي اُفواهه کان وڌيڪ مقيم سان ويهي چانهن پيئڻ ۾ هُني. سڌو سادو ڳوٺاڻو ڪيس رف ٽف ۽ ٻُل لڳندو هو. اِنهيءَ ڪري ڪيس وڻندو هو.

مقيم جڏهين ماستري ڪندو هو تڏهين لاڪانيس هر ڳالهه مسئلو هوندي هُني سواءِ عورت جي. هُو سر اڏيءَ تي رکي لوڙهن لتاڙڻ جو شوقين هو. سو شازيه به ڪا مٿان لهي نه آئي هئي. پر شازيه ۾ اُها سگهه، اصليت ۽ گهراڻي نه هُني جيڪا ڳوٺاڻين ڇوڪرين ۾ هوندي هُني. مغرب وڃڻ جا خواب ڏسڻ وارو مقيم جڏهين تصور ئي تصور ۾ جهاز تي چڙهندو هو ته اُهو جهاز اُپ جي نيراڻ مان ٿيندو ڪڏهين ڪڏهين ڳوٺاڻي ڇوڪريءَ جي اکين جي ڪاري اُپ ۾ اڏامڻ لڳندو هو.

"انهيءَ هوندي به هُو جيڪڏهن شازيه کي ٻنهه ويجهو نه پوندو هو ته اپترو پري به نه ويندو هو. هَٿ هٿن سان لڳن يا نه، پر چانهن جو ڪوپ ڪوپ سان لڳي ويندو هو. اِنهيءَ ڪري اهڙا امڪان بيٺا هئا ته اڄ نه، ته سڀاڻي ڪوپ جي بدران مقيم جا هٿ شازيه جي هٿن سان وڃي لڳن.

★

"يار ڳالهه ٻُڌ. بابا اسلام آباد ۾ فائلين ۾ وڃائجي ويو آهي. امان اسلام آباد واري گهر جي گيٽ تي بابا جي انتظار ۾ اکين جو مُصلو وڇائيو ويٺي هوندي آهي. ادو باردر تي آهي. منهنجين ڀنهين ڀيڻن جو اڌ وقت ڊريسنگ رومز ۾ اڌ وقت دعوتن اُڏائڻ ۾ گذرندو آهي. ڇڙو مامو وڃي بچيو آهي، جيڪو ٻئي ٽئي ڏينهن مون وٽان اچي نڪرندو آهي ۽ سنڌ ۽ بلوچستان کي ياد ڪري روئندو آهي. مامي جون ڳالهيون مون کي وڻنديون آهن. پر باقي وقت ڪيڏانهن ڪريان؟ آءٌ ڪم ڪرڻ ٿي چاهيان." ائين چئي سارا عينڪ لاهي صاف ڪرڻ لڳي.

"ڪهڙي ڪم ڪرڻ جو ارادو اٿئي؟" فاروق سارا جي نيڊڙين ۽ اندر پيل اکين تان نظر هٽائي، سندس ڳاڙهه سري ڳِل کي چُمندڙ سونهري رنگ جي وارن جي ڇڳ ڏانهن نهاريندي چيو.

"توکي منهنجي خبر آهي. آءٌ ڪنهن به ايڊورٽائيزنگ ايجنسيءَ ۾ تخليقي جاب ڪري سگهان ٿي. ڪنهن به انگريزي اخبار يا رسالي ۾ ڊزائيننگ کان وٺي آرٽيڪل لکڻ تائين جو ڪم ڪري سگهان ٿي. ڪپڙن جي ملن لاءِ نيون نيون ڊزائينون ٺاهي سگهان ٿي. پر انهن سڀني ڪمن مان مون کي آمريڪا جي بُوءِ اچي ٿي، جيڪا هاڻي منهنجيءَ سهپ کان ٻاهر آهي."

جيڪو ڪم ڪرڻ اچيئي ٿو. اهو ڪرڻ نٿي چاهين ته باقي ڇا ڪندين؟" فاروق سارا جي ڏکين آڱرين ۾ اکيون وجهندي پڇيو.

"فوٽوگرافي."

"فوٽو گرافي، مان آمريڪا جي بوءِ نه ايندي؟"

"نه. ڇوته ڪئميرا ڪٺان جي به هُجي ير اکين ۾ ته وطن جا وڻ وسائيندي." سارا هڪڙي اک پوري سگريٽ مان هلڪي ڦُوڪ پري، "نيشنل ڪاليج آف آرٽس جي دوستن کان ٻڌو اٿم ته سنڌ ۾ رنگن جي بهار ٽڙيل آهي. اها بهار آءٌ ڪئميرا جي اک سان ڪيڏڻ ٿي چاهيان."

"اصل بهار ته تو ۾ ٽڙيل آهي." فاروق کان رهيو نه ٿيو.

"اهو مُنهن تي عورتن جي واکاڻ ڪرڻ جو ڇيپ ڏندو ڪڏهين کان اختيار ڪيو اٿئي؟" سارا فاروق جي اکين ۾ اکيون وجهندي چيو.

فاروق جي دل ۾ جيڪا تيلي دُکي هُئي سا پڙڪو ڏيئي وسامي ويئي. ٻه ٽي مهينا اڳ به فاروق سان اهڙي واردات ٿي چُڪي هُئي. الائي ڪهڙن خيالن ۾ اچي پي ٽي ويءِ جي نمبر ون اداڪاره کي چئي وڌائين" آءٌ تنهنجو فئن آهيان." جواب مليس "پيڊسٽل فئن يا ڇت ۾ لڳل فئن؟"

اڄ ڪيس ٻيو ڏنڪ لڳو هو.

★

# جيون جو خاليپڻو

مشتاق احمد شورو

ڪوري ۾ ڪچي مٽيءَ جون سرون پچي پٿر وانگر سخت ٿي وينديون آهن ۽ ڪوري جيان ٻرندڙ ڀٺي ۾ به آئون نه ڄاڻان ڪيترن ورهين کان پچندو رهيو آهيان پر پوءِ به ٿانڪو ٿانو جيان پچندو ٻرندو رهيو آهيان. ۽ هاڻي جيون جي پوياڙي واري پهر ۾ جڏهن به گذري ويل وقت بابت ويچاريندو آهيان ته اهو به مون کي آئيندي وانگر اونداهو ۽ اڻڄاڻ لڳندو آهي. هونئن به منهنجو هجڻ ئي عجيب ڳالهه آهي ۽ آئون ڇو ۽ ڪٿي آهيان جو سوال هر وقت ـ وقتو بي وقتو منهنجي ذهن ۾ ڦرندو ڦرندو ٿو رهي. اهڙين گهڙين ۾ به جڏهن مون کي ڪا ٿوري خوشي ـ لِڪ ساعت لاءِ ئي سهي، ملندي هئي ته اهو سوال اها ٿوري خوشي به کسيو، مون کي اونداهيءَ ۾ ڌڪيو ڇڏيندو هو. اصل ۾ سوال اهم ناهن، انهن جي جوابن جو هجڻ اهم آهي يا شايد ان کان به وڌيڪ جوابن جو اطمينان جوڳو هجڻ وڌيڪ اهم آهي. پر خود "اهم" کي ڪهڙي اهميت آهي، ان جي خبر مون کي ڪڏهن به پئجي نه سگهي.

لڳي ٿو ته اڄ جو ڏينهن پوين پساهن ۾ آهي، سج پنهنجي ٽپندڙ باهه کي اونداهي ۾ لڪائي ڇڏيندو ـ ڪجهه ئي دير ۾ . ۽ مون کي وڙڪڻ لاءِ نڪرڻ کپي، هونئن اهو ايڏو ضروري به ڪونهي پر پوءِ به هتي ويهي به ڇا ڪجي. ڪرڻ لاءِ ته ڪٿي به ڪجهه ڪونهي. ڪوليءَ مان نڪرندي مون کي ائين پيو لڳي ته ڄڻ لاش قبر مان نڪري رهيو هجي. ٻُڏندڙ سج ۾ لڳن کي ساڙيندڙ ڄر اڃا به آهي پر هتي ڪليل هوا .....! ها پر ڪوسي ....

اصل ۾ منهنجي بدمزاج، چيڙاڪ، خشڪ طبيعت ۽ اڏ ڇرڻي (خبر ناهي اڏ ڇريو ڇا ٿيندو آهي) هجڻ جو لاڳاپو منهنجي ذهن ۾ اُبرندڙ انهن سوالن سان قطعي ناهي، جن جو ڪو جواب ناهي، پر پوءِ به .... خير اهو ته صحيح آهي ته منهنجو رويو ڪنهن سان به سٺو نه رهيو آهي پر ان ڳالهه جو ڪو اهڙو اثر وٺڻ به نه گهرجي. اصل ڳالهه جيڪا ڪڏهن ڪڏهن مون کي پريشان ڪندي آهي ته گهڻي وقت کان مون کي ڇتو احساس ٿيڻ لڳو آهي ته مون کي ڪا خطرناڪ ڳجهي بيماري آهي. اهڙي بيماري جيڪا مون کي نهوڙي نيندي. اصل ۾ ان کي ڪا اهميت ته ڪانهي، موت کان هميشه لاءِ، سدائين لاءِ ڀڄي يا لڪي ته نٿو سگهجي، مرڻو ته آهي ئي، هاڻي نه ، ته پوءِ. ڳالهه رڳو ڪجهه وقت جي مهلت جي آهي پر اها به ڇا لاءِ؟ شايد ائين جيئڻ، موت جي سزا ياتل شخص اپيلن، رحم جي درخواستن ۽ هيٺين ڪورٽ ۾ ڪنهن رهجي ويل قانوني نقطي جي بهاني نئين سر ڪيس هلائڻ لاءِ درخواستن وسيلي مهلت وٺندو رهندو آهي. پر آئون پوڙهو به ٿي ويو آهيان، حياتيءَ جي شايد پڇاڙيءَ واري ڏاڪي تي بيٺل.

مون کي ڪڏهن به سمجهه ۾ نه آيو آهي ته موت ۽ زندگي آهن ڇا؟ حقيقت ۾ ڪائنات جون لکل

ان تي اجايو منو ويهي هٽجي. هڙ حاصل ....؟

حيرت ـ اچرج ڏياريندڙ ڳالهه ته اها آهي جو ماڻهو ان جيون سان بي انتها ـ چرياپيءَ جي حد تائين پيار ٿو ڪري، جنهن جو گهڻو ـ ٿڌو وقت قدرت جي بيرحمين جي هراس، پوءِ ۾ گذري ٿو ۽ باقي حصو پنهنجين لاچارين، محرومين، ڏکن تي ماتم ڪندو وار پٽيندو ڪٽجي ٿو. جيون آهي ڇا ان جي ته خير مون کي ڪا پروڙ ڪونهي، باقي جنهن اذيت سان اهو ڪٽجي ٿو سو منهنجي ليکي سمجهه کان ٻاهر ضرور آهي. سچ ۾ حقيقت اها آهي ته ماڻهو پنهنجي ڪُل زندگيءَ جو لڳ ڀڳ سڄي جو سڄو حصو اذيت ناڪ بيمارين ڪاٽيندو ضرورتن جي پورائي لاءِ متاڪٽ ڪندو اجهي ۽ پيٽ جي بک لاهڻ لاءِ حرفتون هلائيندو پين جي هٿان ذليل، بي عزتو ٿيندو حالتن هٿان مار کائيندو تڪليفون، اهنج، ڏک، اذيتون سهندو گهاريو ڇڏي. مٿان وري ٻار ٻالڻ، ٻارن جي آئيندي لاءِ فڪرمند ٿيڻ جو عذاب ۽ هن مٿان هر وقت ڪنهن انڪسيڊنٽ، اپاهج ٿي پوڻ، يا ڪنهن اوچتي آفت جي ڪڙڪي اچڻ جي تلوار ته لٽڪندي ئي رهي ٿي. ان سڀ کان پوءِ ڇا ماڻهوءَ وٽ پنهنجو پاڻ لاءِ ڪجهه بچي ٿو؟ ٿوري خوشي، ڪو آزاديءَ جو پل؟ جي ماڻهوءَ جي پنهنجي حياتي پنهنجي ناهي ته باقي هن جو آهي ڇا؟ پوءِ به جيون لاءِ موهه جو ڪارڻ؟

۽ وقت جو انين بي رحميءَ سان گذرڻ به ته سمجهه کان ٻاهر آهي. انين ڏسندي، ڏسندي آئون ڪيترو نه پوڙهو ٿي ويو آهيان. ڪيڏي نه لاچاري آهي انين گهٽيل، پوسائيل وايو منڊل ۾ رهڻ. آئون ته هونئن به ڪافي پنٽي رهجي ويو آهيان، جيون جي هر ڊوڙ ۾، ڄاڻ جي ڊوڙ ۾ شين کي سمجهڻ جي ڊوڙ ۾، ۽ پين سان گڏجي هلڻ جي ڊوڙ ۾. ڪيڏي نه وڏي ٽرنجڊي آهي جو ماڻهو ويچارو مار کاڌل ڪتي جيان وقت سان گڏ پيچ لٽڪائي هلڻ تي لاچار آهي ۽ وقت هن کي پنٽي ڌڪيندو اڳتي نڪرندو پيو وڃي.

منهنجو پوڙهو ٿي وڃڻ به منهنجي بدمزاجيءَ جو ڪارڻ هجي به ڪٿي يا ٿي سگهي ٿو ته سڄي جمار جون محروميون، ذلتون، اذيتون ۽ بي عزتيون منهنجي چيڙاڪ طبيعت ۽ پنهنجو پاڻ تائين محدود ٿي وڃڻ لاءِ ذميدار هجن. خواهشن، آسن ۽ جذبن جو نه ته ڪو ڌرم هوندو آهي؛ نه رنگ ۽ نه ئي ڪو نسل ۽ انهن جي پوري نه ٿيڻ / حاصل نه ٿيڻ جي پيڙا جي بدصورتيءَ کان وڌيڪ ٻي ڪا بدصورتي هن ڪائنات ۾ نه هوندي.

هن ڪار واري ته ذري گهٽ ماريو هو. ڪابه شيءِ نيڪ نه ٿي رهي آهي. گهٽ ۾ گهٽ منهنجي لاءِ ته ڪجهه به نيڪ نه ٿي رهيو آهي. بيزاري،ءِ بي سُڪانيءَ وچان انين اٿي رستن جو منهن ڪندو آهيان. اڳي، گهڻو پري نڪري ويندو هوس ۽ هاڻي گهڻو هلڻ جو ساهس ته نه رهيو آهي، پر تڏهن به ڪافي وقت ٻاهر رهڻ جي ڪوشش ڪندو آهيان، هن ڪوليءَ ۾ ته ساهه مُنجهي ٿو. خبر ناهي ڇو آئون انين بي خياليءَ ۾ هلندو بنا ڪنهن ڪارڻ جي هن اُجاڙ ويران عمارت ڏانهن ڇڪجي ايندو آهيان جا بندش پوڻ کان اڳ ٻار هئي. اڳي آئون گهڻو ڪري، ان ٻار جي اڳيان اچي بيهي رهندو هوس، اتي بيٺي بيٺي مون کي لڳندو هو ته اهو ٻار ڪا جنت آهي ۽ منهنجا ڏوهه ايترا ته گهڻا آهن جو آئون ان جنت ۾ پير به نٿو رکي سگهان. اهو ويچار منهنجي ذهن ۾ هر پيري ايندو هو. جڏهن به آئون ٻار اڳيان لنگهندو هوس ۽ ٻار ۾ ڪنهن کي

ويندو ڏسندو هوس. هونئن بہ زندگيءَ ۾ ايتريون ڪيتريون ئي جنتون آهن جن جا دروازا مون تي بند آهن ۽ هر دوزخ جو دروازو نہ رڳو کليل آهي پر آئون انهن دوزخن ۾ ڌڪيو۔ اڇلايو ويو آهيان آئون ڇا! هر ماڻهو ڌڪيو وڃي ٿو. ڪنهن وٽ ڪا جنت آهي بہ يا نہ سا تہ خبر ڪونهي، پر آئون ڀانيان ٿو تہ هر ماڻهوءَ کي پنهنجو پنهنجو دوزخ ضرور آهي، جنهن ۾ هو پڄري ۽ سڙي ٿو. ڪابہ اهڙي پناهہ گاهہ نہ آهي. ماڻهوءَ جي اڄهي لاءِ. مون کي تہ لڳي ٿو تہ سڄي ڄمار ان بار جي اڳيان بيٺي بيٺي، ان آس ۾ گذري ويئي تہ هوند آئون بہ ان بار ۾ وڃي سگهان.

هر ماڻهو اهو ويچاريندو آهي تہ ، هن محل ماڙي جيڪي ڏک، تڪليفون آهن سي سکن ۾ بدلجي ويندين. ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ ڏينهن مڙجندا. وقت ساڳيو نہ رهندو. اڄ جاڻ آئيندي جي آس ۾ ڄمار گهارڻ بہ سمجهہ کان ٻاهر آهي، جڏهن تہ آئيندي جو ڪو وجود ئي ڪونهي، اڳتي هلي بدلجندو ٻيو ڪجهہ بہ نہ ; رڳو ڄمار وڌندي ۽ ماڻهو مري ويندو. جيڪو وقت گذري ٿيو انسان کي جسماني طور تي ٽٽڻ ڏانهن وڌائي رهيو آهي، انت ڏانهن، وقت جي گذرڻ مان چڱي وقت جي آس رکڻ جي لاڄڪ ڪهڙي آهي سا تہ مون کي خبر ڪونهي، پر ڪڏهن نہ ڪڏهن جو وقت اڇٽو ناهي، ڪڏهن نہ ڪڏهن تہ رڳو موت ئي اڇٽو آهي. اهو ئي هڪ اٽر سچ آهي. هونئن بہ ڇا ٿو ڪري سگهجي، ماڻهو ويچارو انتهائي مايوسي، اذيتن ۽ ٻيڙا کان بچڻ، لنوائڻ لاءِ واريءَ جا ڪوٽ اڏيندو رهندو آهي. نہ دولت، نہ پئسو، نہ طاقت، نہ نالو، نہ مشهوري ماڻهوءَ کي موت جي چنبي کان آجو ڪري سگهن ٿا.

جيڪي ڪجهہ آئون ويچاريان ٿو يا سمجهان ٿو ڪٿي صحيح نہ بہ هجي، پر مون کي تہ ائين ٿو لڳي. جيڪڏهن ڪو مون سان ان تي بحث ڪري تہ شايد مون وٽ پنهنجن ويچارن جي بچاءُ لاءِ زوردار اثرائتا ۽ قائل ڪرڻ جوڳا دليل نہ هجن ۽ آئون وات ٻنيو ٻئي شخص کي ڳالهائيندو ڏسندو رهان. پر جيڪي ڪجهہ مون سان وهيو واپريو آهي، ان جي آڌار تي آئون ڪجهہ ٻيو جيڪو منهنجي لاءِ ناهي ان تي سوچيان سو ممڪن ڪونهي. هاڻ جڏهن آئون هيترو پوڙهو بہ ٿي ويو آهيان ۽ گذرندڙ هر پل منهنجي هجڻ ۽ نہ هجڻ جي وچ جي وڇوٽيءَ کي وڌيڪ سوڙهو ڪري رهيو آهي، اتي جي هيءَ ڪائنات رهي نہ رهي منهنجي لاءِ ڪو فرق پوي بہ ٿو ڇا؟

ماڻهو چون ٿا ۽ مون کين چوندي بہ ٻڌو آهي تہ فلاڻو (آئون) پوڙهو ٿي ويو آهي ۽ هاڻي ٻچڙو ٿي مرندو بنا اولاد جي. بي اولاد ماڻهوءَ جي حياتي بہ ڪا حياتي آهي. خير ماڻهن جو ڇا آهي، پنهنجن ڏکن محرومين، ناڪامين ۽ مونجهارن کان لنوائڻ لاءِ ٻين جي معاملن ۾ ٽنگ اڙڪائڻ، ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ بہ هڪ سٺو طريقو آهي. آئون سمجهان ٿو تہ ٻار پيدا ڪرڻ ڪرمنل ايڪٽ آهي، مجرمانہ قدم. ائين هرويرو گندا ڪيڙا پيدا ڪري قدرت جي بيرحمين تي ڇڏي ڏجن، نہ ڪيل ڏوهن جي سزا ڪاٽڻ لاءِ ٿي سگهي ٿو تہ ٻار جيستائين ڪٺي جو ڪردار ادا ڪندا هجن، يعني پٺيان لور لور ڪري گهمن، ماڻهو لاءِ تفريح جو ذريعو / سامان بڻبا رهن تيستائين تہ شايد ماڻهوءَ جو ٻارن ۾ موهہ رهي ٿو ۽ ٻار خوشيءَ جو وسيلو بہ هجن پر جڏهن ٻار نہ چوڻ سکن ٿا، رد ڏيڻ ٿا، دليل بازي ڪن ٿا ۽ پنهنجا فيصلا پاڻ ڪن ٿا تہ پوءِ ڏٺي ئي نٿا وڻن. جيڪڏهن اهو سچ آهي تہ جي ڪو پنهنجي خوشي يا خواهش جو بليدان ڪري ڪنهن کي

ڏک، تڪليف يا اذيت کان ڇوٽڪارو ڏياري يا ڪنهن جي زندگي بچائي ته ان جو بي انداز ثواب ۽ اجر ملندو. جيڪڏهن واقعي ائين آهي ته پوءِ مون گهڻ ۾ گهڻ ڪجهه ته حياتين کي ڏکن، اهنجن، بيمارين ۽ موت کان ڇوٽڪارو ڏياريو آهي، شادي نه ڪري ۽ ٻار پيدا نه ڪري. ثواب جي اجر جي ته مون کي سُڌ ڪونهي پر ڇمڻ واري لاءِ جيڪي ڪجهه گهڙيو رکيو آهي. تنهن کان ان معصوم کي بچائڻ جو طريقو اهو آهي ته شعوري طور تي ٻار پيدا نه ڪجي.

هونئن به هن ڪائنات ۾ مطلب کي ني ڪو مطلب نه آهي. ڪنهن مقصد لاءِ زندگي وڃائڻ جي آس ۽ ان ۾ ڪامياب نه وڃڻ يا هينئن ڪٽي ڇنجي ته ڪو مقصد اڳيان رکي ماڻهو هلي پوءِ ان ۾ ڪامياب نه وڃي اها حالت ته انسان شايد برداشت ڪري وٺي پر اها حالت جنهن ۾ هو بي انتها جاکوڙ کان پوءِ رٿيل / چاهيل مقصد تائين پهچي اهو ڄاڻي ته درحقيقت ان مقصد جو ته ڪو مقصد ئي ڪونه هو. اهو ته سڀ بي معنيٰ هو، ته پوءِ اها حالت ماڻهوءَ کي ٽوڙي پرزا پرزا ڪري ٿي ڇڏي.

هونئن به ماڻهوءَ کي گهڻا جهنجهٽ سانڍڻ نه گهرجن، سپنا لهڻ به .... پر ماڻهو ڪري به ڇا؟ ڪيڏو نه هيڻو، نبل، لاچار آهي. اڪيلائيءَ کان بچڻ لاءِ پيار ڪري، ڪنهن کي پاڻ سان جوڙي ۽ پوءِ به اڪيلوئي رهي ۽ پيڙا الڳ جي پالي وٺي، تيز، تکيون روشنيون ڏسڻ جا سپنا لهندي لهندي ـ گهري گُهگهه اونداهه ۾ ڏڪجي وڃڻ ڪيڏو نه ڀيانڪ آهي ذليل، ڪميڻي زندگي، بلڪل ڪُتي جي پونڪ، مون کي ته جيون جي ڪنهن به ڏاڪي تي، ڪنهن به موقعي تي اها ڪَل نه پئجي سگهي ته پيار محبت، ٻئي ڪنهن شخص لاءِ خوار خراب ٿي مٽجي وڃڻ نيٺ ڪهڙو جذبو آهي. مون لاءِ ته پيار رڳو هڪ لفظ ئي رهجي ويو آهي جنهن ۾ بار بار کوچ ڪندي به مُون کي ڪجهه به نه مليو آهي. اهو عجيب ناهي ته به الڳ الڳ شخصيتون جيڪي پنهنجي پنهنجي جاءِ تي مڪمل هستيون آهن، جن جا ويچار پسندون، زندگيءَ بابت لاڙا، ناپسندون، ذائقا وڏي ڳالهه ته شخصيتون ڌار ڌار هجن سي ڪئين ٿا محسوس ڪن ته هو هڪ ٻئي کان سواءِ مڪمل ناهن، هڪ ٻئي کان سواءِ رهي نٿا سگهن. اهو جذبو ٿي سگهي ٿو ته ڪا معنيٰ رکندو هجي پر پوءِ اهي آدرش ائين هڪدم ٽٽن به ته ٿا نه. حقيقي زندگيءَ جي تلخين ۽ ڪوڙاڻ جي منهان منهن ايندي جي ٿوري به ڪسر نه وڃي يا اَنا کي ڪو ڇيهو رسي ته پوءِ اهي گڏ مرڻ جيئڻ جا سُنهن کڻندڙ، بي انتها پيار ڪرڻ وارا جوڙا (ها جوڙا ئي ڪوٺي سگهجي ٿو، ٻيو مناسب لفظ مونکي ملي نٿو) هڪدم بي انتها محبت کي نفرت ۾ بدلايو ڇڏين ۽ هڪ ٻئي کي ڏٺي ئي نه وڻندا آهن. اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي، ته ماڻهو جنهن سان جنون جي حد تائين پيار ڪري تنهن سان نفرت به ڪري ويهي يا اهو اهڙو جذبو آهي جيڪو وقت ۽ حالتن سان ڦرندو ٿو رهي. ڪٿي ائين ته ناهي ماڻهو رڳو پنهنجي ذات سان پيار ٿو ڪري ۽ اڪيلائيءَ کان بچڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ٻئي شخص ۾ ڳولي ٿو. ڪجهه به هجي پر اها ئي محبت آهي، ڇا ٿو ڪري سگهجي. اصل ڳالهه ته خواهشن جي آهي. خواهشون آخر ڇو ٿيون ائين ڪنيين جيان ذهن ۾ ڦُٽن ۽ انهن جي نه پوري ٿيڻ جي پيڙا ڇو ٿي ٿئي؟

وڏو عذاب آهي هر روز هڪ مثل ڏينهن جو جنم ۽ شخص ڏينهن جو لاش ڪلهي تي کنيو تهذيب جي گٽر ۾ ٽڙندو ٿاٻڙندو ٿو رهي، هڪ ٻئي سهڻي صبح جا سپنا ڏسندي. ٽڪو ٽڪو. ٽڪرن ۾ هلندڙ ماڻهن

ٿو. پر ماڻهو جيئڻ جي عادت نٿو ڇڏي سگهي. جي هڪ ٻانهن ڪٽجي وڃي ته به لولو ٿي جيئندو هڪ ٽنگ خراب ٿي وڃي ته ٻي ٽنگ جي سهاري تي جيئرو رهندو. ٻئي ٽنگون هليون وڃن ته به ويل چيئر تي يا سرڪي سرڪي به رڙهندو رهندو بڪيون ڪم ڪرڻ ڇڏيو ڏين ته ٻين کان ڪنهن نه ڪنهن حيلي بهاني، خيرات يا پئسي تي بڪيون وٺيو موت کان مهلت گهريو وٺي. بڪيون ڇا جگر، دل، آنڊا، گُجيون سڀ جو سڀ بدلايو وٺي ۽ ان جو ڪو انت ئي ناهي. ماڻهو ڪنهن به ڪنهن به قيمت تي مرڻ لاءِ تيار ناهي، جڏهن هر ڳالهه کان وڃي ٿو. اٿڻ، ويهڻ، هلڻ، چرڻ، فرڻ کان ته به بستري تي به اکيون ٽمڪايو جيئندو ٿو رهي. جي اکيون به هليون وڃن ته به موت کان پڇندو ٿو وتي، شايد ذهن ئي موت کي نٿو قبولي، جڏهن جسم جا سمورا عضوا جواب ڏيو ڇڏين ته به ذهن زنده رهي ٿو. ذهن سڀ کان آخر ۾ اڪيلو ٿي مرندو آهي. ماڻهو ويچارو هر مهل ٻن ڏِين ۾ وڪڙيو ٿو رهي، هڪ مرڻ جو ڊپ ۽ ٻيو چريو ٿيڻ جو ڊپ ۽ هن جي سڄي جاکوڙ، جستجو، ڀڄ ڊڪ، هڻ هٽان موت کان پڇڻ ۽ چريو ٿيڻ کان بچڻ ۾ آهي. لڳي ٿو چريو ٿيڻ کان دماغ تمام گهڻو هراسيل آهي جو ته ان کان پوءِ دماغ جو پنهنجو پاڻ تي ڪو وس نٿو هلي ۽ هن کان حڪم هلائڻ ۽ ڪمانڊ ڪرڻ واري اختياري کسجيو وڃي.

ڪٿي ڪجهه به هجي، ڪارڻ ڪهڙو به هجي پر ماڻهو ڪميڻي، لالچي، بي رحم هجڻ سان گڏ ڪو پيدائشي شيطان به آهي. منافقيءَ سان ڳالهه امن جي ڪندو ۽ رهي هر وقت جنگ جي صورتحال ۾. پنهنجو پاڻ سان، ٻئي ماڻهوءَ سان، ٻي مخلوق سان، ٻين ساهه وارن سان، دنيا سان، وڻن ٽڻن سان، ڪائنات سان هر مهل جنگ جوٽيو بيٺو آهي. هو هڪ ئي وقت تي اڳرائي ۽ بچاءَ جي پوزيشن ۾ رهي ٿو. انسان بنيادي طور شيطان آهي ان ڪري ئي هن کي هر وقت ڳجها پيغام ايندا ٿا رهن ته ،

سنو ٿي رهه

سنو ٿي رهه

سنو ٿي رهه

۽ ماڻهو اهي پيغام هڪ ڪن کان ٻڌي ٻئي ڪن مان ڪڍي هر مهل اهو ويچاريندو ٿو رهي ته منهنجي لاءِ سنو ڇا آهي؟ ماڻهو ڇا هن دنيا جي هر مخلوق، جيت جٺو، وڻ ۽ ٻوٽو به هر وقت جنگ جي حالت ۾ رهن ٿا. وڏو ۽ طاقتور جانور بنا ڪنهن ڪاوڙ ڏيارڻ، اڳرائي ڪرڻ جي ننڍي ۽ هيٺي جانور کي چيري ڦاڙي کايو ڇڏي ۽ ماڻهو پنهنجي ذهانت جو فائدو وٺي وڏن کان وڏن جانورن کي وڍيو ڪٽيو کايو ڇڏي پر گاهن، ٻوٽن، وڻن ٽڻن کي به نٿو بخشي. ٻيو ته ٻيو پر هڪ ننڍڙي ٻوٽي ۾ سدا ٿيل گل به پنهنجي حفاظت لاءِ پاڻ سان ڪنڊو ڪنيو بيٺو هوندو آهي ته جئين ڪو ڪيس نقصان نه رسائي سگهي ۽ جي ڪو پٽڻ يا ڪاٽڻ جي ڪوشش ڪري به ته ڪنڊي هٿان ڦٽجي پوي. ننڍڙا جيت وجهه وٺيو پاڻ سان تعلق ۾ ايندڙ ۾ زهر اوتيو ڇڏين، بئڪٽريا وائرس ماڻهوءَ کي کايو گندو ڪريو ماريو ڇڏين. لڳي ٿو ته ڪائنات جي سموري سرشتي ۾ رڳو ڊس آرڊر ۽ ڪمپليٽ ڦياس آهي. امن جو ته ڪو نالو نشان ئي نظر نٿو اچي. مونجهاري کان سواءِ ٻيو ڪجهه به ته ناهي.

ڪٿي ائين ته ناهي ته انسان هن ڪائنات جي هن ننڍڙي گرهه تي ڪنهن سزا هيٺ آهي؟ ٿي سگهي

ٿو ته هن کي ڪائنات جي ڪنهن شانتي، امن ۽ سک پريني هنڌ تان ڪهڙي به ڪارڻ ڪري لوڌي ڪڍيو ويو هجي. لتن سان ٺُڏي خلا ۾ ڦٽو ڪيو ويو هجي ۽ هو ٿاڦوڙا هڻندو اچي ڌرتيءَ تي ڪريو هجي ۽ ننڍن ننڍن ٽڪرن ۽ ذرن ۾ ورهائجي ويو هجي. ڪٿي اهي نانگ بلائون، جيت جڻيا، جانور وڻ ٽڻ، ٻوٽا سڀ هن جا ٽٽل ذرا ذرا نه هجن ۽ انسان جي سڄي جاکوڙ، ويڙهه ، جنگ، ٺڳي، قتل، تباهي، هڻ وٺ، ڀڄ ڀڄان، بي چيني، بي سُڪائي انهن ننڍن ننڍن ٽڪرن ۽ ذرن کي ٻيهر ڳنڍي هڪ ٿيڻ ۽ پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي وري ساڳيو رتبو ماڻڻ لاءِ ته ناهي؟ جي ائين به ڪٿي هجي ته به اهو ايڏو سولو نٿو لڳي، ڇو ته ماڻهوءَ جي هر وک، هر قدم، هر جاکوڙ، هر حرفت، هر حل، هر ايجاد، هر کوج خود سندس ئي ڳچيءَ ۾ پنجيو وجي ۽ هن لاءِ هڪ نئون آزار ۽ مصيبت ٿيو پوي. سڀ کان وڏي ٽرئجڊي ته اها آهي ته هو پاڻ پنهنجي نااهل، تخليق ڪيل، سرجيل شين جو غلام بڻجيو پنهنجي ئي تخليق اڳيان لاچار هيٺو بڻجيو رهي ٿو. پنهنجي هٿ ۽ ذهن سان تخليق ڪيل شيون ۽ خيال خود ڪائنس مٿانهان، اُتم، مقدس ۽ پوتر ٿيو پون. انسان ذهني سڪون لاءِ خدا تخليق ڪيا ته خود پنهنجي سرجيل خدائن جو ٻانهون بڻجي ويو ۽ سندس تخليق ڪيل خيال کي اعليٰ ۽ مٿانهون رتبو ملي ويو ۽ کيس نيچ ۽ ٿڃ رتبو پلئه پيو. امن سڪون، ڀائيچاري ۽ هڪجهڙائي جي آس سان ڌرم تخليق ڪيائين، ۽ خود ڌرم جي نالي ۾ ڪسجڻ ۽ قتل ٿيڻ لڳو. ڀائيچاري ۽ هڪجهڙائي جي بدران ڌرم جي اوٽ ۾ نفرت جا ڪوٽ اڏي گروهن ۾ ورهائجي ويو. پاڻ جهڙن ٻين سان گڏجي عزت ۽ سڪون ڀريءَ زندگي گذارڻ لاءِ سماج جو پايو وڌائين ته مٿس اڪيچار قسمن جون پابنديون ۽ سختيون مڙهجي ويون. عزت، سڪون ۽ گڏجي رهڻ جي شوق ۾ شخصي آزادي، ذهني سڪون قُرباني سماجي اوچ نيچ، اڻ برابري، نند وڏائي ۽ ڪيترن ئي سماجي تضادن جو شڪار بڻجي نفساني روڳ پرائي ويٺو. پنهنجو ملڪ هئڻ جي شوق ۾ رياست کي جنم ڏنائين ته رياستي ادارن هٿان ذليل، خوار خراب ٿيڻ لڳو. بيمارين مان ڇوٽڪارو وٺڻ لاءِ دوائون ايجاد ڪيائين ته دوا هڪ مرض چڏائي ڏهن ٻين مرضن کي وني ٿي اچي، لڳي ٿو ته نجات جون سموريون واٽون بند آهن.

ڪيڏي نه حيرت واري ڳالهه آهي جو ماڻهوءَ لاءِ ڪجهه به نيڪ ٿي نه رهيو آهي پر پوءِ به هو جاکوڙ مان ٿڪجي نٿو. ايتري حد تائين جو هاڻي ته سائنس جي ترقيءَ ۾ هو خود هن ڌرتيءَ تي ئي پنهنجي آئيندي کي ناس ڪري ويٺو آهي ۽ هاڻي کيس به سمجهه ۾ نٿو اچي، ته هن ڌرتيءَ کي تباهه ٿيڻ کان ڪيئن بچائجي. هاڻ پل ته ڇا به ڪٿي ڪجي پر هيءَ ڌرتي وري ڪڏهن به ساڳي نه رهندي. ان ڳالهه جي ته پڪ آهي ته اڳئين جُڳ ۽ ان کان به اڳئين جُڳ ۾ انسان آشانت، حيران ۽ پريشان رهيو آهي ۽ ايندڙ جُڳ ۾ به سک جو ساهه نه کڻندو. ان ڳالهه جي مون کي خبر ڪانهي ته اڳوڻي دور ۾ ماڻهوءَ پنهنجي تباهيءَ جو ڪهڙو سامان ويهي گهڙيو هو پر سک، آسائش، بيمارين کان نجات، وڌيڪ پيداوار ۽ سائنسي ترقيءَ جي جاکوڙ، جستجو ۽ هن صديءَ جي پڇاڙيءَ ۾ ماڻهوءَ کي اينٽي بايوٽڪ، اينلجيسڪ، پيسٽيسائيڊس، يوريا پاڻ، جينيٽڪ انجنيئرنگ، ليزر، نيوڪليئر، صنعتي ڦوڳ، هاجيڪار گند، تباهه ٿيل وايو منڊل، ڪارخانن جو دونهن، موٽر ڪارن جو گوڙ، ڪچيون آباديون مذهبي تنگ نظري، سڀ جو نه هجڻ ئي پلئه پيو آهي. انسان ٻيلا جهنگل ڪٽي ان جي جاءِ تي ريتي بجري ۽ گاري جا نوس مضبوط

ڪانڪريٽ، پيلا، جهنگل شهرن جي شڪل ۾ ناهي ڇڏيا آهن جن ۾ سواءِ بڪ، ڊپريشن، فرسٽريشن، محرومين، نا اميدين، ناڪامين، نفرتن، گندي هوا، ڪن ڪچري، دونهن، گوڙ، هجوم، اَشانت، ايڊيس، جنسي بيمارين جي ٻيو ڪجهه به ناهي، اوزان گئس ۾ آمريڪا جي سائيز جيترو سوراخ ۽ وڌندڙ گلوبل وارمنگ، ڌرتي بجاءِ جنت بڻجڻ جي جنسي دوزخ جو روپ ڌاري رهي آهي. ٿي سگهي ٿو ته شخص جي سزا ئي اها هجي ته هو جيڪو ڪجهه ڪري، سوچي، قدم کڻي، سو خود سندس ئي ڳچيءَ ۾ ڦنجي وڃي، هن لاءِ مصيبت ٿي پوي؛ پر آخر ان سزا جو خاتمو به ٿيندو يا نه؟ ڪنهن کي ڪهڙي خبر، ٿي سگهي ٿو ته اها ڪا اهڙي سزا هجي جنهن ۾ سزا پائيندڙ کي ڪا به خبر نه هجي ته منهنجي سزا ڪيترو وقت هلندي.

هن ڌرتيءَ تي شخص جي حالت به ان سزا پاتل قيدي جيان آهي جيڪو گند ۽ گوٿهن سان ڀريل انتهائي بدبودار اونداهي ڪوليءَ ۾ بند هجي ۽ ان ۾ مشڪل ويهي سگهجي، نه ڇُري پُري سگهجي، نه ويهي سگهجي، نه ئي هٿ پير چوري پوري سگهجن ۽ هر پهريدار ڊيوٽيءَ تان لهڻ ۽ چڙهڻ مهل هن جي منهن تي مُتي ڇڏيندا هجن ۽ هن کي پنهنجي مُنهن تان مُٽ صاف ڪرڻ جي به اجازت نه هجي. ماڻهو به ٺيڪ اهڙي ريت پنهنجي سزا ڀوڳي پيو، قدرت جي گند ۽ بدبوءِ ۾ قاتل ۽ هڪ ٻئي جي منهن تي مُتندڙ. اينئن آهي يا الائي مون کي ائين ٿو لڳي. متان اهو سڀ ڪجهه منهنجي بيمار مفلوج ذهن جو ويچار هجي، منهنجي ذاتي محرومين، ناڪامين، ڌڪارن، نفرتن، رجيڪشن جي نتيجي ۾. هونئن به ڪاميابين جا بابا ته گهڻا هوندا آهن ۽ ناڪامي ويچاري صفا يتيم ۽ ندڙڪي هوندي آهي.

مس مس وڃي ڪا سج جي تپندڙ باهه جهڪي ٿي آهي، گرمي وڏو عذاب آهي پر سيءُ وري ڪهڙو چڱو آهي، ماڻهو ويچاري لاءِ ته ڪا به موسم ٺيڪ ناهي، ڏيري ڍور تي مڇر به گهڻا سو ماڻهوءَ لاءِ ڏک، تڪليفون، عذاب به هڪ ڊگهي قطار ۾ اوسيئڙي ۾ بيٺل آهن، هڪ ڇڏي ته ٻي اچيو ان جي جاءِ والاري. ماڻهوءَ بابت هڪ ڳالهه جا مون کي وقت به وقت حيران ۽ پريشان ڪندي ٿي رهي، ماڻهوءَ جي اُڏامڻ ۽ تيز ڪان تيز رفتار لاءِ ايڏو بي انداز اڻ ميو چريائيءَ جي حد تائين چاهه ، هڪ اندي فئسينيشن ڇو؟ ڪٿي ائين ته ناهي ته ڪائنات جي سڪون پريٺي هنڌ تان نيڪالي ملڻ سان هن کي اڏامڻ ۽ تيز رفتاريءَ جي صلاحيت کان به محروم ڪيو ويو هجي يا ڪٿي هن جي ذهن جي ڪنهن اٿاتل ڪنڊ، سپ ڪانشس ۾ اهو خيال ويٺل هجي ته اڏامڻ ۽ تيز رفتاري ئي هڪ اهڙي واٽ آهي جنهن کي حاصل ڪرڻ سان هو پنهنجو پاڻ تائين پهچي سگهي ٿو ۽ پنهنجي ڪسيل، وڇايل سڃاڻپ وري موٽائي وٺي سگهي ٿو. سڃاڻپ واري گهوٽالي ۾ قاتل ماڻهو شايد ان ئي خيال، جذبي جي دٻاءُ هيٺ ئي هوائي جهاز راڪيٽ ۽ تيز رفتار شيون تخليق ڪندو پيو وڃي. پاڻ ته اڏامي نٿو سگهي، ان ڪوٽ جو پورائو هن هوائي جهاز مان ۽ تيز نه هلي سگهڻ جي ڪوٽ جو پورائو بليٽ ٽرين مان ڪيو اٿس. شايد .... ڪهڙي خبر .... ٿي سگهي ٿو ....!

۽ مون کي لڳي ٿو ته آئون ائين بنا ڪنهن ڪارڻ (؟) جي ويچارن ئي ويچارن ۾ تمام گهڻو پري نڪري آيو آهيان ائين هرويرو. جي پنڌ نه ڪجي به ته ڪهڙو فرق پوندو، فرق ته ڪوليءَ ۾ ويٺو رهڻ سان به ڪونه پوندو. هر ڳالهه جي پنيان ڇا ڪنهن نه ڪنهن ڪارڻ جو هجڻ ضروري آهي ڇا؟ هتان منهنجي ڪولي ....

اها اونداهي، بدبودار کولي ڪافي پري رهجي ويني هوندي. واپس وڃڻ جو رستو مون کان وسري ويو تہ ناهي پر واپس جي ايڏي پنڌ جو ساهس پڇت ڪٿان اچي. پر پوءِ بہ پنڌ ڪري واپس وڃڻو تہ آهي ئي. آئون پوڙهو بہ ڪافي ٿي ويو آهيان. ذهني ۽ جسماني ٿڪ جلد ورايو وڃي! لاچاري!

●

# اَٽاسي

سحر امداد

هو هڪ سياستدان آهي، نام ڪٿيو سياستدان ۽ هو سنڌي قوم جي ڏک ۾ ڏُبرو ٿي ويو آهي - ۽ هيل هن عيد به ڪونه ملهائي هئي اهو چئي ته "سنڌ جنگ جي حالتن مان گذري رهي آهي. ايڏي بي يقيني؛ ايڏي خوف ۽ هراس جي ماحول ۾ رهون پيا اسين - سنڌي ماڻهو هر روز بيواهه مارجن پيا. ڇا اسان جي ذهن ۽ ضمير کي جهنجهوڙڻ لاءِ سونو خشڪ ۽ ٿنڌو بهاول جهڙا واقعا ڪافي ناهن؟ ٿنڌي بهاول جي ڏهن سنڌين کي ٻڌي؛ رڍن ٻڪرين وانگي ڍوئي؛ هٿرادو مقابلو ڏيکاري؛ ميزائيل ڇڏيندڙ جديد ترين ڪلاشنڪوف؛ گرنيڊ؛ ۽ گوليون سندن ڪاتي لڳائي؛ دهشت گرد ٺهرائي ماري ٿا ڇڏين. راڻو رانجهاٽي کي منشيات ايڪٽ ۾ ٻڌي، ڪيس لمحو لمحو مارين ٿا .... سگريٽن سان سندس سَنڌ سَنڌ ڏنبين نا؛ ڊرل مشين سان سندس ماس کي ڪورين ٿا؛ ذهني ۽ جسماني ايذاءُ لاءِ اليڪٽرڪ شاڪ ٿا ڏين؛ جسم کي پرڻ ڪن ٿا؛ چم چيرين ٿا؛ لوڻ ٻُرڪين ٿا؛ تيزاب هارين ٿا؛ گرم واريءَ تي جسم ٽچڪائين ٿا؛ اکين کان روشني؛ وات کان رڙ ۽ جسم کان روح کي کسين ٿا! اسان کي ڏارين هٿان به ته پنهنجن هٿان به مارايو پيو وڃي. سنڌين جي نسل ڪشي ڪئي پئي وڃي. روز هيڏا ڪونڌر ڪُسجن ٿا:

هيڏا هاڃا ٿين، ٻُري هن ڀنڀور ۾!

هھڙي ڀنڀور کي اسين باھ ڏيون، ھھڙي ڪربلا ۾ عيدون ڪھڙيون؟ ان ڪري اسان کي عيد جو ڏينهن ڪارو ڏينهن ڪري ملهائڻ گهرجي .... جيئن اسان جي ويرين کي خبر پئي ته اسين اڃا جيئرا آهيون ـــ مئا ناهيون:

"اڃا رڃ مان رڙ اچي ٿي اچي ٿي
متان ايئن سمجهين مُئا مور سارا."

هن ميڊيا جي ماڻهن آڏو ڏاڍي دل ڀڄائيندڙ تقرير ڪئي؛ جنهن ۾ لطيف جو اهو بيت پڻ پڙهيائين:

"جا عمر تو مُل عيد؛ سا اسان سوءِ ورتي سومرا."

پريس ڪانفرنس کان پوءِ لانيٽ رفرشمينٽ سان مهمانن جي تواضع ڪئي وئي. جنهن ۾ بامبي بيڪري جو ڪافي ڪيڪ، چاڪليٽ ڪيڪ؛ چڪن ٽڪا، فروٽ، چانهن، ڪافي ۽ بوتلون به هيون ـــ ۽ سيني پليٽون ڏٺي ڪنيون، چِڪن ٽڪي جي ليگ پُلنگ ڪندي سرڪار جي به ليگ پُلنگ ٿيندي رهي. ڪافي ڪيڪ ۽ چاڪليٽ ڪيڪ مان چڪ هڻندي ۽ چپن تي لڳي ويل ڪِريم چٽيندي صاحب جي تقرير پلس رفرشمينٽ جي ڏاڍي ساراهه ٿي. ۽ هو هڪ هڪ وٽ فرداً فرداً وڃي پليڪار ڪري سندس خير عافيت پڇندو رهيو ۽ آف د ريڪارڊ ڳالهيون ڪندو رهيو.

گوڙ شور جهڪو ٿيو تہ هو انيڪسي ۾ پنهنجي بيحد Calm ۽ Cool ڪمري ۾ گهڙيو ۽ آرام ده ڪوچ تي ڪٽي پاڻ کي سَنِيائين ۽ رليڪس ٿيندي، هن هڪ ڊگهو اونهو ساهہ کنيو ۽ پنهنجي ڦڦڙن کي آڪسيجن سان فُل ڀريائين. جان محمد سندس خاص رازدار نوڪر جيڪو هن جي ڪِڏني ڪمري ۾ گهڙيو هو، تنهن بيڊ روم فرج مان شيمپئن جي بيحد خوبصورت بوتل ڪڍي، ڪِرسٽل جي نفيس ۽ قيمتي وائين گلاس ۾ نِيٽ پيگ ٺاهيو ۽ فريزر مان ڪِيوبس سان ڀريل بڪيٽ ڪڍي، ان مان چار ڪيوبس وائين گلاس ۾ وڌائين ۽ سائينءَ جي ساڄي پاسي رکيل: گل ۽ پنکڙيون اُڪريل برنٽ چاڪليٽ ۽ گولڊن ڪلر جي ڪامبينشن واري سائيڊ ٽيبل تي وائين گلاس آهستگيءَ سان رکيائين ۽ بيحد ڌيمي ۽ مهذب ٽون ۾ چيائين: "سائين! اڄوڪي پريس ڪانفرنس بيحد ڪامياب رهي. سڀئي ڏاڍا اميريس ٿيا .... توهان جي تقرير ۽ توهان پاران ڏنل رفرشمينٽ کان. سائين منهنجا: ڪُتي کي پنهنجي وات ۾ هڏو وڻندو آهي!" هو وڏو ٽهڪ ڏي ٿو: "... ۽ هاڻ ان هڏي کي ٻہ ٽي مهينا تہ آرام سان پيا چٽيندا ۽ چٻيندا." ائين چئي هن ٽڏي شيمپئن مان ڍُڪ ڀريو:

"مان تہ ٽڪجي پيس ان سموري مينرزم مان. هيڏن ماڻهن جي مهمانداري، انهن سان بيحد مهذب ۽ بيحد بالشبد ٽون ۾ گفتگو ڪرڻ .... پ .... چڻ هو اسان کي ڦاهي چاڙهيندا!"

جان محمد جنهن بنا چوڻ آڪڻ جي ڪوچ تي آهليل الف خان جا جوتا ۽ جوراب پني لاٿا. "سائين، بيگم صاحبہ فون تي چيو هو تہ سائين جن پريس ڪانفرنس مان واندا ٿين تہ بنگلي تي اچن ۽ ماني ٻارن سان اچي کائين."

"پ .... بيگم صاحبہ ۽ ٻارن جي توکي گهڻي ڳڻتي آهي .... هتي جو هيڏا ڪلاڪ م .... سان جهڳي هنيم. جن کي ڏسي منهنجون اکيون پچي پيون .... جن کي ٻُڌي منهنجا ڪن پچي پيا .... باقي جيڪا ڪسر بچي آهي سا بنگلي تي وڃي پوري ڪيان .... نو .... مان هاڻي ٻني ڪنهن کي بہ نڪو ڏسڻ ٿو چاهيان — نہ ٻڌڻ ٿو چاهيان، ماني هيڏانهن ئي گهرائي وٺ... ۽ خبردار مان ڪو فون بہ اٽينڊ ڪرڻ نٿو چاهيان — پوءِ اهو بيگم صاحبہ جو ئي فون ڇو نہ هجي!" هو آخري سِٽون بيحد چِٽي چٻي ۽ هڪ هڪ صوت کي ڊگهو ڪري چئي ٿو.

حڪم جو غلام جان محمد، سائينءَ جن جو حڪم انٽر ڪام تي اڳتي پاس آن ڪري ٿو: "بابا ـ ٻڌو ـ سائينءَ جي ماني هيڏانهن موڪليو .... ها سائينءَ جن ماني هتي ئي کائيندا." الف خان اکيون پوري آهليو پيو آهي ۽ شيمپئن جي سِپ سِپ کي انجواءِ پيو ڪري. ٽوري ويرم کان پوءِ اڇي ڪلف لڳل ڊريس ۾ ويٽر هاٽ ٽرالي ڌڪيندو اچي ٿو، ۽ سندس ڪوچ اڏو آڻي بيهاري ٿو. الف خان شيمپئن جو آخري ڍُڪ ڀري خالي گلاس سائيڊ ٽيبل تي رکي ٿو ۽ اڇو ڪلف لڳل نيپڪن ڪٽي هڪ طائرانہ نگاهہ مانيءَ تي وجهي ٿو. ڪڪڙ جو پساهہ، اُقراتا، شامي ڪباب، پڳل ٻاڪرو گوشت ۽ ڦڪل تتر .... هو تتر ڪٽي پليٽ ۾ رکي ٿو تہ ويٽر چئي ٿو: "سائين جن جي ڪيٽيءَ تان ڪالهہ تِترن جي وٽ آئي هئي ـ ڪيٽيءَ جي مينهن ـ جي مکڻ ۾ خاص توهان لاءِ پچايا آهن." هو کيسي مان هڪڙو ڳاڙهو نوٽ ڪڍي ويٽر کي ڏي ٿو: "ها شاباس ـ بس هاڻي تون هل." ان وچ ۾ جان محمد شيمپئن جو پيگ ٺاهي ٿو، تہ هو ڪاڏي تان

اکيون هٿائڻ کان سواءِ ئي چئي ٿو: "ڊبل پيگ ...." ڏاڍي آرام ۽ اطمينان سان هو ماني کائيندو رهي ٿو ۽ وچ وچ ۾ سِپ سِپ پيئندو به رهي ٿو: "ميان جان محمد! رڳو پڪل گوشت کارائيندين يا ڪچي گوشت جو به ڪو بندوبست ڪندين!" هو هڪ هڪ لفظ جَهڙي چِٽي معنا خيز مُرڪ سان چئي ٿو: "اهو به ٿي ويندو سائين، توهان جو رڳو حڪم کپي .... شام .... يا هينئر ئي؟":

"هينئر ئي!"

ڪمري جي گهگهه اونداهيءَ ۾ هو ڪجهه ڏسڻ ٿو چاهي. پر ڪو به عڪس جهٽي نٿو سگهي، سواءِ اونداهن ڪارن ٽرورن جي، بيڊ جي پاسي ۾ ٻئي ڪنهن وجود جي هجڻ کي محسوس ڪرڻ لاءِ هوريان هوريان هٿ سوريندو اڳتي وڌائيندو ٿو وڃي، پر ڪوبه وجود هن جي پڪڙ ۾ نٿو اچي ۽ هو ساڄي هٿ جي ڏسٽي آڱر بيل تي ٿو رکي ڇڏي. ڪن پوءِ ئي در کلي ٿو. ٻاهر ٻرندڙ ٽيوب لائيٽ جي روشني هڪ پل لاءِ اونداهي ڪمري ۾ گهڙي، بردي جي پويان لڪي ٿي وڃي ۽ ڪو ٻاچو بيحد آهستگيءَ سان ڪمري ۾ اچي، ٻٽڻ آن ڪري ٿو ۽ اونداهو ڪمرو روشن ٿي وڃي ٿو. هو پنهنجي بيڊ تي اونڌو ليٽل آهي. سندس ساڄي ٻانهن بيڊ جي خالي پاسي تي پيل آهي: هو بنا ڪنهن ڇُرپر جي ننڊ جي گهر ۾ پيو آهي ۽ ننڊاکڙائيءَ مان پڇي ٿو:

"ٽائيم گهڻو ٿيو آهي؟"

"سائين، ساڍا نو ٿيا آهن." جان محمد ڪرائيءَ ۾ ٻڌل واچ ۾ نهاري چئي ٿو: ".... سائين توهان لاءِ چانهين جو چوان يا مانيءَ جو؟"

"نو — نڪو چانهين — نه ماني — مان هينئر وهنجندس."

جان محمد باٿ روم ۾ وڃي ٿو، ۽ ويرم کان پوءِ واپس اچي ٿو: "سائين وهنجڻ لاءِ پاڻي تيار آهي."

"ٺيڪ آ — تيسين تون هڪ پيگ ٺاهي — ڊبل پيگ: ان سان گڏ ڪجهه سالٽش بسڪيٽ چيز (Cheese) جي ڊريسنگ سان." هو بيڊ تان ليٽئي ليٽئي ٻانهن ڊگهيري ٿو، ڪوچ تان گون کڻڻ لاءِ ته جان محمد وڌي کيس گون کڻي ڏي ٿو، ۽ نرم ملائم اسپينش بلينڪيٽ مان هو .... ٻاهر نڪري ٿو ۽ ساٽن جي گلابي گون سان پنهنجي اوگهڙ ڍڪي ٿو ڇڏي؟"

"هوءَ ڪيڏي مهل وئي؟"

"سائين — ڇهين ڪن."

"ڪجهه کارايوَس پياريوَس به؟"

"فريش فروٽ جوس ۽ ڪجهه سنيڪس ...." جواب جي انتظار کان سواءِ ئي هو باٿ روم ڏانهن وڃي ٿو. ۽ باٿ روم جي در تي پهچي چئي ٿو: "گلاس هيڏانهن ئي کلي اچجانءِ ...." ۽ باٿ روم جي پردي پويان گم ٿي وڃي ٿو.

هو سليپنگ گون باٿ روم جي ڪنڊ ۾ پيل ڪرسيءَ تي لاهي رکي ٿو ۽ ٽب جي اچي کير جهڙي گجيءَ ۾ گم ٿي وڃي ٿو. هو ٽب ۾ اکيون پوري ليٽيل آهي — جان محمد بيحد هلڪن قدمن سان اچي ٿو ۽ ٽب جي سائيڊ تي وائين گلاس ۽ بسڪيٽن جي پليٽ رکي هلڪو سڏ ڪري ٿو: "سائين ..." ۽ هليو ٿو وڃي.

مالا تي رڳو سنڌ جو نالو ٿو جپي .... هر ڏاري تي ۽ هر ڀتي تي هن جي وات مان بس اهو ئي ٿو نڪري: "سنڌ امڙ تنهنجو ئي آسرو!" .... ۽ هو بازيءَ تي بازي هارائي رهيو آهي .... ۽ اڌ صدي گذري وئي آهي .... هن کي وڃڻو ته گهڻو اڳتي آهي: پر هو اڄ به اتي ئي بيٺو آهي جتي اڌ صدي اڳ بيٺو هو .... ۽ هو جڏهن سڀڪجهه هارائي .... خالي پلاند ڇنڊي اٿندو .... تڏهن رڙيون ڪندو .... دانهون ڪندو .... "واويلا زڙي واويلا .... گهوڙا زڙي گهوڙا .... ظلم .... ويل .... بغداد .... سنڌڙيءَ مٿان هيڏا ڪيس ...."

●

# جيتامڙا

تانيا ٽيہو

جنهن وقت سڄي بلڊنگ جي فليٽن مان شام وارين انگريزي خبرن جي بند ٽيڻ جو آواز ايندو هو ان وقت مان ۽ حفيظ بلڊنگ جون گنديون ڏاڪڻيون لهي هيٺ ايندا هاسين. بلڊنگ جي بلڪل سامهون هڪ بيڪري هئي. ان بيڪريءَ جي پرسان ئي جماعت خاني جي وڏي بلڊنگ. رستي جي ٻئي طرف هڪ قطار ۾ ڪيترائي گهر هئا -ڏهن اسان ٻئي گهرن وٽان لنگهندا هئاسين تہ حفيظ جي نظر انهن گهرن مان هڪ گهر جي درين ڏانهن ضرور کڄندي هئي تڏهن مان هن کان پڇندو هئس.

"ڇا ٿو ڏسين؟"

"يار ڪلهہ تہ اها دري کليل هئي."

"ها يار کليل هئي ته پوءِ؟"

"ڪلهہ اها دري کليل هئي ۽ ان دروازي ۾ هڪڙي ڇوڪري بيٺي هئي ڏاڍي سهڻي هئي يار!"

"ڪلهہ دري کليل هئي تہ ضروري ناهي تہ روز کليل هجي. بيٺي هوندي ڪنهن ڪم سان روز ٿوروئي بيهندي."

۽ ان کان پوءِ ان گهر جي اڳيان هلندي هنن جي هلڻ جي گهٽ ٿيل رفتار ان جي گهر جي پنيان رهجي وڃڻ کان پوءِ وري تيز ٿي ويندي هئي.

حفيظ تمام وڏي ماڻهوءَ جو پُٽ هو. هن جو پيءُ تمام وڏو ڊاڪٽر ۽ ان کان وڌو شاعر هو. ڪراچيءَ ۾ ڪلينڪ هئس ۽ سول اسپتال ۾ سول سرجن بہ هو. ايڏي وڏي پيءُ جو پٽ هيڻن مون سان گڏ رستن تي ڌڪا کائي رهيو آهي ۽ اهڙي بي مقصد زندگي گذاري رهيو آهي! ان ڳالهہ تي مون کي اڪثر حيرت ٿيندي هئي. وڏن ماڻهن جا پٽ تہ بلڪل مختلف زندگي گذاريندا آهن. انهن جي وقت ۽ صلاحيتن جي وڏي قيمت هوندي آهي. اهي اڪثر پنهنجي وڏن پيڻن جي سمال سائيز لڳندا آهن. حفيظ جي تہ ڄڻ پنهنجي پيءُ جي دنيا کان الڳ دنيا هئي. مان اڪثر هن کان پڇندو هئس.

"يار تنهنجو پيءُ ايڏي وڏي حيثيت وارو ماڻهو آهي. تون هن جي ان حيثيت مان فائدو ڇو نہ ٿو وٺين. تون تہ پنهنجي زندگي ٺاهي سگهين ٿو. ائين ايم. اي ڪري ويٺو آهين عام ماڻهن وانگر ويٺو ٿو نوڪريءَ جو انتظار ڪرين. اخبارن ۾ اشتهار ڏسڻ ۽ پنهنجي پيءُ کي گاريون ڏيڻ بس تنهنجا اهي ئي محبوب مشغلا وڃي بچيا آهن.

مون کي پڪ هئي تہ انهن جي وچ ۾ ڪا وڏي mis understanding هئي نہ تہ عزيز علي جهڙن ماڻهن سان ڪنهن کي ڪهڙي شڪايت ٿي سگهي ٿي. شاعر ۽ اديب تہ انساني حقن جا سڀ کان وڏا علمبردار

هوندا آهن ۽ هو ياڻ پنهنجي اولاد جا حق ڪيئن غصب ڪندا هوندا. مان اڪثر حفيظ کي هن جي پيءُ جي شاعري پڙهي ٻڌائيندو هئس. خاص ڪري جڏهن هن جو ڪو نئون ڪتاب ڇپجندو هو ته ان مان حفيظ کي اهي شيون ضرور پڙهي ٻڌائيندو هئس جيڪي مون کي گهڻو وڻنديون هيون. پر حفيظ کي جنهن ۾ ڪا دلچسپي نه هوندي هئي "ايڏا وڏا وڏا لفظ ايڏيون وڏيون ڳالهيون بابا جي وات تي ڪونه ٿيون ٺهن. بابا ايڏو وڏو ماڻهو ڪونهي. حقيقت ۾ ڏاڍو ننڍو ماڻهو آهي. صفا جيتامڙو." حفيظ اهي ڳالهيون ڪري مون کي صفا حيران ڪري ڇڏيندو هو. اسان جي دوستيءَ کي اڃا ڇهه مهينا مس ٿيا هئا ان ڪري مان هنن جي وچ ۾ تعلقات جي نوعيت کي نيڪ طرح سمجهي نه سگهيو هئس. بس مون کي ايتري خبر هئي ته عزيز عليءَ جو ڊفينس ۾ عاليشان بنگلو هو ۽ حفيظ پنهنجي ماءُ ۽ ٽنهي ڀائرن ڀينرن سان گڏ گاڏي کاتي ۾ هڪ ننڍڙي گهر ۾ رهندو هو ۽ ڪا ننڍي نوڪري ڪندو هو.

سفير تنهنجي ۽ منهنجي پيءُ جهڙا ماڻهو ٽڪي ۾ ٻه مهانگا آهن ۽ ڪٿي ظاهري طور ڪيڏا به قيمتي ۽ معتبر جو نه نظر اچن.

"خير منهنجي پيءُ جي ڳالهه ٻي آهي هو واقعي حرامي ماڻهو آهي" مان جڏهن حفيظ کي ان ڳالهه تي قائل ڪرڻ لاءِ چوندو هئس ته هن جي پيءُ کان منهنجو پيءُ وڌيڪ خراب ماڻهو هو بلڪ منهنجو خيال هو ته عزيز علي خراب ماڻهو نه آهي پر منهنجو خيال هميشه غلط ثابت ٿيو.

۽ مان سوچيندو هئس ته منهنجو پيءُ اگر حفيظ جي پيءُ جيترو سمجهدار ماڻهو هجي ها ۽ ايترو پڙهيل لکيل ۽ انسان دوست هجي ها ته اسان جي زندگي جيڪا هن جي خود غرضين جو ٻڪ ٿي وئي سا گهڻي مختلف ۽ سٺي هجي ها.

بابا جي ڳوٺ ۾ ٿوري گهڻي زمين ۽ پرسان واري شهر ۾ چڱي خاصي پراپرٽي هئي پر ان سڄي پراپرٽي ۽ پيسي تي هن سڄي عمر نانگ ٿيڻ جي پهرو ڏنو هو. مجال آهي جو ان مان پنهنجي ذات کان سواءِ ڪنهن ٻئي کي فائدو وٺڻ ڏي. منهنجي پيءُ وٽ سواءِ پيسي جي ڇا هو؟ نه سمجهه نه ڏاهپ. نه نالو ڪجهه به نه: پر جيڪا هڪڙي شيءِ هن وٽ هئي هو اها به اسان سان شيئر ڪرڻ لاءِ تيار نه هو.

اسان ٽنهي ڀيڻ ڀائرن کي هو ايترو ڏيندو هو جيترو ڪنهن ننڍي نوڪري ڪرڻ کان پوءِ ملي سگهي ٿو. گهر جي خرچ مان به امان کان هڪ هڪ شيءِ جو حساب گهرندو هو اٽو ڪيترو آيو ٻٽاٽا ڪيتري جا آيا .... اسان جي پڙهائيءَ ۾ به ڪڏهن به ڪا دلچسپي نه ورتائين اسان ته خير ڏڪا ٿاٻا کائي ٻاڻ ٿي پڙهي پياسين باقي ڀيڻ کي هن پنهنجي ملڪيت سمجهي پنج درجا پڙهائي گهر ويهاري ڇڏيو. بابا جو اثر رسوخ ته ڪو هو ڪونه. پيسا ڏيڻ لاءِ هو تيار ڪونه هو. سو نوڪري وٺڻ لاءِ اسان کي سؤ ڏڪا ڪاٺا پياءِ ڏکن ٿاٻن کائڻ کان پوءِ به مون کي ڪلارڪيءَ کان وڌيڪ نوڪري نه ملي سگهي ۽ ننڍي ڀاءُ جي ته اڃا تعليم پوري به نه ٿي هئي ته هن پارٽ ٽائيم نوڪري ڪرڻ شروع ڪري ڏني.

ڪڏهن هلندي هلندي جڏهن اسان جا جسم ٿڪ کان چور ٿيڻ لڳندا هئا تڏهن حفيظ چوندو هو "اڄ بابي سائينءَ جو ڪو شعر نه ٻڌائيندين زندگيءَ جي خوبصورتين سان ڀريل جنهن کي هڏي سب ٿڪ

لهي وڃن پر ان لاءِ به مون کي ايترو ڪڙٿو پوندو ته مان اهو وساري ڇڏيان ته اهو خوبصورت شعر چوڻ وارو شخص منهنجو پيءُ آهي ۽ اهو پنهنجي ذاتي زندگيءَ ۾ ڪيڏو متضاد آهي! ٻين لفظن ۾ پنهنجي ان شعر جي ڪاري ڪاپي آهي."

اڄ حفيظ ڏاڍي دير ڪئي هئي نَو ٿي ويا هئا پر اڃا نه آيو هو. مان فليٽ تي ويٺو ٽي. وي تي خبرون هلڻ جو انتظار ڪري رهيو هئس. منهنجي ذهن ۾ خيال آيو ته سگهي ٿو بابا ڪڏهن سڌري وڃي ۽ هن کي احساس ٿئي ته هن اسان سان تمام وڏيون زيادتيون ڪيون آهن ۽ هو انهن جي تلافيءَ جي طور تي اسان جي مستقبل ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪري. مون کي اهي سڀ سوچون ڏاڍيون ٻاراڻيون لڳيون. "تون به ٻٻرن کان ٿو ٻير گهرين" دل ئي دل ۾ پاڻ تي ملامت ڪيم.

ٻيو ڪجهه نه گهٽ ۾ گهٽ اسان جي ڀيڻ جي باري ۾ ئي ڪجهه سوچي. ايترو شرم ته ضرور پوندس ۽ ماڻهو جيئن جيئن پوڙهو ٿيندو آهي ڪمزور به ته ٿيندو ويندو آهي.

ان وقت دروازو کڙڪيو مون سمجهيو شايد حفيظ اچي ويو آهي، پر دروازي تي پاڙي جو ننڍڙو ڇوڪرو بيٺو هو "ادا، توهان جو هي خط ٽپالي ڀُل ۾ اسان جي گهر ڏئي ويو هو. توهان گهر ۾ هيو نه ڪونه سو هينئر امان چيو ته ڏئي اچ، متان ڪا ضروري ڳالهه هجي ان ۾" ننڍڙو ڇوڪرو مرڪندي يڪساهي سڄي ڳالهه چئي ويو. مون خط وٺي در ٻيڪڙيو ۽ سوچڻ لڳس ضروري ڳالهه هجي ها ته تار ڪن ها خط ۾ ته رڳو حال احوال هوندا آهن. متان ايڊريس ڏسي سڃاتم ته خط منهنجي ڀيڻ شيرين جو لکيل هو جنهن کي بابا امان جي وڃڻ جتنن کان پوءِ پنج درجا ڳوٺ جي اسڪول ۾ پڙهايا هئا.

پيارا ڀاءُ

بابا سموري ٻني ۽ سمورا دڪان وڪڻي، پنهنجي ٻي ماءُ سان گڏجي دبئي هليو ويو آهي. اهو سڀ ڪجهه بابا ايتري رازداريءَ ۾ ڪيو جو اسان کي ته ان جي وڃڻ کان پوءِ به خبر نه پئجي سگهي. پورن ٻن ڏينهن کان پوءِ جڏهن پاڙي واريءَ اچي ٻڌايو تڏهن اسان کي خبر پئي. پنهنجي لاءِ بابا پائي به نه ڇڏي ويو آهي هي گهر جنهن ۾ اسان رهيل آهيون بس اهو گهر ئي آهي. تون جلد ڳوٺ اچ ۽ اسان کي پاڻ سان گڏ وٺي وڃ ڇو ته اسان هتي اڪيلا نه ٿا رهي سگهون."

تنهنجي ڀيڻ شيرين

مون کي ڏاڍو عجيب لڳو. هڪ پيءُ پنهنجي زال ۽ جوان ڌيءَ کي ڇڏي پاڻ دبئي ڀڄي ويو آهي. ۽ مان هتي تنگ تي تنگ چاڙهي هن جي سڌرڻ جو آسرو ڪري ويٺو آهيان.

ان هڪڙي گهڙيءَ منهنجي حيثيت به بدلائي ڇڏي هئي. پهرين مان هڪ ننڍڙي سيٺ جو پٽ هئس ۽ منهنجي ماءُ ان ننڍڙي سيٺ جي زال ۽ منهنجي ڀيڻ ان ننڍڙي سيٺ جي ڌيءَ هاڻي مان هڪ ڪلرڪ آهيان منهنجي ماءُ ان ڪلرڪ جي ماءُ ۽ شيرين هڪ ڪلرڪ جي ڀيڻ.

ٻئي ڏينهن صبح جو سوير مون کي ڳوٺ وڃڻو هو، پر ٻه ٽي اهڙا ڪم هئا جن کي ڪرڻ بنا ڳوٺ نه ٿي وڃي سگهيس سو ڇهين بجي واري گاڏيءَ جي بجاءِ ڏهين بجي واري گاڏيءَ ۾ وڃڻ جو ارادو ڪري سمهي پيس.

ٻني ڏينهن جو ستو ئي ٻيو هنس تہ در کڙکيو اٿي کوليم تہ دروازي تي حفيظ بيٺو هو.

"ڪلهہ ڪونہ آئين ۽ اڄ وري ايڏو سوير؟ خير تہ آهي!"

مون اکيون مهٽيندي پڇيو.

"ها تي اهم خبرون توکي ٻڌائيون هيون" حفيظ ڪمري ۾ پيل ڪرسيءَ تي ويهندي چيو.

"ڪهڙيون خبرون؟"

"هڪڙي اها تہ بابا جلد ئين شادي ٻيو ڪري. ٻي اها تہ بابا نئين ماڊل جي ڏهين لکين واري گاڏي ورتي آهي ۽ سڀ کان اهم خبر اها تہ بابا شاعر اديب دانشور مفڪر ڊاڪٽر کان سواءِ عنقريب سياستدان بہ ٿيڻ وارو آهي. بابا اليڪشن ۾ پيو بيهي" حفيظ يڪساهي چئي ويو "آهن نہ زوردار خبرون"

ها پر هڪڙي خبر مون وٽ بہ آهي توکي ڏيڻ لاءِ جيڪا انهن ٽنهي خبرن کان وڏيڪ زوردارآهي ۽ مون شيرين جو لکيل خط حفيظ ڏانهن وڌايو.

# ڀاڙي جو دوست

فاروق سولنگي

**جميل** اڃان ڏاڙهي ٺِني لاٿي، تہ ٻاهران ڪار جو هارن وڳو. جميل سمجهي ويو. تہ ٻڪ عباس هوندو، ڇو تہ ڪار جو اهو مخصوص انداز ۾ هارن فقط عباس ئي وڄائيندو آهي. جميل پوءِ بہ ٻڪ ڪرڻ خاطر نِنڍي ڌي، ٻبيءَ کي چيو. "ٻي ڏس تہ ٻاهر ڪنهن جي ڪار آهي؟"ٻبي در کان ٻاهر بيٺل ڪار ڏسي موٽي ٿي. "چاچو عباس آهي. توکي سڏي ٿو" جميل پنهنجي منهن ٻُڌڪي ٿو. "هيءَ وري ڪاٿان اچي ويو. مون کي ڇوڪري جي اسڪول وڃڻو هو. متان وري هي اچي ويو!"

ان دوران وري ٻيو دفعو ڪار جو هارن وڄي ٿو. جميل تڙ تڪڙ ۾ اڌ ڏاڙهيءَ تي لڳل صابڻ سان ئي باٿ روم مان ٻاهر نڪري ٿو ۽ در ڪولي اشاري ۾ عباس کي چئي ٿو. "ها ها بس ٿورو ترس رڳو ڏاڙهي لاهي فنافٽ اچان ٿو!" ڪار مان ويٺي ويٺي ئي عباس چئيس ٿو. "يار جلدي ڪجان جيڪب آباد هلڻو آ. اڳ ۾ ئي دير ٿي وئي آهي."

"ها ها بلڪل بس گهماني ٿو وٺان ڏاڙهيءَ کي."پوءِ جميل باٿ روم ۾ تڪڙو تڪڙو ڏاڙهيءَ تي سيفٽي گهماني ٿو. تڪڙ جي ڪري ڪاڏيءَ تي هڪ ٻہ ٽڪو بہ اچي وڃيس ٿو. زالهنس وراڻدي ۾ ماني پچائيندي چئيس ٿي "هوڏانهن مانيءَ جي تڪڙ ٻني ڪيني، هيڏانهن وري عباس سان ٻيو وڃين!" جميل ڏندن کي برش ڪندي چئي ٿو، "چا ڪيون ڪڏهن ڪڏهن عباس بغير ٻڌائڻ جي اچي ويندو آهي، بس ماني وڃي ڪنهن هوٽل تان کائينداسين ٻيو ڇا."

جميل ڏندن کي بہ اڌوگابرو برش ڪري مزني تڪڙ ۾ هٿ منهن ڌوئي ڪپڙا پائي ٿو. جميل جو پٽ عرفان جيڪو ڪٿ تي اسڪول جو ڪم ڪري رهيو هو، اهو پيءُ کي چئي ٿو. "بابا توهان تہ چاچي عباس سان جيڪب آباد پيا وڃو، پوءِ سائينءَ سان ملڻ اسڪول ڪڏهن هلندؤ؟" جميل قميص پائيندي عرفان کي جواب ڏني ٿو، "يار اڄ تہ وڃان ٿو جيڪب آباد، تنهنجي اسڪول ڪٿي سباڻي هلندس ٻيو ڇا. ڏس نہ مان تہ هليس پئي توسان، پر ڇا ڪيان عباس اچي ويو متان." "پوءِ هروڀرو ڇو ٿا وڃو جيڪب آباد؟" عرفان پيءُ کي چئي ڏني ٿو. "چنين تہ سچ ٿو، پر هتي بہ سچو ڏينهن واندو ويهي ڇا ڪيان، مزني منهنجي بہ آئوٽنگ ٿي ويندي." هينان لاڳيتو ٻہ ٽي دفعا ڪار جا هارن وڄن ٿا. "ها ها آيو ...." پوءِ جميل بوٽ جون ڪهيون ٻڌي هڪدم ٻاهر نڪري ٿو ۽ تڪڙو تڪڙو وڃي ڪار ۾ ويهي ٿو. "ڏاڍيون ديريون ٿا ڪيو سرڪار ڇا ڪيون توڪان سواءِ تہ سري بہ نٽي نہ!" عباس پنهنجي مخصوص انداز ۾ هميشه جيان گُنل پيئل جملا چئي ٿو." ساري يار باٿ روم ۾ هيس، تنهنجي ڪري تہ ماني بہ ڇڏي ڏنم!" جميل قميص جا ٻٽڻ بند ڪندي چئي ٿو. "گهبرايو ڇو ٿا سائين ماني هلي ٿا ڪنهن هوٽل تان کائون بادشاه." پوءِ عباس

ڪونہ!" جميل لاشعوري طور سڄي ڪاوڙ انڪم ٽيڪس انسپيڪٽر تي لاهي ٿو، "واقعي اهي اهڙا آهن جو شراب تہ هر رات هزارن جو پيئندا، پر ڪنهن شاگرد کي ڏهہ رپيا بہ چندو نہ ڏيندا!"

عباس، جميل کي ٽيڪ ڏيندي ٿو "ها ها اهي ڳائڻين کي رات رات ۾ ٽيهہ چاليهہ هزار راڳ ناچ ۾ تہ ڏئي ڇڏيندا، پر ڪنهن پلي جي ڪم لاءِ چئبن تہ ڀرو چڙهي ويندن، صفا ڪُسڄي پوندا."

جميل رشوتي انسپيڪٽر تي سڄا چوهہ چنبيا. پوءِ ڪار ۾ هڪدم سناٽو ڇانئجي ويو ٿو. فضا ۾ رڳو هوا جا سوسٽ ۽ ڪار جو گُهرڪو هڪ خاص رِدم ۾ هلي رهيو آهي. جميل کي پنهنجو پاڻ کان ڏاڍي بُڇان لڳي رهي آهي. رکي رکي گهر جا خيال اچنس ٿا... 'ڪالهہ کان ويچاري بي بي کي دوا بہ ڪونہ وٺي ڏني اٿم. هفتي کن کان بيمار آهي، ڏاڍو ڪمزور ٿي وئي آهي! ڪيئن وٺي وڃانس ڊاڪٽر وٽ؟ ڊاڪٽر وري پنجاهہ سئو جون لکي ڏيندو دوائون.... تہ ڇا ٻارڙيءَ کي ائين ئي مرڻ لاءِ ڇڏي ڏجي... مڙئي وتين ٿو تون پاڻ ٽٽائيندو.. پلا هيو ڇا ڪيان، واندو بيروزگار جو ويٺو هان، سسپينڊ ٿيل - پگهارون بہ بند آهن... وتين ٿو سڄو ڏينهن دوستن يارن سان رُلندو..! رُلان نہ تہ پلا ڇا ڪيان، مڙئي اسان جو بہ ان بهاني سان وقت پاس ٿي ٿو وڃي... ۽ دوست وري توکي پنهنجي تفريح لاءِ کنيو وتن، .... مان بہ تہ پنهنجو وقت پاس ٿو ڪريان... تہ پوءِ ان جي معنيٰ تہ هتي هرڪو هڪ ٻئي کي پيو استعمال ڪري... ها پيو وري ڇا...!' "يار جميل وري ڪاڏي ٻُڏي وئين؟" جميل جو پنهنجي اندر سان سوالن جوابن جو سلسلو ٽٽي وڃي ٿو ۽ اصل دنيا ۾ موٽي اچي ٿو. ڪار پنهنجي فل اسپيڊ سان هلي رهي آهي.

نيٺ خيرن سان جيڪب آباد بہ اچي وڃي ٿي. گاڏي گهٽين، رستن تان ٿيندي اچي ڊپٽي ڪمشنر جي آفيس اڳيان ٿي بيهي. عباس بريف ڪيس کڻي ٿو ۽ ڪار جي شيشي ۾ پنهنجا وار ٺيڪ ڪري ٿو ۽ پوءِ ڪار مان هيٺ لهي کيسي مان سؤ رپيا ڪڍي ڊرائيور کي ڏئي ٿو "هان غلامون، توهان پلي ڪٿان ماني پاڻي کائي اچو، مان بہ ڪوشش ڪري جلد آفيس مان فري ٿي اچان ٿو، جميل! پوءِ ٺيڪ آ نہ، کائي اچو پلا ڪٿان ماني". جميل ڏاڍو مُنجهي ٿو پوي. هڪ تہ بک بہ ڏاڍي لڳي اٿس پر ڊرائيور اڳيان دوست جي پيسن تي ماني کائڻ، هن کي ڪجهہ ٺيڪ نٿو لڳي، پر ڇا ڪري هن جي کيسي ۾ بہ تہ فقط ويهہ رپيا آهن. پر پوءِ بہ ڊرائيور اڳيان پنهنجحو ڀرم رکڻ لاءِ ٻي دليو عباس کي چئي ٿو، "نہ نہ يار پيسن جي ڪهڙي ڳالهہ آ، اسين پاڻ ئي ڪٿان کائي ٿا اچون، مون کي تہ اڃا بک ئي ڪانہ لڳي آهي، پوءِ گڏجي ٿا هلي ڪٿان ماني کائون." جميل مڙئي پنهنجو ڏک ڍڪاني ٿو. "جيئن توهان جي مرضي، مون کي متان آفيس ۾ بہ ٿي منٽ دير ٿي وڃي" "نہ نہ پلي تون پنهنجو سرڪاري ڪم لاهي اچ!" ان وچ ۾ ڊرائيور بہ ڳالهائي ٿو. "ها سائين ها، مان بہ دير سان نيرن ڪري آيو هوس، بس هتي ڪا ٿاهوڪڙي چانهہ ٿا پي وٺون".

جميل کي بُک ڏاڍي لڳي هئي، پر وري بہ مُنهن پڪو ڪري چئي ٿو، "ها ها بلڪل، ماني واپسيءَ تي نہ تہ هلي گهر کائينداسين."

يارهن ٻارهن هڪ بہ ٿي نيٺ ساڍا چار ٿي ويا. ان وچ ۾ جميل بہ ٻيرا آفيس اڳيان بيٺل چولن واري کان چولا کائي ڇڪو آهي. ڏاڍو بور بہ ٿيو آهي. ڪڏهن ڇپر تي ليٽي ٿو، ڪڏهن ڪار ۾ ويهي ٿو، بہ

لڳو ويٺو هو. ڪڏهن ڇت ۾ پني ڏٺائين، ڪڏهن هرويرو ماڻهن کي ٻني ٻري ڪان ڪيڪار ٻانين. ڪڏهن ڪڏهن تڪڙا تڪڙا گوڏا لوڏيندي جهونگاري ٿو. وڏيرو جاني خان، عباس کان جميل جي باري ۾ پڇي ٿو. "رئيس عباس خان هن سائينءَ کي ڪڏهن ڪونه ڏٺو اٿئون!" عباس ڪجهه لمحن لاءِ مُنجهندي "سائين هي ... هي پانو منهنجو پراڻو يار آهي. گڏ بہ پڙهيا آهيون. اديب شاعر آهي. بيءَ بزنس ڪندو اٿس" "اڇا اڇا ماشاالله ڏاڍو سٺو. ادو جاني بہ ڏاڍو ڀلو ماڻهو ٿو ڏسجي" وڏيري جاني خان کي ڪير سڏ ڪري ٿو ۽ هُو هليو وڃي ٿو. جميل جي پاسي ۾ هڪ ماڻهوءَ ڪانپوءِ صوفا تي جيڪي مهمان ويٺل آهن. اُهي پاڻ ۾ سُرپاٽ ڪن ٿا. جميل اخبار منهن اڳيان ڏيو پڙهي رهيو آهي، پر پاسي وارن همراهن جي سُرپاٽن تي هن جا ڪن سَرلا ٿي وڃن ٿا."ماڻهن جون ڌاڙون تہ پڌو پٽس کي شاهي بازار ۾ موچڪو دڪان آهي، سڄو ڏينهن ويٺو بوٽ ٺاهي، هتي وري بزنيس مين. هون!"

"تون هن کي سڃاڻين ڇا؟" "ها ها ڇو نہ سڃاڻانس رئيس عباس خان سان سڄو ڏينهن چنبڙيو پيو هوندو آهي." "ها ها ماڻهوءَ کي رڳومُنهن جي پڪاڻي کپي. ڪتان جانڊ ڪنان بوتل مرني ٻٽ سٽ تي گذران."

رئيس عباس خان جي ڪري مرني جڳا ماڻهو هن لُوسيءَ کي بہ ڪٿي دعوت موڪليندا آهن. نہ تہ ڪير ٿو اهڙن ماڻهن کي هڙن خاندانن جي دعوت ۾ آڻي" جميل جو سڄو ڌيان ان گفتگوءَ طرف هو .... اهڙيون سنهيون ٿلهيون جُنبون نہ جميل سان گهڻو ڪري اهڙين محفلن ۾ ٿينديون رهنديون هيون. اِهي ڳالهيون ٻڌي ٻڌي هو نَوڊُ ٻڌجي ويو هو: پر هن تازي گفتگو ٻڌڻ کانپوءِ ٻنهنجي وجود سان ڪراهت ويتر وڌي وئي هيس. هن حملي جي ڪجهه شدت گهٽائڻ لاءِ،جيئڻ جا جتن جاري رکڻ لاءِ ۽ پنهنجو پاڻ کي ان ٿيل ذلت جي اثر کان ٽورو ڪڍڻ لاءِ پنهنجو پاڻ کي ڪجهه سوالن جا جواب ڏني ٿو. 'ٺيڪ آ ٺيڪ آ، اهي وري ڪهڙا چڱا مڙس آهن. مان ڪو انهن جو مهمان ٿوروئي آهيان. اهو بہ سڪر آ جو هڙين دعوتن ۾ ويٺو آهيان هڪ موچيءَ جو پٽ هوندي. اهو تہ منهنجي جاڪوڙ جو معراج آهي، نہ تہ ڪٿي هڪ موچيءَ جو پُٽ ڪٿي هڙي وڏيرن جاگيردارن جي دعوت! پلا جي اڃا بہ مان ڪنهن ٻنگيءَ جي گهر ۾ ڄمان ها ۽ سڄو ڏينهن ناليون صاف ڪندو وتان ها. .... هل سائين پوءِ ڇا ٿو جئين .... پر جيڪڏهن مورڳوئي انڌو ڪاڻو جنگهه پانهن پڳل پيدا ٿيان ها .... پوءِ ڇا ڪيان ها .... نہ نہ ائين نہ چئہ هينئر بہ گهڻن کان سٺو آهيان. ڪُتن کي پونڪڻ ڏي .... (اهڙي نموني جيون جنگ جاري آهي.)'اڄ سنڌ جي سليني سانجهيءَ جا ڊگها هلڪا پيلا ڪيسوڦل مائل هيڊاوان پاڇا رستن جاين جڳهين ويران وستين وسندڙ واهڻن ۽ شهري عمارتن مٿان ڦهلبا پيا وڃن. عباس سنڌ جي ان سندر سانجهہ جي لڙهندڙ پاڇن مان پر پور مزو ماڻڻ لاءِ،ڪڏهن ڪڏهن جميل وٽ اچي ويندو هو. اڄ بہ آيو هو. "يار جميل اڄ مون وٽ هڪ سياسي ليڊر آيل آهي، پر ان کي رات جي وقت سخت تنهائيءَ واري ڪمبني گهرجي. پيٽڻ ڪانڻ وارو ماڻهو آهي. اصل نيرن کان بہ اڳ بوتل کولي ويهندو آهي." "ها ها پر يار توکي تہ خبر آ تہ مان تہ بلڪل ڪونہ پيان." "ها ها پوءِ ڇاهي تون رڳو ويٺو سيون اپ ۽ پستا ڪانجانءِ نڪا بہ تيار ڪرايا اٿم، يار ڏس نہ جميل پليز! ٽڪيٽ جو آسرو آهي نہ!" " ها بلڪل سمجهان ٿو سيڪجهہ اها بہ تنهنجي انويسٽمنٽ آهي." عباس وڌو

صاحب وري پيڻ شروع ڪري ٿو ۽ جيمل کي رڳو سيون اپ پياريندو رهي ٿو ۽ ڪاڻ لاءِ لوٽيل پستاڏيندو رهي ٿو.

رات جا انڪل ٿي ٿي چڪا آهن. جميل ڏاڍو بيزار ٿي چڪو آهي، هو گهر وڃڻ چاهي ٿو پر طاهر ان کي وڃڻ جي اجازت نٿو ڏئي. "سائين هاڻي ته ٽن ڪان به مٿي وقت ٿي ويو آهي، مان هاڻي وڃان ٿو گهر." "اڙي پوءِ مون کي برف ڪير ڪُٽي ڏيندو". "ها سائين پر مون کي هاڻي ننڊ ٿي اچي." "اڙي ننڊ ٿي اچني ته مان ڇا ڪيان. ويھ هتي مون سان، توکي عباس ڇڏي ويو آ. هتي منهنجي خدمت ۾ وري ويٺو ٿو نخرا ڪرين." جميل جون اکيون کلي ويون "نوڪر. خدمت" "ها ها ڏسين ڇا ٿو!" "سائين ڏسو توهان آئوٽ آهيو هينئر، ڪن کولي ٻڌي ڇڏيو ته مان عباس جو دوست آهيان، نوڪر ناهيان" "اڙي هَلُ هَلُ مون کي سڄي خبر آهي، نوڪر ناهين ته ٻيو ڇاهين، مون کي ڪارڪنن سڀ ڪجهه ٻڌايو آهي. عباس جو خاص ماڻهو آهين ٻيو ڇا. ويھ ويھ ته هاڻي تڪا ۽ ڪباب ٿا کائون، ناراض نه ٿي."

"سائين مون کي تڪا ۽ ڪباب ناهن وڻندا. مان گهر وڃي ڪائيندس ماني". ائين ڪندي وري طاهر آت ڏني ٿو ۽ پلنگ تي پاسيرو ليٽيل اُلٽي ڪندو رهي ٿو، پر هن ڀيري طاهر جي حالت تمام خراب آهي، زبان نڪري اچيس ٿي، ايئرڪنڊيشنڊ ڪمرو هئڻ جي باوجود مُنهن پگهر ۾ شل اٿس، اُتي ئي ٻوٽيل اکين سان جميل کي چئي ٿو، "اڙي جميل هڪدم ڊاڪٽر گهراءِ، هاڻ ٿو ٻڏي. واقعي منهنجي طبيعت خراب ٿي وئي آهي ۽ ها عباس کي به گهراءِ، جلدي ڪر جلدي." "ها پر سائين عباس صاحب ته هن وقت گهران ڪونه ايندو آهي."

"اڙي ڪيئن به ڪري اٿارينس چوانءِ ٿو نه ذليل ......." جميل گاريون ٻڌي توانئي ته ڏاڍو ٿو ٿئي پر وري طاهر کي آئوٽ سمجهندي، ان جي گارين کي درگذر ڪرڻ جي ڪوشش ڪري ٿو. "اڙي هيڏانهن اچ جميل جا پُٽ فون ڪر ڊاڪٽر کي يا وڃ ڪار تي ڪنهن ڊاڪٽر کي کڻي اچ .... اڙي مُنجهي چو پيو آهين نه ته پلا مون کي کڻائي هل ڪنهن ڊاڪٽر وٽ" جميل ويتر ششدر ٿي وڃي ٿو. "سائين هن وقت ڪوبه ڊاڪٽر جاڳيل ڪونه هوندو." طاهر دانهون ڪندي چئي ٿو. "ازي ذليل ڪجهه نه ڪجهه ته ڪر مون لاءِ مرانءِ ٿو، اجايو خون ڳچيءَ ۾ پنجي ويندءِ! خون جو نالو ٻڌي جميل جانئي به دهلجي وڃي ٿوءِ سوچي ٿو ته واقعي هيءَ فلم ڳچيءَ ۾ نه پنجي وڃي؛ پر جميل طاهر کي ان نشي جي حال ۾ ڪٽي کڻي وڃڻ لاءِ به تيار نه آهي، چو ته هُو ڊڄي ٿو ته ٻاهر گشت تي بيٺل پوليس ٻنهي کي ڪٽي گرفتار ڪري نه وٺي وڃي. پر پوءِ خوف مان جميل تڪڙو تڪڙو اچي ٻاهر ستل ڊرائيور کي اٿاري ٿو ۽ ان کي سڄي ڳالھ ٻڌائي چئي ٿو "هڪدم عباس کي ڪيئن به ڪري وٺي اچ نه ته مان طاهر کي ان ئي حالت ۾ ڇڏي هليو ويندس." جميل پوءِ طاهر صاحب جي ڪلهن کي زور ڏئي ٿو . رکي رکي طاهر سُڪا آت به ڏيندو رهي ٿو ۽ رنيندو به رهي ٿو. جميل تي دهشت ۽ خوف طاري آهي، اندر ئي اندر ۾ پاڻ تي ملامت به ڪندو رهي ٿو ۽ ان گند ۾ پاڻ کي الجهائڻ تي پشيمان به ٿيندو رهي ٿو. نيٺ اکيون مهٽيندو عباس به اچي وڃي ٿو. "اڙي سائين طاهر صاحب ڇا ٿي ويو، ڪجهه وڌيڪ پي ويٺو ڇا؟" چچريل آواز ۾ طاهر جواب ڏئي ٿو، "يار تو اهڙي ته بُرائي ڳنڍي ڇڏي آهي مون سان، نه پاڻ پيئي نه ٻئي کي پيڻ سهي، شروع ڪان ئي هي

.... پنهنجي ڪرڪر لايو وٺو هو ... رڳو ويٺو جهلي ... گهٽو نه پيئو. اها عادت خراب آهي، مُلي جو پُٽ جڻ سندس ئو پيئان." عباس اشارن ئي اشارن ۾ جميل کان گارين جي معافي وٺندو رهي ٿو ۽ طاهر کي وري چوندو رهي ٿو "ها سائين ها .... پر هاڻي طبيعت ڪيئن اٿوَ" "هاڻي ڪجهه نيڪ آهي، پر هڪدم ڊاڪٽر کي گهراءِ ۽ ها هن جميل منحوس کي هتان ڪڍ. اها سڄي برائي هن ۾ آهي." عباس هاڻي جا جني، مُنجهي پوي ٿو.

"ها سائين ها پر جميل صاحب ته تمام سٺو آهي ڪچهري، جو ڪوڏيو يار ويس. منهنجو ته ڏاڍو پيارو دوست آهي." "پيارو دوست ۽ تنهنجو. مون کي جڻ خبر ئي ڪانهي، اڙي هي ته تنهنجو ماڻهو آهي ماڻهو ـ جڻ ڪارڪنن مون کي پڌايوني ناهي. ههڙو لوٺيو ماڻهو. توهان جهڙن خانداني ماڻهن جو ڪيئن دوست هوندو. پر هاڻي ڪڍينسن هن برائيءَ کي هتان. رت ٿو نهڪي." جميل کي زمين جاءِ ڏئي ها ته جيڪر ان ۾ گهڙي وڃي ها! اڄ ته صفا انتها ٿي چڪي هئي: زندگيءَ ۾ ڪنهن هن کي ايڏيون گاريون ڪونه ڏنيون هيون ۽ اهي به اجايو. نه هن جو ڏوهه نه گناهه. پر پوءِ به وِهه جا ڍڪ پريو خاموش پٿر بڻيو ويٺو آهي. عباس بي وسيءَ جي نياس تي ٽنگيل آهي. نئين سياسي دوست ۾ ان جو مفاد آهي ۽ جميل وري ان جو ننڍي لاءِ جو دوست آهي. بهرحال اشارن ۽ اکين جي ميڇن ۾ جميل کي اهو تاثر ڏيندو رهي ٿو ته "يار معاف ڪجان، هي آنوٺ آهي." "اڙي وري هي اجا ويٺو آهي!"

"نه نه طاهر صاحب بس وڃي ٿو ويچارو. هان توهان في الحال هيءَ ٽيبليٽ ته کائو پاڻيءَ سان. پوءِ ڊاڪٽر کي به فون ڪيون ٿا. ڊاڪٽر به پنهنجو ڪزن آهي. بس توري همت ڪيو" پوءِ طاهر صاحب پاڻيءَ سان ٽيبليٽ ڳهي ٿو.

ان وچ ۾ جميل خاموشيءَ سان اوطاق جو پاهريون در کولي چپ چپات ۾ هليو وڃي ٿو... پاهر سڄي شهر ۾ سناٽو ڇانيل آهي، رات جو پويون پهر آهي. ٿڌڙي ٿڌڙي هوا جا جُهوٽا جميل جي پگهريل بدن تي ڪنهن ڪنهن هلڪيون سياٽيون ڪڍي ڇڏين ٿا. ڪٿان ڪٿان پري کان ڪنهن ڪتي جي اوناڙ جو آواز اچي ٿو. جميل اڪيلو سُنسان روڊ تان هاندو وڃي ٿو. گهٽيءَ جي هڪ پوڙهي ڪُتي پُڇ لوڏيندي جميل جي پيرن کي ئُوسي ٿي. شايد اهائي انساني عظمت جي ميجتا هُئي. پر نه صبح شام هن گهٽيءَ مان اچڻ ڪري ڪُتي جميل کي پنهنجو سمجهندي هئي. جميل سوچي ٿو ته انسان کي انسان کان وڌيڪ ڪُتو سڃاڻي ٿو. جو ته انسان جي پيٽ ۾ ڪُتي کي سڃاڻڻ ۽ سنگهڻ جي ٦ لک دفعا وڌيڪ سگهه آهي. جميل رات جي ٿريل سناٽي جا سينا چريندو گهر پهچي وڃي ٿو. رات جا ساڍا ٽي ٿي چڪا آهن ته پيرا در کڙڪائڻ کانپوءِ زالهنس در کوليس ٿي. جميل بلڪل چُپ آهي ۽ کٽ تي ليٽي پوي ٿو. "پپي به هينئر هينئر تنهنجي اڳيان سُتي آهي، سڄي رات لُڇندي رهي آهي، ڪٽسجي پٺي آهي، ڪال پول ڏنو ٿمانس، تنهنجي ماني ته ڪانه بچي آ، ۽ ها حميد به آيو هُيئي به پيرا تنهنجو پڇڻ ... سچي، مُشو به پاس ٿيو آهي، اڄ رزلٽ ڪٽي آيو هو؟" "چڱو چڱو نيڪ آ، سمهي پئه هاڻي". جميل جون اکيون ڪليل آسمان ۾ کُتل آهن... 'هڪ ڪنو ٿرڊ ڪلاس ماڻهو وڏيرو نشئي، ڪيڏيون نه گاريون ڏئي ويو آهي مون کي اهي به اجايو... ويچارو... ويچارو مان ويچارو آهيان.... جاڻي ٽڪو به ڪونه! ٿيو آ ليڊر! گڏهه پيا نوازجن.... ذليل

# حليم بروهيءَ جي لکڻي

روزمره جي زندگيءَ ۾ اسان عام طرح پنهنجو خيال ظاهر ڪندي چوندا آهيون ته فلاڻو چڱو ماڻهون آهي ۽ فلاڻو خراب ماڻهون آهي. فلاڻو سٺو ماڻهون آهي فلاڻو برو ماڻهو آهي اهڙو خيال ظاهر ڪندي اسان کي سورهن آنا خاطري هوندي آهي ته اسان جو خيال سورهن آنا درست آهي. پر جڏهن ڪو ٻيو ماڻهو ڪنهن ماڻهوءَ بابت پنهنجي راءِ ڏيندي چوندو آهي ته فلاڻو سٺو يا خراب ماڻهون آهي ته، اسان ان راءِ سان اختلاف به ڪندا آهيون.

مطلب ته اسانجو پنهنجو خيال آهي ته ماڻهن بابت اسانجي پنهنجي راءِ ته هر حال ۾ سورهن ئي آنا صحيح ۽ درست هوندي آهي پر ساڳين ماڻهن بابت ٻين ماڻهن جي راءِ غلط ۽ بلڪل غلط به ٿي سگهي ٿي.

پوءِ جيڪڏهن اهي فقط ٻيا ماڻهون آهن جن جي راءِ ماڻهن بابت غلط به ٿي سگهي ٿي، ۽ اسانجي پنهنجي راءِ ڪنهن به ماڻهوءَ بابت سدائين سورهن آنا درست ۽ صحيح هوندي آهي، ته پوءِ ڪنهن ماڻهوءَ بابت، يا ڪجهه ماڻهن بابت، ۽ گهڻو ڪري سڀني ماڻهن بابت، اسان ڇو پنهنجي راءِ بدلائيندا، ۽ بدلائيندا رهندا آهيون.

عام طرح، اڪثر، ۽ گهڻو ڪري، ائين ٿيو آهي ته اسان جنهن فرد کي ڪڏهن خراب سمجهيو هو، تنهن کي اسان پوءِ سٺو سمجهڻ لڳاسين، ۽ جنهن فرد کي اسان ڪڏهن سٺو سمجهيو هو تنهن کي اسان پوءِ خراب به سمجهيو هو، ته پوءِ اهو فرد جيڪو اسان کي اڳي سٺو ۽ پوءِ خراب لڳو هو، يا اهو فرد جيڪو اسان کي اڳي خراب ۽ پوءِ سٺو لڳو هو، اهو فرد اصل ۾ حقيقت ۾ ۽ سچ پچ، خراب آهي يا سٺو آهي؟ انهيءَ سوال جي جواب ۾ اسان فقط پنهنجو پاڻ کي تڪي ۽ توري سگهون ٿا.

اسان مان شايد ئي ڪو هجي جنهن کان نفرت نه ڪئي وئي هجي، ۽ اسان مان شايد ئي ڪو هجي جنهن کي پانئيو نه ويو هجي.

اسان پاڻ ڏنو آهي ته ڪي ماڻهون، جن اسان کان ڪڏهن نفرت ڪئي هئي، تن پوءِ اسان کي سٺو به چيو جيتوڻيڪ اسان ته اُهي ساڳيا ئي هئاسين.

۽ اسان پاڻ ڏنو آهي ته ڪي ماڻهون، جن جو اسان بابت ڪڏهن سٺو خيال به هو، تن پوءِ اسانکي خراب چئي اسان کان نفرت به ڪئي جيتوڻيڪ اسان ته اهي ساڳيا ئي هئاسين ۽ ساڳيا ئي رهياسين. تنهنڪري اسان چائون ٿا ته اُها فقط ماڻهن جي راءِ هئي جا اسان بابت بدلجندي رهي ۽ ان راءِ جو اسان بابت حقيقت سان ڪو به تعلق نه هو.

اسان ته اُهي ساڳيا ئي رهيا هئاسين جي اڳي هئاسين. انهيءَ مان پاڻ کي سمجهڻ گهرجي ته ٻيا ماڻهون به اسان وانگي ئي سدائين ساڳيا رهن ٿا جن کي اسان ڪڏهن سٺو ته ڪڏهن خراب چئون ٿا.

جيڪڏهن ڪي ماڻهو سچ پچ اهڙا ۽ ايترا خراب هجن ها جيترو خراب اسان انهن کي سمجهون ٿا.

سهٽي زندگي اها آهي جنهن ۾ اسان ڄاڻون ته اسان جي پير جي حد اتي ختم ٿيو وڃي جتان ٻئي جو پير شروع ٿئي ٿو. اسان جي ٻوٽ جي حد اتي ختم ٿيو وڃي جتان ڪنهن ٻئي جو ٻوٽ سروع ٿئي ٿو.

اسان جي ٺُونٺ جي حد اُتي ختم ٿي وڃي جتان ڪنهن ٻئي جو جسم شروع ٿئي ٿو.

اسان جي هٿ جي حد اُتي ختم ٿيو وڃي جتان ڪنهن ٻئي جي ٽڪي پيسي يا آنى جي ملڪيت شروع ٿئي ٿي. اسان جي اکين جي حد اتي ختم ٿيو وڃي جتان ڪنهن ٻئي جي حيا يا غيرت شروع ٿئي ٿي ۽ اسان جي ذهن جي حد اتي ختم ٿيو وڃي جتان ڪنهن ٻئي جو حق شروع ٿئي ٿو.

اخبار پڙهڻ لاءِ پاڻ پنهنجي اخبار خريد ڪرڻ بدران ٻئي ڪان سندس خريد ڪيل اخبار جو پنو گهرڻ پنهنجو ماچيس خريد ڪرڻ بدران ٻئي جو خريد ڪيل ماچيس ڪڍڻ يا گهرڻ، ٻئي جي ٽيبل تان پنو کڻي پڙهڻ، ٻئي جو ٽيليفون استعمال ڪرڻ، ٻئي کي گهران سڏي چوڻ ته "تون پنهنجن خيالن تان هٿ کڻي منهنجن خيالن جو ٿي وڃ" ٻئي جي در تي گهڻي وڃاڻي چندو گهرڻ يا ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ چوڻ، اهو سڀ ڪجهه آهي ٻئي جي شخصي دائري سان هٿ چُراند ڪرڻ، ۽ ٻئي جي شخصي دائري سان هٿ چراند فقط اُهي ئي ڪندا آهن جن پنهنجي شخصي دائري جي پڪيڙ سان ٻين جا شخصي دائرا ريٽي ۽ ميٽي ڇڏيا آهن.

تهذيب ۽ تمدن نالا آهن اُنهيءَ ورثي جا جيڪو صدين جي ثقافتي وهڪري وٽان اسان کي مليو آهي. جڏهن اسان ڪنهن ٻئي ڪان سندس اخبار جو پنو گهرندا آهيون، يا ڪنهن ٻئي جو ماچيس کڻندا آهيون، يا ڪنهن ٻئي جي ميز تي پيل پنو پڙهندا آهيون، يا ٻئي کي گهران سڏي چندو ڏيڻ يا ڪتاب خريد ڪرڻ لاءِ چوندا آهيون، يا ڪيس سندس پنهنجن خيالن ۽ عملن تان هٿ کڻڻ لاءِ چوندا آهيون، تڏهن اسان پنهنجي سموري تهذيب، ۽ پنهنجي سموري تمدن جو سمورو ورثو ظاهر ڪيو ڇڏيون. اهي ئي، ۽ اهڙيون ئي ننڍڙيون ڳالهيون آهن جن مان اسان جي شخصي اصليت پڌري ٿيو پوي ۽ اسان اڪيلا رهجيو وڃون. وڏيون ڳالهيون ته هرڪو سنڀالي ڪندو آهي.

تهذيب ۽ تمدن جي انهيءَ سموري ورثي لاءِ جيئن انگريزي ۾ اکر manners آهي، تيئن اسان وٽ به، اکر فضيلت ۽ تميز آهن جن ٻنهي جو تعلق به، manners وانگي ئي، انسان جي شخصي سڃاڻپ سان آهي.

فضيلت ۽ تميز يا manners ئي اها شئي آهي جا سُهٽي زندگي گهارڻ جو مدار يا محور آهي.

ڪنهن ٻئي جي شخصي دائري ۾ دخل اندازي فقط اُهو فرد ڪندو آهي جو پنهنجي شخصي دائري جون حدون سڃاڻڻ جي قوت به وڃايو ڇڏي، تنهن ڪري ٻين جي شخصي دائرن جي احترام ۾ ئي اسان جي پنهنجي شخصي دائري جو بچاءُ آهي.

اسان جا وڏي ۾ وڏا ويڇا به ختم ٿي وڃن جيڪڏهن اسان فقط پنهنجي شخصي دائري جي حدن ۾ رهون ۽ ٻين جي شخصي دائرن جو احترام ڪريون.

جيڪڏهن اسان پنهنجي نڪ کي، پنهنجي شخصي دائري جي حد جي شروعات سمجهون ٿا، ته اسان کي فقط ايترو ياد رکڻ گهرجي ته اسان جي پنهنجي آزاديءَ جي حد اُتي ختم ٿيو وڃي جتان ٻئي جو نڪ شروع ٿئي ٿو.

جنهن پڇيو هو ته "سچ ڇا آهي؟" ۽ جواب لاءِ نه ترسيو هو. سو عقلمند هو.
سوال هو ته "سچ ڇا آهي؟" جنهن جي جواب لاءِ جي ترسي ها ته صديون ترسڻ کان پوءِ به جواب لاءِ چار به صديون ترسڻو پئيس ها.

سچ سان لاڳاپيل اهڙن ئي سوالن جي جواب لاءِ عمر خيام لکيو هو ته "مون وڏن بزرگن ۽ عالمن کي، هن بابت ۽ هن بابت، پاڻ ۾ ڳالهائيندي ٻڌو، مون وڏن عاقلن ۽ دانشورن کي پاڻ ۾، هن بابت ۽ هُن بابت، بحث مباحثو ڪندي ڏٺو، ۽ مون وڏن سائنسدانن ۽ فلسفين کي هن بابت ۽ هُن بابت پاڻ ۾ دانائيءَ ڀريو تڪرار ڪندي ڏٺو، پَر سدائين مان انهيءَ ساڳئي در کان ٻاهر آيس جنهن در کان مان داخل ٿيندو هوس.

عُمر خيام جو اهو شاعرانه طريقو هو چوڻ جو ته جهڙو ڪورو ۽ خالي ويندو هوس تهڙو ئي ڪورو ۽ خالي موٽي ايندو هوس ۽ مونکي ڪنهن به ڪو جواب نه مليو؟

فرئنسز بئڪن سياسي مدبر هو. تنهنڪري هن چيو هو ته "پڪ کان شروعات ڪندئو ته شڪ تي پهچندئو. ۽ شڪ کان شروعات ڪندئو ته پڪ تي پهچندئو." اها فرئنسز بئڪن جي فقط سياسي مدبري هئي، نه ته پاڻ ڄاڻون ٿا ته ٽي هزار ورهه اڳ Socrates ۽ Plato به فيصلو نه ڪري سگهيا هئا ته سچ ڇا آهي. ۽ هتي اسان آهيون جو هڪڙي منٽ ۾ فيصلو ڏيو ڇڏيون ته فلاڻي ڳالهه سچي آهي ۽ فلاڻي ڳالهه ڪوڙي آهي.

جوانيءَ ۾ هرڪو چوندو آهي ته پنهنجي قسمت ٺاهڻ هرهڪ ماڻهوءَ جي پنهنجي وس آهي. جوان ماڻهوءَ وٽ محنت ڪرڻ جي قوت به هوندي آهي ۽ محنت ڪرڻ لاءِ پيدايي اچڻ ٿانين وارو سمورو وقت به هوندو آهي، تنهنڪري جوان ماڻهو سچ پچ سمجهندو آهي ته سندس ڪامياب ٿيڻ سچ پچ سندس پنهنجي وس آهي. پر جوان ماڻهوءَ پنهنجي چوڌاري ماڻهن جي اُنهيءَ انبوهه کي نٿو ڏسي جنهن ۾ گهٽائيءَ ۾ اُهي آهن جن کي ناڪام ۽ جن جي زندگيءَ کي ناڪام زندگي، چئي سگهجي ٿو. جوان ماڻهو اِهو قبول ڪرڻ لاءِ هرگز تيار نه ٿيندو ته مستقبل ۾ هُن کي پاڻ کي به ناڪام ماڻهن جي انهيءَ انبوهه ۾ ڳڻيو ويندو.

جوان ماڻهن جي ذهن ۾ اها ڳالهه گهر ڪيو وڃي ته ناڪام ماڻهن جي انبوهه مٿان، سڀ کان مٿي، اصل چوٽيءَ تي، ڪامياب ماڻهون لاءِ هڪ جاءِ موجود آهي جا جاءِ فقط هو پاڻ ئي والاري سگهي ٿو. ۽ پوءِ آهن اُهي جيڪي وڏي ڄمار جا آهن، جيڪي وڏي عمر جا آهن، جيڪي ماضيءَ ۾ ڪنهن جوان به هُئا، جن به اجوڪي جوانن وانگي پنهنجي جوانيءَ ۾ محنت، ڪوشش، ڪاميابي، ۽ اصل چوٽيءَ تي ڪامياب ماڻهون لاءِ خالي رکيل جاءِ بابت ڳالهايو هو.

وڏي ڄمار وارن انهن بزرگن وٽ هاڻي لفظن بدران تجربو آهي. هزارين لکين اکر پڙهي وڃڻ، هزارين لکين لفظ ٻُڌي وڃڻ، ۽ هزارين لکين چئي به وڃڻ، ۽ اهو سڀ ڪجهه ڪندي فقط هڪڙي پنهنجي زندگي گذاريندو هلڻ. فقط اهوئي ڪافي آهي ماڻهوءَ کي سمجهائڻ لاءِ ته لفظن ۽ اکرن جي هيرا ڦيري، ۽ زندگي گذارڻ، به بلڪل الڳ ۽ بلڪل مخالف ڌارائون آهن. به بلڪل الڳ ۽ مخالف سلسلا آهن. محنت، ڪوشش، يا جدوجهد ڪبي آهي ڪجهه حاصل ڪرڻ لاءِ؛ ۽ محنت، ڪوشش، يا جدوجهد فقط مخالفت

جڏهن اک کليس. اُسن جا پٽ چڙهي ويا هئا. هن ننڍڙي ڏانهن ڏٺو. هو روئي روئي پٽ تي ئي سمهي رهيو هو. هن جي ڳلن تي ڳوڙهن جا ميرا ليڪا صاف نظر آيا پئي. هن يوتيءَ سان ننڍڙي جو منهن اگهيو. کيس کٽ تي ليٽائي، پاڻ بورچيخاني ۾ وئي. سجي بورچيخاني جو جهاڙو ورتائين، پر کائڻ لاءِ گهر ۾ ڪجهه ڪونه هو. پوءِ هن کي ياد آيو ته اڄ هيءَ واويلا مٿي ئي انهيءَ ڪري هئي. هن مظفر کي چيو هو: "اٽو، مصالحا، گيهه سڀ ختم ٿي ويا آهن." ۽ مظفر کيس گاريون ڏيندي چيو هو: "سڀڪجهه ختم ٿي ويو آهي، پر تون ختم نٿي ٿين." ۽ گارين کان پوءِ مار.

زرينه کي جيئن جيئن ڳالهيون ياد پئي آيون، تيئن تيئن کيس ڪاوڙ پئي چڙهي. اڄ وڏيڪ ڪاوڙ انهيءَ ڪري به آيس، جو هن کيس ماءُ تي گار ڏني هئي. مٺل ماسيءَ جو حيا به نه ڪيائين. اڄ گارين ۽ مار کان علاوه ڏمڪيون به ڏيندو ويو هوس. ويندي وقت چئي ويو، "مان هن گهر تي ٿُڪان ٿو. مان هاڻ هن گهر ۾ پير نه پائيندس. ٻي شادي ڪري رهيو آهيان، توکي ٻي طلاقون ڏيو ٿيو وڃان، هاڻ جتي وڻيئي، وڃي منهن ڪارو ڪر. ڪيئي ته پيو حق ڪر."

عورت سڀڪجهه برداشت ڪري سگهي ٿي، پر پنهنجي جائز مڙس جي واتان اهڙا اکر ٻڌڻ يا ٻڌي برداشت ڪرڻ هن جي وس جي ڳالهه نه آهي. عورت، طلاق مليل کان بيوه سڏائڻ وڌيڪ پسند ڪندي. اهوئي سبب هو جو زرينه مڙس جي سامهون ٻهريون ٻيرو زبان کولي هئي. کيس گار سان گار ڏنائين. ۽ وڃڻ کان پوءِ دل کولي ٻڌايئينس ته: "نه تون جيئرو رهين، نه ٻي شادي ڪري مون کي طلاق ڏين."

پهرن کان شام، ۽ شام کان هاڻي رات ٿي چڪي هئي. نه گهر ۾ ڪجهه رڌو هو، ۽ نه ئي تيل هو، جو بتي ٻري. ڪجهه پراڻا دٻا ۽ ٻاٽليون وڪڻي، هن ننڍڙي جو ته پيٽ ڀريو، پر پاڻ لنگهڻ تي رهي. ڏک ۾ هوءَ سدائين ماضيءَ کي ياد ڪندي هئي، پر اڄ پهريون ڀيرو هن مستقبل بابت سوچيو. مڙس جيڪڏهن ٻي شادي ڪئي، ته سندس جا ٿيندو؟ هو ضرور طلاق ڏيندو .... ۽ سندس ۽ ننڍڙي جو ڇا ٿيندو؟

هاڻ هوءَ مڙس سان گڏ سس کي به پٽڻ لڳي، جنهن کيس هن دوزخ ۾ وڌو هو. رات جي اٺين وڳي، جڏهن هوءَ ننڍڙي جي کٽ سان نيڪ ڏيو مستقبل بابت سوچي رهي هئي، ته در تي کڙو ڪڙڪيو. زرينه جا هٿ پير ڪاوڙ ۾ ڏڪڻ لڳا. مڙس ته ٽي طلاقون ڏيئي ويو هو. هاڻ اچڻ جو ڪهڙو ڪم انس؟ هن فيصلو ڪري ورتو ته هاڻ هوءَ مڙس جي منهن تي ٽڪندي به نه. جنهن سندس ايڏي بيعزتي ڪئي. هوءَ ڪاوڙ ۾ سوچيندي رهي. کڙو ٻيهر ڪڙڪيو. ۽ جڏهن ٽيون ڀيرو مسلسل ڪڙڪڻ لڳو، تڏهن هوءَ ڪاوڙ منجهه اٿي ۽ رڙ ڪري چيائين، "هاڻ ڇو آيو آهين؟ تون ته مون کي ٽي طلاقون ڏيئي ويو هئين. شادي نه ٿي سگهيئي ڇا؟ ۽ در کولي جهڏيائين.

"ننڍڙي جي ماءُ، ننڍڙي جي ماءُ .... ننڍڙي جو پيءُ موٽر جي هيٺان چيچجي پيو آهي. ماڻهو هن کي اسپتال کڻائي ويا آهن." پاڙيسري چوڪري، جيترو جلدي اها خبر ٻڌائي، ايترو جلدي ڀڄي به ويو.

پر زرينه اتي جو اتي بيٺي رهي. هن جي سوچڻ سمجهڻ جي قوت جواب ڏيئي چڪي هئي. نجاڻ، هوءَ ڪهڙيءَ طرح ڪمري ۾ واپس موٽي. جتي پهرين ويٺي هئي، اتي ئي ويهي رهي. نه هن جي اکين ۾ ڳوڙها هئا، نه منهن تي ڏک جا ڪي آثار. رات جو پوئين پهر مظفر جو لاش اسپتال مان آندو ويو، تڏهن به هوءَ

خاموش وٺي هئي.

مظفر ڊيوٽي ڏيندي، موٽر جي هيٺان چچجي مئو هو. انهيءَ ڪري ڪفن دفن جو سارو انتظام پوليس ڪيو هو. صبح جو ڏهين وڳي جنازو پوليس جي اعزاز سان ڪنيو ويو. جڏهن اسپتال مان لاش آيو هو، تڏهن مڙس جو چچريل لاش ڏسي به زرينه جي اکين ۾ ڳوڙها نه آيا. ۽ جڏهن جنازو ويو ٿي، اوڏي محل پاڙي وارن جون اکيون به آليون ٿي پيون هيون، پر زرينه تڏهن به ماٺ ۾ رهي، ڄڻ ڪجهه به نه ٿيو آهي. "ويچاريءَ کي سڪتو (ماٺ جو مرض) ٿي پيو آهي. پلا، اوچتو جو هيءَ مصيبت جو جبل اچي مٿانس ڪريو آهي."

پر اهڙي ڪابه ڳالهه نه هئي. زرينه کي سڪتو نه ٿيو هو. رهي مصيبت جي جبل واري ڳالهه، ته مظفر زندگي ۾ ڪيس ڪهڙا سک ڏنا هئا، جن کي ياد ڪري هوءَ روئي؟ سڄي عمر پنهنجيءَ نااهليت سببان پوليس واري جو پوليس وارو رهيو. ڪابه ترقي نه ڪيائين. اجا ڪلهوڪي ته ڳالهه آهي. وڙهي چئي ويو هو: "ٿي طلاقون ڏيو ٻيو وڃئين، وٺيئي ته وڃي ٻيو حق ڪر. مان ته ٻي شادي ڪري رهيو آهيان." زرينه پنيندي چيو هو: "خدا ڪندو موٽر جي هيٺان ايندين ـ نه جيئرو رهندين، نه مون کي طلاق ڏيندين." ۽ هاڻ جڏهن سندس دعا قبول ٿي، مظفر موٽر جي هيٺان آيو، تڏهن هوءَ ڪهڙي منهن سان روئي، ۽ ڇو روئي؟ ڪلڻ جو وقت نه هو. روئڻ هن کي آيو نٿي. انهيءَ ڪري هوءَ ماٺ هئي. هن کي مڙس جي مرڻ جو ڪو ڏک ڪونه هو.

مظفر جي مرڻ جي ٻئي ڏينهن شام جو، پوليس جو "ڊي ـ آءِ ـ جي" مظفر جي گهر آيو. ٻردي جي پنيان ويٺل زرينه سان عذر خواهي ڪندي تمام رنج سان چيائين، "پيڻ، تنهنجو مڙس پنهنجو فرض ادا ڪندي، هن دنيا مان ويو آهي. اسان کي سندس موت تي رنج ۽ اوهان سان همدردي آهي."

'همدردي! زرينه دل ۾ سوچيو، "مون سان هُنَ ڪڏهن همدردي نه ڪئي، مئو ته ڪجهه جڏي نه ويو، جو مان يا پٽ ڏکيو سکيو گذر ڪري سگهون. هاڻ هيءَ هن سان همدردي جتائي رهيو آهي، جنهن سان مون کي ڪا همدردي ڪانهي!' پر هو ڪجهه به چئي نه سگهي.

"پيڻ، اسان کي پورو پورو احساس آهي ته هاڻ اوهان جي زندگي ڪيئن گذرندي. اوهان جو هن دنيا ۾ ڪو سهارو ڪونهي، ۽ ٻار اجا ننڍو آهي. اوهان جو مڙس پنهنجي ڊيوٽي ڏيندي فوت ٿيو آهي، انهيءَ ڪري پوليس جي طرفان اوهان کي ٽي سوءُ رپيا ڏنا ٿا وڃن، ۽ پنجويهه رپيا هر مهيني پينشن به ٻئي ملندي". ڊي. آءِ. جي ٽن سون رپين جا نوٽ پردي جي اندر ويٺل زرينه جي هٿ تي رکيا.

نوٽ ملندي ئي ڳوڙها زرينه جي اکين مان وهي آيا.

●

# جهلڪ

موهن ڪلپنا

سياري جي سرد رات هئي. اسين شوُ جي مندر وٽ پپر جي وڻ هيٺان تلهي تي ويٺا هئاسين. اسان ٻنهي مان ڪنهن به ڪجهه نٿي ڳالهايو. هوا پپر جي پنن کي چمي رهي هئي. پپر چانڊوڪيءَ کي چمي رهيو هو ۽ مان سنڌوءَ جي اکين ۾ نهاري رهيو هوس، جنهن ۾ ستارن جي روشني پري پيئي هئي.

يڪا يڪ ٻئي اُٿي کڙا ٿياسين.

ٿڌ پنهنجو اثر ڄمائڻ شروع ڪيو.

هن منهنجي بلڪل ئي قريب اچي، ڪوٽ جي کيسي ۾ هٿ وڌو. هٿ آرپار نڪري آيو. کيسو ڦاٽل هو. سنڌوءَ کي خبر نه هئي ته اهو ڪوٽ منهنجو نه بلڪ منهنجي ڏاڏي جو هو، جنهن منهنجي پيءُ کي ڏنو هو ۽ ان ريت اهو مون کي مليو هو.

"هيءُ ڇا آهي؟"

"جهڙي منهنجي زندگي!"

"ڇاٿو چوين؟"

"هيٺين وچين طبقي جو ماڻهو آهيان نه..."

هن پنهنجو منهن منهنجي سيني ۾ لڪائي ڇڏيو. آهستي چيائين، "پوءِ تون ڪٿي نوڪري ڳولهين ڇو نٿو؟"

"نوڪريءَ لاءِ ماريو ماريو ڦٽڪندو ته آهيان"

"جيئندا آهن، جي مرد ماڻهو چاهين ته زمين مان سون به ڪڍي سگهندا آهن."

"ان لاءِ به اوزارن جي ضرورت ٿيندي آهي سنڌو. بنا اوزارن جي زمين مان سون ته ڇا، پر هڪ پٿر به ڪڍي نه سگهبو آهي."

"تڏهن ڇا ٿيندو؟" هن منهنجي منهن ۾ نهاريندي چيو. "سو ته نٿو چاهيان سنڌو. تون ڇڏي نه وينديندءَ. ان جي مون کي خاطري آهي. ليڪن تون ڪهڙي آهين، ڪڏهن به ڪجهه گهريو نه اٿئي. شايد مان اهڙو آهيان جو توکي ڪجهه ڏيئي نه سگهيو آهيان. چڱو اهو ته ٻڌاءِ سنڌو توکي ڇا بنگلي ۾ رهڻ ۽ ڪار ۾ گهمڻ جو شوق ڪونهي؟"

"تو مون کي ڇا سمجهيو آهي؟" هوءَ دور هٽي ويئي.

"سمجهيو ڪونهي، سمجهڻ چاهيان ٿو."

"ڇا ٿو سمجهڻ چاهين، اهو ته مان ڪيترو ڪري سگهان ٿي".

"تون مون کي غلط سمجهي رهي آهين."

"غلط مان ٿي سمجهان يا تون؟"

"جا ڳالهه فطرتي آهي، سوچڻ ان تي گهرجي، جا تون اوجي زندگيءَ جي خلاف آهين."

"هميشه سادو رهجي ۽ اُوچو سوچجي."

"نه" مون چيو، "هميشه اُوچو رهجي ۽ گهرو سوچجي."

"چڱو، ڀلا جا آڻيندي مون لاءِ؟ توکي چيم: مون کي نوڪري آهي مون کان وٺندو ڪر. تو اِنڪار ڪيو. گهر مان بہ ڪجهه نہ وٺين. هلين ڪٿي ٿو؟ اڄ جي نوجوانن کي ڪپڙن کيل، اخبارون ۽ سگريٽ. ليڪن تون؟ چڱو ڀلا جا آڻيندين؟"

مان ڀرين سوچڻ لڳس تہ جا آڻيان ۽ پوءِ سوچڻ لڳس ڪنان آڻيان، ليڪن ٻنهي جو جواب پائي نہ سگهيس.

هوءَ چپن ۾ هڪ گيت گنگنائڻ لڳي.

مون سوچيو، هن لاءِ هڪ گل آڻيندس. باغ مان پٽي ايندس. ليڪن ان جو ملهه؟ اوه! هوءَ ڪلندي چوندي: بس! يا شايد روئي پوي. ڪيس منهنجي مجبوريءَ جو احساس ٿيندو نہ. مان ڪيس نہ کلڻ ڏيندس ۽ نہ روئڻ. ليڪن مان ڪريان ڇا؟ گهر مان تہ ڪجهه بہ نہ وٺندس. اوڌر وٺي سوکڙي ڏيان، اهو تہ منهنجي طبيعت ۾ ڪونهي. سڀ ڪتاب بہ وڪڻي چڪو آهيان. مون کي پنهنجي پين بہ ڪانهي. ڪجهه ڪونهي.

منهنجي اکين ۾ هلڪي جلن ٿي. سوچيم: پير جي وڻ مان هڪ پن پٽي، ان ۾ ڪيس پنهنجا بہ آنسو ڏيان ....!

"چپ ٿي وئين؟"

"سوچيان ويٺو."

"اُوچو يا گهرو؟" هن ڪليو.

"ٻئي." هاڻ مون بہ ڪليو

"جا آسمان مان چنڊ لاهي ايندين؟"

"ڌرتي بہ چنڊ آهي، جيڪڏهن ڪوئي چنڊ مان وڃي ڏسي."

"تڏهن تارا لاهي ايندين؟"

"اُنجي روشني تنهنجي اکين ۾ اڳ ۾ ئي آهي."

"نہ پوءِ آڻيندين ڇا؟"

"پان وٺي اچان؟"

"پان!" هن زور سان ٽهڪ ڏنو.

"پان جو ذڪر ويدن ۾ بہ آهي، اُپنشدن، براڻن، رامائڻ، مهاڀارت ۽ ڀاڳوت ۾ بہ آهي."

"۽ گيتا ۾؟"

"گيتا مهاڀارت جو هڪ حصو آهي ۽ مهاڀارت ۾ پان جو ذڪر آهي."

"شاسترن موجب پان ڪير کائيندو آهي، زالون يا مرد؟"

"شاسترن ۾ صرف پان جي محما ڏنل آهي، کائيندا صرف ديوتائون آهن، جن جو ذڪر سڀني هندستان مهاڪاوين ۾ آهي."

"تو چا ايترو پڙهيو آهي؟"

"مون کي اهو سڀ هڪ پان واري ٻڌايو هو."

هوءَ کلڻ لڳي.

"چڱو آئيج."

مان نڪي هٿ ڪرڻ جي فڪر ۾ هوس جو نٺڍيءَ پيڻ جو آواز ٻڌم. هوءَ ٻاپيءَ کي چئي رهي هئي تہ ڪجي چانهہ کاڻي، ان ڪري اڄ چانهہ نهي نہ سگهندي. ٻاپيءَ چيو، "تہ پوءِ راجوءَ کي آنو ڏيءَ تہ هوٽل مان وٺي اچي. اسان نہ پيئبسين تہ وڏي ڳالهہ ڪانهي، پر جيڪڏهن چندر نہ پيئندو تہ مٿي ۾ سور پوندس."

شام جو جيڪڏهن گهر ۾ چانهہ نہ ٺهندي هئي ۽ مان گهر ۾ هوندو هوس تہ ائين ئيندو هو.

راجو آنو وٺي چانهہ وٺڻ ٿي ويو، جو مون کيس سڏ ڪيو. هن نزديڪ ايندي چيو، "ڀائو، مون کي چانهہ پيارينديِن نہ؟" مان چڻ سراپجي ويس. مون کيس چوڻ ٿي چاهيو تہ آنو ڏي تہ مان پاڻ ئي تو چانهہ پي اچان.

"ڪو تون ڪڻ، ڪو مون کي ڏي."

"۽ چانهہ؟"

"نہ ڪپي."

"ٻاپي مار ڏي تہ؟"

"نہ مان وينو آهيان."

★★★★★★

رات جو پان واري جي دڪان تي اچي بيٺس. سوچيم تہ هڪ ٽدو کپوري پان وٺندس، جنهن ۾ چوني کان سواءِ ٻيا سڀ مصالحہ هوندا. چوندوسانس تہ پان ۾ ڪيسر، گلقند، مٺي ڪاٿي، اِلاچي ۽ لُنڊڪ ضرور وجهي.

اجا ڪيسي ۾ هٿ وڌم تي جو ان هٿ کي هڪ ٻار اچي جهليو. هنجي هٿ ۾ هڪ ڏبو هو.

ليلائيندي چيائين، "سائين ٻنندو ڪونه آهيان، بسڪيٽ وڪڻندو آهيان. آني جا نه وٺو، ٽڪي جا وٺو. ضرور وٺو، مهرباني ڪري وٺو." مون هٿ ڇڏائي جيو، "ان لاءِ تون زور ڇو ٿو ڪرين؟"

"مان سيٺي کي زور ڪندو آهيان."

"ڇو؟"

"ماڻهو بسڪيٽ نه وٺندا، بابو مار ڏيندو اما مار ڏيندي. مان روز ٻي رپئي جا بسڪيٽ وڪڻندو آهيان. سچ سائين، گهر ۾ رکو مان ئي ڪمائيندو آهيان."

"تون سيٺي کي ائين چوندو آهين؟"

"ڪڏهن ڪڏهن، جيڪي نه وٺندا آهن، انهن کي هوٽل ۾ بسڪيٽ ٽڪي هڪ آهي، مان آني جا چار ڏيندو آهيان."

سوچيم: مان ڇا پنهنجي سنڌوءَ کي هڪ پان به ڪارائي نه سگهندس؟ مون ڪنهن سوني هار يا منڊيءَ جو نه، صرف هڪ پان جو انجام ڪيو، صرف هڪ پان جو ....

★★★★★★★★

چند ڇڻ پنهنجي ڪشش وڃائي ڇڏي، پير مان سنگيت جا سر ڇڻ يڪا يڪ گم ٿي ويا. هوا به ڇڻ بي مطلب تيڻ لڳي. پير جي پنن ڇڻ هوا کي ڏکڻ جي ڪوشش ٿي ڪئي، مان پريشان هوس.

"اڄ بيحد اُداس ٿو لڳين؟" سنڌو پڇيو.

مان چپ.

"مون سان ملي ڇا توکي خوشي نه ٿي؟"

چپ.

"ڇگو ٻڌاءِ مون تو لاءِ ڇا آندو آهي؟"

چپ.

"اڄ ڇا ڪوئي دردناڪ ناول پڙهي آيو آهين؟"

مون ڦڪو مرڪيو.

"مون کان ناراض آهين؟" هوءَ بلڪل قريب آئي.

مان هن جا حواس، وسواس ڳڻي ٿي سگهيس.

"توکان ناراض ٿي مان ڇا سکي ٿي سگهندس.؟"

هن هڪ لنبو ساهه ڇڏيو.

ٻيءَ گهڙيءَ چيائين، "مون تولاءِ هڪ پيسٽري آندي آهي."

مان وري بہ چپ رهيس.

"ليڪن منهنجو پان؟"

"رهڻ ڏي ان کي، ان ۾ رکيو ئي ڇا آهي."

"رکيو ئي ڇا آهي! ڇا ڪونہ آندو اٿيئي؟"

مان چپ.

"ليڪن چندر؟ مون اهڙو ڪهڙو گناه ڪيو آهي جو تون مون کي انجي ايڏي سزا ڏيئي رهيو آهين؟"

منهنجو من چڻ ٽٽڻ لڳو. پيار جي پهرين آڇ، جا هڪ بکاري بہ آسانيءَ سان چڪائي سگهيو ٿي ۽ جا هن سنيهہ وچان قبول بہ ڪئي هئي، مان پوري ڪري نہ سگهيو هوس مون آهستي چيو.

"سنڌو تو پيسٽري آندي آهي .... مون بسڪيٽ آندو آهي."

"بسڪيٽ مان نہ کائيندس."

تڏهن مون مختصر ۾ ان بسڪيٽ جي خريديءَ جو پس منظر ٻڌايومانس.

اُواڪ اَچلڪ هوءَ منهن تڪيندي رهي. اکين ۾ ٻاٽي پرجي آيس، پر رنائين ڪانہ.

تڏهن اُمالڪ چنڊ ۾ ڪشش موٽي آئي. پير مان سنگيت جا سر وجڻ شروع ٿي ويا. هوا پير جي پنن کي ۽ پير چانڊوڪيءَ کي چمڻ شروع ڪري ڇڏيو.

هن بسڪيٽ وٺندي چيو. "چندر تو پان نہ آڻي سٺو ئي ڪيو. مون توکان ڪجهہ نہ گهريو ۽ تو مون کي ڇا ڏنو. ان جي توکي خبر بيئي، چندر؟ تو مون کي بسڪيٽ ۾ اهو ڪجهہ ڏنو آهي، جو راجا هريشچندر، رشي وشوامتر کي بہ نہ ڏنو هوندو. سڀ نہ آهي اِن ۾."

●

# جلاوطن موهن ڪلپنا

شوڪت حسين شورو

"هڪ هني سنڌ ۽ هڪ هو موهن ڪلپنا،
ٻنهي هڪ ٻئي سان ڏاڍي محبت ڪئي،
پر ملي نہ سگهيا!"

---

موهن ڪلپنا مون کان سترهن سال وڏو هو. پر جڏهن آئون پهريون ڀيرو هن سان بمبئي ۾ مليس تہ لڳو اسين ٻئي هڪ جيڏا هناسين، ڄڻ وڇڙيل دوست سالن کان پوءِ مليا هناسين. الاجي ڪيترو وقت گذريو اسين هڪ ٻئي کي ڀاڪر پائي بيٺا هناسين. ڄڻ سالن جي سڪ پوري ڪرڻ ٿي چاهيسين جيڪا ان هڪڙي ڀاڪر ۾ پوري ٿيڻ جي ڪانہ هئي. موهن مون کي لکيو هو، "شوڪت، تون انڊيا اچ. گوڏو گوڏي سان ملائي روح رهاڻيون ڪنداسين." سچ تہ ٿيو بہ ائين. آئون جنهن هوٽل ۾ رهيل هوس اتي مون سان گڏ ٻيا ماڻهو بہ هئا. موهن جون ۽ منهنجون ڳالهيون ڪُٽڻ جون ڪونہ هيون. گهڻي دير کان پوءِ اسان کي احساس ٿيو تہ ٻيا اسان جي ڳالهين مان بور ٿيڻ لڳا هئا. اهي تہ رڳو گهمڻ لاءِ آيا هئا. ان ڏينهن هري موٽواڻي بہ ڪٿي مشغول هو نہ تہ مهمانن کي گهمائڻ جي ڊيوٽي هن جي هئي. انهن ويچارن صبح کان وٺي ادب ۽ اديبن بابت ڳالهيون ٻُڌيون جن سان انهن کي ڪا دلچسپي ڪانہ هئي. شام اچي ٿي هئي. موهن مون کي چيو تہ هل ٻاڻ ٻاهر هلون. اسين سمنڊ جي ڪناري گيٽ وي آف انڊيا وٽ اچي ويناسين.

موهن ڪلپنا کي مون سچو پڙهيو هو. هن جي مشهور ڪهاڻين جو مکيہ ڪردار هڪ تنها، بيروزگار ۽ دُکي شخص هو جنهن جا کيسا هميشه خالي هوندا هئا. جيڪو پنهنجي محبوبہ کي آئسڪريم بہ کارائي نٿي سگهيو. مون کي لڳندو هو اهو شخص موهن ڪلپنا پاڻ آهي.

مون موهن کان پڇيو تہ اهي سمورا ڪردار سندس پاڇا تہ ڪونہ آهن؟ هن مڃيو تہ انهن ڪردارن ۾ سندس شخص جي جهلڪ موجود هئي.

"هاڻ ڪيئن آهي تنهنجي زندگي؟" مون هن کان پڇيو. "مون زندگيءَ کان جيڪي چاهيو سمجهان ٿو ان کان مون کي گهڻو مليو آهي. منهنجو پنهنجو ننڍڙو پر سهڻو گهر آهي. گهر ۾ پيار ڪندڙ زال آهي ۽ اتي منهنجي دادلي ڌيءَ گيتا آهي. روزگار بہ آهي، آئون خوش آهيان. خوشي فقط ڪارن ۽ بنگلن ۾ ڪانهي."

موهن ڪلپنا هاڻ خوش آهي. اهو ٻڌي منهنجي من تان هڪ وڏو بار لهي ويو. رات ٿي تہ موهن چيو











هل تہ ڪجھ پيئون. "ڳالهائي ڳالهائي منهنجو گلو خشڪ ٿي ويو آهي. تون رڳو سوال پڇندو ۽ ٻڌندو رهيو آهين." موهن کلي چيو.

"اصل ۾ مون کي ڳالهائڻ ڪونہ ايندو آهي. باقي آئون ٻڌندڙ سٺو آهيان." مون چيو.

"برابر، تون منهنجي ايتري بڪ ٻڌي بور ڪونہ ٿيو آهين." موهن هڪ وڏو ٽهڪ ڏنو. مون موهن جي ٽهڪن جي ڳالھ ٻڌي هئي، پر پنهنجن ڪنن سان هن جو شاندار ٽهڪ پهريون ڀيرو ٻڌم. آئون جيترو وقت اتي هئس ۽ جتي بہ موهن گڏ هوندو هو هن جا وڏا وڏا شاندار ٽهڪ بہ ساڻ ساڻ هوندا هئا.

اهي ٽهڪ موهن ڪلپنا جو جياپو هئا جن جي سهاري هو وڏن وڏن ڏکن ۽ ٽرنجدين مان لنگهي پار پيو هو. سندس چواڻي: "هڪ نهايت ڏکيو رستو طيءِ ڪيو آهي مون. هونءَ ڪو رستو ٿيندو تہ نہ آهي زندگيءَ ۾. پيچرا، پهاڙ، ميدان تي ڪريل گل. پير رکجن تہ اڪثر ڪنڊا لڳن. واديون لهندو وڃجي. ڪرندو وڃجي. ڪرڻ ۾ موج آهي. ڪنهن سان ڪوڙ. ڪنهن سان دوکو. ڪنهن اجايو ايمان. پر مون اڪثر مٽي چڙهڻ چاهيو آهي. مٽي ۽ مٽي. ان ڪان بہ مٽي، ان ڪري مون ڌرم شاسترن جي بہ اوٽ ورتي آهي. ڏسان تہ اتي ٿي بيٺو آهيان. ياترا فقط من جي ڪئي اٿم. آدرشن جا پهاڙ. عمل جون کاهيون. ڪنهن عمل جون باهيون. جيل بہ ڪاٽيا اٿم تہ گولين جي سامهون سينو بہ ساهيو اٿم. ادبي محفلن ۾ سر ڪٽيا اٿم ۽ ڪٽايا اٿم. زندگيءَ جي پينگهن ۾ وڪڙ ٻڌجي لطف ماڻيو اٿم ۽ غلط گلاسن جو زهر پيتو اٿم. پنهنجو رت بہ پياريو اٿم. حاصل مطلب اهوئي تہ جتي هوس، اتي آهيان. منهنجون بئنڪ بئلنس فقط ڪي يادون آهن. ڪجھ بہ تہ نہ آهيان مان ... عمر جي اڌ صديءَ ۾ فقط خوابن جي لاشن کي اکين ۾ ڇپندو ڏنو اٿم."

اٿم ڪٿا جو اهو ٽڪرو جڻ موهن ڪلپنا جي سڄي زندگيءَ جو تت آهي.

موهن ڪلپنا جي نوجواني بيروزگاري ۽ تڪليفن ۾ گذري پر ان هوندي بہ هن تي وچ جا پاڻي چڙهيل هئا. ادب جي ميدان ۾ نهايت سرگرم، جوشيلو ۽ جذباتي نوجوان هو. هن جتي نظرياتي سطح تي ترقي پسند اديبن اٿم، ڪيرت ٻاٻاڻي وارن سان ٽڪر کاڌو اتي قدامت پسند اديبن ليکراج عزيز ۽ رام پنجواڻي سان بہ جهيڙا جوٺيا. پر جتي سنڌي ٻوليءَ جي جياپي ۽ عربي - سنڌي لپيءَ جو سوال هو اتي موهن هر تحريڪ ۾ سڀني سان گڏ رهيو.

انڊيا ۾ سنڌي ادب کي جيئاري رکڻ ۾ هري موٽواڻيءَ جي رسالي ڪونج وڏو ڪردار ادا ڪيو آهي. هريءَ جڏهن ڪونج ڪڍڻ شروع ڪئي تہ ان جو پهريون ايڊيٽر موهن ڪلپنا کي ڪيو هئائين. موهن، هريءَ جي گهڻي عزت ڪندو هو. چوندو هو جيڪي ماڻهو هري موٽواڻي کي سادو تا سمجهن سي بيوقوف آهن. هري محنتي ۽ خلوص سان ڀريل انسان آهي. موهن ان ڳالھ کان گهڻو متاثر هو تہ سنڌ مان جيڪو بہ ماڻهو آيو ٿي تنهن لاءِ هري هر وقت حاضر هو.

موهن کي سنڌ جي ڪن ڪهاڻيڪارن علي بابا، ماڻڪ ۽ مشتاق شوري سان پرپٽ جي محبت هئي. چوندو هو تہ انهن جا حال بہ مون جهڙا آهن مون کي خبر ڪانہ هئي تہ موهن ڪلپنا سان ايڪٽنگ بہ ڪري ڇاڏي. بمبئي ۾ اسان جي آخري رات هئي. رات جو ٻين وڳي اسان کي سينگاپور وڃڻو هو. هوٽل ۾ موهن، گنو سامتاڻي، لعل پشپ ۽ هري موٽواڻي موڪلائڻ آيا هئا. شيام جنسنگهاڻيءَ اچڻ لاءِ چيو هو

پر هن کي ڪو ضروري ڪم ٿي پيو هو، ان ڪري هن هوٽل ۾ فون ڪئي. رسيور موهن کنيو ۽ هن آواز بدلائي شيام کي ٻڌايو ته "شوڪت ٻاهر نڪري ويو آهي. آئون مشتاق شورو ٿو ڳالهايان." تڏهن مشتاق آمريڪا ۾ رهندو هو. شيام حيران ته مشتاق انڊيا ۾ ڪڏهن آيو. موهن چيس ته "آئون اڄ پهتو آهيان ۽ مون سان گڏ منهنجي آمريڪن زال به آهي." ۽ پوءِ چڻ زال کي مخاطب ڪرڻ لاءِ رسيور کي ٿورو پري ڪري هن انگريزيءِ ۾ زال کي سڏيو ته منهنجي دوست شيام سان اچي ڳالهاءِ. ڪن رکي شيام کي ٻڌايائين ته منهنجي وائيف هينئر ٿورو بزي آهي پوءِ ڳالهائيندي. موهن اڌ ڪلاڪ تائين مشتاق بڻجي شيام سان ڳالهائيندو رهيو. آمريڪا جا حال احوال هڪ ٻئي جي ڪهاڻين تي رايا. اسين سڀ ٻڌندا رهياسين. نيٺ ڳني هن کي چيو ته يار هاڻ گهڻو ٿيو، ڇڏينس. موهن کان اوچتو ٽهڪ نڪري ويو. تڏهن وڃي شيام کي خبر پئي. هن کي ڏاڍي ڪاوڙ لڳي ته موهن کيس بيوقوف بڻايو هو. شيام ڪيترا مهينا موهن سان ڪاوڙيل رهيو.

ان رات سڀ هليا ويا. موهن ڪلپنا ۽ هري موٽواڻي رات جو هڪ لڳي اسان کي ايئرپورٽ تي ڇڏڻ هليا. هريءِ جو گهر بمبئي ۾ آهي هن لاءِ واپس وڃڻ ايڏو مسئلو ڪونه هو. پر موهن بمبئي کان چاليهه ميل پري الهاس نگر ۾ رهندو هو. ان وقت الهاس نگر لاءِ ڪابه سواري ملڻ مشڪل هئي، اسان جي منع ڪرڻ جي باوجود موهن اسان سان گڏ ايئرپورٽ تي هليو ۽ موڪلائڻ وقت هن جي اکين ۾ گهري اداسي هئي.

ان کان اڳ موهن ڪلپنا الهاس نگر ۾ پنهنجي گهر ۾ منهنجي دعوت ڪئي هئي. ڏينهن جو ته گهڻا دوست هئا. هري موٽواڻي، لعل پشپ، هيرو شيوڪاڻي، ايم. ڪمل، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، جنوير. شام جو هري ڪنهن ضروري ڪم سبب بمبئي هليو ويو. ٻئي ڏينهن تي اسان کي موهن ڪلپنا ۽ ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءِ جي فيمليءِ سان گڏ ماٿيران هل اسٽيشن تي وڃڻو هو. ان ڪري لعل پشپ بمبئي موٽي ويو ڇو ته ماٿيران هلڻ لاءِ هن کي پنهنجي زال کي وٺي اچڻو هو.

رات ٿي ته موهن چيو، "مون پيئڻ گهٽائي ڇڏيو آهي. پر اڄ توسان گڏ پيئندس". هيرو شيوڪاڻي به ان محفل ۾ شريڪ هو. گهڻيون ڳالهيون ٿيون. سنڌ ۽ هند جي سنڌي ادب ۽ اديبن جون ڳالهيون طارق اشرف، علي بابا، ماڪ، مدد علي سنڌي، مشتاق شورو امداد حسيني، سحر امداد، نورالهديٰ شاهه. پر گهڻو ذڪر شيخ اياز جو هو. موهن ان ڳالهه تي ناراض هو ته شيخ اياز وائيس چانسلري جو قبول ڪئي هئي. موضوع ادب تان هٽي سياست تي آيو. موهن ٻڌايو ته سنڌ مان ڪڏهن ڪڏهن اهڙا نوجوان سائنس ملڻ ايندا آهن جيڪي عجيب ڳالهيون ٻڌائيندا آهن. هڪڙي اهڙي نوجوان کيس چيو ته "جڏهن آئون واپس سنڌ موٽي ويندس ته ٿورن ڏينهن ۾ اوهين اها خبر ٻڌندا ته جنرل ضياءالحق کي گولي هڻي ماريو ويو اها گولي آئون هڻندس." موهن کلي چيو ته ان نوجوان کي وٺي ڇهه مهينا ٿي ويا آهن پر جنرل ضياءُ اڃا زنده آهي. مون موهن کي چيو ته اوهان کي هر ماڻهوءِ تي اعتبار نه ڪرڻ کپي. ٿي سگهي ٿو انٽيليجنس جا ماڻهو به اوهان وٽ ايندا هجن. هيري شيوڪاڻي مڃيو ته ائين بلڪل ٿي سگهي ٿو. پر موهن جو دليل اهو هو ته سنڌ مان جيڪو به ماڻهو اچي ٿو ان مان سنڌ جي مٽيءِ جي خوشبو اچي ٿي. "موهن

ڪلپنا ان سان نہ ملي ۽ نہ ڳالهائي اهو ٿي نٿو سگهي."

موهن ڪلپنا جو سنڌ سان ايڏو جذباتي لڳاءُ هو جو سنڌ کي پنهنجي ماءُ بہ سمجهندو هو تہ محبوبہ بہ. هن پاڻ کي هميشه جلاوطن ڪري ڀانيو هو ارڙهن سالن جي عمر ۾ سنڌ مان جلا وطن ٿي انڊيا هليو ويو هو. سنڌ ڌرتيءَ تي موٽي اچڻ هن جي زندگيءَ جي وڏي ۾ وڏي آرزو هئي. پر الاجي جو هن کي پڪ هئي تہ هو پنهنجي حياتيءَ ۾ وري سنڌ ڌرتيءَ تي موٽي ڪونہ ويندو. هن شيخ سليم چشتيءَ جي درگاهہ ۾ ڳوڏا ڪوڙي دعا گهري هئي: "اي درويش، تنهنجي متي بہ پوڄا لائق آهي. ان مٽيءَ کي بہ وڏي طاقت هوندي. منهنجي ٽن جو ڪٽنب نيڪ آهي. هڪ آرزو آهي منهنجي، مرڻ کان اڳ پنهنجو ملڪ ڏسان. اهو ڏيکار. ان بعد تنهنجي درگاهہ ۾ اچي ڪرندس ۽ تنهنجي چائنٽ جو هڪ هڪ ڌاڳو چمندس."

پر موهن ڪلپنا جي اها دعا قبول ڪانہ پئي. هن پنهنجي آتم ڪٿا "بک عشق ادب" ۾ گوبند مالهيءَ جي ڳالهہ لکي آهي. گوبند مالهيءَ جيو تہ هو سنڌ واپس موٽڻ کان اڳ ڪڏهن نہ مرندو. (عجيب ڳالهہ آهي تہ بہ ٽي سال اڳ سچل انٽرنيشنل سيمينار جي موقعي تي گوبند مالهي سنڌ ۾ آيو هو). موهن ڪلپنا پنهنجي آتم ڪٿا ۾ لکيو آهي، "مون کي اهڙي ڪابہ خوش خيالي نہ آهي. مان ائين جلا وطنيءَ ۾ ئي ڳري سڙي ختم ٿي ويندس ۽ پوءِ شايد ڪي ماڻهو ڳالهہ ڪندا: هڪ هئي سنڌ ۽ هڪ هو موهن ڪلپنا. ٻنهي هڪ ٻئي سان ڏاڍي محبت ڪئي پر ملي نہ سگهيا." موهن ڪلپنا اها ڳالهہ ٢١ جون ١٩٨٢ع ۾ لکي هئي. نيڪ ١٠ سالن کان پوءِ ان ئي مهيني ۾ موهن ڪلپنا جلاوطنيءَ جي زندگيءَ ۾ گذاري ويو.

هن پنهنجي آتم ڪٿا ۾ هڪ وصيت لکي هئي: "جيڪڏهن منهنجا اديب دوست هند ۾ سنڌ ۾ ائين ڪري سگهن تہ مهرباني. مرڻ بعد منهنجي رک کي سنڌوءَ يا گنگا ۾ ڦٽو نہ ڪيو وڃي. ڪوڙيءَ ۾ ڪٿي بہ ڪنهن ٽين جي دٻي ۾ وجهي زمين ۾ پوريو وڃي." خبر ناهي موهن ڪلپنا جي اها وصيت ڪنهن کي ياد هئي يا نہ شايد موهن ڪلپنا جي جسم جي رک بہ هن وانگر جلاوطن ٿي وئي.

●

"اچا نہ آيو آهي". مون کي بيڪيٽ جي ڪنهن ڪتاب جو عنوان خيال ۾ آيو.

ڏهلي اسٽيشن ٻاهران هڪ گريجوئيٽ گڏيو. باغ جي ڪنڊ وٽ. هن وٽ لڪڙيون هيون. سنهيون ۽ ٿلهيون چيائين:

"بابوجي جي چار آنا ڏيندا تہ ٻانهن کي سنهي لڪڙي هٽي اوهان کي اها ٻچي ڏيکاريندس. ريو ڏيندا تہ وڏي. ٻانهن ۾ جيتري گهٽي تڪليف نيندي، اوترو وڌو اجورو وٺندس. اوهان جي هٿ ۾ ڪتاب آهن، ضرور شاعر هوندا. انين تہ مون بہ شيڪسپيئر پڙهيو آهي."

سوچيان ٿو ٽانگي واري کي پنهنجو ٻنون ڏيٺي جڏيان. پر ڄاڻان ٿو، هو نہ وٺندو. هن شيسڪپيئر جي پرستار کي مون ڏهہ رپيا ڏنا. پر هن نہ ورتا. چيائين: "لڪڙي ٻچائي، ان جي ٿولهہ موجب اجورو ڏيو"

مان ڪجهہ نہ ڪري سگهيس. مان ڪجهہ ڪري نہ ٿو سگهان. مان پنهنجي تصور کي ڪا عياشي بخشي نہ ٿو سگهان. هن ياترا منهنجي عجب جي احساس کي ماري ڇڏيو آهي. ياترا خود ۾ هڪ ٺڳي آهي، سڀ موهہ ڀنگ.

"تل سوچ جا بي ايمان سلسلا" (ربورتاز) مان ورتل.

موهن ڪلپنا

●

# پيڙا جو هڪ پيچ

امداد،

سنڌي ادبي بورڊ جو سيڪريٽري بنجي وڃڻ لاءِ آئون توکي اڳواٽ واڌايون ڏني ڇڪو هنس، پر تنهنجون فرمائشون ٿي پنهنجيون:

موهن تي لکي ڏي. هڪڙو ٿي پيچ لکي ڏينم.

موهن تي هڪڙو پيچ! ڇا لکان؟... ڇو پلا توکي منهنجي ۽ موهن جي روحاني رشتي جي خبر ڪانهين ڇا؟ شايد توکي آهي. ڪوٽڙيءَ جي حوالي سان. پر توکي ان S.M. High School جي حوالي سان شايد ڪاني ڄاڻ ڪانهين. ها ـ هڪڙو پيچ. شايد سچ پيو چوين. مون سڄي ڄمار ۾ موهن کي فقط هڪڙي ڇٺي لکي هئي. هڪڙي ئي پيچ تي! ۽ ان جو جواب به پاتو هو. خبر ٿئي جوابي خط ۾ ڇا لکيل هو:

"علي، آئون اهو موهن نه آهيان جو توسان گڏ پڙهندو هو. شامون جو ياءُ هو. ان ويل تون اوڇتو شهر جي ڳليءَ ۾ ڪري پيو هوندين ۽ مون توکي سهارو ڏنو هوندو. اڄ آئون هندستان ۾ ڪري پيو آهيان ڪو سهارو ڏيڻ وارو آهي ئي ڪونه ....!"

تون چوين ٿو موهن تي لکي ڏي. پلا آئون توکي ڪهڙي موهن تي لکي ڏيان. جيڪو موهن مون سان پڙهندو هو؟ اُهو پهريون ڇوڪرو هو جنهن اسڪول ۾ مون کي اهميت ڏني هئي.

ڪهڙي اسڪول مان آيو آهين. يار ـ تون منهنجو ياءُ آهين. هي منهنجو ياءُ آهي شامون.

موهن جو جڏهن مون کي خط مليو هو تڏهن آئون روئي پيو هئس. هي موهن اُهو موهن نه هو. منهنجو موهن الائي ڪهڙي حال ۾ هوندو. الائي پرديس ۾ مان ياد به پوندو هوندو سانس ڪي نه. ["ڇو پلا. اينن جو آهي ته هر ماڻهو چاهيندو آهي ته ڏور ڏيساورن ۾ جت ڪٿ. ڪي پيارا ماڻهو ڪيس ياد ڪندا هجن ....] شايد وجوديت جو فلسفو انسان پنهنجي انهيءَ جبلت مان تخليق ڪيو آهي.

ڇوڻ جو مطلب ته توکي ڪهڙي موهن تي لکي ڏيان! هڪ موهن اُهو آهي جيڪو هند سنڌ ملڪان ملڪ مشهور آهي. ٻيو موهن جنهن جي مون کي پاڻ کي به ڪل ڪانهين. بس رڳو ايترو ٿو چاهيان ته خدا ڪري حيات هجي، سڻٹو جيون گهاريندو هجي. خوش هجي. اسين نه. ته سنڌوءَ جا ڪنارا ياد هجنس. لاڦ هڻندو.

سچ، هن ويل آئون ڏاڍو دکي آهيان. محسوس ڪريان ٿو ته پنهين موهنن سان منهنجو رشتو ساڳيو آهي. سرڳ جي ڳولا ۽ "جلا وطني" واري موهن سان منهنجو ناتو ڏاڍو پراڻو آهي. ايڏو جيڏو سيوهڻ جو شهر. سيوهڻ وارو موهن جيڪو ڪوٽڙيءَ ۾ به سيوهاڻي پاڙي ۾ رهندو هو ۽ مون جيان ڄائو به ڪوٽڙيءَ ۾ هو. ڪيڏي نه عجيب ڳالهه آهي. موهن جو ڏينهن. ملهائڻ واري ڏينهن "سنڌي ادبي سنگت ڪوٽڙي"

پاران مون کي ڪارڊ بہ نہ هو! ۽ توکي خبر آهي تہ مان سنڌي ادبي سنگت جي بيدوار نہ آهيان. ان ڪري مون مان ڪا وڏيڪ اميد نہ رکو. انهن ادبي سنگتن جي چڪر ۾ منهنجو الائي ڪيڏو ڪم اڌورو رهجي ويندو آهي!

چيم نہ. هن وقت آئون دکي آهيان. ڏک ڪو جهڙي مان توهر جيان ڦُٽي ڪين نڪرندا آهن. جتي باهہ ٻلي .... نہ موهن موٽيا نہ ميگها نہ مرِيادا. بيبد لڪ.

تنهنجو

علي بابا

سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو.

نوٽ: وفا جهڙي يار کي تنها ڇڏي ڏنو ائئي ـ پٽر تان تہ ٿي اچ.

●

.... فتح پور سڪري، قطب مينار جيڪو چاهين .... تون هلي تہ آءُ ...."

پر لالا! مان توکي دعوت تہ ڏيان تون سنڌ اچ .... مان توکي موهن جو دڙو رني ڪوٽ جو قلعو، ڪوٽ ڏيجي، آمري، سيوهڻ ۽ ڀٽ ڌڻي سڀ گهمائيندم — تون هڪ دفعو هلي تہ آ ....

●

# سنڌي ادبي بورڊ جو
# سنڌ جي ٻارن لاءِ اڪيلو رسالو
## ماهوار "گُلَ ڦُل"

نئين رنگ ڍنگ سان نئين رنگ روپ سان

**جون - جولاءِ - آگسٽ جو گڏيل پرچو**

١٠٠ صفحا رنگين ۽ باتصوير

**جهلڪيون**

- شيخ اياز جو انٽرويو
- علي بابا جو ٻالڪ - ناول "سنڌباد سيلاني" - ١
- سانول جو ٻالڪ ناول "ڊيمبو" - ١
- بخشڻ اُفق جي هڪ گم ٿيل راند تي لکيل "هٿ لڳو ڊيلو"
- ٻگهيو رسول بخش "منهنجو ننڍپڻ ۽ جواني"
- عنايت الله عباسي "پنسو" ۽ "للو - ٻنجو"
- ساونت "سني" حسيني "ايندڙ سال".
- علي مرتضيٰ ڌاريجو "ڪَن جي آتم ڪهاڻي" (سائنس)
- ص . م . مرزا - ٻالڪ - جاسوسي ناول جي ٻئين قسط
- محمد رحيم ميمڻ "عقاب"
- اڪبر جسڪاڻيءَ جون ننڍپڻ جون سارڻيون "چورايل آسمان"
- لجپت راءِ "جت لڪ لڳي" (ٿر جي پسمنظر ۾)
- ياسر قاضيءَ ، مختيار گهمرو امداد حسيني ۽ ٻين جا نظم.
- ديس ديس "مصر تي هڪ نهار"
- زخمي صالح سنجراڻي "جهرڪيءَ ۽ ڪُنيءَ جي ڳالهہ"
- خط - قلمي دوستي ۽ ٻيا مستقل ڪالم

# ساگر کان گهرو ... هيري کان سخت!

مهتاب محبوب

چپن تي سدائين مرڪ، جا ڪڏهن معنيٰ خيز ته ڪڏهن دردانگيز لڳي، اکين جي شفاف ڍنڍ مان تجلا ڏيندڙ سچائي، آواز ۾ جاذبيت، چهري جا وڻندڙ ايڪسپريشنس، گفتگو جو انداز جذباتي، سگريٽ مٿان سگريٽ ڇڪڻ، اهي سڀ هن جي ساڀيا ڀري شخصيت جا اهم اهڃاڻ آهن.

مون ڪيس گهڻ ئي سهي پر پڙهيو ضرور هو، هن جي ڪهاڻين جا عنوان ياد نه رهندي به سندس نالو جنهن طرح ياد رهيو جنهن ۾ جڻ ڪيترين ئي سندر سوچن جا اڻ کٽ سلسلا سمايل هجن، مون تي اهي تڏهن ظاهر ٿيون جڏهن ڏسندي ئي چيو هيائين:

"او منهنجي جيجل .... تون پنهنجي هن پٽ کي ڇڏي ڪيڏانهن وئين. تون ڪٿان آئينءِ منهنجي ماءُ! ڪٿي هئينءِ ايترا سال .... نه ڪا آس نه اُميد .... ٻالن کان تڙپندو هئس ته سنڌ وڃان .... سنڌ مون وٽ آئي آهي .... هي ٿيو ڇا! ڇا اينئن به ٿيندو آهي؟"

اِهو ڪو ٻيو نه، هند سنڌ جو عظيم ليکڪ موهن ڪلپنا آهي جنهن جي دلڪش لکڻين، پرڪشش گفتن ۽ موهيندڙ نالي جي ڇاپ سنڌ ۾ سندس پڙهندڙن جي دِلين تي ورهين جي وڇوڙي کان پوءِ به قائم آهي، ڪيس پنهنجي اِن ادبي شهنشاهي جو ڀرپور احساس آهي پر انڪساريءِ جون دلنواز ادائون ڪيس ٿي اچن، وڏي عزت ڏيندي چيائين:

"مون کي اِهو ايمان هو ته مهتاب تي منهنجي مقبوليت جو ڪجهه ته رعب هوندو پر پوءِ سوچيم جنهن شخص کي سموري سنڌ خط لکيا ۽ ماهتاب هڪ خط نه لکيو انجي مقبوليت کي ڪهڙي معنيٰ؟"

"اهڙي ڪا ڳالهه ناهي ...." مرڪندي وراڻيم.

ان مهل ته هو به مرڪي چپ ٿي ويو پر ان معنيٰ خيز مرڪ جو مطلب تڏهن سمجهه ۾ آيو جڏهن ڳالهين ئي ڳالهين ۾ "اهڙي ڪا ڳالهه ناهي" کي هن منهنجو تڪيه ڪلام ڪوٺيو ۽ اڪثر پاڻ به ڪنهن ڳالهه جي جواب ۾ شوخيءِ مان کِلي چوندو هو، "اهڙي ڪا ڳالهه ناهي." منهنجي لکيل هڪ ڪهاڻيءِ ۾ ساڳيو جملو پڙهي چوڻ لڳو:

"اِهو ڪهاڻي جي ڪردار جو نه پر تنهنجو ڊائلاگ ٿو لڳي." موهن جي آبزرويشن صحيح هئي، هاڻي ته اهو جملو ڳالهائڻ کان سدائين پاسو ڪريان، بهرحال، اهڙيءِ ڪا ....

لکڻ جي فن جيان، ڳالهائڻ جي فن ۾ به موهن ڪلپنا جون ڪاريگريون ڪمال تي آهن، ڪڏهن هن جو آواز تمام پريان جڻ ڪنهن غفائن مان پيو ايندو ڪڏهن ان ۾ آبشار جهڙي رواني، جذبات جا تيز وهڪرا، سمنڊ جي ڇولين جيان اُڀندڙ اُڌما ته ڪڏهن سنگيت جا مڌر سُرَ هوندا. هو هر موضوع تي ڳالهائي

ني نہ ڪري سگهندو سندس پيارو دوست سڳن آهوجا بيماري، وڳهي ني ڪانئس جدا ٿيو. موهن ڪيس ياد ڪندي چيو: "اسين ليڪڪ پنهنجي پنهنجي دنيا جا ننڍا ننڍا مسيحا آهيون. اسين ٻين جا صليب پنهنجي ڪلهن تي کڻندا آهيون .... مان تہ جهول کڻي خدا کي چوندو آهيان .... يا خدا جيترو کپني دک ڏي پر اِهي سهڻ جي طاقت بہ ڏي .... ۽ هنن کي تہ اصل دک نہ ڏج ...." ايئن چوندي هن پنهنجي مرّني ويجهن ۽ پيارن دوستن جا نالا ڪنيا.

دوستن سان تہ حجاٿتو پر ڀڳوان کي بہ ڪين ڇڏي. ڪا دعا گهرندو تہ انداز ۾ اهائي دوستاڻي حجت، ناراضگيون، روساما ۽ ڌمڪيون! چوندو: "يار ڳالهہ ٻڌ، نہ مون توکي تسليم ڪيو آهي ۽ نہ تو مون کي، جي تون آهين تہ هڪ پراڻنا آهي منهنجي .... پر تون ۽ مون کي ٻُڌين؟ تو تہ مون کي ٻَڌي ٻَڌي ماريو آهي، تو رسي جي هر موڙ تي مون لاءِ باهہ جو هڪ ڪورو ٻاريو آهي .... ان ۾ منهنجو انگ انگ جلي ويو آهي .... تون ڇا ٻڌندين ڀڳوان ....!"

ڀڳوان سان سندس حجتون پنهنجي جاءِ تي پر بہ هن جو ايمان آهي تہ خدا ڇنڊ معرفت ڳالهائي، هوا معرفت ڳالهائي ....

مون هند جي سنڌين کي سنڌ لاءِ ايڏو تہ تڙڦندي ڏٺو آهي جنهن لاءِ بس اهوئي ٿي چوان تہ خدا ان تڙڦ جو عذاب شال ڪنهن دشمن کي بہ نہ ڏي، هي تہ وري پنهنجا آهن تن کي تڙڦندو ڏسي هيان؛ ڪيئن نہ ڪاڇي، هو ڏاريءَ ڌرتيءَ تي ڇڻ ساٺا ٿيا ڪريا پيا آهن. وطن کان وڇڙڻ بعد روحاني طور سک جو هڪ ڏينهن نہ ڏٺو اٿن. اسين وٽن وڃي مان ـ سنمان وٺيو گهميو ڦريو اچون پر سندن جيءَ ۾ جهاتي پائي انهن حالتن جو اظهار ڇو نٿا ڪري سگهون جيڪي ڪين زبردستي شهادت جو جام پياري رهيون آهن. پنهنجي وطن کي ساري ڪلپنا اُهي ڳالهيون ڪيون جو ڪير ٻُڌي تہ هَنجُن هارڻ کان سواءِ رهي نہ سگهي، قدرت جي اڳيان تہ انسان بيوس آهي، ڪيڏائي پيارا جيءَ جيارا وڇڙيو وڃن تہ لڇي ڦتڪي نيٺ صبر اچيو وڃي پر خود انسان جي پيدا ڪيل وڇوڙي وارين حالتن اڳيان، انسان بيوس هجن تہ اها انسانيت جي ڪيڏي نہ ستمگري چئجي. مون کي ايئن ٿو محسوس ٿئي تہ وطن ڏسڻ جي پراڻي خواهش .... ڌنڌلي اُميد سندس من جي ڪنهن ڪنڊ ۾ مايوسي جي چار ۾ ڦاسي دم ٽوڙي رهي آهي، ڪيس وهم گهيري چڪا آهن تہ زندگي گذري ويندي پر ايئن ڪڏهن بہ نہ ٿيندو تہ هو يا هن جا ساٿي پنهنجو وطن ڏسي سگهندا. هڪ شخص جي زندگيءَ ۾ جلاوطنيءَ جا پنجٽيهہ سال ڪو گهٽ عرصو تہ ناهي.

مون کان موهن ڪلپنا جون دردناڪ ڳالهيون ڪڏهن بہ نہ وسرنديون ـ هن انتهائي پيڙا مان چيو:

"ماهتاب، جتي مون جنم ورتو، رانديون ڪيون، اهو وطن انجا شهر ۽ ماڻهو هر چوٿين رات خواب ۾ اچن، ڪڏهن تہ هر رات ـ سوچيان؟ انسان ٻنجڻ کان جيڪر ڪراچي جي رستي تي هلندڙ ڪو گاڏو هجان تہ گهٽ ۾ گهٽ منهنجي جسم جا ڪي حصا .... ان گاڏي جا ڦيٿا، پنهنجي زمين سان گسجندا هلن ها .... مان محسوس ڪريان ها تہ جنهن مٽيءَ مون کي جنم ڏنو آهي مان اُن سان جڪڙيو پيو هجان

ها .... ڪاش هڪ دفعو مان سنڌ ڏسان ...." هن ڏاڍي حسرت مان چيو ۽ پوءِ ڄڻ ڪنهن سان خيالي طرح مخاطب ٿيو..

"بابا مون ڇڏيون سڀني ڳالهيون، جنهن ڪي جيئڻ ڪبي تيئن وڃي ڪريو پر هيلي مون لاءِ منهنجي وطن جو رستو کوليو.. مون کي سنڌ اڄڻ ڏيو."

منهنجي دل پرچي آئي، مان هُنجي جذبات ۽ احساسات جو اندازو ئي لڳائي رهي هيس جو هن دردیلي مُرڪ مرڪندي پاڻ ئي چيو:

"ها .... ڏاڍو جذباتي آهيان .... مان جذباتي جو آهيان .... ڪجهه نه هوندو جو مون کي نٿو ملي ۽ مان مران پيو. پنهي خيال کان نه توسان ملي سوچيان ٿو ڏسي ته ڇڏي سنڌ مون ...."

مون کي هن جي اکين ۾ چمڪيلي آلاڻ نظر آئي پر هو روئيندو ناهي. درد اکين تائين پهچڻ کان اڳ سندس من جي گهراين ۾ گم ٿي هڪ نئون زخم بڻجو پوي.

موهن ڪلپنا ڊرنڪ ڪونه ڪري پر نه پيئڻ جو قسم به ڪونه کنيو اٿس - اڌ ڇڪيل سگريٽ رک داني ۾ ڇٽيندي چوڻ لڳو:

"ماهتاب، ڪي ڏک اهڙا آهن جو ڪڏهن ڪڏهن مون کي اهو زهر پيئڻ تي مجبور ڪيو ڇڏين. تڏهن مان ٽيپ تي ماني ڀاڳيءَ جو ڪيسٽ ٻڌندو آهيان.

"هتان اوڏا منهنجا سپرين .... وساري وينا الا ...."

"خيالن ۾ وڃانجي ڪڏهن سکر، ڪڏهن حيدرآباد، ڪڏهن ڪوٽڙي، ڪڏهن ڪراچيءَ ۾ پيو گهمندو آهيان ۽ ڏک وڃان جڻ ڇاتي ڇڄڻ لڳندي اٿم .... "منهنجو وطن .... منهنجو وطن .... مان نه نٿو وڃي سگهان ...." سوچي سوچي جڻ دل ٻيهو رهي ...."

هن ڪي پل ماٺ رهي نئون سگريٽ دکايو ۽ وڏو ڪش پريندي پنهنجي ڳالهه جاري رکي.

"مون کي سنڌ سان بي پناهه محبت آهي، اندران اندران خالي ٿيندو ٿو وڃان .... بس هڪ بوتو آهي منهنجو جسم، اُن اندر فقط هڪ باهه آهي جا اُن بوتي کي سنڌ جي ياد ۾ لڳل آهي... گهڻا دفعا ايئن به سوچيم ته مذهب بدلائي هميشه لاءِ اتي اچي رهان، پر مان هندو ڪهڙو آهيان جو مسلمان ٿيان! روز هڪ ڏينهن زندگيءَ مان کٽي ٿو روز هڪ ڏينهن مان پنهنجي وطن ڏسڻ جي آس کان پري ٿيان ٿو."

مون کي لڳو ته پولار جون به انتهائون ماپي سگهجن ٿيون پر موهن ڪلپنا جي دل ۾ سنڌ لاءِ جيڪو پيار آهي انجو ڪو انت ناهي.

باقي ڪو قلم هٿ ۾ کڻي يا لاليباب، اها هنجي پنهنجي چونڊ آهي. پنهنجي خيالن جو اظهار ڪندي ڪلپنا چيو، "احساس ڪمتري، حسد يا تخليقي قوتن جي ڏيوالي ماتحت اڪثر ڪن نيم اديبن جي مغز جي تاڪي ڦرندي آهي ۽ هو ڏينهن ڏٺي پوائتا خواب ڏسڻ شروع ڪندا آهن. پنهنجي بيمار آتما کي امنگ ڏيارڻ لاءِ هو "دهل جي ڏونڪي تي ٻاڻ کي اوچ هنڻ جي گار ڏيندا آهن، سمپادڪن جي خوشامد ڪندا آهن، ۽ دل جو بغض ڪڍي تتل چاتيءَ تي خوسفهميءَ جو ٿڌو چنڊو هڻندا آهن."

تازو هند جي ڪنهن اخبار ۾ ڪيس دوستن سميت سنڌي سماج ۽ ٻولي وغيره جو دشمن ڪوٺيو ويو، جنهن جي جواب ۾ هن وراڻيو:

"پوري هند سنڌ ۾ فقط چريا ۽ بيوقوف هنن لاءِ اهڙي سوچ رکي سگهن ٿا جيڪڏهن پنهنجي زبان، ادب ۽ قوم لاءِ ڪم ڪرڻ هڪ سازش آهي ته واقعي اهو صليب اسان پنهنجي ڪلهن تي کنيو آهي."

مان موهن ڪلپنا جي حاضر جوابيءَ جي ته اڳ ئي قائل آهيان، سندس اهو جواب به خوب هو.

١٥- آگسٽ ١٩٥٥ع ۾ ڪيس "ستياگره" لاءِ گوٺا اماڻيو ويو، موهن ڪلپنا نه صرف سنڌين ۾ بلڪ پوري هندستان ۾ واحد اديب آهي جنهن پورچو گيز جي بندوقن سامهون سينو ساهيو، ان بابت سندس لکيل ڪتاب "اڃا رات باقي آ" کيس هندستان جو هر دلعزيز ليکڪ بڻائي ڇڏيو، پر هو پنهنجي ان ڪارنامي کان مطمئن ڪونه ٿي لڳو، ڏاڍي ڏک ۽ حسرت مان چيائين: "ڪنهن به طرح سنڌ کي ٻيو هوش محمد يا هيمو ڪالاڻي نصيب ۾ لکيل نه هو، مان بچي ويس."

ليکڪ زندگيءَ کي ٻين کان وڌيڪ ويجهڙائيءَ کان ٿا ڏسن، انڪري ٻين جي پيٽ ۾ هو ان سان پيار به وڌيڪ ٿا ڪن. موهن کي به زندگيءَ سان بي حد پيار آهي، هن تمام گهڻا ڏک ڏٺا آهن، انڪري سندس سوچون نهايت سهٺيون آهن، هو سچي زندگي تلوار جي ڌار تي هليو آهي، هن جا پير رتو ڇاڻ آهن، هن زهر پي سوچيو آهي ۽ رت ۾ قلم ٻوڙي لکيو آهي، ڪن حالتن ۾ ته هن اهي زهر پريا شيشي جا گلاس به ڪاٺي ڇڏيا آهن جن سندس اندر کي ڇڻ ڪپي ڇڏيو هجي. ڪمل هنجي زندگيءَ ۾ چبر ۽ چانوَ بڻجي آئي. جنهن جي قربن ۽ قربانين جا اڻ ميا داستان ٻڌائيندي چوڻ لڳو:

"ڪمل جي منهنجي زندگيءَ ۾ نه اچي ها ته ڪڏهن ڪنهن مندر يا شمشان ڀوميءَ ۾ زندگيءَ جو آخري ساه کڻي به چڪو هجان ها."

الهاس نگر ۾ ڪمل سان مان تمام ٿوري دير لاءِ ملي هئس پر سندس موهيندڙ سڀاجهي صورت ۽ قربائتو انداز مون کي سدا ياد رهندو.

موهن ڪلپنا Creative personality آهي. هن لاءِ ڏينهن روشن ۽ رات اونڌه ٿئي، هو اصولن کي ڪلا سمجهي پنهنجي ٽنگن ٻاهن ۾ ٺوڪي مسيحا جيان شهادت جو جام پي Fixed character ڪونه بڻجي، هن لاءِ اصول، آدرش حاصل ڪرڻ جا نيم آهن، جيڪي ڪوبه حاصل نه ٿيڻ جي صورت ۾ ترڪ ڪيو ڇڏي.

هو هڪ حد تائين طنز ته برداشت ڪري سگهندو آهي پر جي اها گستاخي ۾ تبديل ٿئي ته ان ۾ لکندڙ جو خسيسپڻو ڏسندو آهي. ٻوءِ مشڪل سان ئي ڪو سندس قلم جي ڪات کان بچي سگهي. پر وس

سگهان. جا ٻڻ هڪ ماڻ آهي .... منهنجي ڏيءُ جي. "ان ويل ڪيس اينئن محسوس ٿيو ڄڻ ماڻ سڄي جهان جون خوشيون سندس قدمن ۾ جهڪائڻ جون دعائون ڪندي هجي.

ڪلپنا ڪي ڪنهن اڻجاتل سچ جي مسلسل ڳولها رهي آهي. جتي ڪيس سچ نظر نہ آيو. اها راهہ ڇڏي نئين راهہ تي پنهنجا قدم رکندو نيون زندگيون گذارڻ. نيون راهون اختيار ڪرڻ ڪري هن تي تضاد جون تهمتون موقعہ پرست ۽ منافق جا لقب لڳندا آهن. پر انجي ڪاني پرواهہ نہ ڪندو سندس چوائي، سڄي بمبئي ۾ گني سامتائي ۽ لعل پشپ کان سواءِ ٻيو ڪير بہ ناهي جيڪو هن جي من جي سچائي ۽ ساهس کي پرکي سگهي. اِهي ٻئي ماهر ٽوٻن جيان هن جي من ساگر مان هر راز ٻاهر ڪڍي ايندا آهن. انهن گهڻگهرن دلدار دوستن کان ڪلپنا جو ڪوبہ احوال ڳجهو ڪونهي.

جتي ڪيس سچ ۽ اصليت نظر نہ آئي، اتي هن ورهين جا ناتا پلن ۾ ٽوڙيا آهن. هن پنهنجو هڪ مڱڻو بہ محض انڪري ٽوڙيو جو مڱيندي، کي "جارج" ۾ لنچ دوران سلاد جي پليٽ مان ڪلپنا جو بصر ڪڍڻ نہ آڙيو. ڪيس کيءُ کنيو جو اهڙو اظهار ساهيڙيءُ معرفت ڪلپنا تائين پهچايو. هو تہ ڄڻ ڪو موقعي جي تاڙ ۾ هو سو اتي جو اتي سمورا بندڻ ٽوڙي اچو تاجو ٿي پيو.

مڱينديءَ: ٻڪي ماڻ ڏسي ڪيس فون ڪيو تہ ڪلپنا چيس:

"مان سمجهان ٿو تہ هڪ مڙس ۾ تهذيب جون جي ڳالهيون هئڻ گهرجن اُهي مون ۾ ناهن، تنهن ڪري بهتر ائين ٿيندو تہ تون پنهنجي لاءِ ڪو ٻيو پتي ڳولهہ."

ان چنيسر کي هٿ وٺي وڃائڻ کان پوءِ هوءِ ويچاري گهڻي رني رڙي پر پنهنجي وڏيءُ جو نہ ويچ نہ طبيب! موهن جي دوستن بہ ان ناريءُ جي حق ۾ گهڻئي سفارشون ڪيون پر هن تي ڪو اثر نہ ٿيو. رهندو ٿپ جواب ڏنائين:

"ڪيس چئو تہ موهن ۾ ڪلچر ناهي ڪلچر نٿو سيکاري تہ عشق ڪندي ڪو بصر نہ کائيا آهن."

ان فيصلي کان پوءِ ڪلپنا ٻڌايو تہ ان رات پنهنجي اندر جو سمورو درد ۽ زهر هن پنهنجي هڪ ليک "آئيني اڳيان" ۾ ظاهر ڪيو. جيڪو پوءِ "ڪونج" جي ڪلپنا شخصيت پرچي ۾ ڇپيو. بهرحال اڄ بہ ڪلپنا ڪيس وساري نہ سگهيو آهي. هو ڪنهن کي وساري ئي نہ سگهندو آهي. ان ريت ٻاهين ۾ سڙندي، تلائن ۾ غوطا کائيندي هن ڪمل جهڙي ڪونج کي حاصل ڪيو جنهن سندس ڏکن جا گهڻائي صليب ڍويا آهن.

مان ڪي بہ وڏا دعويٰ ڪونہ ڪريان پر بہ محسوس ڪيو اٿم تہ مون کان اهي ئي انسان متاثر ٿين جن کي منهنجي روح جي سادگين ۾ صداقتن جون ڪي جهلڪيون نظر اچن. شايد تہ ڪلپنا کي بہ ان صداقت جي ڪا جهلڪ نظر آئي ۽ هن منهنجي حوالي سان هڪ بيان لکيو جنهن ۾ پاڻ کي اتحاد، ۽ ترقيءُ جو حامي ڪوٺيندي نفاقن ۽ ورهاڱن کان نفرت جو اظهار ڪيو. مون ڪلپنا جي سچن ۽ ڪرن جذبن وارو بيان ڇپائڻ جي انڪري ضرورت محسوس نہ ڪئي جو ان کي جن پڙهيو انهن ذريعي ايڏي تہ شهرت حاصل ٿي جو ڇيڇڻ سان بہ نہ ٿئي ها. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ ڪن اهو افواهہ هُلايو تہ مون اهو بيان "اندر جنين اُڄ" جي پڌرائي جي موقعي تي فوٽو اسٽيٽ ڪري پبلڪ ۾ ورهايو. پر ثابتي طور هو

اهڙي ڪا ڪاپي پيش ڪرڻ کان بنھ بي وس رهيا، مان حيران نيس تہ بيان ڇپائڻ لاءِ منهنجو ڪتاب موجود هو، پوءِ مون کي اهڙي ضرورت ڇو پيش اچي ها. بهرحال پنهنجي پنهنجي سمجھ آهي ان کي ڇاٽو ڪري سگهجي.

هڪ ذمہ دار اديب جي ناتي ڪلپنا کي پوري دنيا جي انسانن سان محبت آهي، هن جو ايمان آهي تہ ليکڪ کي وڏي دل ڌارڻ گهرجي، ڪٿي بہ ڪو سياسي، مذهبي، سرحدي، ذات پات، فرقن، صوبن، زبانن، تهذيب طبقي، جنهن ۾ رنگ پيد جوڪو اثر هن جي نظريہ حيات ۽ فلسفہ ادب تي نہ پوڻ گهرجي. هو چئي ٿو، "اسان فنڪارن کي پيار ڏيڻ گهرجي هيري کان سخت .... ساگر کان گهرو" مون کي اهي سڀئي صفتون موهن ڪلپنا ۾ واضح طور نظر آيون.

ملڪ ترنم نورجهان، موهن ڪلپنا جي پسنديده گلوڪاره آهي. هو سنگيت جو بيحد گهڻو شيدائي آهي، آخر ڇو نہ هجي، پاڻ بہ تہ شهنشاهِ ادب آهي، ير پاڻ لاءِ چئي ٿو:

"برسات جي گل جيان مون ۾ نہ تازگي آهي نہ خوشبو، مون وٽ صدين جو اوجاڳو آهي .... پت کي هٿ لايان تہ ان کي بہ ننڊ وڻيو وڃي ...."

مون کي لڳو تہ موهن جون اهي موهيندڙ ڳالهيون ئي هنجي شخصيت جو سڀ کان اهم پهلو آهن.

ڪيس ڇهرا پڙهڻ جي چڱي پرک آهي، دادا چندر جي گهر، محبوب جي تصوير ڏيکاريمانس تہ حيرانيءِ مان چوڻ لڳو:

"اڙي! هي تہ منهنجو ننڍو پاءُ پيو لڳي ...."

"برابر، ڪي لُڪس اوهان جهڙا اٿس."

منهنجي ڳالھ تي مُرڪي هن تهائين سڪ مان تصوير کي ڏٺو.

"دلدار ماڻهو آهي محبوب، پر هڪ ڳالھ چوان؟"

"چئو ...."

"هي ڪجھ مون وانگر آهي، هن کي سڀ ڪجھ مڪمل کپي، مڪمل پيار مڪمل وشواس، مڪمل انڊر اسٽينڊنگ تہ هو خوش رهندو باقي دنيا ڏانهن اک نہ کڻندو ...." موهن جون پرشوق نظرون اڃا بہ تصوير تي لڳل هيون ۽ مون هن ڏي پئي نهاريو تہ اڳئي ڇاٽو چئي.

"محبوب دل جو ايئن صاف آهي جيئن تاج محل، مان ضرور ڪيس پاڪر پائيندس، مان هن جي ڳلن تي چمي ڏيندس."

مان محبوب جون تعريفون ڏاڍي غور سان ٻڌي رهي هئس اوچتو هن مون ڏانهن نهاريندي چيو:

"پر جنم وشواس هوا ۾ ڪونہ بيٺو آهي، هن بہ تہ ڪجھ پنهنجي ماهتاب ۾ ڏٺو هوندو."

مان حسب معمول ڇڙو مرڪي پيس. هن تصوير ڊائريءِ ۾ رکندي چيو:

"محبوب کي چنجانءِ تہ يار ڪڏهن ضرور گڏجنداسين، زور زور سان کلنداسين، ماٺ ماٺ ۾ روئينداسين، ايئن چوندي هو اداس ٿي ويو. شايد ڪيس يقين نہ پئي آيو تہ اهي خواب جيڪي چوٽيهن سالن کان هو ڏسندو اچي سي ڪڏهن سچا بہ ٿي سگهندا. پر مون کي يقين آهي تہ هو هڪ ڏينهن سنڌ

ضرور ايندو.

ڪا دير ماٺ رهي هن ﭘاڻ سان آندل هينڊ بيگ مان سگريٽ جو ننون پيڪٽ ڪڍيو ۽ ان کي کوليندي چوڻ لڳو:

"مون کي محبوب سان ملڻ جي ڏاڍي سڪ آهي، انديا موڪلينس، ڪيس ايئن لڳندو ڇڻ مان ڪيس نه ﭘاڻ توکي گهمائي رهيو آهيان."

اهو ٻڌي مون محسوس ڪيو ته ڪلپنا ۾ ايڏو ته خلوص هو جنهن ڇڻ هند جي سڀني سنڌين جي نمائندگي ٿي ڪئي.

"تمام تورا مرد ٿين ٿا جي ايڏا بلند حوصلا ۽ عقيدا رکن ٿا. باقي مان ته ان شخص کي نمسڪار تو ڪريان، مان سمجهندو هنس منهنجي ڪردار جي بلندين تي ٻهڻ لاءِ زندگيءِ ۾ قدم قدم تي بندگي ڪرڻي پوندي ۽ پنهنجي وجود جا ڪي حصا ڪٽڻا پوندا. ڪئور تپسيا ڪرڻي پوندي پر جنهن دوست محبوب کي، ماهتاب جهڙي سباجهي .... شريڪ حيات ملي ته ان جو بلند ٿيڻ ڪجهه ڪجهه فطري آهي."

"ايڏيون خوبيون مون ۾ ڪٿي، مان ته سمپل سمپل آهيان ....؟"

"تنهنجي ان سمپلسئي ۾ ئي ته تنهنجي ڪردار جي سونهن آهي ماهتاب. اديب ٻن ڳالهين سبب مهان ٿيندو آهي هڪ ته پنهنجي آزمودن طرف سچائي ۽ ٻيو ان سچائي جي اصليت جي صحيح ڄاڻ. تون سڀ ليکڪا جو تي سگهنيءَ. نه ته تون سمپل سمپل لکندي سوچيندي آهين "اهڙي ڪا ڳالهه ناهي،" ڄاڪاڻ جو پنهنجن آزمودن ۽ ڄاڻ موجب ﭘاڻ طرف ايماندار آهين. ان ڪري ئي عزت ۽ احترام جي مستحق آهين." "اها ته اوهان جي مهرباني آهي جو مون کي ايئن ٿا سمجهو نه ته ...."

"اهڙي ڪا ڳالهه ناهي، ائين نه" ڪلپنا منهنجا لفظ جهٽي مرڪندي پڇيو ته مان شڪي ٿي ويس.

"ماهتاب، مان به من ۽ آتما سان سمپل سمپل آهيان تمام تورن وقتن تي مون چهري تي نقاب چاڙهيو آهي پر.تو مونکي سچائي ورتو." مان چپ ....

"مون کي ته فقط سترهين رات خبر پئي ته ماهتاب محبوب آئي آهي سو ايتري چڪ ٿيم ته پنهنجو هم وطني ڏسان هڪ سنڌي مسلمان عورت. جا مون ورهاڱي بعد نه ڏٺي هئي .... توکي نه ڏسان ها ته ﭘاڻکي ڏاڍو سڃو سمجهان ها."

ايتري ۾ ڄاڻهن اچي وئي ته ڪپ مان ٻيپ پري چوڻ لڳو:

"مان اتي ڏاڍو خوش نه ٿيس جڏهن شيخ اياز چيو، "موهن ڪلپنا هندستان ۾ سنڌي ٻوليءِ جي آخري آس" يا امرجليل چيو ته "سنڌي ڪهاڻي جو ٻيو نالو موهن ڪلپنا آهي" ته شوڪت حسين شوري لکيو "موهن ڪلپنا سنڌي ٻوليءِ جو بادشاهه آهي؟ يا ڪنهن ٻئي لکيو "موهن ڪلپنا هڪ دور هڪ جُڳ آهي؟ ...." ان ۾ ته فقط موهن جو فنڪار ٿي پڌائڻ ۾ آيو .... ڪلپنا خود ڪٿي هو .... پر تو مون کي ٻهريائين بحيثيت هڪ سڀني انسان جي مجيو آهي. مان وڏي ليکڪ کان سٺو انسان ٿيڻ پسند ڪندو آهيان ....

ڇا ڪٻي مون کي وڏيڪ، ڇا ٿي سگهي ٿو ان کان وڏيڪ دنيا ۾ موهن ڪلپنا لاءِ ته ڪيس اهو سمجهيو وڃي جو هو آهي."

موهن جي شخصيت ۾ جيڪا مقناطيسي ڪشش آهي تنهن کان ڪنهن کي انڪار هوندو! مان نه چوان، انڊيا وڃي ڪير موهن سان نه مليو ته معنيٰ ڪنهن سان نه مليو. ان سان مليو ته ڄڻ سڀ سان مليو. هو بظاهر اڪيلو انسان پر هن ۾ دنيا آباد آهي. ڪڏهن ته انين لڳي ڄڻ سمورو سنڌين جو روح هن هڪ ۾ سمايل هجي. مان انڊيا جي صرف ٻن شهرن تائين ويٺي هئس پر هن سان ملي مون کي لڳو ڄڻ مان سڄو هندستان گهمي ورتو هجي. هن سان ملي ڪنهن سان نه ملڻ واري ڪوٺ ٻه پوري ٿيو وڃي، ڇو ته هو نه رڳو هند سنڌ جو سير رائيٽر پر سهڙ انسان به آهي.

اهڙن انسانن جي زندگيءَ کي جڏهن ڪو لوڏو ايندو آهي ته ڌرتي ڌُڏي ويندي آهي، ڪائنات ڪنبي اٿندي آهي! ويجهڙائي ۾ موهن ڪلپنا جي هارٽ اٽيڪ سندس پرستارن ۾ گهٽگهرن کي اهڙي ئي قيامت جو نظارو ٻسايو، پر شايد ته قدرت کي ڪهل پئي ۽ هن ڪلپنا کي نئين زندگي ڏيني ڪروڙين دلين کي جياري ورتو.

موهن ڪلپنا کي محمد ابراهيم جويو صاحب ۽ پير حسام الدين راشدي لاءِ وڏو احترام ۽ قرب آهي ـ هن چيو ته جويو صاحب پنهنجي سڄي ڄمار ادب کي ڏني آهي، هن جو مطالعو وسيع آهي ۽ انساني دوستيءَ جي اعليٰ سوچ اٿس. راشدي صاحب جي ڪتاب "هو ڏوني هو ڏينهن" تي پنهنجي راءِ ڏيندي چوڻ لڳو:

"مان زندگيءَ ۾ اهڙو ڪتاب لکي نه سگهندس، ٻڙهي بروقت خدا در گوڏا ڪوڙيم ته يا خدا راشدي صاحب جي عمر سوا سؤ سال ڪجانءِ، تندرستي سان گڏ اکين جي روشني سلامت رکجانس جيئن اهڙا تاريخي ۽ ڪلاسڪ ڪتاب لکندو رهي."

مون راشدي صاحب کي موهن جو اهو رايو ٻڌايو جنهن سندس چهري تي مسرت جا ڪيئي رنگ پکيڙي ڇڏيا. کيس به هن لاءِ گهڻو پيار آهي. ڪلپنا جي اڻپوري آتم ڪٿا ڪنهن منگزين ٻڙهڻ کان پوءِ ڏاڍي خواهش اٿس ته اها سڄي پڙهي، جڏهن ڪيترو وقت گذري وڃڻ کان پوءِ به سنڌ ۾ نه ڇپجي سگهي ته مون ان جو مسودو حاصل ڪري کيس روانو ڪيو جنهن کي هو نئين سنئين لکڻ ۾ مصروف آهي.

هڪ ڀيري موهن ڪلپنا، راشدي صاحب کي منهنجي معرفت ڪو ميسج موڪليو، هن سندس تحرير ٻڙهندي چيو: "اکر ڏاڍا سٺا اٿس."

"ها" .... مون مٺل آواز ۾ وراڻيو، جو بظاهر ته اهي برابر موتين جي داڻي جيان آهن پر بيهڪ ڪجهه اهڙي نرالي اٿن جو جيتر پڙهڻ جي پريڪٽس نه ٿئي تيتر مون پارا ڏکيائي سان سمجهي سگهن. پر راشدي صاحب پنهنجا پڪا اکر ئي سجاڻيو وڃي ته موهن ڪلپنا جا اکر سڃاڻڻ ته هن لاءِ ڪو مسئلو ئي نه هو. موهن ڪلپنا ڳالهين ئي ڳالهين ۾ رشيد ڀٽي ۽ شيخ اياز جو ذڪر به ٿي آندو تنهن ڏينهن کين ياد ڪندي چوڻ لڳو:

"رشيد ڀٽي کي چنچ، تو سؤ دفعا منهنجو گيت ٻڌو ۽ پاڻ ئي چيو هو ته سفر جي ڊائريءَ جو عنوان ان گيت جي ٻهرين سٽ لکندو."

"اهو ڪهڙو گيت؟" پڇيم.

"جي ياد ايندا آهن، ڏاڏا ياد ايندا آهن." هن چيو.

"گيت ته ڏاڏو پيارو آهي، رشيد ڀٽي اجا ته سفر جي ڪا ڊائري ناهي ڇپائي نه ته جيڪر اهو ئي عنوان ڏني ها، مون کي خاطري آهي ته هو زبان جو پڪو آهي." وراڻيم.

"اياز دوستي ٽوڙي ڇڏي پر هن ئي اروڙ ۾ به هرڻ ڏسندي جيو ته اهي اياز ۽ ڪلپنا آهن جي روپا ماڙي ڏي نظر ڪري سنڌ جو عروج ڏسي رهيا هئا." ڪلپنا دک مان چيو.

"شاعرن جو ڳالهيون به خوبصورت خواب ٿين جيڪي اک کلڻ سان غائب ٿيو وڃن." وراڻيم.

"ڀٽيءَ دوستي قائم رکي پر خط نه لکيو، مون کيس سنڌ جو اداس روح ڪوٺيو هو، هن ماڻهن کي کلايو ٿي، مون هن جي نقاب اندران هڪ دردمند انسان جو چهرو ڏٺو."

"اهو صحيح آهي ته رشيد ڀٽيءَ جي دل ۾ انسانيت لاءِ درد آهي. هو اسان جي ادبي انڊسٽريءَ جو نهايت ئي شريف انسان آهي."

منهنجي سنڌ اچڻ کان هڪ ڏينهن اڳ، ڊائننگ ٽيبل تي اسانجون ڪوڙ ڳالهيون ٿيون جيڪي ڄڻ موهن جي فيلنگز جو ڪلائيمڪس هيون، مان ٿي ٻڌائي سگهان ته هن جي احساس ۽ جذبن مون تي ڪيڏو نه اثر ڇڏيو .... هن جي هر لفظ ۾ اعتماد هو، خلوص هو ڇا ڇا نه هو ....

"مان ايئن ٿو چوان ته مون کي نه وسارج، جنهن کي وسارجي مان اهڙو ناهيان .... پر خط ته لکندينءَ نه." "ها، ضرور." "خط به دل جيان آهن بند ٿيا ته بند ٿيا، نه ته هلندا هلن."

"ڪيڏيون نه گهريون آهن اوهان جون سوچون ...."

"مان خود به ته گهرو آهيان .... ياد ڪج ماهتاب توکي ٿي نه چار پانڊ هئا. ان مان ٿي ته هميشه لاءِ هليا ويا، اجا هڪ اٿئي، محبوب کي چنچ ته سالا سينهن کي به پيارا ٿيندا آهن .... ڪلپنا تنهنجو سالو اٿئي، هن کي تنهنجو پيار گهرجي."

ڪلپنا جي لهجي ۾ ايڏو ته خلوص هو جو منهنجون اکيون پرجي آيون.

اسين فنڪار آهيون ماهتاب تون منهنجي دوست محبوب جي پتني آهين جو هڪ عظيم انسان آهي، شل تون هنجي دنيا ۾ هميشه سکي ۽ آباد هجين مگر ان کان الڳ به هڪ دنيا آهي جتي فنڪارن جا ناتا جسمن، عمرن، رنگن ۽ جنسن کان مٿي آهن."

مان مان هيس ۽ ڏاڍي غور سان هن جون ڳالهيون ٿي ٻڌم، جن ۾ دورين جو درد هو.

"مون کي اميد نه هئي ته تو جهڙي فنڪار ڀيڻ ۽ دوست مون کي ايئن اوچتو ملي ويندي، انهن ئي گهڙين لاءِ اسين جيون ٿا اهي ئي ته اسان جي آتما ۾ روشني ۽ سنگيت ڀرين ٿيون. مان ان پاڪ ۽ مقدس رشتي جي آخري گهڙين تائين حفاظت ڪندس. اسان ٻنهي جون دنيائون الڳ آهن ۽ اسان جو پوتر سنبنڌ انهن جي وچ ۾ هڪ پُل آهي."

مون کي لڳو اِهي حد بنديون جيڪي گذريل چوئيهن سالن کان هنجي اندر جي اڄ، روح جو ناسور ۽ پيرن جي زنجير بڻيل آهن ان مقدس پُل جي وسيلي پار ڪري، هو هڪ ڏينهن پنهنجي وطن جي مٽي اکين سان لڳائي سگهندو.

Mohan Kalpana

**KAMAL M. LALLA**

C/654, ULHASNAGAR. 421 004,
Dist. Thana (Maharashtra)
INDIA. Telephone: 932

-٢-

Date 6th Feb. 1972

[illegible]

هنس. ١٩٥٠ کان ١٩٦٣ تائين منهنجو هندستاني ڪميونسٽن سان زبردست ٽڪر لڳو، جنهن جو ذڪر مون سنڌي اديبن ۾ نظرياتي ڪشمڪش ۾ ڪيو آهي. مون مارڪسواد کي ته قبول ڪيو ٿي، مگر مان ادب ۾ منصوبي بازيءَ جي خلاف هئس. اهيان ۽ رهندس. هنن به مون تي مختلف حملا ڪيا. مان چريو اهيان، رجعت پسند اهيان، گڏهه، پاجي آهيان، ته مون کي پاڳل خاني موڪلڻ گهرجي. ها شوڪت، اهي سڀ لکت ۾ حملا آهن. مان ايترو هيٺ ڪرڻ کان انڪاري آهيان: ان ڪري اهي جي مون تي حملا ڪندا آهن، اهي شخصي طور مون سان عزت ۽ احترام سان ملندا آهن ۽ زباني بنهنجي لکڻين تي ڏک ظاهر ڪندا آهن.

١٩٦٣ بعد وري فرقي پرستن سان جنگ شروع ٿي. جن لکيو ته مان دماغي مريض هئس. جيئن ته مان عربي لپيءَ جو حمايتي آهيان، هڪ ذهني جهڳڙي ۾ هڪ هندي لپيءَ جي اڳواڻ مون کان پڇيو: "تنهنجي ترڪي ٽوپي ڪٿي آهي؟" جواب ڏنومانس: "تنهنجي لنگوٽي ڪٿي آهي؟" مزس ائين چپ چڻ الاءِ ڏڦ تي ڪنهن سائس زبردستي ڪئي هئي.

هڪ جهڳڙو بنهنجي اديب دوستن سان ان سوال تي هو ته هن سنڌي تحريڪ ۾ انهن کي هار تي پاتا. جن وٽ پنسو هو ۽ جن اسان جو استحصال ٿي ڪيو.

١٩٦٩ ۾ مان هندي لپي سميلن ۾ ويس ۽ پوليس مون کي ۽ ڪرشن راهي کي گردن کان جهلي ٻاهر ڪڍيو. مار جي ڌمڪي به ڏنائون. اها به ليکڪن جي ڪانفرنس هئي.

١٩٧٢ ۾ مون هڪ سرمائيدار خلاف ٻنج هزار ماڻهن اڳيان ڳالهايو، جو ٿي. وي تي به ڏيکاريو ويو ۽ هڪ جن سنگهي، ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي ساٿيءَ ۽ سنڌ ۽ پاڪستان جي دشمن، جنهن لکيو آهي ته هندستان، پاڪستان سڀ هندن جو آهي، ڌمڪي ڏني ته موهن ڪلپنا کي هندستان جا ستاويهه لک سنڌي ڪُچلي ڇڏيندا. مان اسٽيج تي ڪلڻ لڳس. بيشڪ ڪتو ني هاٿيءَ تي، پوئڪي سگهندو آهي، ان شخص جو نالو ديپڪ ڪوڏواڻي آهي ۽ جو اسان کان پهرين سنڌ پهچندو جو ڪيس هند سرڪار طرفان سنڌ گهمڻ جو پروانو ملي چڪو آهي ۽ هو ٢٥ حرامين جو ٽولو وٺي اُن سنڌ ۾ ايندو جنهن سنڌ ۾ رهندڙ منهنجي مسلم ڀائرن کي هو نيست و نابود ڪرڻ لاءِ لڳاتار لکندو رهندو اچي! سرڪار هن جي اخبار "ماتر ڀومي" تي بندش وڌي ته اُها مسلمانن خلاف آهي ته ٻي اخبار "هندو ڀومي" ڪڍيائين. ان جي پاليسي به ساڳي آهي. پر هن جڏهن مون کي ڌمڪي ڏني ته سنڌيءَ جا سڀ اديب اسٽيج تي چڙهي آيا. هي به ٻن سؤ پهلوانن جو ٽولو وٺي آيو هو. هڪ شخص لعل پشپ کي هوا ۾ ڪٽي چيو: هيٺ لهه، نه ته هيٺ ڦٽو ڪندوسانءِ. ٻني گني سامتاڻيءَ کي جهليو. گنو جو ذهين ترين آهي ۽ باڪسنگ جي هنر مان به ڄاڻي تنهن بنهنجو ڏورو ڏيکاريندي چيو: "پهرين هتي هٿ لاهي ڏس ۽ پوءِ ڳالهاءِ." چندو لعل جنسنگهاڻي، موهن گيهاڻي، لڇمڻ ڪومل، واسديو سنڌو ڀارتي، ٽيڪچند مست ۽ گهڻا گهڻا اديب اسٽيج تي چڙهي آيا. ارجن شاد منڪرافون تي جيو "موهن ڪلپنا اسان جو مايه ناز اديب آهي. موهن ڪلپنا کي ڪچلڻ وارو شخص هندستان ۾ ڄائو ناهي." آخر گهڻا ڪاني ديپڪ صاحب کي معافي وٺڻي پئي.

اها منهنجي هڪ طرف زبردست بي عزتي ته ٻئي طرف زبردست عزت به هئي ۽ جيئن ته اهو پروگرام

بمبئي سواجي پارڪ ۾ اَکل ڀارت سنڌي ٻولي ۽ ساهت سڀا طرفان ٿي رهيو هو ۽ جنهن جا ڪم ڪندڙ ۽ سنڌو سماچار جا ڪم ڪندڙ: مالهي، اُتم ۽ ڪيرت ساڳيا هئا (اُتم اُتي حاضر نہ هو) هڪ طرف تہ چپ رهيا، مگر جن "سنڌو سماچار" کي پئسن جي مدد ٿي ڪئي، انهن ليکڪن جي فتح ڏسي اسان کي گاريون ڏيڻ شروع ڪيون. ناري گرسهاڻي نالي هڪ ليڊر چيو: مان تو اِسٽيج تي مٿي وڃي ڳالهايان. هي نڪي جا ليکڪ اسان جي هيئن بيعزتي ڪري ويندا. مان ڏسان ٿو تہ سڀان ڪان "سنڌو سماچار" ڪيئن ٿي نڪري. "مالهي ۽ مان هن جي پر ۾ بيٺا هئاسين. مون ڪيس چيو: "تون مٿي چڙهہ تہ مان توکي ڏينهن جا تارا ڏيکاريندس." چڙهي ها تہ هيٺ ڦٿو ڪريان ها. پر ان بجاءِ مالهي چڙهيو ۽ هن جهنڊو لاهي پروگرام مهمل ٿيڻ جو اعلان ڪيو.

مون سوچيو تہ جڏهن سنڌ جا دروازا کلندا تہ مان سنڌ جي ڀاٽرن کي شڪايت ڪندس، تہ ڏسو اسان وٽ ڇا ٿي رهيو آهي. ٻار شڪايت ڪٿي ماءُ وٽ ويندو آهي ۽ سنڌ ٿي تہ اسان جي ماءُ آهي. پر پوءِ مون سوچيو تہ مان هندستان جا جهڳڙا سنڌ ۾ ايڪسپورٽ نہ ڪندس. تو بہ صحيح لکيو آهي تہ اوهين ان ۾ دلچسپي وٺي نٿا سگهو؛ مگر ڳالهہ دک جي آهي.

ان بعد مون، ڪن دوستن سان گڏجي ليکڪن جي الڳ سنسٿا ناهي آهي. هاڻ ڪن کي اهو اعتراض آهي تہ سندس ڪتاب بحث هيٺ نٿو اچي. تہ اها سنسٿا ترقي پسندن ۽ جديد ليکڪن خلاف آهي ۽ ٻيون بہ گهڻيون بيهوديون ڳالهيون لکيون ۽ جيون اٿن ۽ جن جو حوالو ان سپليمنٽ ۾ آهي جا توکي موڪلي ويني آهي.

گذريل هفتي وشنو اَٽ ڪلاڪ گڏ هو. هن چيو: "ڪلپنا، اسين صرف لعل پشپ، آنند کيماڻي، گُني سامتاڻيءَ خلاف آهيون، تو خلاف اسان کي ڪا شڪايت نہ آهي. منهنجي زندگيءَ جي خواهش آهي تہ مان توتي اٽڪل پنج سؤ صفحا ڪتاب لکان ۽ دنيا کي ڏيکاريان تہ موهن ڪلپنا اصل ۾ ڇا آهي ۽ ڇو ڪيس ڪنهن ڪونہ سمجهيو آهي ۽ تہ مان تنهنجو شرڌالو آهيان. مگر سُکن گڏ آلا ٻرندا آهن؟"مون ڪيس چيو تہ: "مون تي لکڻ کان تہ ، بہ چار سٺيون ڪهاڻيون لک". ڪانئنس لکي تصديق ڪري سگهين ٿو.

ان پس منظر ۾ مون کي سچ پچ لکڻ ويرٺ لڳندو آهي. هند تہ مون کي رجيڪٽ ڪيو آهي، جڏهن سنڌ بہ رجيڪٽ ڪندي تہ قلم پڇي ڦٿو ڪندس ۽ هميشہ لاءِ لکڻ بند ڪندس.

شامل خط پوسٽ ڪرين تہ مهرباني.

ـــ موهن ڪلپنا

●

# ڊائريءَ جا ڪجهه ورق

**ظفر حسن**

## ٢، جولاءِ ١٩٩١ع

اسين جيئن جيئن ڇمار ۾ وڌندا وڃون ٿا تيئن تيئن نوان دوست، توان لڳ لاڳاپا پيدا ڪندا وڃون ٿا. انهيءَ ۾ ڪو شڪ ڪونهي ته انهن نون نون لڳ لاڳاپن سان ڏاڍن پيارن ماڻهن سان ملاقات ٿئي ٿي.

پر ان سان گڏوگڏ اسين پنهنجن جهونن دوستن، بزرگن، پراڻن پاڙي وارن کي به وساريندا وڃون ٿا. اهو صحيح آهي ته زماني جي ڪمن ڪارين ڪري، هر ڪنهن جي مختلف ڏنڌن ـ ڌاڙين ڪري، مختلف هنڌن تي نوڪريون ڪرڻ ڪري، مختلف مصروفيتون هئڻ ڪري پراڻن دوستن، پراڻن بزرگن، پراڻن پاڙي وارن ۽ پراڻن استادن، سان گهٽ ملاقات ٿئي ٿي. هاسيڪار ته اسين ڪنهن وٽ وڃون ني ڪونه ٿا، بس ڪنهن ڪاڄ وغيره ۾ يا واٽ ويندي ملاقات ٿيو وڃي.

آنون پراڻن دوستن سان مڙيني ڪجهه نه ڪجهه ملاقات ڪرڻ جو وقت ڪڍندو رهندو آهيان پر وري به ڪي ڪي ته بنھ رهجي ني ويندا آهن يا وري ڪن ڪن سان ته سال ۾ يا سالن ڪان پوءِ وڃي مس مس ملندو آهيان. بهرحال هاڻي سوچيو اٿم ته انهن ننڍي هوندي پالڻي جي واسطيدارن سان وقت ڪڍي باقاعدي ملاقات ڪندو رهندس. هتي لفظ باقاعدي استعمال ڪيو اٿم. يعني ته باقاعدي ڪنهن الڳ ڊائريءَ ۾ لکي (هڪ ٽيبل ڊائري به آنون هن ڊائري کان سواءِ مينٽين (Maintain) ڪندو آهيان) انهن سان باقاعدي هر مهيني، هر ٻئي مهيني، هر ٽئي مهيني، يا هر چوٿين مهيني يا هر ڇهين مهيني يا گهٽ ۾ گهٽ سال ۾ هڪ ڀيرو ضرور ملڻ ويندس. منهنجو جلدي جلدي ملڻ يا دير سان ملڻ بهرحال حالتن، ۽ سهوليتن تي آڌار ٿو رکي. پر هرو ڀرو سستي ڪري ملڻ کان ياڻ کي محروم نه ڪندس.

اهڙي طرح وري جيڪي پري رهن ٿا، يا مُورڳوني ملڪ کان ٻاهر رهن ٿا انهن سان خطن ذريعي ضرور حال احوال اوريندو رهندس. هر مهيني کان باقاعدي نالا لکي ملاقات ڪرڻ جي شروعات ڪندس ۽ جيڪي ملاقات ڪرڻ کان پري آهن، انهن کي خط لکي حال احوال ڪندس.

۽ اڄ آنون هڪ شخصيت ڊاڪٽر اسماعيل شيخ سان ملاقات ڪرڻ ويس. آنون ائين ڪونه چوندس ته هو منهنجو پراڻو دوست آهي پر اسان جي ڪٽنب جا شيخ صاحب جي ڪٽنب سان تمام پراڻا لاڳاپا آهن. اصل ورهاڱي کان به پهرين جا. ڊاڪٽر محمد اسماعيل شيخ، مشهور شاعر ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جا وڏي ۾ وڏا پٽ آهن. ياڻ ايلوپيٿڪ ڊاڪٽر آهن ۽ صدر حيدرآباد ۾ انهيءَ هنڌ تي پرنڪٽس ڪندا آهن جتي سندن پيءُ مرحيات جن ڪندا هئا. يعني ته انهيءَ هنڌ تي سندن پيءُ ۽ پوءِ کين پرنڪٽس ڪندي اٽڪل سٺ سال ته واهه جا گذريا هوندا.

ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل جن سان اسان جي ڪٽنب جا تعلقات يقيناً منهنجي بابا جي شاديءَ کان پوءِ ٿيا هوندا. منهنجي بيءَ مرحيات جي شادي انهيءَ ڇوڪريءَ سان ٿي هئي جيڪا يتيم ڇوڪري هئي ۽ مرحيات نور محمد لاکير وڪيل (نور محمد هاءِ اسڪول وارو) جي حيدرآباد دکن جي رهندڙ ڪنوار پاڻ سان گڏ حيدرآباد دکن مان حيدرآباد سنڌ آندي هئي ۽ منهنجي ماءُ مرحيات نور محمد جي گهر ۾ ڏيءُ وانگر پلجي وڏي ٿي هئي ۽ جيئن ته نور محمد لاکير وارن جا ڊاڪٽر ابراهيم خليل وارن سان ڏاڍا ويجها ناتا هئا. ان ڪري شاديءَ کان پوءِ منهنجي امڙ ڊاڪٽر خليل وارن جي گهر باقاعدي ايندي ويندي هئي ۽ اسين به امان سان گڏجي شيخ جي گهر ويندا رهندا هئاسون. ۽ سندن گهر جي هڪ هڪ فرد ڪي نه رڳو اسين سڃاڻون پر هو به اسان کي چڱي طرح سڃاڻن.

آئون سمجهان ٿو ڊاڪٽر خليل جو پٽ ڊاڪٽر محمد اسماعيل شيخ مون کان ڏهه ٻارهن سال وڏو هوندو ان ڪري هو منهنجو دوست ته نه ٿيو پر هڪ طرح سان بزرگ ٿيو.

ڊاڪٽر اسماعيل شيخ، تمام گهڻ ماڻهن کي خبر آهي ته سنڌي ساهت سان ڏاڍي دلچسپي ٿو رکي. هو بيشڪ پاڻ لکندڙ نه آهي پر هو اسڪالر آهي ۽ بيشڪ علم جو وڏو ڄاڻو آهي. سندس هڪ مضمون اهو به "هائيڪو" جهڙي سِري تي نهايت محنت سان لکيل آهي. ڊاڪٽر صاحب هونئن به مختلف سِرن تي مضمون لکندو رهندو آهي. ڊاڪٽر صاحب جي پنهنجي هڪ سٺي لائبرري آهي ۽ آئون سمجهان ٿو اها لائبرري کين پنهنجي مرحيات پيءُ کان ورثي ۾ ملي آهي. ۽ هن لائبريريءَ ۾ ايترا ته قديم ڪتاب آهن جو سنڌ آرڪائيوز وارن کي اها لائبرري وٺڻ گهرجي. حيرت جي ڳالهه آهي ته ان لائبريريءَ ۾ مذهبي ڪتاب ۽ خاص طرح هندو ڌرم تي ڪتاب: اهي به ورهاڱي کان گهڻو اڳ جا سنڌيءَ ۾ ڇپيل تمام گهڻا آهن.

آئون ڊاڪٽر اسماعيل شيخ سان اتڪل سال کان پوءِ ملي رهيو هئس. هونئن ڊاڪٽر صاحب سان پنجين ڇهين مهيني ملاقات ٿيندي رهندي آهي پر هن پيري ته سال کان به مٿي ٿي ويو هو.

اڄ سال کان پوءِ ڊاڪٽر صاحب سان ملي ڏاڍي ڪچهري ڪئي سون. ساهت ۽ سياست تي هن پيري الائي جو ڳالهه نه نڪتي ۽ پنهنجن پنهنجن بزرگن جو ذڪر ڪيوسون ۽ خاص طرح انهن ماڻهن جو ذڪر ڪيوسون جن جا ٻنهي ڪٽنبن سان لڳ لاڳاپا هئا.

سڀني کي ياد ڪيوسون خاص طرح ماسي ٻنائيءَ کي جنهن کي ورهاڱي کان اڳ حيدرآباد جو هر اپر ٽوڙي مڊل ڪلاس جو ڪٽنب سڃاڻندو هو. سندس ڌيءَ جيڪا نهايت سهڻي هئي ان وقت مدرسة البنات ۾ پڙهندي هئي ۽ مون کان ٻارنهن سال وڏي هوندي هئي جو آئون کيس "پري" چوندو هئس ۽ ٻالپڻي جي پورڙائيءَ ۾ آئون امان ۽ بابا کي چوندو هئس مون کي "پريءَ" سان شادي ڪرايو!

خود ڊاڪٽر اسماعيل شيخ کان پڇيم ته اوهان جڏهين ورهاڱي کان پهرين ڊو ميڊيڪل ڪاليج ۾ پڙهندا هئا ته ان زماني ۾ ٻڌو هئم ته اوهان جي پنهنجي سوٽ يا ماسات جيڪا اوهان سان گڏ پڙهندي هئي ان سان شادي ڪرڻ چاهيندا هئا پر پوءِ اوهان جي شادي ٿي نه سگهي.

ڊاڪٽر صاحب جنهنجي عمر هينئر سٺ کان مٿي هوندي منهنجي انهيءَ پراڻي انڪشاف تي ڏاڍو

حيران ٿيو. بهرحال بچيومانس ته اها هاڻي ڪني آهي. ڊاڪٽر صاحب ٻڌايم ته هوءَ ١٩٥٢ ۾ ٿي لنڊن هلي وئي هئي ۽ سندس شادي به ٿي ويئي ۽ هاڻي سندس مڙس گذاري ويو آهي ۽ هوءَ اچا به انگلنڊ ۾ رهي ٿي ۽ هن جي پنهنجي اسپتال آهي ۽ هو سائنس ڏنهن مليو هو جڏهين پاڻ انگلنڊ ويو هو. ٻيون به ڪيتريون شخصيتون بحث هيٺ آيون ڪجهه پراڻا استاد ۽ ڪي پراڻا بزرگ.

ڊاڪٽر اسماعيل شيخ اجڪلهه ورهاڱي کان ٻهرين حيدرآباد ۾ برننگ پريسن جو تفصيل گڏ ڪري رهيو آهي. ڪهڙو نه انوکو ۽ عجيب ناٽڪ آهي کوجنا لاءِ. ڪهڙو نه خوشگوار تجربو هو ڪنهن پراڻي بزرگ سان ملڻ. ان وقت جا ماڻهو. خود منهنجا ماءُ پيءُ ۽ ان وقت جو دور منهنجي اکين آڏو جڻڪ حقيقت بڻجي آيو هو ۽ آئون انهن ڏهن سالن جو ٻار بڻجي ويو هئس.

## ٣ جولاءِ ١٩٩١ع

اڄ ويهي پراڻن دوستن، پراڻن واقفڪارن، پراڻن پاڙيسرين، پراڻن استادن، پراڻن بزرگن ۽ انهن ماڻهن جي لسٽ ٺاهي اٿم جيڪي منهنجي امڙ ۽ بابا کي ويجها هئا ۽ مون کي ويجها آهن ۽ اڃا حيات آهن.

اها لسٽ ٽيبل ڊائريءَ ۾ ٺاهي اٿم ۽ هتي اها ڏيڻ جي ضرورت ڪانهي. البت جنهن جنهن سان ملندو ويندس، انهيءَ سان ملاقات جو احوال بهرحال هن ڊائريءَ ۾ ڏيندو ويندس.

ٽيبل ڊائريءَ ۾ جيڪي نالا لکيا اٿم انهن جي آڏو تاريخ به لکندو ويندس ته ڪهڙي تاريخ تي سائن مليو هئس. انهيءَ تاريخ داخل ڪرڻ سان اها خبر پوندي ته اها ملاقات ڪڏهين ڪيم ۽ هاڻي وري ڪڏهن ملاقات ڪرڻ گهرجي. هر ماڻهوءَ يا ڪٽنب سان ور ورَ ملاقات ته ڪبي پر نه ايترو جلدي جلدي ۽ نه وري دير دير سان. بس هر ماڻهو يا ڪٽنب سان، انهن سان تعلقات جي حيثيت پٽاندڙ مهيني ۾، ٻني مهيني يا ٽين مهيني ملاقات ڪبي ۽ ڪنهن ڪنهن سان جي چوٿين، پنجين مهيني يا ڇهين مهيني به ملاقات ٿي ته به شڪر ڪبو، جو ته سالن جا سال ملاقات نه ڪرڻ کان اها پنجين ڇهين مهيني واري ملاقات به غنيمت سمجهڻ کپي، نه ته مون کي انين پڇتاءُ پوندو جيئن انهن ماڻهن کي ياد ڪري هينئر پڇتايان پيو، جيڪي گذاري چڪا آهن ۽ جن سان ملاقاتون ڪجهريون نه ڪري سگهيس. خاص طرح منهنجا پراڻا استاد ۽ بابا جا پراڻا دوست جيڪي جڏهين به ملندا هئا ته ڪيڏي نه خوشي ٿيندي هئي ۽ هاڻي سوچيان ٿو ته پنهنجن جهونن لاڳاپن وارن ماڻهن سان ملڻ جو ويچار جيڪو هاڻي مون کي آيو آهي سو مون کي پهرين اچي ها ته ڪيترو نه سٺو ٿئي ها! ڪهڙي نه مون کي خوشي حاصل ٿئي ها! انهن جهونن ماڻهن سان نه ملي نقصان ته منهنجو ٿيو هو: هو ته پنهنجو وارو وڃائي هليا ويا ـ باقي هينئر آئون ڪين ياد ڪري ڪيترو نه پاڻ کي ڏوهي ٿو سمجهان ـ ڪاش انهن سان به ڪچهريون ڪريان ها. ملان ها. حال احوال ونان ها ـ ۽ حياتيءَ ماڻڻ جو بهترين لطف ونان ها. هونئن به جوندا آهن ته دنيا جون بهترين خوشيون مفت ۾ حاصل ڪري سگهجن ٿيون ـ بس رڳو انهن خوشين کي رڳو سڃاڻڻو آهي ته اهي ڪهڙيون آهن.

●

# مضمون

مَحْرُومَ ئِي مَرِي وِئا، ماهِرَ ٿِي نہ مُئا
چڙِيءَ جئن ڇُهُنْجَ هَٽِي لَڏيائُون لُئا
حُبابَ ئِي هُئا، اِنهِينْ وادِيءَ وِچَ ۾.

ـ شاهہ

# سنڌ جا قبيلا ۽ سنڌ جا نسب ناما

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

سنڌ جي ذاتين، قبيلن ۽ نسب نامن بابت پوري تحقيق نہ ٿي آهي. وڏ ۾ وڏ تہ نالا معلوم آهن پر نالن بابت بہ ٻي وڌيڪ خبر ڪانہ آهي. قبيلن بابت معلومات حاصل ڪرڻ، علم تاريخ توڙي علم انساب جو هڪ خاص باب آهي. اها معلومات انهيءَ لاءِ بہ ڪارگر آهي تہ جنن صحيح نموني ۾ سڃاڻپ ٿي سگهي.

اهي ملڪ جن ۾ اجا ذاتيون ۽ قبيلا قائم آهن، اتي فطري طور هر قبيلو پاڻ کي وڏو سمجهي ٿو ۽ ٻئي کي گهٽ. سنڌ جي قبيلن جي نسب نامن بابت تحقيق ڪندي اهو معلوم ٿيو تہ خود ساڳئي قبيلي جي جدا جدا ڦرين ۽ پاڙن ۾ پنهنجي پنهنجي فوقيت ۽ ٻين جي گهٽتائي واريون روايتون هلندڙ آهن جيڪي ماضيءَ ۾ هڪ ٻئي سان اختلافن جون يادگار آهن. وڏي دل گهرجي جو اهڙين روايتن کي ماضي جو باب ڪري سمجهجي، پر وڌيڪ حڪتاڻ نہ ڪجي.

قبيلن جي تاريخ ۽ نسبنامن جو موضوع ايترو دلچسپ آهي جو هر سمجهدار ان کي وڌيڪ سمجهڻ چاهي ٿو، انهيءَ سلسلي ۾ ڪيترن ئي سچڻن خط لکي توڙي روبرو اچي پڇانون ڪيون آهن. آئون ڪين چوندو آهيان تہ اسان جي معلومات محدود آهي. ڪنهن وقت سنڌ ۾ نسبنامن محفوظ ڪرڻ جي رسم هئي جيڪا افسوس جو قبيلن جي پنهنجي بي رُخي توڙي سياڻن ۽ سگهڙن جي بي قدري سببان آهستي آهستي ختم ٿي وئي. ڇهہ سوَ سال کن اڳ، ساداتن جي نسب نامن تي تحقيق ڪندڙ هڪ مصنف لکيو تہ: سنڌ ۾ سادات پنهنجا نسب ناما محفوظ نٿا ڪن. بلوچ قبيلن ۾ پاڻ پنهنجن نسب نامن ياد ڪرڻ ۽ ڳائڻ جو رواج هو جنهن جي ڪري ڪافي مواد محفوظ رهيو پر ان ۾ وقت گذرڻ سان واڌارو ڪونہ ٿيو. سنڌ جي سمن قبيلن مان گهڻن جا موروثي ڀَٽ ۽ پانَ هوندا هئا. جن کي "جوئڙا" هوندا هئا جن ۾ نون چاول پُٽن جا نالا لکندا هئا. اهڙن لکندڙن مان جيڪي هندو هئا سي پاڪستان ٺهڻ کان پوءِ سرحد پار رهجي ويا، ۽ نسبنامن لکجڻ جو هيءُ سلسلو ڪٽجي ويو. ٿراني جي اربابن مان سڃاڻ سربراه ارباب الله جوريي اهڙي خبر ڪئي. اتر ۾ پنيرن ۽ چاچڙن جا نسب ناما ڪنهن وقت لکيت ۾ موجود هئا.

ڪنهن وقت سنڌ ۾ ڪي ڪتب پنهنجا نسبناما ٿامي جي پڙجن تي اُڪراڻي محفوظ ڪندا هئا، ۽ پيا ڪي ڪتب لکائي رکندا هئا. گذريل ٽيهن سالن ۾ مون سنڌ جي جدا جدا پاڳن ۾ جڏهن پڇانون ڪيون تہ ٿامي جي پڙجن ۽ ڪاغذ جي بَندين ۾ نسبنامن جي لکجڻ جون ڳالهيون ٻڌايون ويون، پر ان سان گڏ عام طرح اهو عذر بہ ڏنو ويو تہ فلاڻي وقت تي باهہ لڳي ۽ اهي پڙج ۽ ڪاغذ سڙي ويا.

سمن قبيلن کان سواءِ، سنڌ جي سهتن وٽ ڪي پنهنجا سجرا هئا، جن جا ڪي زبون ٽُڪرا نظر مان گذريا. اهڙيءَ طرح اُپرندي طرف جي وڏن قبيلن مان خاص طرح مگرين، مهرن ۽ راجڙن پنهنجن سگهڙن

توڙي پٽن مگنهارن ذريعي پنهنجا نسبناما سنڀاليا. وڏي چاڙهو حسين مگڻي، مرحوم عليم فقير، منو فقير ۽ ٻين ڪان مگرين جي نسبنامي بابت. ۽ مرحوم عبدالڪريم راڄڙ ڪان راڄڙن جي نسبنامي بابت مفيد معلومات ملي.

سنڌ جي قبيلن جي نسب نامن بابت ڪنهن وقت ڪي نهايت ضروري سوال سامهون ايندا آهن جن جي ڀڪن پختن جوابن لاءِ وڏي تحقيق جي ضرورت آهي. هڪ اهم سوال اهو ڪيو ويندو آهي ته سنڌ جا قديم ۾ قديم باشندا ڪهڙا هئا. هڪ تاريخي حوالي موجب، سنڌ جون قديم قومون ٽي هيون: موميد، تاڪيا ۽ ٻانيا. موميد ته ميد يا ميهه آهن، يعني مهاڻا آهن. تاڪيا، غالباً ٦-٧ صدي عيسوي کان اڳ سنڌ جڏي پنجاب طرف هليا ويا جتي اڳ ۾ سنڌن گهٽائي هئي. ٻانيا بابت پوري پڪ نه آهي ته اهو نالو ڪهڙي قوم جو آهي. نتيجي طور جونداسون ته صحيح معنيٰ ۾ سنڌ جا قديم باشندا مهاڻا آهن جن کي اسلامي دور ۾ "ميربحر" واري مانائتي نالي سان سڏيو ويو.

ڪي موجود قبيلا ڪن اڳين وڏن قبيلن جون شاخون آهن، پر نالن منجهه سببان انهن جي نسب نامي بابت پوري ڄاڻ نه رهي آهي. مثلاً ٻنهور، پالاري، ٿهيم، ٿُنيا ۽ ڪي ٻيا اصل ۾ عرب قبيلا آهن. پالاري ٿهيمن جي شاخ آهن، ۽ ٿهيم اصل ۾ "تميم" آهن: يعني عرب قبيلو بنو تميم آهن، جن عربن جي آخري دور ۽ سومرن جي اوائلي دور ۾ لاڙ ۾ حڪمراني ڪئي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۾ ڪي قبيلا اصل ۾ تُرڪ نسل جا آهن. ڪي اڄا تائين پاڻ کي "ترڪ" سڏائين ٿا جيتوڻيڪ ڪي ترڪ ڪتب آڳانو مقامي سنڌي ڪتبن سان ملي ويا. "مغل" ترڪ نسل مان آهن. ڪالرُو ۽ قزاق به ترڪ نسل جا قبيلا آهن. وسندو قزاق اڳين حرن فقيرن جي ٽولن مان وڏي همت وارو مڙس ٿي گذريو.

جَت قبيلا بلوچ نسل جا آهن. ۽ گهڻا جت قبيلا اسلام کان اڳ واري دور ۾ سنڌ ۽ ڪڇ ۾ آباد ٿيا. چانگ ۽ ٻَرجانگ بلوچ قبيلا آهن. جيتوڻيڪ اهي پنهنجن انوکن نالن سان مشهور آهن.

سنڌ ۾ ڪي قبيلا اهڙا به آهن جن جي نسبنامي بابت غلط فهميون پيدا ٿيل آهن ۽ جن بابت وڌيڪ تحقيق جي ضرورت آهي. ڪجهه ڏينهن ٿيا جو ڪي سڄڻ ملڻ آيا ۽ انهن خاصخيلي قبيلن جي نسب بابت پڇيو. ان سان گڏ انهن ڏيان ڇڪايو ته "سنڌي - اردو ڊڪشنري" توڙي "جامع سنڌي لغات" جن سان منهنجو تعلق رهيو آهي تن ۾ "خاصخيلي" لفظ جون غلط معنائون لکيل آهن. مون جڏهن انهن معنائن تي نظر ڪئي ته برابر نقص نظر آيا. سنڌي - اردو لغت جي تصنيف ۾ ٻيو اردو دان صاحب به شريڪ هو جنهن ڪري اردو - فارسي ۾ "خاصه" يا خاصه بردار" واري مفهوم جي لحاظ سان معنيٰ "نوڪر" ۽ "غلام" لکي وئي. "جامع سنڌي لغات" ۾ وڌيڪ غلطيون آهن. افسوس جو "جامع سنڌي لغات" جو فقط پهريون جلد منهنجي ايڊيٽنگ سان منهنجي نظر هيٺ شايع ٿيو. باقي جلد جيڪي مسودي جي صورت ۾ هئا سي بنا علمي تحقيق جي مسودي جي صورت ۾ ڇاپيا ويا. جلد ٽئين ۾ "خاصخيلي" جي هڪ معنيٰ "بجَير" لکي وئي آهي. بجَير ٿر ۾ آباد آهن ۽ اهي نوَ مسلم قبيلو آهن. اڄا تائين هندو بجَير موجود آهن. نسب نامي جي لحاظ سان، ڪيڏانهن ٿر جي "بجَيرن" جو اصل نسل ته ڪيڏانهن سنڌ جي

خاصخيلن جو اصل نسل؛ اهڙين غلطين جي اصلاح خاطر جامع سنڌي لغات جي ٻئي ايڊيشن جي تياري جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي سربراهن اهو هلندڙ ڪم بند ڪرائي ڇڏيو.

نسب نامي جي ڄاڻ رکندڙن کي اهو بخوبي معلوم آهي ته هر قبيلي ۾ ڪي ٻيا ماڻهو پوءِ اچي شامل ٿيا ۽ گڏجي ويا. انهن کي ڇڏيندي قبيلي جي اصليت تي نظر رکڻ سان ئي صحيح نتيجن تي پهچي سگهجي ٿو. "خاصخيلي" جي لفظي معنيٰ "خاصه خيل" سان لاڳاپيل آهي ۽ "خاصه خيل" جي تاريخ آڳاٽي آهي جنهن بابت ڪافي معلومات عربي ۽ فارسي تاريخدانن ۽ لغاتن ۾ ملي ٿي. بنيادي طور تي "خاصه خيل" معنيٰ جنگ لاءِ تيار بادشاهي لشڪر جي وچ واري پاڱي يا مرڪز جي مضبوطي ۽ مدافعت لاءِ چاق چوبند گهوڙيسوار فوج؛ يا لشڪر جي قلب يا وچ ۾ بادشاه جي حفاظت لاءِ خاص الخاص گهوڙي سوار فوج. ان مان ظاهر آهي ته "خاصخيلي" نالي ۽ قبيلي جو تعلق اصل ۾ جنگي فوج جي گهوڙيسوار دستن سان هو. نسب نامي جي لحاظ سان ان وقت اهي عرب يا ايراني قبيلن جا ماڻهو هئا. سنڌ ۽ بلوچستان جي "خاصخيلي" قبيلن وارا وڏا اصل اتان آيا. ٿي سگهي ٿو ته اهي بلوچن سان ٻيڙا هئا ۽ آڳاٽو بلوچن سان گڏ آيا. بهرحال "خاصخيلي" جدا حيثيت رکن ٿا ۽ اهي سومرن، سمن ۾ شامل ناهن.

محض سنڌ بابت تاريخي معلومات محفوظ ڪرڻ لاءِ ۽ نه رڳو پنهنجي وڏائي ۽ ٻين جي گهٽتائي لاءِ، ضروري آهي ته هر قبيلي جا سڄاڻ نوجوان سڀ کان اول پنهنجي قبيلي جي وڏن ۽ سياڻن کان جيتري قدر ٿي سگهي، قبيلي جي اصل ماڳن، قبيلي جي جدا جدا پاڙن ۽ ٻڳن، ۽ قبيلي جي نيڪ مردن ۽ سڄاڻ ماڻهن بابت حالات گڏ ڪن، ٻئي مرحلي تي ڪتابن مان معلومات حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪن.

آخر ۾ هت اهو ڄاڻائڻ ضروري آهي ته باوجود ڪوتاهين جي ماضيءَ ۾ سنڌ اندر نسب نامن بابت معلومات محفوظ ڪرڻ جي ڀرپور رسم رهي آهي جنهن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

(١) سنڌ جي سمن جي نسب نامن جون ڪي آڳاٽيون روايتون لکيت ۾ موجود آهن جن جو راقم گهڻي وقت کان وٺي مطالعو پئي ڪيو آهي. مگر جنن ته اصل ۾ اهي زباني روايتون هيون ۽ گهڻو پوءِ لکيت ۾ آيون انهيءَ ڪري انهن ۾ گهڻو مونجهارو ۽ اختلاف آهي. تنهن جي سمن سلطانن جي پيڙهي ۽ پگداري بابت جڏهن تحقيق ڪئي وئي ته لکيل روايتن مان ڪو پتو پئجي نه سگهيو ۽ فقط مڪلي جي تاريخي آثارن وارن ڪتبن جي آڌار تي سمن حاڪمن جا سندن ذاتي ۽ سلطاني نالا توڙي سندن هڪ ٻئي پٺيان حڪمراني جا مُدا ۽ سال متعين ڪيا ويا (٭) عام طرح سان "سماٽ" جي صحيح معنيٰ کي به پوري طرح نه سمجهيو ويو آهي. اصل ۾ سمن جي سنهن راڄن کي "سماٽ" جو نالو ڏنو ويو. اهي سمن جي نسب نامي ۾ شامل ناهن. سڀ سنڌي ڳالهائيندڙ قبيلا سماٽ ناهن. هرهڪ جو پنهنجو شجرو ۽ پنهنجا سلسلا آهن.

---

(٭) ڏسو راقم جو انگريزي ۾ لکيل تحقيقي مقالو (سنڌ جي سمن حاڪمن جي پيڙهي وار باڏساهن جو سلسلو) جيڪو "پاڪستان رڪارڊس ۽ آرڪائيوزڪميشن" جي پهرئين اجلاس آڏو پشاور ۾ سنه ١٩٥١ع ۾ پيش ڪيو ويو، ۽ جيڪو پوءِ اجلاس جي ڪارواني طور سنه ١٩٥٣ع ۾ ڇپيو.

(٢) بلوچن قبيلن مان ڪن جا نسب ناما ڪنهن حد تائين موجود آهن پر بلوچن مان سڀ ڪان وڏيڪ تفصيلي نسب ناما ڪچ جي راڌن جتن جا آهن جيڪي گذريل صدي جي لکيتن ۾ بيان ٿيل آهن.

(٣) سنڌ جي سادات مان لڪياري، منياري ۽ بخاري سلسلي جي ڪنبن مان ڪن جا نسب ناما موجود آهن پر وڏيڪ تفصيل سان روهڙي ۽ نصرپور جي رضوي سادات جا نسب ناما لکيا ويا. مير علي شير قانع خاص طرح ٺٽي ۾ آباد ٿيل سادات جا نسب ناما لکيت ۾ آندا. پوئين ويجهي دور ۾ لڪياري سادات مان جناب پير صاحب محمد راشد رحه جي اولاد جو شجرو تفصيل سان موجود آهي.

(٤) سنڌ ۾ ملتان جي غوث بهاءالدين زڪريا رحه جي اولاد جا شجرا (جيڪي قريشي سڏجن) اڳاٺو گهڻن جاين تي تفصيل سان موجود هئا. پر هن وقت اهو تفصيل جيتري قدر بڪيرن جي درگاهن جي قبن وارين ديوارن تي لکيت ۾ آندل آهي اوترو ٻئي هنڌ موجود ناهي.

(٥) جناب مخدوم نوح رحه ۽ سندس اولاد جو شجرو اڳاٺو فارسي ڪتاب "فرع الاصول" ۾ تفصيل سان لکايو ويو جنهن جو سنڌي ترجمو درگاه جي مجاور محمد صالح "انيس العشاق" جي نالي سان تاريخ ٥- ماه ذوالقعد سنه ١٣٠٦هه ۾ پورو ڪيو. شجرن جي لحاظ سان، هيءُ تفصيلي ڪتاب ڄڻ جهرڪ جهڙو آهي.

●

# ڪراچيءَ جون اوائلي تي انگريزي اخبارون

## ڊاڪٽر اي ـ آر ـ ڀُٽ

[نوٽ: آڪٽوبر ١٩٨٣ع ۾، حڪومت پاڪستان جي اسڪالرشپ تي لائبرري سائنس ۾ پي ـ ايچ ـ ڊي ڪرڻ لاءِ برطانيه اُسهيس. مون کي برطانيه جي صوبي ويلس جي هڪ ڏورانهين ۽ ننڍڙي شهر ايبرسٽوٿ جي مشهور اداري ڪاليج آف لائبررين شپ ويلس ۾ ريسرچ ڪرڻ جو موقعو مليو. هي ادارو يونيورسٽي آف ويلس جي انتظام هيٺ هلندڙ، لائبررين شپ جي مضمون ۾ نه رڳو برطانيه، پر دنيا جو مشهور ادارو آهي. اٽڪل ٣٠٠ ڪن شاگرد ۽ ٥٠ ڪن استاد، پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ تحقيق جي ڪم ۾ مشغول هوندا آهن. آئون اٽڪل ساڍا چار سال اُتي رهيس ۽ اُتي رهائش دوران هڪ مقالو لکيم، جنهن جو عنوان آهي،

"The Nineteenth – century Book trade in Sindh"

جيئن ته مقالي جي عنوان مان ظاهر ٿئي ٿو ته، مون کي سنڌ جي تاريخ جي هڪ اهڙي اهم باب تي کوجنا ڪرڻي هئي، جنهنجو سڌو سنئون واسطو هن ڌرتيءَ تي جنم وٺندڙ ناشرن، پريسن، ڪتب فروشن، ڪتابي مواد جي لکندڙن ۽ پڙهندڙن سان گڏ، ان مواد جي خريدارن، جن ۾ انفرادي خريدارن ۽ ادارن، جهڙوڪ: اسڪولن، ڪاليجن، عوامي ۽ ديني ادارن جي ڪتبخانن سان هو.

اخباري يا ڪتابي صنعت تي بحث نا مڪمل ۽ ڏکيو ٿي پوي ها، جيڪڏهن آئون گذريل صديءَ دوران سنڌ ۾ تعليمي، تجارتي، ثقافتي ۽ انتظامي سرگرمين تي غور نه ڪريان ها. انهن سڀني سٽن کي نظر ۾ رکندي، مون پنهنجي مقالي کي هيٺين اٺن بابن ۾ ورهايو:

باب پهريون ـ سنڌ ۾ پريس اچڻ کان اڳ ڪتابي سرگرمين جو مختصر جائزو.

باب ٻيو ـ يورپي ماڻهن پاران ڪڍيل اخبارون ۽ رسالا.

باب ٽيون ـ ڏيهي ماڻهن پاران ڪڍيل اخبارون ۽ رسالا.

باب چوٿون ـ انگريزي ۽ ڏيهي ٻولين ۾ ڪتابن جي اشاعت.

باب پنجون ـ حڪومت ۽ پريس جا تعلقات.

باب ڇهون ـ طباعت جا فني مسئلا.

باب ستون ـ يورپي ماڻهن پاران ڪتابن جو وڪرو / واپار.

باب اٺون ـ ڏيهي ماڻهن پاران ڪتابن جو وڪرو / واپار.

انهن بابن کان علاوه هن ٿيسز ۾ ست ضميما بہ شامل آهن، جيڪي هن ريت آهن:
(۱) ۱۸۳۵ع کان ۱۹۰۰ع تائين نڪتل يورپي اخبارن ۽ رسالن جو وچور.
(۲) ۱۸۵۵ع کان ۱۹۰۰ع تائين نڪتل ڏيهي اخبارن ۽ رسالن جو وچور.
(۳) ڏيهي ماڻهن طرفان ڪڍيل اخبارن جي سرڪيوليشن جا انگ اکر.
(۴) ۱۸۳۵ع کان ۱۹۰۰ع تائين سنڌ ۾ قائم ٿيل پريسن جي الف ـ ب وار فهرست.
(۵) سنڌ اندر ٻُڪ ڊيپوئن بابت قانون.
(٦) سنڌ اندر ڇپيل انگريزي زبان جا ڪتاب (۱۳۰ ٽائيٽل)
(۷) سنڌ اندر ڇپيل ڏيهي ٻولين جا ڪتاب.

هن ۾ سنڌي (۴۷۸ ٽائيٽل)، فارسي (۱۳ ٽائيٽل)، گجراتي (۱۷ ٽائيٽل)، عربي (٦ ٽائيٽل) ۽ اردو (۳ ٽائيٽل) شامل آهن ۽ چار اُهي ٽائيٽل آهن، جي هڪ کان وڌيڪ ٻولين جا آهن.
اهي تہ هئا منهنجي ٿيسز جي باري ۾ مکيہ ۽ اهم تفصيل، مگر ان مقالي مان ورتل، جنهن موضوع جو اڄ اسين هت تفصيلي ذڪر ڪنداسين، سو آهي "ڪراچي مان نڪتل اوائلي انگريزي اخبارون."

اسان سڀني کي خبر آهي تہ مياڻي ۽ دُبي ۾ لڳل ٻن جنگين جي نتيجي ۾ سنڌ ٽالپرن حاڪمن جي هٿان نڪري انگريزن جي حوالي ٿي. هي سانحو فيبروري ۽ مارچ ۱۸۴۳ع ۾ پيش آيو. انگريز فاتح سَر چارلس نيپئر هڪ سال اندر سنڌ جي گادي حيدرآباد مان مٽائي ڪراچي آندي. هن تاريخي تبديليءَ جي ڪري ڪراچيءَ جي ننڍڙي بستي ڏاڍو وڌي ۽ ويجهي. ٿوري وقت اندر واپار، تعليم، آمدورفت جون نيون راهون کلي ويون. اتر سنڌ، بلوچستان، ايران، افغانستان، پنجاب، ڪڇ، راجپوتانا، بمبئي ۽ مدراس کان مختلف ذاتين، عقيدن ۽ پيشن جا ماڻهو لڏي اچي ڪراچي پهتا. ۱۸۴۳ع ۾ ڪراچيءَ جي آبادي اٽڪل تيرهن هزار ماڻهن تي مشتمل هئي، سا وڌي گذريل صديءَ جي پڇاڙيءَ تي هڪ لک کان بہ تجاوز ڪري ويئي. سرڪاري نوڪرين، واپار ۽ روزگار جي ٻين ذريعن وڌڻ ڪري ماڻهن ۾ خوشحالي، اڳي کان وڌيڪ ٿي. معاشرتي لحاظ کان سنڌ ۾ مخلوط معاشري جنم ورتو. يورپي حاڪم ۽ واپاري بمبئي ۽ ٻين علائقن کان آيل پارسي، ڏيهي هندو ۽ مسلمان ڪامورا، ڪاريگر، دڪاندار ۽ مزدور ڪراچيءَ ۾ لڏي اچي وينا.
تبديل ٿيل معاشري جي ڪري، ڪراچيءَ ۾ جيڪا خوش آئند تبديلي آئي، ان جو هڪ اهم جُز هتان نڪتل اخبارون هيون.

هونئن تہ ڪراچيءَ مان شايع ٿيندڙ پهرين اخبار کان ۱۹۰۰ع تائين مختلف زبانن ۾ ۲۸ اخبارون نڪتيون، پر اڄ آءٌ تن اهڙين انگريزي اخبارن تي روشني وجهڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو.

جن سنڌ اندر هن ڪاروبار جو بنياد رکيو. ڪراچيءَ جي جن ٽن اخبارن ڏانهن مون اشارو ڪيو آهي، انهن جا نالا هي آهن:

(١) ڪراچي ايڊورٽائيزر
(٢) سنڌين
(٣)سنڌ قاصد

اچو ته هر هڪ تي الڳ بحث ڪريون ۽ جانچي ڏسون ته اهي ڪهڙا سبب هئا، جن جي ڪري اهي اخبارون وجود ۾ آيون. انهن سنڌ جي ثقافتي، تعليمي ۽ تجارتي ميدانن ۾ ڪيئي خدمتون سرانجام ڏنيون ۽ ڪين پنهنجو وجود برقرار رکڻ لاءِ ڪهڙا جتن ڪرڻا پيا.

(١) "ڪراچي ايڊورٽائيزر".

هيءَ اخبار سنڌ توڙي پاڪستان اندر قائم ٿيندڙ پهرين اخبار هئي. هفتي ۾ ٻه دفعا شايع ٿيندڙ، هيءَ اخبار ١٨٤٥ع جي آخري اڌ جي شروعات ۾ قائم ٿيل ڏسجي ٿي. پڪو گمان آهي ته اِها آگسٽ ١٨٤٥ع ۾ وجود ۾ آئي. لنڊن جي مشهور ۽ معروف اخبار "ٽائيمس" پنهنجي ٢٢ - نومبر ١٨٤٥ع واري پرچي ۾ هن اخبار جي اجراء بابت هينئن لکيو آهي:(١)

"There had been established in KURRACHEE a Lithographed news – paper, which is bold in its denunciation of the Bombay Times the latter is furious and a fierce war is carried on between them."

مٿين تاريخي شاهديءَ مان اسين هيٺيان نتيجا ڪڍي سگهون ٿا:

(١) ڪراچي ايڊورٽائيزر هڪ سياسي اخبار هئي.

(٢) هن اخبار جي مالڪن سان بمبئي ٽائيمس جي ڪُٺس ٿيل هئي. هيءَ اخبار بمبئي ٽائيمس جي مخالفت ڪي منهن ڏيڻ لاءِ ڪڍي وئي هئي.

(٣)هنن ٻن اخبارن جي وچ ۾ ڇتي جنگ ڇڙيل هئي، جنهن جو پڙلاءُ سنڌ جون سرحدون لتاڙي نه رڳو بمبئي، پر لنڊن تائين پهچي چڪو هو.

سنڌ مان نڪرندڙ پهرين اخبار جي اجراء جي پس منظر ۾ هڪ طويل جهڳڙو ناقابل ترديد حقيقت آهي. اُن جهيڙي جو ڪارڻ وري انگريز پاران سنڌ جي اڳوڻن ٽالپر حاڪمن سان ڪيل ناانصافين جو دکدائڪ داستان آهي. هن ڏکوئيندڙ واقعي کي باسيرو رکي، اچو ته ڪراچي ايڊورٽائيزر طرف موٽي هلون. دراصل قصو هن ريت آهي ته سرچارلس نيپئر پاران، سنڌ فتح ڪري، ان جو پهريون انگريز گورنر جنرل ٿي ويهڻ جي نتيجي ۾ هندوستان توڙي انگلينڊ جا ڪيترا خدا ترس برطانوي باشندا دلي طرح ناراض هئا. نه رڳو ايترو پر خود نيپئر کي هن ناانصافي تي سندس ضمير ملامت ڪري رهيو هو. هن سنڌ جي فتح کي "An advantageous piece of rascality"

چني، تاريخ جو وهڪرو ٻئي طرف موڙي ڇڏيو. ان اُٻهري ۽ سنگين قدم جي نتيجي ۾ گرم مزاج ۽ عمر رسيده انگريز جنرل کي ڪيترن نون محاذن تي لڙڻو پئجي ويو. اها سرد جنگ هن کي سنڌين سان نه پر پنهنجي ڏيهه واسين انگريزن سان لڙڻي هئي، جن مان ڪي بمبئي ۾، ڪي ڪلڪتي ۾، ته ڪي لنڊن ۾ هن خلاف سرگرم عمل هئا. نيپئر خلاف هن محاذ جو مهندار سنڌ ۾ اڳوڻو انگريز پوليٽيڪل ايجنٽ ۽ سنڌ جي فتح وقت نيپئر جو ويجهو ساٿي ميجر آئوٽرام هو. چالاڪ ۽ تجربيڪار نيپئر اڳيان هن نوجوان جي نه هلي، ته هُو سنڌ مان بدلي ڪرائي، وڃي بمبئي پيڙو ٿيو. اُتي سنڌس ڪيترا هم خيال موجود هئا، جن ۾ سر فهرست "بمبئي ٽائيمس" جو ايڊيٽر ڊاڪٽر بسٽ (Buist) به هو. نوجوان آئوٽرام کي ناڪ آئوٽ ڪرڻ نيپئر لاءِ ڪو وڏو مسئلو نه هو، پر پوڙهي جنرل لاءِ بمبئي ٽائيمس ڪک جو ڪان بڻيل هئي. اخبار کي جواب ڏيڻ لاءِ اخبار جو سهارو هڪ قدرتي امر هو. ان امر سان نيپئر سنڌ نباهه ڪيو ۽ موت ۾ اخبار به ساڻس سنو بهر وَهي ويئي. اهڙي، ريت سنڌ جي تاريخ جو هڪ اهم ورق لکجي ويو. دراصل نيپئر ۽ سندس خاندان کي مخالفن جي تنقيد ٻڌي، خاموش ٿي ويهڻ جي عادت ڪانه هئي. خاص ڪري مخالف پريس کي منهن ٽوڙ جواب ڏيڻ لاءِ هو هر وقت آتا هوندا هئا. نيپئر جي اهڙي عادت جي باري ۾ سر رچرڊ برٽن پنهنجي هڪ دوست ليارڊ سمٿرس کي هنريت لکيو. (٢)

"In my youth I served under Sir Charles Napier and learned from his career, never to be silent when the press wants answering."

اها حقيقت ظاهر ٿي ويئي ته ڪراچي ايڊورٽائيزر نيپئر ۽ ان جي دوستن ياران فاتح جنرل جي دفاع ۾ ڪڍي ويئي هئي. هن اخبار ۾ ڇپيل مواد ان ڳالهه جو چٽو ثبوت آهي ته فاتح جنرل ڪنهن به قسم جي مخالفت يا تنقيد ٻڌڻ لاءِ تيار نه هو ۽ پنهنجي ڪردار جي باري ۾ ٿيل تنقيد جي جواب ۾ هو پنهنجي مخالفن سان گڏ سنڌ جي هٽايل حاڪمن جي ڪردار تي ڪِنُ اڇلائيندو رهيو. ڪراچي ايڊورٽائيزر ميجر آئوٽرام، سنڌ جي ميرن ۽ بمبئي ٽائيمس تي اهڙا نازيبا حملا ڪيا، جن صحيح سوچ رکڻ وارن کي حيران ۽ پريشان ڪري ڇڏيو. وڏي ڳالهه ته اِن ڳالهه اُنوقت هندوستان ۾ موجود انگريزن کي گروهه بندي ۾ تقسيم ڪري ڇڏيو. اخبار جي اهڙي رويي جي ڪري سندس ڪيترا پڙهندڙ ڪانئس بيزار ٿيڻ لڳا. ٢٩ ـ آڪٽوبر ١٨٤٥ع تي، ڪيپٽن ڪيٽ ينگ، جيڪو نيپئر جي ماتحت، سنڌ جو جج ايڊووڪيٽ جنرل طور ڪم ڪري رهيو هو، تنهن خفا ٿيندي پنهنجي هڪ دوست ڏانهن نيپئر جي هن اخبار جي باري ۾ هڪ ڏکو تنقيدي خط لکيو، جنهن جو هڪ ٽڪرو هن ريت آهي:(٣)

"Do you ever read those effusions in the Kurrachee Advertiser or are you tired of the continued Outram and Napier controversy? I am sure I am, though I fear it is not near over yet. The writers in the Advertiser have not declared themselves yet, but they are sup-

posed to be Sir Charles' nephew and son-in-law and Rathborne the collector at Hyderabad. There is little doubt of Rathborne being the author of these Letters signed 'Omega' and true or false be they, he has not much top pride himself on in having written them."

ڪراچي ايڊورٽائيزر فل اسڪيپ شيٽ تي هفتي ۾ ٻه دفعا، لِٿو تي نڪرندي هئي. ان ۾ عام خبرن کان علاوه مضمون، خط ۽ گورنمينٽ نوٽيفڪيشن ڇپبا هئا. ٽالپرن حاڪمن جي برائيءَ ۾ لکيل 'letters of Omega' هن اخبار کي، نه رڳو سنڌ بلڪ هندوستان ۽ انگلينڊ تائين مشهور ڪري ڇڏيو. هن اخبار لاءِ لکندڙن جي فهرست ۾ حيدرآباد جو ڪليڪٽر ۽ نيپئر جو ويجهو ۽ با اعتبار ساٿي راٿبورن، نيپئر جو ڀاڻيو ۽ سندس ننڍي ڌيءَ ايملي جو مڙس ۽ ٻيون ڪيتريون ٻين مشهور برٽن جهڙيون ناميارين شخصيتون شامل هيون. ڪيپٽن راٿبورن، جو ڪليڪٽريءَ جي ڏکين فرائض کان ٻچيل سمو رو وقت ايڊورٽائيزر لاءِ باقاعدگيءَ سان لکڻ ۽ پريس جي ٻين معاملن کي ٺيڪ رکڻ ۾ صرف ڪندو هو. هن پنهنجي بالا آفيسر جي بچاءَ خاطر اهي ڪم بخوبي سر انجام ڏنا. هن اخبار جا چونڊ ٽڪرا لنڊن مان نڪرندڙ اخبار ٽائيمس ۾ به ڇپبا هئا.

اهڙيءَ طرح هي سرڪاري پر چو اٽڪل ٻه سال ڪن نيپئر ۽ سندس ساٿين ڪاميابيءَ سان هلايو. پهرين آڪٽوبر ١٨٤٧ع تي نيپئر سنڌ کي هميشه خيرباد چيو ته، هيءَ اخبار يورپي قبضي مان نڪري ارد شير رُستمجي نالي هڪ پارسي باشندي جي هٿ ۾ آئي. ارد شير هن اخبار کي ٣-٥ سال وڏيڪ هلائيندو رهيو، پر ڏيهي ماڻهو جي هٿ ۾ اچڻ کان پوءِ هن اخبار جا ڏکيا ڏينهن شروع ٿيا. اردشير جي ايڊيٽري هيٺ ايڊورٽائيزر مقامي باشندن جي بيباڪ ترجماني ڪئي. ان جو هڪ مثال هي آهي ته، ١٨٥١ع ۾ ٻن ڪون ڪنبي نوجوان ڇوڪرن، هر هڪ نالي رام، عمر ويهه سال ۽ پرشوتم، عمر ١٨ سال کي ريهي ريبي عيسائي ڪيو ويو. هن اخبار ان فعل جي خلاف احتجاجن آواز اٿاريو. سنڌ چرچ مشنري سوسائٽي جي پادرين هن اخبار خلاف خوب ٻاهه ٻاري ۽ ڪيس ڪافي ڇيهو رسايو، پر هي بي ڊپائي سان پنهنجو ڪم ڪندي رهي. ١٨٥٣ع ۾ ڪراچيءَ مان هڪ يورپي اخبار "سنڌين" جاري ٿي ته، هن ڏيهي اخبار جا ٽرا نڪرڻ شروع ٿيا. انهن ٽي ڏينهن ۾ سنڌ جي هيءَ پهرين اخبار پنهنجا ڏينهن پورا ڪري بند ٿي ويئي. ٢٨ - جولاءِ ١٨٥٥ع تي اردشير رستم جي هڪ خط سرفريئر کي لکيو، جنهن ۾ هن پريس لاءِ سرڪاري ڪم حاصل ڪرڻ جي درخواست ڪئي. ان خط جي هڪ حصي ۾ اردشير "ڪراچي ايڊورٽائيزر" اخبار جي جلد بند ٿيڻ جو دکدائڪ قصو هيئن بيان ڪيو: (٣)

"For some years past, before there was any other Press in the province, I have been proprietor of the Kurrachee Advertiser Press and paper, and shortly after the Sindhian was established, I was compelled to relinquish the paper for want of support."

حڪومت جي پڇاڙيءَ تي قائم ٿيل "سنڌين" جي سامهون ڏيهي اخبار جي زبون حالي ۽ آخر ۾ خاتمي جو قصو ايڏو حيران ڪن نہ هئڻ گهرجي. ان جو مکيہ سبب اهو آهي تہ، ان وقت انگريزي ٻوليءَ ۾ شايع ٿيندڙ اخبارن جا پڙهندڙ ۽ خريدار گهڻي ڀاڱي يورپين ئي هئا، جن ايڊورٽائيزر جي مقابلي ۾ "سنڌين" کي پنهنجو سمجهي ترجيح ڏني. ٿي سگهي ٿو تہ، مواد ۽ بيهڪ جي لحاظ کان ايڊورٽائيزر سنڌين کان ڪمزور اخبار هجي ۽ مقابلو نہ ساري ميدان ڇڏي ويئي هجي. اهڙيءَ ريت ڪراچي ايڊورٽائيزر اٽڪل پنج يا ڇهہ سال هلي زندگيءَ جا ٻہ دور پورا ڪيا. اخبار بند ٿيڻ کان پوءِ سنڌس ايڊيٽر ۽ مالڪ ڇاپ خانو هلائيندو رهيو. جنهن مان سنڌي ٻوليءَ جا ڪجهہ قديم ڪتاب ڇپجي پڌرا ٿيا.

(٢) "سنڌين"

سنڌ مان نڪرندڙ ٻيو نمبر پراڻي انگريزي اخبار "سنڌين" هئي. هيءَ اخبار ١٨٥٣ع ۾ جارج بيز جي مالڪيءَ هيٺ نڪتي. اربع ۽ ڇنڇر جي صبح جو شايع ٿيندڙ هيءَ اخبار بندر روڊ ڪراچي تي موجود فريٽ ايجنٽ جي آفيس جي پر واري بنگلي مان نڪرندي هئي. "سنڌين" ان وقت جلوه افروز ٿي، جڏهن سنڌ تي نهايت لائق ۽ دوررانديش انگريز ڪمشنر راڄ ڪندو هو. منهنجو اشارو سر بارٽل فرير ڏانهن آهي، جيڪو ١٨٥١ع کان ١٨٥٩ع تائين سنڌ ۾ رهي، هن ملڪ کي ترقي جي نئين شاهراهہ تي گامزن ڪري ويو. "سنڌين" بہ فرير جي روشن دماغي جو هڪ ثبوت هئي. هن صاحب هن اخبار جي اجراءِ ۾ ڀرپور حصو ورتو ۽ هن اخبار کي مضبوط مالي بنيادن تي بيهارڻ ۾ پاڻ پتوڙيو. سرڪاري ڇپائيءَ جي ڪم جو گهڻو حصو "سنڌين" کي ملندو رهندو هو. ١٨٥٥ع ۾ ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ پاران تيار ڪيل ٻہ سنڌي ڪتاب سرڪاري خرچ تي ڇپڻ جو ٺيڪو بہ "سنڌين" کي مليو. پر ڪن اڻڄاتل سببن جي ڪري اهي ٻہ ڪتاب سنڌ مان ڇپجي نہ سگهيا.

"سنڌين" جو مئنيجنگ پروپرائيٽر جارج بيز هو. سنڌس پهريون ايڊيٽر جان برگس (Briggs) هو. مگر هن صاحب ١٨٥٣ع ۾ "سنڌين" کي خيرباد چئي، ڪراچيءَ مان جڏهن پنهنجي اخبار ڪڍي تہ سنڌين جا ايڊيٽر جلد مٽبا رهيا. فنبن ڪنوناگ ۽ ايڊورڊ وليم اسٽرينج چند سالن ا د . هن اخبار جا ايڊيٽر ۽ پرنٽر رهيا. سنہ ١٨٦٢ع ۾ هينري جيڪب هن اخبار جي ايڊيٽر جي حيثيت ۾ فرائض سرانجام پئي ڏنا تہ، ايڊورڊ وليم اسٽرينج اخبار جي مئنيجري جي منصب تي فائز هو. اڳتي هلي ١٨٧٧ع ۾ جڏهن "سنڌين" نالو بدلائي "بيڪن" ٿي تہ، ٽي ـ ڊبليو ـ بي جيفريز هن اخبار جو ايڊيٽر هو.

شروعاتي دور ۾ سنڌ ۾ اخبارون تمام مهانگيون هيون. "سنڌين" في ڪاپي هڪ روپئي وڪامندي هئي. چندي جي باري ۾ هڪ حيرت انگيز نقطو بيان ڪرڻ دلچسپي کان خالي نہ ٿيندو.

اخبار جي چندي جا نرخ ٻن قسمن جا هئا. هڪ اڳواٽ ادائيگي جا نرخ ۽ ٻيو بقايا ۾ ادائيگي جا نرخ. ظاهر آهي تہ، اڳواٽ ادائيگي جا نرخ، رهيل ادائيگي جي نرخن کان گهٽ هئا. سال ١٨٥٧ع ۾ "سنڌين" اخبار جو ماهيانو چندو ايڊوانس ۾ ٣ - روپيہ ۽ بقايا ۾ ٤ - روپيہ هو. وڏيڪ عرصي لاءِ اخبار جي خريدارن کان چندي ۾ رعايت ڪئي ويندي هئي. ان صورت ۾ ٽن مهينن لاءِ ٨ روپيہ، ڇهن مهينن لاءِ ١٣ روپيہ ۽ ١٢ مهينن لاءِ ٢٦ - روپيہ ڏيڻا پوندا هئا. ايڊوانس ادائيگي کي ان ڪري ترجيح ڏني ويندي هئي، جو اخبارن جو چندو ڪاٺي وڃڻ جو رواج ڪا اڄ جي روايت نہ آهي. چندي جي ٻن نرخن جو رواج سنڌ جي سڀني آڳاٽين اخبارن ۾ موجود نظر اچي رهيو آهي.

"سنڌين" انگريزي اخبارن ۾ سڀ کان گهڻو عرصو هلي. هيءَ اخبار انهيءَ نالي سان اٽڪل ٻاءِ صدي جلوه افروز رهي، ١٨٧٧ع ۾ نالو بدلائي ڦيرائين "بيڪن" ۽ پوءِ "سنڌ ٽائيمس". ٿي. ان عرصي دوران هن اخبار ڪيترا لاها چاڙها، ڏک ۽ ڏاکڙا ڏٺا. سرڪاري سرپرستي جي باوجود ڪيترن سماجي مسئلن هن اخبار کي لوڏي ڇڏيو. شروعاتي دور ۾ هڪ مسئلي هن اخبار جي مالڪ جارج بيز جي چيلهہ ڇپي ڪري ڇڏي. ان دور جي ٻي مدِ مقابل انگريزي اخبار ان واقعي کي ٣٠ نومبر ١٨٥٨ع ۽ ان کان پوءِ لاڳيتو ڪجهہ وقت تائين تفصيلي طرح بيان ڪندي رهي. اهو واقعو جارج بيز پاران سندس زال کي شوٽ ڪرڻ جو هو. ٣٠ - نومبر واري رات هن جوٽس کي اعتراض جوڳي حالت ۾ سندن پاڙيسري فوسٽر سان ڀڪڙي وڌو ۽ غيرت ۾ اچي ٻنهي کي شوٽ ڪيو، جنهنجي نتيجي ۾ مسز بيز فوت ٿي ويئي ۽ فوسٽر سخت زخمي ٿي پيو.

## (٣) "سنڌ قاصد"

سنڌ مان نڪتل انگريزي زبان جي ٽيون نمبر براٽي اخبار "سنڌ قاصد" هئي. هيءَ اخبار ٦ - جون ١٨٥٣ع تي نڪتي. اڱاري ۽ جمعي جي صبح جو شايع ٿيندڙ هيءَ اخبار نيپئر روڊ ڪراچي تي واقع هئي. "سنڌين" جو ٻهريون ايڊيٽر هينري جان برگس هن اخبار جو مالڪ ۽ ايڊيٽر هو. پريس جا انچارج جارج راڊ رج، وليم رولنڊ ۽ جي. ڊي. پيريرا وغيره رهيا.

"سنڌ قاصد" پنهنجي ڪيريئر جي شروعات ڇي صفحو چنن ڪالمن سان ڪئي، پر ٽن مهينن اندر پنهنجي سائيز وڌائڻ ۾ ڪامياب ٿي ۽ ڇي صفحو پنج ڪالم شايع ڪرڻ لڳي. هن اخبار جا ڪجهہ سالن جا فائيل انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي لائبرري ۾ موجود آهن. انهن تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿئي ٿو تہ، منجهس مقامي خبرن کان علاوه سرڪاري نوٽيفڪيشن، تجارتي اشتهار، مزاحيہ گيت، تفريحي نندڙيون آکاڻيون، موسمي خبرون، اسٽيمرس ۽ پوسٽ جي آمدورفت جون خبرون ۽ ان کان سواءِ هندوستان ۽ ولايت جي اخبارن مان پابندي سان اقتباسات شايع ٿيندا رهندا هئا. اخبار جو ٻهريون صفحو بنا ناغي مختلف اشتهارن لاءِ وقف هو.

"سنڌ قاصد" جي چندي جا نرخ سادا ٽي روپيه ماهيانو ۽ في ڪاپي ڇهه آنا هئا. ڊگهي عرصي لاءِ اخبار جي خريدارن کان ٽن مهينن لاءِ ڏهه روپيه، ڇهن مهينن لاءِ ارڙهن ۽ ٻارهن مهينن لاءِ ٻٽيهه روپيه ورتا ويندا هئا. پهرين سيپٽمبر ۱۸۵۴ع تي اخبار جي سائيز ڊاٽي ويئي، جنهنڪري ريزڪي في ڪاپي مُلهه تي اثر پيو، جيڪو ڇهن آنن مان وڌائي اٺ آنا ڪيو ويو. باقي ڊگهي عرصي وارا اگهه ساڳيا رهيا. دراصل سنڌ اندر اخبارن جا نرخ هندوستان جي ٻين علائقن جي مقابلي ۾ سؤ سيڪڙو وڌيڪ هئا. اها صورتحال شايد ان ڪري پيدا ٿي هئي، جو ان سمي سنڌ ۾ اخباري ڪاروبار هندوستان جي ٻين علائقن جي مقابلي ۾ نئون هو. نئين لاٿين هنڌ جي ڪري پريس جي ڪارڪنن کي اخباري ڪاروبار جي روايتي ۽ پراڻن مرڪزن جهڙوڪ، بمبئي، مدراس ۽ ڪلڪتي جي ڀيٽ ۾ ڪراچيءَ ۾ وڌيڪ پگهارون ڏيڻيون پونديون هيون. گهٽو ڪري اهائي هڪڙي ڪشش هئي، جيڪا ڪراچيءَ جهڙي ڏورانهين علائقي ڏانهن تربيت يافته پريس عملي کي ڇڪي آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي.

"سنڌ قاصد" ان دؤر جي ڪامياب ترين اخبار هئي. سنڌين سان گڏ هن اخبار سنڌ اندر اخباري اشاعت ۽ طباعت جو مضبوط بنياد رکيو. هن اخبار جي پراڻن فائيلن جو مطالعو ڪندي، خبر پوي ٿي ته، پيشيورانه طور هي هڪ مڪمل اخبار هئي، جنهن جي هفتي ۾ ٻن مقرر ڏينهن تي آمد يقيني هئي ۽ منجهس شايع ٿيل مواد جي گهٽائي ۽ مختلف قسمن هن کي جديد اخباري لاٿين تي آڻي بيهاريو هو. روزمره آفيس جي ڪمن، ڪارباري نقطن ۽ پيشي ورانه ڳالهين لاءِ الڳ ذميوار ماڻهو مقرر ڪيل هئا. حقيقت اِها آهي ته، اُن دؤر جون اخبارون ڪي وڏا ادارا ڪو نه هئا. چند ماڻهو پيشيورانه ۽ ڪاروباري ڪم هلائي ويندا هئا. ان هوندي به اخبار کي چڱي نموني هلائڻ يورپي مالڪن جو مجيل اصول هو. ان ڏس ۾ ڪين وقت جي حاڪمن ۽ ڪاروباري ماڻهن جو سنهِ ساٿ حاصل هو.

ايڊيٽوريل جون ذميواريون به نهايت خبرداريءَ سان سرانجام ڏنيون ويندون هيون. تڪراري بحثن کان پاسو ڪيو ويندو هو ته جيئن اخبار ڪنهن مصيبت ۾ نه ڦاسي پوي ۽ ڪنڌا ڪڍٽا پون. هر وقت اخبار جي خاطُن کي خبردار ڪيو ويندو هو. ۵ ـ جنوري ۱۸۵۸ع تي "سنڌ قاصد" پنهنجن خاطن کي هن طرح چتاءُ ڏنو (۵)

"Statement of facts relative to individuals, whether for praise or blame, must be authenticated with the name of writer – not necessary for publication, but as a guarantee of good faith. The editior does not hold himself responsible for the opinions of his correspondents".

اهڙي خبرداري سان هلڻ جي باوجود شخصي عناد ۽ پيشيورانہ جهڳڙا اثر هئا. "سنڌين" ۽ "سنڌ قاصد" بہ هڪ مرحلي تي ان مشڪلات ۾ مبتلا ٿي ويون هيون. اسان کي خبر آهي تہ، "سنڌ قاصد" جو مالڪ ۽ ايڊيٽر هينري جان برگس "سنڌين" کي ڇڏي، پنهنجي الڳ اخبار جاري ڪئي هئي. ان سبب جي ڪري اهي ٻئي اخبارون ڪجهہ عداوت طرف مائل هيون. انهن ٻنهي جي وچ ۾ سنگين قسم جي چپقلش هلندڙ هئي. ان جو ٻيو ڪارڻ اِهو هو تہ، سنڌ جو ڪمشنر سر بارٽل فريئر ۽ سندس ماتحت ڪامورا سنڌين لاءِ وڌيڪ همدردي رکندا هئا. ان معاملي تي "سنڌ قاصد" گهڻو خفا هئي. سنڌ جي انهن ٻنهي يورپي اخبارن جي اهڙي رويي کان هندستان جون ٻيون يورپي اخبارون مٿن ڏاڍو ناراض هيون ۽ کين 'demons and pythias of journalism' جي لقب سان نوازيو ويو. مگر ١٨٥٧ع واري گهوٽالي کان پوءِ هي اخبارون گهڻو ٺٺو پاڻ ۾ کير کنڊ ٿي ويون. ان ۾ ئي هنن پنهنجو ۽ پنهنجي قوم جو بقاءُ ڄاتو. ٥ - جنوري ١٨٥٨ع تي "سنڌ قاصد" هڪ مضمون ذريعي، جنهن کي 'Kurrachee confession of faith' جو نالو ڏنو ويو ۽ پاڻ ۾ باهمي دوستيءَ جو عهد ڪيو. جڏهن بہ سندن قوم تي ڪوبہ ڏکيو وقت آيو تہ، هو همخيال ۽ هڪ آواز ٿي ويون. (٦)

اچو تہ آخر ۾ مٿين ٽن اخبارن کي پيش آيل ڪجهہ مسئلن تي غور ڪريون. سڀ کان اول "ڪراچي ايڊورٽائيزر" کي ٿا ڪٺون. مٿي چئي آيا آهيون تہ، هن اخبار جا بہ دوُر رهيا. هڪ يورپي ملڪيت ۾ ۽ ٻيو ڏيهي ملڪيت ۾. سندس پهرئين دوُر جا مسئلا ٻئي دوُر جي مسئلن کان مختلف هئا. سرڪاري پرچو هئڻ جي ڪري، شايد ڪيس مالي مشڪلاتن جي سُڌ نہ رهي هجي، مگر سندس مسئلو اهو هو تہ، مالڪ جي عزت ۽ ناموس جو بچاءُ ڪيئن ڪجي. حقيقت اها آهي تہ، اسان کي سندس مالي يا معاشرتي مشڪلاتن جي ڪا تاريخي شاهدي نہ ملي آهي.

ٻئي دوُر ۾ هيءَ اخبار ڏيهي ۽ نجي ملڪيت ۾ آئي. ان حساب سان سندس نوعيت تجارتي ٿي ويئي. جاءِ مشنري، عملي ۽ مالڪ جو گذر سفر اخبار کي ئي پورو ڪرڻو هو. سندس جياپي جو مدار ان ڳالهہ تي هو تہ، هُو مالي طرح خوشحال هجي. ڏيهي مالڪ اخبار کي شروعات ۾ تہ ڏکيو سُکيو ٻئي هلايو، پر جڏهن کان سندس مدِ مقابل وڌيڪ مضبوط يورپين اخبار آئي تہ، هيءَ اخبار ڏاڍي مشڪلات ۾ اچي ويئي ۽ انهن مشڪلاتن جو بار نہ سهندي پڄاڻيءَ کي پهتي.

باقي ٻن يورپي اخبارن جا مسئلا ڪجهہ ٻيءَ نوعيت جا هئا. مالي لحاظ کان انهن کي ڪا ايڏي وڏي پريشاني پيش آيل نظر ڪانہ ٿي اچي. اُهي اخبار جي چندي، اشتهارن، سرڪاري اسڪولن جي درسي ڪتابن جي ڇپائي، مختلف قسمن جي فارمن، ڪارڊن جي ڇپائي ۽ اسٽيشنري کان علاوه جلد سازي مان چڱي آمدني حاصل ڪري وٺنديون هيون. سندن اهم مسئلو سنڌ جي موسم ۽ ڪجهہ وقت لاءِ پاڻ ۾ رساڪشي هو. ڪراچي جي گرم ۽ گهميل آب و هوا، سندن ڪارڪنن سان ڪلور ڪري ڇڏيا هئا. ان متعلق ١٣ - اپريل ١٨٥٧ع تي سنڌ قاصد هيئن لکيو:(٧)

"We have never witnessed the career of journalism in any part of India, so unfortunate as that of Sindh. Death, Sickness and private disagreements have from time to time, dis-

couraged the editors of the respective papers from their charges. The papers have suffered suddenly and severely in different respects."

اِهي ۽ اهڙي قسم جون ٻيون تڪليفون سَهندي مٿين ٽن اخبارن ۽ خاص ڪري "سنڌين" ۽ "سنڌ قاصد" سنڌ اندر اخباري صنعت جو هڪ مضبوط بنياد رکيو، جنهن تي اڄ جي عاليشان عمارت اڏيل آهي. هن کان علاوه انهن اخبارن جي پريسن سنڌي ادب جا بہ گهڻا ڳهڙا پريا. سنڌي زبان جا آڳاٽا هڪ ڏزن کان وڌيڪ ڪتاب مٿين ٽن اخبارن جي پريسن ۾ ڇپيا، جنهن لاءِ اسين سڀ سنڌ واسي سندن ٿورائتا آهيون.

## حوالا


(1) The Times, 22 November 1845, p. 5.
(2) Fawn M. Brodie, The devil drives: a life of Sir Richard Burton (London: Eland, 1967), p. 62.
(3) A.F. Scott, Sciende in the forties: being the journal and letters of colonel keith young (London: constable, 1912), p. 94.
(4) Ardasser Rustom to Frere, Records of the Commissioner in Sindh (RCS), 28 July 1855.
(5) The Sind Kossid, 14 April 1857, p. 118.
(6) The Sind Kossid, 5 January 1858, p. 2.
(7) The Sind Kossid, 14 April 1857, p. 119.

# سنڌي ادب جا مسئلا ۽ اُن جا حل

(هي مقالو ۱۹۹۱ع ۾ سنڌ ثقافت ڊپارٽمينٽ طرفان سڏايل ادبي ڪانفرس لاءِ لکيو ويو هو)

ڊاڪٽر غلام علي الانا

انسان ذات جي رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي ويهڻي ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ اُتم خزانو هر دور ۾ ٻولي ئي رهي آهي، جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻي ڪهڻي، گذر معاش، اُٿڻي ويهڻي ۽ سماجي قدرن ۾ فرق ايندو رهيو آهي، جيئن جيئن انسان ذات جي تهذيب ۽ تمدن ۾ ترقي ايندي رهي آهي، تيئن تيئن، انهيءَ ترقي ۽ تبديل جو، اُن قوم جي ٻوليءَ تي پڻ اثر ٿيندو رهيو آهي؛ اُن ۾ پڻ تبديلي ۽ ترقي ايندي رهي آهي، اُن ۾ اضافو ٿيندو رهيو آهي. دنيا جو اهو وهنوار هر دور ۾ جاري رهيو آهي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهئي بلڪل درست لکيو آهي ته."

> "هرڪا ٻولي پنهنجي جاءِ تي هڪ گونا گون گنج ۽ عجب اسرار آهي، ٻولي عقل ۽ علم جو وڏو وسيلو آهي. ٻولي انساني عمل جو نمونو آهي ٻولي ماڻهن جي ثقافتي، علمي ۽ ادبي ڪارڪردگيءَ جو حصو آهي."(۱)

ٻولي، انساني سماج، تهذيب ۽ تمدن سان واسطو رکي ٿي ڇاڪاڻ ته ٻولي انساني عمل جي ذميدار آهي، ٻوليون مُئل ماڻهن جي هڏين مان نه ، پر زنده ماڻهن جي روز مره جي زندگيءَ مان اُپريون ۽ اسريون آهن، ان ڪري هينئن چئبو ته ٻولي قومن جي زندگي ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو آئينو آهي.

مٿئين وصف جي روشنيءَ ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو جائزو ونجي ٿو تڏهن اهو ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌي ٻولي ٻه هڪ سماجي قوت، علم ۽ عقل جو اٿاهه مها ساگر، لُغت، معنيٰ، علم ادب، خيال ۽ اظهار جو هڪ گنج آهي. سنڌي ٻولي، سنڌي قوم لاءِ آب حيات آهي؛ انساني روح جو سدا تازو پربو پاڳيو پاڪ چشمو آهي، جنهن ۾ ماڻهو پنهنجو ماضي گڏ ڪري رکن ٿا ۽ پنهنجن تمنائن جو، پنهنجيءَ ڄاڻ جو، پنهنجي تجربي جو، اڳ ـ ويچار ۽ پروڙ جو، عڪس ڏسن ٿا ۽ اهو سڄو ڪم سندن سگهڙ، سياڻا سخنور ، اديب ۽ شاعر ڪن ٿا.(۲)

سنڌي ٻولي هر دور ۾ ارتقا پذير رهي آهي، اُن جو خاص سبب هي آهي ته سنڌ جي اديبن، شاعرن، عالمن ۽ فاضلن پنهنجي ماحول ۽ معاشري جو هميشه گهرو مطالعو ڪيو آهي. هر دور جي ماحول، اُن جي مسئلن، معاشري جي تبديليءَ جو اثر ٻوليءَ تي ٻه ضرور ٿيندو رهيو آهي. اديب ۽ شاعر، شعوري ۽ لاشعوري طور اُن جو رڪارڊ پنهنجين لکڻين ۾ رکندا پئي آيا آهن، جنهن جو پتو، وقت جي نقادن ۽ ماهرن جي تجزئي مان پوي ٿو.

ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو لکي ٿو ته:

"ادب جو سماجي ڪارج وارو اپياس افاديت جي خيال کان اسان لاءِ ڀولي، سماج، ڪلچر ۽ ادب جي باري ۾ ڪئين نقطا واضح ڪري ٿو؛ ڪئين مسئلا حل ڪري ٿو؛ ڪئين راهون کولي ٿو؛ ڪئين سوال اُڀاري ٿو. هن طرح اسان جي هن قسم جي اپياس مان سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج جي باري ۾ وڏيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ وڏو مواد حاصل ڪري سگهون ٿا"(٣).

ڪنهن بہ قوم يا زبان جو ادب، اُن زبان جي ئي پيداوار هوندو آهي، ان ڪري ادب جي مسئلن، تي ڪجھ لکڻ يا ڳالهائڻ کان اڳ، مون هن موضوع کي هيٺين چئن عنوانن ۾ تقسيم ڪيو آهي:

(الف) سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا

(ب) سنڌي اديبن جا مسئلا

(ت) سنڌي ادب جا مسئلا، (جنهن ۾ سنڌي ادب جي پيداوار، ادبي مواد جي اشاعت ۽ ڪتابن جي وڪري جا مسئلا شامل ڪيا ويا آهن.)

(ج) سنڌي سماج جا مسئلا

جيتوڻيڪ سنڌي سماج جي مسئلن کي اولين حيثيت ڏني وڃي ٿي، پر مون هن مقالي ۾ انهن مسئلن کي چوٿين نمبر تي رکيو آهي ڇاڪاڻ تہ هن مسئلي تي گهڻو ڪجھ لکجي چڪو آهي.

جيستائين سنڌي ٻوليءَ جي مسئلن کي واضح طور نہ سمجهبو، تيستائين سنڌي اديبن جا مسئلا بيان ڪري نہ سگهبا ۽ جيستائين سنڌي اديبن جا مسئلا نہ سمجهبا تيستائين سنڌي ادب جا مسئلا پڌري پٽ تي نہ سگهندا.

اهڙيءَ طرح ادبي ادارن جا بہ مسئلا آهن ۽ ڪجھ مسئلا اهڙا آهن جن کي "عام مسئلا" جو عنوان ڏيئي، انهن کي ڌار بيان ڪيو ويو آهي.

دنيا ۾ هر ٻوليءَ جي ترقي ۽ ترويج لاءِ، اُن ٻوليءَ جي رٿا يعني 'Language planning' لاءِ سوچيو ويندو آهي ۽ ڪي قدم کنيا ويندا آهن. ٻولي يا ٻولين جي رٿابنديءَ وارو قدم هر ملڪ ۾ نهايت ئي اهم سمجهيو ويندو آهي، اُن قسم جو فيصلو ۽ اُن تي کنيل قدم يا ڪيل عمل، يعني اُن ٻوليءَ کي معياري بنائڻ، اُن لاءِ رسم الخط مقرر ڪرڻ، اُن کي ذريعہ تعليم جو درجو ڏيڻ، اُن کي قومي ٻوليءَ جي حيثيت ڏيڻ وارو قدم، اُن کي سرڪاري يا دفتري ٻولي ۽ رابطي واري ٻوليءَ جي سلسلي ۾ مددگار ثابت ٿيندو آهي، پاڪستان جهڙي گهڻ - ٻولياڻي يا گهڻين ٻولين واري ملڪ لاءِ ٻولي/ ٻولين جي رٿابندي هڪ اهم قدم آهي، جنهن تي قيام پاڪستان کان اڳي ڪنهن فيصلي ڪرڻ يا اُن تي عمل ڪرڻ جي ضرورت هئي پر اجا تائين ائين نہ ڪيو ويو آهي.

ٻولين جي رٿابندي اُن ڪري بہ ضروري سمجهي ويندي آهي، جو هن قسم واري رٿابندي، قومي تعليم جي رٿابنديءَ ۾ مدد ڪندي آهي. ڪئناڊا، چين، ساوٿ يونين، ڀارت، افغانستان، ايران، ترڪي، تنزانيا، ڪينيا، انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ آفريڪا ۾ رائج ٻولين، انهن جي ترقي، سرڪاري ۽ دفتري حيثيت ۽ رابطي واري ٻوليءَ جي مسئلي کي هميشہ لاءِ حل ڪيو ويو آهي.

ڪنهن نه ٻوليءَ جي علم ادب جو فروغ به ، ٻوليءَ جي رٿابنديءَ تي مدار رکي ٿو. سنڌي زبان جي سلسي ۾ ، ٻوليءَ جي رٿابنديءَ جي تاريخ به تمام پراڻي آهي. هن موضوع تي مون پنهنجي ڇپيل ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقائي تاريخ (اوسر) ۾ تفصيل ۽ مثالن سان بحث ڪيو آهي. جيئن جيئن حال کان ماضيءَ ڏانهن وڃبو، تيئن تيئن سنڌي ٻوليءَ جي رٿابنديءَ لاءِ گهٽا مثال ملن ٿا.

اسين بيشڪ انگريزن ۽ انگريز حڪومت کي ننديون پر اهو قبول ڪرڻو پوندو ته انگريزن پنهنجي حڪومت جي اوائلي ڏينهن ۾ ئي، سنڌي زبان لاءِ هڪ پاليسي تيار ڪئي، اُن پاليسيءَ تحت نه فقط سنڌي زبان کي سرڪاري ۽ دفتري زبان طور رائج ڪرڻ لاءِ حڪم نامو جاري ڪيو ويو، پر اُن کي مادري زبان طور ترقي وٺرائڻ ۽ اُن جي فروغ لاءِ ٻهرين هڪ رسم الخط مقرر ڪري ٻوءِ صورتخطيءَ کي آخري شڪل ڏني ويئي، جيڪا سڀني لاءِ قابل قبول هئي. "سنڌ ۾ سنڌي"ءَ زبان کي ذريعه تعليم طور اهميت ڏيڻ لاءِ ۽ سنڌي زبان ۾ تعليم جي بندوبست لاءِ تعليم کاتو قائم ڪيو ويو: هن کاتي سنڌي زبان جي سکيا ۽ سنڌي زبان ۾ سکيا لاءِ درسي ڪتاب تيار ڪرائڻ شروع ڪيا: ڪيترائي ڪتاب ترجمو ڪرايا ويا: ڪيترائي ڪتاب لکيا ويا: سنڌي ٻوليءَ ۾ علم التعليم، تاريخ، رياضي، جاگرافي، جاميٽري، آلجبرا، منطق، اقتصاديات ۽ ٻين علمن تي ڪتاب ترجمو ڪرائي، سنڌي ٻوليءَ کي انهيءَ لائق بڻايو ويو ته اها ٻولي، علم پرائڻ ۽ سکڻ جي وسيلي طور ڪم اچي سگهي، هن ڏس ۾ ترجمن تي انعام رکيا ويا: سٺن سٺن ترجمن تي انعام ڏنا ويا: نه فقط ايترو پر سرڪاري طور ڪتابن، فني اصطلاحن لفظن وغيره جي ترجمي ڪرڻ لاءِ مترجم مقرر ڪيا ويا ۽ انگريز آفيسرن جي مدد لاءِ ترجمو ڪندڙ ماهر مقرر ڪيا ويا. مطلب ته اهو سڀ ڪجهه هڪ "رٿا" تحت ڪيو ويو.

جيڪڏهن انگريز حڪومت کان اڳ واري زماني يعني ٽالپرن واري دور يا اُن کان به اڳتي ڪلهوڙن، مغلن، نوابن، ترخانن، ارغونن، سمن ۽ سومرن جي دور جو جائزو وٺبو ته معلوم ٿيندو ته هر دور ۾ سنڌي زبان لاءِ ڪنهن نه ڪنهن رٿا موجب ضرور ڪم ٿيو آهي. ايتري قدر جو سومرن جي دور ۾ به مذهبي تبليغ ۽ مذهبي تعليم لاءِ حساب ڪتاب رکڻ لاءِ سنڌي زبان ۾ سکيا جو بندوبست هوندو هو. ان ساري عمل لاءِ ڪنهن رٿا موجب ڪم ٿيندو هو. اُن وقت به ماهرن ۽ ودوانن، ڪنهن سوچ ۽ ڳڻ ڳوت موجب ماڻهن جي گهرجن کي ڌيان ۾ رکي، ٻوليءَ جي مسئلن تي ڌيان ڏنو، نه فقط اُن وقت ٻوليءَ تي ئي ڌيان ڏنو ويندو هو پر البيرونيءَ ته علم ادب، شعرو شاعري، ڇندوديا، ماترائن کان سواءِ ويا ڪرڻ جي باري ۾ به گهڻو ئي ڪجهه لکيو آهي.

## ١- سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا

اهي ته ٿيون ماضيءَ جون ڳالهيون: موجوده زماني ۾ "سنڌي" ادب" جي مسئلن تي سوچڻ لاءِ ويهي ڪي راهون هموار ڪرڻ به هڪ نيڪ قدم آهي، سنڌي ادب جي مسئلن تي سوچڻ، اُن لاءِ ڪي گس گهڙڻ کان اڳ، اهو به ضرور سوچڻو پوندو ته سنڌي ٻولي هن وقت ڪهڙن ڪهڙن مسئلن کي منهن ڏيئي رهي آهي: ڪهڙا ڪهڙا مسئلا آهن جيڪي سنڌي ٻوليءَ کي ترقيءَ کان روڪيو بيٺا آهن: ڪهڙا ڪهڙا مسئلا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي ادب جي فروغ ۾ رڪاوٽون بڻيل آهن، منهنجي خيال ۾ سنڌي ٻوليءَ

ڪي جيڪي مسئلا درپيش آهن. اُنهن جو ذڪر مون پنهنجي هڪ ٻئي انگريزي ڪتاب "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جدوجهد" ۾ ڪيو آهي. اُنهن مان ڪن جو مختصر طور ذڪر ڪريان ٿو:

(i) سنڌيءَ کي ذريعہ تعليم طور ختم ڪرڻ — هن ڏس ۾ قدم ون يونٽ ٺهڻ سان ئي کنيو ويو. ون يونٽ ٺهڻ کان پوءِ پاڪستان کي جيڪو نام نهاد ٻهريون دستور نهي مليو. اُن جي باري ۾ "مهراڻ" رسالي جي اڳوڻي ايڊيٽر مولانا غلام محمد گراميءَ فرمايو تہ:

"گذريل ٽن مهينن ۾ ، اسان جو وطن پاڪ." اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي نهال ڪندڙ نالي سان نوازيو ويو آهي، "اسلامي جمهوريہ پاڪستان جي تعريف، تعارف ۽ دستور العمل ۾ يعني اُن جي آئين ۾ - جيئوٽيڪ سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جا نالا ناپيد آهن، تنهن بہ سنڌ ۽ سنڌي ٻولي جتي اڳي هيون، اُتي اڄ بہ جيئن جو تيئن موجود آهن، سج جي وجود کان انڪار صرف اکين کان سڄائي ڪري نٿا سگهن".

گرامي صاحب اڳتي فرمائي ٿو:

"سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ثقافت بہ ڪي ڏينهن - اڏ جون چيزون ڪينهن. دنيا جي قديم ۽ عظيم کان عظيم ثقافتن ۽ ٻولين جي صف ۾ ڪين امتيازي جڳهہ حاصل هئڻ جو بجا فخر آهي، جيڪڏهن پاڪستان جي صاحب مشرق ۽ صاحب مغرب حضرات جي في الحال منجهن اک نٿي ٻڏي، تہ اُن ۾ انهن صاحبن جي پنهنجي ئي شيڪي ۽ شوم نگاهن جو قصور آهي - سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وجود سندن نظر فيض اثر تي منحصر نہ آهي."(٣)

اهڙيءَ طرح ون يونٽ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ جي مخالفت ۾ هيٺيان قدم کنيا ويا:

(i) سنڌيونيورسٽيءَ مان لازمي سنڌيءَ وارو فيصلو ختم ڪيو ويو.

(ii) ڪراچي يونيورسٽيءَ مان سنڌي زبان کي نہ صرف ذريعہ تعليم طور ختم ڪيو پر سنڌي زبان لاءِ يونيورسٽيءَ جا دروازا پڻ بند ڪيا ويا.

(iii) آڪٽوبر ١٩٥٨ع واري مارشل لا کان پوءِ تعليمي پاليسيءَ موجب سنڌ ۾ سنڌي زبان کي ذريعہ تعليم طور ختم ڪري فقط ڪلاس پنجين تائين مادري زبان طور پڙهڻ جي اجازت ڏني ويئي. هن فيصلي تي سنڌ ۾ سنڌي زبان سوسائٽيءَ جي معرفت سنڌ جي ماڻهن آواز اُٿاريو. نيٺ سنڌي زبان کي ساڳيو درجو ڏنو ويو. هنن ڳالهين جو تفصيل مون پنهنجي انگريزي ڪتاب "آزاديءَ کان پوءِ سنڌي ٻوليءَ لاءِ جدوجهد" ۾ ڪيو آهي.

موجوده وقت سنڌي زبان کي جن مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو آهي. اُهي هي آهن:

(i) سنڌي پرائمري اسڪولن جو خاتمو: سنڌ جي وڏن شهرن جهڙوڪ ڪراچي ۽ حيدرآباد مان سنڌي زبان جا ابتدائي اسڪول يعني پرائمري اسڪول ڪنهن سازش تحت، سلسليوار هڪ ٻئي پٺيان بند ڪيا ويا آهن. ان ڪري ڪراچي، حيدرآباد ۽ سنڌ جي ٻين ڪن وڏن شهرن ۾ جن جن علائقن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي آبادي آهي، اُنهن علائقن

۾ آهستي آهستي سنڌي پرائمري اسڪول بند ڪيا ويا ۽ بند ڪيا پيا وڃن جيئن سنڌي ڳالهائيندڙ ٻار مجبوراً سنڌي زبان نہ پڙهن.

(ii ) هن ڏس ۾ اسان پنهنجا دشمن پاڻ بہ بڻيا آهيون. ڪراچي، حيدرآباد، ميرپور خاص بلڪ سکر ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون سنڌي فيمليون آهن جن پنهنجن ٻارن کي سنڌي پڙهائڻ تہ ڇڏيو پر انهن سان پنهنجن گهرن اندر بہ سنڌي ڳالهائڻ ڇڏي ڏني آهي، انهن ۾ ڪيترائي وڏ وڏيرا، وڏا خانداني ماڻهو، ڪامورا، واپاري ۽ نام نهاد قوم پرست پڻ آهن.

(iii ) سنڌي زبان ۾ ڇڱا بنيادي، معلوماتي ۽ فني (Technical) نوعيت جا ڪتاب ۽ مواد بلڪل ڪونهي، ان ڪري اسان جو سمجهدار طبقو اردوءَ ۾ اهڙي مواد جي تلاش ڪري ٿو ۽ خريد ڪري ٿو. اهو عمل سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيندو. هن ڏس ۾ علامہ آءِ ـ آءِ قاضيءَ جهڙي جڳ مشهور عالم فرمايو تہ:

"سنڌي زبان جي بقا جو هڪ مؤثر طريقو هي آهي تہ سنڌين ۾ قوت فڪر پيدا ٿئي؛ جيئن اُهي نئين خيال ۽ نئين معنيٰ کي سنڌي زبان ۾ قلمبند ڪن، ائين ڪرڻ سان سنڌي زبان جي زندگيءَ ۽ بقا جو سوال پاڻهي حل ٿي سگهي ٿو."(٥)

ان سلسلي ۾ سنڌ جي هڪ ٻئي برک دانشور، سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ فرمايو هو تہ:

"شعر، افساني ۽ ڊرامي، ڪان سواءِ پيا بہ اهم موضوع آهن، جن تي نئين نسل کي فوري توجهہ ڏيڻ کپي: ڪابہ قوم فقط شعر، افساني ۽ ڊرامي جي سهاري جيئري رهي نہ سگهندي، سنڌ جي تاريخ بہ هڪ اهم موضوع آهي، جيڪو هن وقت تائين اکين کان ٽريل رهيو آهي. سنڌ جي تاريخ طرف ڌيان ڏيڻ سان، سنڌن ادبي تعليمات ۾ نئون رنگ ۽ رس پرجي ويندو، نوان موضوع ملندا ۽ نرالا عنوان قائم ٿيندا ۽ پنهنجن خواهہ پراون جون اکيون کلي پونديون"(٦).

راشدي صاحب جي هيءَ راءِ يقيناً اُن دور جي ٿي سگهي ٿي جڏهن پاڻ سنڌ جي افسانوي ادب ۾ ايتري قدر دلچسپي وٺڻ شروع نہ ڪئي هئائون ۽ سنڌ جي نوجوان جديد اديبن سان سنڌن دوستيءَ جا ناتا شروع نہ ٿيا هئا: دوستن کي ياد هوندو تہ ڪراچيءَ يونيورسٽيءَ جي افسانوي ادب واري ڪانفرنس ۾ راشدي صاحب سنڌي افساني کي سنڌي ادب جي بهترين صنف ۽ سنڌي سماج جي نمائنده صنف سڏيو هو.

سنڌ جو علم ادب هر دور ۾ جديد ادب طور نظر آيو آهي. شاهہ لطيف سنڌي ثقافت ۽ سنڌ جو آواز آهي: لطيف سنڌي سماج ۽ سنڌ جو پيامبر آهي: لطيف جي ڪلام جو اپياس سنڌي تهذيب، سنڌي سماج، سنڌ جي ماڻهن جي نفسياتي پهلوئن، ڪيفيتن ۽ جبلتن جي عڪاسي ٿو ڪري.

لطيف هر دور ۾ جديد لڳندو آهي: لطيف سترهين صديءَ ۾ بہ جديد ادب جي نمائينده جي حيثيت ۾ اُسريو هو: هن ارڙهين صديءَ ۾ بہ جديد ادب جي نمائندگي ٿي ڪئي: لطيف اڄ بہ جديد ادب جي داعين جو رهنما آهي تہ ايندڙ ايڪهين صديءَ ۾ بہ هن کي جديد ادب ۽ اديبن جو رهنما تسليم ڪيو ويندو. لطيف جي مطالعي ۾ سنڌ جي سياسي، سماجي، علمي ۽ ادبي تاريخ جا دفتر کلن ٿا ان لحاظ کان

جيڪڏهن سيد حسام‌الدين راشدي صاحب جن اڄ زنده هجن ها ته جيڪر هئين فرمائين ها ته "سنڌ جي افسانوي ادب، سنڌي ڊرامن، ناولن، ڪهاڻين ۾ سنڌ جي هر عصر سماجي، سياسي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي تاريخ جو بهترين ۽ اڻميو مواد موجود آهي. انهن صنفن ۾ هر عصر سماج ۽ سماجي قدرن، سياست ۽ سياسي ڦيرين گهيرين، لاهين چاڙهين، ۽ وقت جي حالتن جو احوال قلم بند ٿيل آهي؛ انهن صنفن ۾ هر عصر جديد اديبن ۽ شاعرن جو آواز لکت ۾ موجود آهي؛ انهن ۾ جديد سنڌ جي هر دور جي سماجي، سياسي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي ماحول جي عڪاسي آهي. جديد دور جي افسانه نگارن، ڪهاڻيڪارن، ڊراما نويسن، لوڪ شاعرن ۽ روايتي شاعرن پنهنجي فن ذريعي پنهنجي افسانن، ڊرامن، ناولن ۽ ڪلام ذريعي سنڌ جي هر عصر تاريخ جي لاءِ هر موضوع جو مواد حقيقت نگار جي حيثيت ۾ قلمبند ڪيو آهي. هنن اها تاريخ بيان ڪئي آهي جيڪا ڪنهن بادشاهه ، ڪنهن امير، ڪنهن حاڪم يا ڪنهن آمر جي مرضيءَ ۽ حڪم مطابق نه ، پر جيڪي ڪجهه هنن ڏٺو ۽ محسوس ڪيو تنهن کي رڪارڊ ڪيو آهي. هنن جا لکيل بيان صحيح ۽ سچا آهن؛ هنن جا بيان ڪيل واقعا حقيقت جي عڪاسي آهن. اهي ڳالهيون، اهي بيان، اهي احوال اڳتي هلي، ماضيءَ جون ڳالهيون بنجي وينديون؛ انهن جا ڪردار ماضيءَ جا ڪردار بنجي ويندا، پر اهو ضرور مڃڻو پوندو ته سنڌي قوم جي هر عصر تاريخ سنڌي افسانن، ڊرامن، ناولن ۽ شعر سنڌي شاعريءَ ۾ بيان ٿيل آهي؛ بيان ڪئي ويئي آهي ۽ بيان ٿيندي رهندي. اهو مؤرخن ۽ نقادن جو ڪم آهي ته اهڙن واقعن طرف نشاندهي ڪن.

هو اڳتي هلي لکي ٿو:

> "هن جدوجهد ۾ هيل تائين جي زماني ۾ ، اهائي قوم قائم رهي سگهندي، جيڪا ترقي يافته قومن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ڏيئي، هلڻ جي ڪوشش ڪندي. هن خطرناڪ ۽ عجيب دور ۾ اها قوم جيئري رهندي ۽ اهوئي ماڻهو رفتار سان گڏو گڏ پنهنجي رفتار قائم رکندو ايندو"(٧).

محترم مراد علي مرزا، ١٩٨٢ع ۾ ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي ۾ هڪ سيمينار ۾ پڙهيل مقالي ۾ ، حاضرين جو توجهه ڇڪائيندي، فرمايو ته:

> "سنڌي زبان ۾ سائنسي علمن تي ڪم ڪونه ٿيو آهي. جيڪڏهن اسان جي عالمن، اُستادن، ليڪڪن جديد فني علمن جهڙوڪ: انجنيئرنگ، اليڪٽرانڪس، ڪمپيوٽر، علم طبعي، علم ڪيميا، علم ارضيات، علم حياتيات، علم طب، ميڊيڪل سائنس ۽ هيلٿ سائنس جهڙن علمن تي مواد پيش نه ڪيو ته سنڌي زبان اڳتي وڌي نه سگهندي ۽ اسان فقط شاعري ۽ افسانوي ادب تي لکيل چند ڪتابن کي زبان جي ترقي سمجهي، خوش فهميءَ ۾ رهجي ويندا سين".

انهن خيالن کي سامهون رکي سنڌي زبان جي ترقي ۽ ترويج لاءِ هيٺيون تجويزون ۽ سفارشون عرض ڪجن ٿيون:

(الف) سنڌي ٻوليءَ جو Data base قائم ڪيو وڃي. اُن ۾ هيٺيون مواد گڏ ڪيو وڃي تہ جيئن اهو Data base ڊاڪيومينٽيشن، انفرميشن ۽ رسورس سيل (Documentation, information and- resource cell) طور ڪم اچي سگهي:

(i) سنڌي ٻوليءَ تي ٿيل تحقيق جي تفصيلي ۽ مڪمل معلومات فراهم ڪجي.

(ii) سنڌ جي سرڪاري نيم سرڪاري ۽ خانگي ادبي، سماجي ۽ ثقافتي ادارن جو profile تيار ڪرڻ، جنهن ۾ هر اداري جي تاريخ ۽ اُن اداري طرفان تيار ڪرايل ۽ ڇپايل مواد جي باري ۾ مڪمل معلومات هجي.

(iii) سنڌ جي سرڪاري نيم سرڪاري ۽ خانگي لائبررين جي باري ۾ تفصيلي معلومات هجي.

(iv) سنڌي ۽ سنڌ جي اديبن / ليکڪن جي ڊائريڪٽري يا "ذات ڏٺين واري گڏ ڪيل مواد جي نموني profile تيار ڪرائڻ، جنهن ۾ ليکڪن جي ولادت، ڏنڌي / ڪرت، خانداني احوال ۽ ائڊريس کان سواءِ سندن لکيل ڪتاب، مقالن، مضمون وغيره جي باري ۾ مڪمل معلومات هجي.

(v) سنڌي ادب جي ڌار ڌار صنفن جي باري ۾ مڪمل معلومات هجي.

(vi) سنڌي زبان ۾ ترجمو ٿيل غير ملڪي يا ملڪي زبانن جي ادب جي مڪمل معلومات هجي.

(vii) ملڪي يا غير ملڪي زبانن ۾ ، سنڌي ادب جي ڌار ڌار صنفن جي ترجمي جي مڪمل معلومات هجي.

(viii) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڇپيل ڪتابن جو ڪئٽلاگ تيار ڪجي.

(ix) سنڌي زبان ۾ لکيل قلمي نسخن جو ڪئٽلاگ تيار ڪجي.

(x) سنڌ ۽ سنڌي زبان ۾ Archival Material جو ڪئٽلاگ تيار ڪجي.

(ب) سنڌي زبان ۾ فني ۽ سائنسي علمن جون لغتون ۽ فرهنگون تيار ڪرائجن. هن سلسلي ۾ لغتن تي ڌار ڪم ڪرائجي ۽ ڇپيل ڪتابن ۾ موجود لفظن جون فرهنگون ڌار تيار ڪرائجن مثال طور:

(i) هيٺين سائنسي علمن جون لغتون ۽ فرهنگون تيار ڪرائجن:

فزڪس، ڪيمسٽري، بايولاجي، فزيالاجي، فارميسي، فريش واٽر بايولاجي، جيالاجي، باٽني، انجنيئرنگ ، هيلٿ سائنس، عمارت سازي، رياضي، شماريات، انسٽرانامي وغيره.

(ii) هيٺين سماجي علمن جون لغتون ۽ فرهنگون تيار ڪرائجن:

سياسيات، اقتصاديات، سماجيات، ابلاغ عامہ، لائبرري ۽ انفرميشن سائنس، فلاسافي، نفسيات، علم ادب، لسانيات، آرڪيالاجي، علم الانسان ۽ فائين آرٽس وغيره.

(ج) سنڌي ادب جي مڪمل ۽ مفصل تاريخ:
سنڌي ادب جون مختصر تاريخون تہ لکيل آهن پر مفصل تاريخ تي اجا ڪم نہ ٿيو آهي. هيءَ تاريخ نئين نظر سان ۽ نئين طرز موجب لکائڻ گهرجي.

(د) سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا ۽ اوسر جي تاريخ

(هـ) Etymological Dictionary of Sindhi language

(و) سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو اڀياس، هن موضوع تحت سنڌي ٻوليءَ جي لهجن، محاورن، خطي وار ۽ قومن جي ٻولين جو جائزو وٺڻ.

(ز) سنڌي ٻوليءَ جو، جديد لسانيات جي روشنيءَ ۾ سنڌي وياڪرڻ نئين سر لکرائڻ.

(ح) سنڌي ـ انگريزي ۽ انگريزي ـ سنڌي ڊڪشنري نئين سر تيار ڪرائڻ.

(ط) سنڌي ٻوليءَ کي دفتري زبان طور رائج ڪرائڻ: ڪامورن ۽ ڪارڪنن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ هيٺيون مواد تيار ڪرائڻ.

(i) دفتري ڪاروبار واري ٻولي سيکارڻ لاءِ درسي ڪتاب تيار ڪرائڻ.

(ii) دفتري اصطلاحات جي لغات تيار ڪرائڻ.

(iii) سنڌي ٽائيپ رائيٽر مهيا ڪرڻ.

(iv) سنڌي شارٽ هئنڊ جو ڪتاب ۽ ٻيو مواد تيار ڪرائڻ.

(v) سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪمپيوٽر جون سهوليتون مهيا ڪرائڻ ۽ جيڪي ڪمپنيون ميدان ۾ آهن، اُنهن ۾ رابطہ ڪار طور ڪم ڪرڻ.

(ي) عام واقفيت، ذهني آزمائش ۽ I-Q- جهڙن آزمائشي امتحانن لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪتاب لکرائڻ.

(ڪ) پيشہ ور ماڻهن جون ڪرت يا ڌنڌي وار لغتون (Occupational vocabulary) تيار ڪرائڻ، جهڙوڪ:

واڍا، لوهار رازا، سونارا، موچي، سوچي، ڪنڀار سران وينجهر، قلعي گر، چوڙيگر، ڪاشيگر، ڪمانگر، مستري، حجام ڪوري، ٽانارا، نوري، مهاڻا، ميربحر، ناکُئا، رنگريز کٽي، کنڀاتي، ٻاگڙي، واگڙي، ٻالاري، گندرا، ونگرا، اوڏ، ٻيل، ڪولهي، ڳُرڳلا، ڪبوتريا، جت، ريباڙي، سودا، جوڳي، چوڻ جلد سان اديب....

## ٢ـ سنڌي اديبن جا مسئلا:

سنڌي زبان جي اديبن کي هر وقت ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي. اُنهن مسئلن مان ڪي هي آهن:

(الف) سنڌي اديب جي سڀ کان وڏي پريشاني هيءَ هوندي آهي تہ هُو جڏهن بہ ڪو ڪتاب لکي تيار ڪندو آهي، تڏهن اُن جي ڇپائڻ لاءِ ناشر جي ڳولا ۾ سرگردان هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ:

(i) وٽس ايتري رقم ڪٿان اچي، جو هو پنهنجوڪتاب ڇپائي سگهي.

(ii) سرڪاري ناشر ايتري تعداد ۾ تہ ڪونهن جو اُهي هر سنڌي اديب جو لکيل ڪتاب ڇپائين.

(iii) پر جيڪي بہ هڪ يا ٻہ سرڪاري ادارا آهن تن وٽ سنڌي ڪتاب يا سنڌ تي لکيل ڪتابن جي ڇپائڻ لاءِ ڪا رٿا يا ڪو منصوبو ڪونہ هوندو آهي. اُهي ڪن خاص ماڻهن جا ڪتاب ڇپائيندا آهن تنهن ڪري هر اديب کي سرڪاري ادارن ۾ آسرو ڪونہ هوندو آهي:

(iv) سرڪاري ادارن لاءِ مناسب آهي تہ اهي بہ پنهنجي اشاعتي سلسلي لاءِ ڪا رٿا جوڙين ۽ هيٺيون ڳالهيون پنهنجي سامهون رکن:

(a) بنا ڪنهن امتياز جي، هر اديب جو لکيل / ترجمو ڪيل معياري، ڪتاب ڇپائين.

(b) اول رٿابندي ڪئي وڃي ۽ ڇپائيءَ لاءِ موضوعن جو انتخاب ڪيو وڃي.

(c) هر موضوع تي ڪتاب ڇپائڻ جو في سيڪڙو حصو مقرر ڪيو وڃي.

(ب) سنڌ ۾ سرڪاري يا نيم سرڪاري ادارا هي آهن:

(i) سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتو

(ii) مهراڻ آرٽس ڪائونسل

(iii) سچل اڪيڊمي.

(iv) شاهہ عبداللطيف ثقافتي مرڪز / شاهہ لطيف اڪيڊمي

(v) سنڌي ادبي بورڊ

(vi) انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

(vii) سنڌ سائنس سوسائٽي

(viii) شاهہ لطيف چيئر

(ix) سچل چيئر

(x) پاڪستان اسٽڊيز سينٽر

(xi) سنڌي لئنگويج اٿارٽي

(xii) ضلعي وار هسٽاريڪل ۽ ڪلچر سوسائٽيون

(xiii) شاهہ ولي الله اڪيڊمي

(ج) جيڪڏهن ڪو اديب / ليکڪ پنهنجي هڙان خرچ ڪري پنهنجو ڪو ڪتاب ڇپائڻ جي همت ڪندو بہ آهي تہ اُن کي هيٺين مسئلن کي منهن ڏيڻو پوندو آهي:

(i) هُو ڪتاب لکي به پاڻ، ڇپائي به پاڻ ته وڪڻڻ لاءِ دوڪاندارن، ايجنسين، سرڪاري لائبررين ۽ DEO جي دفتر جا ڌڪا به پاڻ کائي، يعني ته ڪتاب ڇپائڻ کان پوءِ وڪري جي سلسلي ۾ هن کي تمام گهڻو لوڙهڻو پوندو آهي.

(ii) دوڪاندار / ڪتابن جا واپاري، گهڻي ڀڳيون ڪميشنون طلب ڪندا آهن: يعني گهٽ ۾ گهٽ ۴۵ سيڪڙو. جڏهن وڏا سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارا ۴۵٪ کان ۵۰٪ سيڪڙي تائين، ڪميشن ڏيئي پنهنجا ڪتاب وڪڻندا آهن، تڏهن غريب اديب يا ليکڪ جي ڪهڙي مجال جو ۳۳٪ ڪميشن آڇي سگهي. اهڙيءَ طرح هُو هڪ ته ڪتاب ڇاپائي وري پنهنجي هڙان گهاٽو سهي، ڪتاب ته وڪڻڻو آهي پر پوءِ آئنده لاءِ توبهه ڪري ڇڏيندو آهي.

(iii) ڪاغذ ۽ ڇپائيءَ جا اگهه ايڏا ته مهانگا آهن جو ڪو به ليکڪ پنهنجو ڪتاب پاڻ ڇپائڻ واري سَڌَ پوري ڪري نه سگهندو آهي.

(iv) DEO وٽ ڪن خاص ۽ مخصوص واپارين جو اثر هوندو آهي، ان ڪري ڪنهن به اديب کان سواءِ ڪنهن ڄاڻ سڃاڻ جي، DEO اسڪولن جي لائبررين لا ڪتاب خريد ڪونه ڪندا آهن.

(ث) جيڪڏهن ڪو به ادارو ڪنهن اديب بلڪ اديبن جا ڪتاب ڇپائي ته لازم آهي ته اُهو ادارو اُن اديب / اديبن کي، ٻين ادارن جي اگهن مطابق رائلٽي يا معاوضو ڏئي. مذڪوره رائلٽيءَ واري رقم جي ادائگيءَ لاءِ هيٺيون طريقو اختيار ڪيو وڃي:

(i) اڌ رقم، مسودي جي، ڇپائيءَ لاءِ منظور ٿيڻ کان پوءِ، فوراً ادا ڪئي وڃي.

(ii) باقي اڌ رقم ڪتاب جي ڇپجي ظاهر ٿيڻ کان پوءِ فوراً ادا ڪئي وڃي.

(iii) مسودو ڇهن مهينن اندر ڇپجي ظاهر نه ٿيڻ جي حالت ۾ ليکڪ کي پوري رائلٽي اڳواٽ ڏني وڃي.

(ج) جيڪڏهن ڪو ڪتاب ترجمو ڪرايل هجي ته ترجمي جي اُجرت واري رقم، مسودي جي منظوريءَ کان پوءِ هڪدم ادا ڪئي وڃي. اهڙيءَ طرح ٻيون اُجرتون به هڪدم ادا ڪيون وڃن.

(هه) جهڙيءَ طرح نئين زندگي، ماه نو رسالا ۽ ادبيات ليکڪن کي سندن لکڻين تي معاوضا ڏيندا آهن،

اهڙيءَ طرح مهراڻ، سرتيون، گل ڦل ۽ سنڌي ادب ۽ Sindhoilogical studies رسالن ۾ ڇپيل مضمونن، مقالن، افسانن ۽ شعر تي معاوضا ڏنا وڃن.

(ح) اهڙيءَ طرح اهي اشاعتي ادارا جيڪي اديبن ۽ شاعرن جي ڇپيل مواد تي پاڻ ته خوب رقمون ڪمائين ٿا، تن لاءِ به حڪومت طرفان زور آندو وڃي ته اهي به سندن رسالن ۾ ڇپيل مواد تي ليکڪن کي اُجرت ڏين: جيئن هزار داستان، بختاور سهڻي Sind Quarterly وغيره آهن.

(ز) سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، سنڌ ڪلچر ڊپارٽمينٽ، شاهه لطيف چيئر، سچل اڪيڊمي، سچل چيئر ۽ شاهه لطيف ثقافتي مرڪز، مهراڻ آرٽس ڪائونسل طرفان پنهنجي پنهنجي رٿا موجب ڇپيل ڪتابن تي ادبي ايوارڊ ڏنا وڃن.

(ذ) اڪادمي ادبيات ۽ نئشنل بوڪ ڪائونسل طرفان ٻين پاڪستاني زبانن ۾ ڇپيل ڪتابن تي انعام واري رقم ، ايتري ئي رکي وڃي جيتري اردو زبان ۾ ڇپيل ڪتابن تي ڏني ويندي آهي.

(ر) آءٌ پنهنجي ذاتي حيثيت ۾ نئشنل بوڪ ڪائونسل، حڪومت پاڪستان ۽ اڳوڻي وزير جي اُن قدم تي سخت افسوس جو اظهار ٿو ڪريان، جنهن ڪري اردو، پنجابي، پشتو، سرائڪي، براهوئي ۽ بلوچي زبانن جي اديبن کي ته سندن بهترين تصنيفن تي ادبي ايوارڊ ڏنا ويا، پر سنڌي زبان جي اديبن لاءِ رکيل رقم، سنڌي زبان جي ڪنهن به اديب کي ڏيڻ جي بدران، اها رقم، اُن وزير صاحب، پنهنجي اداري لاءِ پاڻ ئي منظور ڪئي، يعني اُها هڪ لک روپين جي رقم، اُن وزير صاحب ڪنهن به سنڌي اديب کي ڏيڻ جي بدران، پنهنجي اداري لاءِ ڏيڻ جو اعلان ڪرايو. سنڌ جي اديبن سان اها بي انصافي ڇو ڪئي وئي؟

جيڪڏهن هن سڄي ملڪ جي ٻين اديبن بدران انهن زبانن جي ادبي ادارن کي اوارڊ ڏنا وڃن ها، ته پوءِ ڪنهن کي به اعتراض ڪونه ٿئي ها، پر فقط سنڌي زبان جي اديبن لاءِ رکيل رقم اُن وزير صاحب، پنهنجي اداري لاءِ مخصوص ڇو ڪئي، اها خبر ڪيس هوندي. ڇا اهڙي ڏاڍائي ۽ ڏاڍ مڙسيءَ تي اسان جي اديبن ڪا دانهن ڪوڪ ڪئي؟

(ڙ) اڪادمي ادبيات، نئشنل بوڪ ڪائونسل، سنڌ ثقافت ۽ سياحت کاتي طرفان سنڌي ڪتابن جي ڇپائيءَ لاءِ سنڌي اديبن کي آسان قسطن تي قرض ڏنا وڃن.

(س) سنڌي اديبن ۾ اتحاد ڪونهي، هُو گروهبندين جا شڪار آهن، ان ڪري ڇڙوَ ڇڙ آهن، نون ليکڪن ۽ جهونن ليکڪن جي وچ ۾ وڏو ويڇو آهي. اهو ويڇو هڪٻئي کي تسليم نه ڪرڻ، هرهڪ طرفان پاڻ کي عظيم ليکڪ سمجهڻ ڪري يا سياسي نظرئي جي ڪري پيو آهي، اهڙي ويڇي ۽ گروهبنديءَ کي ختم ڪرڻ لاءِ ادبي سيمينار، تنقيدي محفلون ۽ ڪانفرنسون ئي صحيح پليٽ فارم آهن، اُن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ الاجي، سنڌ ثقافتي کاتو، سچل چيئر، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز ئي ڪوششون ڪري سگهن ٿا.

(ش) سنڌ جا اديب به ، سنڌي شاگردن وانگر، سياسي پارٽين سان وابسته هجڻ جي ڪري، هڪ ٻئي خلاف بيان بازيون، ادبي اجلاسن ۽ ڪانفرنسن جو بائيڪاٽ ڪندا آهن.

گذريل سال "سنڌ بچايو بين الاقوامي ڪانفرنس" ڪوٺائي ويئي هئي. انهيءَ ڪانفرنس جي منتظمين کي اهڙن مسئلن کي منهن ڏيڻو پيو هو. کين مجبور ڪيو ويو هو تہ فلاڻن فلاڻن اديبن کي سڏايو، جبڪہ فلاڻي کي ڪهرايو ويو تہ اسين ڪون ايندا سين. فلاڻو وفاق ۾ اعتماد ٿو رکي، فلاڻو اسلام آباد ۾ نوڪري ٿو ڪري: فلاڻي، سرڪاري ايوارڊ ورتو آهي. فلاڻو دهريو آهي وغيره. اهو رويو، سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ نقصان ڪار ثابت ٿيو آهي ۽ اديبن ۾ اتفاق ڪونہ رهيو آهي. ماضيءَ ۾ ڏٺو ويو آهي تہ وزير اعليٰ جي ڀڄڪار تي اديبن جا قافلا، پنهنجين درخواستن سان وڃي ڪراچيءَ رسيا هئا. اهڙن قافلن ۾ بہ هڪ گروه يا هڪ نظرئي وارا اديب کنيا ويا هئا، جڏهن تہ دعوت سڄيءَ سنڌ جي اديبن لاءِ هئي ۽ نہ ڪ هڪ پارٽي يا گروهہ وارن اديبن لاءِ!

(ص) ٻيا ادارا تہ ڇڏيو پر سنڌي ادبي سنگت جهڙو پراڻو ادبي ادارو جنهن سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب ۽ سنڌي اديبن لاءِ پنهنجو تاريخي ڪردار ادا ڪيو آهي، اهو ادارو بہ هاڻ، اديبن کي هڪ پليٽ فارم تي گڏ ڪرڻ، اديبن ۾ اتحاد پيدا ڪرڻ جي بدران، انهن ۾ ويڇا وجهڻ ۽ انهن کي ٽولا ٽولا ڪرڻ ۾ اڳيان اڳيان آهي. هن اداري بہ پنهنجي پسند ۽ ناپسند واري پاليسيءَ جي ڪري، اديبن ۽ دانشورن ۾ اتحاد جي بدران ڦوٽ وڌي آهي.

(ض) سنڌي اديبن ۾ شخصيت پرستيءَ جو رجحان وڌي ويو آهي، اهوئي سبب آهي جو ڪيترن ئي جهونن اديبن طرفان، نوجوان اديبن/شاعرن ۽ نون ليکڪن کي همٿائڻ بدران انهن جي دلشکني ڪئي ويندي آهي: اهڙيءَ طرح ڪي نوجوان ليکڪ پاڻ کي عظيم ليکڪ/ شاعر سمجهي جهونن اديبن / شاعرن کي عزت جي نگاهن سان نٿا ڏسن. بهتر ائين ٿيندو تہ جهونا ۽ تجربيڪار اديب، دانشور ۽ شاعر نوجوان اديبن / شاعرن کي همٿائين ۽ کين پاڻ سان گڏ وٺي هلن: ائين ڪرڻ سان انهن ۾ اعتماد پيدا ٿيندو ۽ نئون نسل پاڻ کي جهونن اديبن جو وارث سمجهي اُنهن جو قدر ڪندو.

(ط) سنڌ، سنڌي زبان ۽ سنڌي ادب جي سڃاڻپ اُن ۾ آهي تہ اديب ۽ ادبي ادارا احتصال، خود غرضيءَ، منافقت ۽ گروهہ بنديءَ واريءَ پاليسيءَ کان پاسو ڪن.

(ظ) سنڌي اخبارن مان ڪن، سنڌ جي اديبن، دانشورن ۽ شاعرن کي پاڻ ۾ ويڙهائڻ، گروهبنديءَ کي هوا ڏيڻ، اديبن جي بي عزتي ڪرڻ، انهن لاءِ گٿا لفظ ڪم آڻڻ ۽ انهن ۾ ويڇا وجهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪيو آهي: انهن اخبارن ۾ ڪن ڪالم نويسن سنڌي دانشورن تي سندن نالي سان يا فرضي نالي سان حملا ڪيا ۽ دانشورن جي پٽڪن ۾ هٿ وجهي، اُنهن جا پٽڪا لاهڻ ۾ خاص ڪردار ادا ڪيو. ائين ڪرڻ سان اخبارن جي مالڪن جون اخباروں تہ خوب وڪيون هونديون، پر ڏارين جي نظرن ۾ ، سنڌي ادب جي قداور اديبن ۽ دانشورن جي بي عزتي ڪري، ليڪن جي آنا تہ پوري ڪئي ويئي پر سنڌي ادب کي ڇيهو رسايو ويو ۽ هڙ حاصل ڪجهہ بہ نہ ٿيو.

(ع) اڪادمي ادبيات طرفان سنڌي اديبن جا لکيل ڪتاب ترجمو ڪرائڻ واري فيصلي تي عمل ڪيو وڃي. ڇاڪاڻ تہ اُن اداري جي منشور ۾ هڪ شق اهڙي بہ آهي جنهن موجب، اردوءَ کان

سواءِ پاڪستان جي ٻين زبانن ۾ لکيل ادب کي ترجمو ڪرايو ويندو.

(غ) اڪادمي ادبيات طرفان پاڪستاني زبانن جي اديبن / شاعرن کي پاڪستان اندر سندن پذيرائيءَ لاءِ اديبن سان ڪانفرنسون ڪوٺائي، ملاقات ڪرائي وڃي. اهڙيءَ طرح بين الاقوامي وفدن ۾ سنڌي زبان جي جهونن ۽ نوجوان اديبن / شاعرن کي شامل ڪيو وڃي.

## سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن جا هيٺيان مسئلا آهن:

(الف) (i) انهن ادارن وٽ سرمايي جي کوٽ آهي.

(ii) سرڪاري دٻاءُ يا زور بار سبب ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ اهميت ۾ اداري جو اثر يا ڪنٽرول گهٽ هوندو آهي.

(iii) ادارن جي بورڊ جي ميمبرن جي ڪتابن کي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ ترجيح ڏني ويندي آهي.

(iv) دوست نوازيءَ جو به خيال رکيو ويندو آهي.

(v) اثر رکندڙ ميمبر پنهنجي من ماني به ڪندا آهن

(vi) اشاعتي سلسلي جي لاءِ ادارن وٽ ڪابه رٿابندي ڪانه هوندي آهي، يعني اهي ادارا ادبي موضوعن وارا اشاعتي سلسلي جي رٿابندي نه ڪندا آهن.

(vii) يعني ادبي صنفن يا موضوعن مطابق ڇپائيءَ لاءِ ادارن وٽ ڪو تعداد يا هر صنف / موضوع جو في سيڪڙو حصي جو تعين ڪونه هوندو آهي.

(viii) خانگي ادارا بلڪل ڪونهن: جيڪڏهن هڪ ٻه آهن ته انهن جي پنهنجي Priority هوندي آهي.

(ب) **ليڪن جي پنهنجي ڪا "ڪوآپريٽو ادبي سوسائٽي" ڪانهي. هڪ اهڙي ڪو - آپريٽو سوسائٽي نهي به هئي پر اُها ڪامياب ڪانه ٿي سگهي.**

(ت) ادارن وٽ ڪتابن جي وڪري (marketting) لاءِ سهوليت ڪانه هوندي آهي. ان ڪري انهن کي ڪين ڪتب فروشن/ايجنسين کي وڏيون وڏيون ڪميشنون ڏيڻ لاءِ مجبور ٿيڻو پوي ٿو.

(ث) جيڪي سنڌي ڪتب فروش آهن تن مان اڪثريت اوڌر تي مال کڻي پوءِ رقم جي ادائگيءَ ۾ ايمانداري ۽ ذميوار ثابت نه ٿيا آهن.

## سنڌي ادب جا مسئلا

(الف) ادبي ادارن جي مسئلن جو ذڪر ڪندي اهو چيو ويو آهي ته سنڌ جي سرڪاري، نيم سرڪاري يا خانگي ادارن وٽ اشاعتي سلسلي لاءِ ڪابه رٿا ڪانهي. جيڪڏهن انهن ادارن وٽ اهڙي ڪا رٿا هجي ها يا اُن تي عمل ٿيندو هجي ها ته پوءِ "سنڌي ادب جي مسئلن" تي غور ويچار ڪرڻ لاءِ هن ڪانفرنس ڪوٺائڻ جي ضرورت ني ڪانه پوي ها.

منهنجي ذاتي راءِ موجب سنڌي ادب جو اهم مسئلو هي آهي ته سنڌ جي سڀني سرڪاري

۽ نيم سرڪاري ادارن، نوجوانن طرفان ڪيل ڪاوشن يعني سندن طرفان تخليق ڪيل جديد ادب جي اشاعت جي سلسلي ۾ سرد مهريءَ جو مظاهرو ڪيو ويو آهي، اُن لاءِ ادارن جون پنهنجون مجبوريون به هونديون ۽ انهن وٽ ڪيني جواب هوندا. هن سلسلي ۾ آءٌ سفارش ڪندس ته:

(i) هر ادارو سنڌي ادب جي موضوع مطابق، اشاعتي سلسلي جو پروگرام ٺاهي.

(ii) هر ادارو ڪلاسيڪي ادب، جديد ادب ۽ ترجمن ذريعي، سنڌي ادب ۾ اضافي ۽ اشاعت جو في سيڪڙو مقرر ڪري. هن ڏس ۾ جديد ادب جي سلسلي ۾ ڪهاڻي، ناول، ڊراما، افسانوي ادب، وغيره جي ڇپائيءَ لاءِ ڪا رٿا ٺاهي. هن سلسلي ۾ سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌالاجيءَ، ڪي ڪتاب ضرور ڇپايا آهن، پر اُنهن جو تعداد تمام ٿورو آهي ۽ جديد ادب سان انصاف نه ڪيو ويو آهي.

(iii) بين الاقوامي-معياري ادب ۽ افسانوي ادب جي ترجمي لاءِ خاص ڪوشش ڪجي.

(iv) سنڌ جي تاريخي ۽ اساسي ادب جي اشاعت لاءِ ڪوشش ڪجي.

(v) هن ڏس ۾ سنڌ ثقافت کاتي، شاهه لطيف ثقافتي مرڪز، مهراڻ آرٽس ڪائونسل، سچل اڪيڊمي، شاهه لطيف چيئر، سچل چيئر، شاهه ولي الله اڪيڊمي ۽ سنڌ سائنس سوسائٽي بيشڪ پنهنجا پنهنجا پروگرام ٺاهين ۽ انهن پروگرامن موجب ڪتاب ڇپائين، پر انهن ادارن لاءِ اهو لازمي ٺهرائجي ته اهي چند ليکڪن جا ادارا بنجي، فقط اُنهن جا ڪتاب نه ڇپائين، پر زياده کان زياده ليکڪن کي موقعا ڏين.

(ب) پئرا نمبر (v) هيٺ ڄاڻايل ادارن کان سواءِ باقي ٻين سمورن ادارن کي پنهنجي اشاعتي سلسلي جو پروگرام ٺاهڻ گهرجي ۽ هيٺ ڪيل سفارش موجب موضوعن جي ڇپائيءَ جو في سيڪڙو حصو مقرر ڪرڻ گهرجي:

| نمبر | في سيڪڙو | موضوع |
|---|---|---|
| (١) | ٢٠٪ | تخليقي جديد ادب. |
| (٢) | ١٥٪ | ڪلاسيڪي ادب. |
| (٣) | ١٠٪ | تحقيقي ادب (تاريخ اساسو، تنقيد، لسانيات، ادبي شهپارا) |
| (٣) | ١٠٪ | ديني ادب. |
| (٥) | ٥٪ | سماجي علوم ۽ سائنسي ادب. |
| (٦) | ١٠٪ | بين الاقوامي ادب جو ترجمو. |
| (٧) | ٢٠٪ | اداري جا ڇپايل اهي ڪتاب جيڪي ختم ٿي ويا هجن، اُهي ٻيهر ڇپائڻ. |
| (٨) | ١٠٪ | ٻارن جو ادب. |

(ت) ادبين جي ڪو آپريٽو سوسائٽي نئين سر ٺاهي وڃي، اُن لاءِ بنيادي رقم اڪادمي ادبيات، سنڌ ثقافت کاتو، سنڌي ادبي بورڊ ۽ سنڌ الاجي ڏين. هي ادارو هيٺيان ڪم ڪري:
(i) ادبين کي اشاعتي سلسلي لاءِ قرض ڏئي.
(ii) ادبين جا ڪتاب ڇپائي.

(ٿ) سنڌي ادبي فائونڊيشن قائم ڪيو وڃي، جنهن لاءِ حڪومت ۽ اڪادمي ادبيات، سنڌ يونيورسٽي، مهراڻ يونيورسٽي، لطيف يونيورسٽي ۽ سنڌ انگريڪلچر يونيورسٽين طرفان امداد ڏني وڃي.

(ج) جيڪي اديب پنهنجا ڪتاب پاڻ ڇپائڻ چاهين تن لاءِ هيٺيون سهوليتون مهيا ڪيون وڃن:
(i) نئشنل بوڪ ڪائونسل/اڪادمي ادبيات ادبين جي ڪو - آپريٽو سوسائٽي/ادبين جو فائونڊيشن، بوڪ ڪائونسل ۽ سنڌ ثقافت کاتو آسان قسطن تي قرض ڏئي،
(ii) جيڪو اديب پنهنجو ڪتاب پاڻ ڇپائي تنهن کان سرڪاري ادارا هيٺ موجب ڪاپيون خريد ڪن:

| | | |
|---|---|---|
| (a) نئشنل بوڪ ڪائونسل | | ٢٠٠ ڪاپيون. |
| (b) سنڌ سرڪار جو تعليم کاتو: | | |
| هر DEO | ١٠٠ ڪاپيون | |
| هر ڪاليج لائبرري | ٥ ڪاپيون | ١٠٠٠ ڪاپيون |
| هر هاءِ اسڪول | ٥ ڪاپيون | |
| سنڌ ثقافت کاتو | | ١٠٠ ڪاپيون |
| لوڪل باڊيز وارو کاتو | | ٢٠٠ ڪاپيون |
| ڊپٽي ڪمشنر | | ١٠٠ ڪاپيون |
| يونيورسٽيون ۽ انهن جا ادارا | | ١٠٠ ڪاپيون |

(ح) ٽيڪسٽ بوڪ بورڊ وانگر، ٻين ادارن کي، ادبين کان سندس موضوع مطابق رائلٽي/معاوضي تي ڪتاب لکرائڻ گهرجن.

(خ) سنڌي زبان ۾ سائنسي ادب کي فروغ ڏيڻ لاءِ، سنڌ سائنس سوسائٽيءَ کي فعال بنايو وڃي.

(د) سنڌي ادب جي فروغ لاءِ معياري رسالا ڪونهن. جيڪڏهن ڪو رسالو نڪري ٿو ته اهو هڪ ٻن پرچن نڪرڻ کانپوءِ بند ٿيو وڃي ڇو ته:
- ماڻهو رسالا نٿا وٺن.
- سنڌي رسالن کي مناسب اشتهار نٿا ملن.
- ڪاغذ ۽ ڇپائي مهانگي آهي.

هن ڏس ۾ فقط سرڪاري يا نيم سرڪاري رسالا ئي نڪرن ٿا، پر اُهي باقاعدگيءَ سان نٿا نڪرن. نئين زندگي، پيغام مهراڻ، گل ڦل ۽ سرتيون اهڙا رسالا آهن، پر حيرانيءَ جي

ڳالهه اها آهي جو انهن جي مقابلي ۾ هزار داستان، بختاور ۽ سهڻي باقاعدگيءَ سان نڪرن تا. مناسب ٿيندو ته اهڙو طريقه ڪار اختيار ڪيو وڃي جو سنڌي زبان ۾ مخصوص علمن تي رسالا نڪرن چاڪاڻ ته مواد جي کوٽ ڪانه هوندي آهي، پر رسالا ڪونهن. گل ڦل ٻارن لاءِ ايترو معياري رسالو ڪونهي، ان ڪري سفارش ٿي ڪجي ته:

(i) ڪلچر ڊپارٽمنٽ طرفان سنڌي ۽ انگريزيءَ ۾ سنڌي ادب ۽ تاريخ متعلق معياري رسالا شايع ڪيا وڃن.

(ii) ڪلچر ڊپارٽمنيٽ ٻارن لاءِ سائنس مخزن شايع ڪري.

(iii) سائنسي علم ۽ ادب جي فروغ لاءِ "سنڌ سائنس سوسائٽي" "سائنس مخزن" ٻيهر شايع ڪري.

(iv) نئين ڪيتي رسالي جي طرز تي، سنڌ انگريڪلچر يونيورسٽي ۽ انگريڪلچر ايڪسٽينشن بيورو ڪو رسالو شايع ڪري.

(v) هيلٿ سائنس/ ڪميونٽي هيلٿ متعلق لياقت ميڊيڪل ڪاليج/PMC سنڌ طرفان سنڌي زبان ۾ رسالو ڪڍيو وڃي.

(vi) انجنيئرنگ ۽ ٽيڪنالاجيءَ متعلق رسالو مهراڻ يونيورسٽي شايع ڪري.

(vii) سنڌي ادبي بورڊ طرفان انگريزي زبان ۾ رسالو شايع ڪيو وڃي.

(viii) سنڌالاجيءَ طرفان شايع ٿيندڙ رسالو، سنڌي ادب ۽ Sindhological Studies کي باقاعدگيءَ سان وقت تي شايع ڪيو وڃي.

(ix) شاهه لطيف يونيورسٽيءَ طرفان آرڪيالاجي، انٿراپالاجي، ڪلچر ۽ ٽوئرزم متعلق مواد تي مشتمل رسالو ڪڍيو وڃي.

(ڏ) انهن ۽ ٻين خانگي ادارن جي طرفان شايع ٿيندڙ رسالن ۽ مخزنن کي حڪومت ۽ خانگي ادارن، بئنڪن، PIA، ريلوي ۽ ٻين ادارن طرفان اشتهار ڏنا وڃن.

(ر) سنڌالاجيءَ ۾ ترجمي، تاليف ۽ اشاعت جو بيورو ڪافي زمانو اڳ قائم ڪيو ويو هو، انهيءَ لاءِ ته اهو بيورو سنڌ جي تاريخ، تمدن، سماجي علوم، سائنسي علوم ۽ ٻين علمن متعلق ڪتاب ۽ مواد تيار ڪرائي ڇپائي پر جيئن ته هيڏي ساري ڪم لاءِ گهڻي رقم ۽ ڪارڪنن جي ضرورت آهي، تنهن ڪري سنڌ يونيورسٽي هن ڪم لاءِ هڪ ڌار بيورو قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو، جنهن لاءِ اڳوڻي وائيس چانسلر مظهر صديقي صاحب سنڊيڪيٽ کان به منظوري ورتي هئي. اهو بيورو فعال بنايو وڃي.

(ز) سنڌي ادب جي مختلف صنفن جا انتخاب (anthologies) شايع ڪرائڻ گهرجن. اهو ڪم ادارا پاڻ ۾ ورهائي کڻن جنهن لاءِ سنڌي ادبي بورڊ، سنڌالاجي، مهراڻ آرٽ ڪائونسل، سنڌ ثقافت کاتو اهم ادارا آهن. هيٺيون صنفون خاص طور ويچار هيٺ آنديون وڃن. انتخاب وارو ڪم ماهرن جي حوالي ڪيو وڃي. صنفون:

ڪهاڻيون، ڊراما ( اسٽيج ريڊيو، TV )، خاڪا، ادب لطيف، آتم ڪهاڻيون، سوانح عمريون، مقالا، مضمون، شعر شاعري.

(س) سنڌ جي علمي ۽ ادبي ادارن جو پاڻ ۾ رابطو (Co-ordination) ڪونهي: ان ڪري اها خبر نٿي پوي ته ڪهڙو ادارو ڪهڙو ڪم ڪري رهيو آهي، ڪهڙا ڪهڙا ڪتاب ڇپائي رهيو آهي، ڪهڙن ڪهڙن موضوعن تي تحقيق ڪرائي رهيو آهي. ادارن جي اشاعتي ۽ تحقيقي رٿائن جي به خبر ڪانه هوندي آهي، ان ڪري هڪ اهڙي ڪميٽي ناهي وڃي، جيڪا انهن ادارن لاءِ فقط رابطه ڪار جي حيثيت ۾ ڪم ڪري. اها ڪميٽي ادارن جي ڪارڪردگيءَ ۾ ڪابه دست اندازي نه ڪري. انهيءَ ڪميٽيءَ تي ادارن جا سربراهه ميمبر طور هجن. ان ڪميٽيءَ جو چيئرمن واري واري سان، ڪيمٽيءَ جا ميمبر پاڻ چونڊين. هن ڪميٽيءَ جو سيڪريٽري، ڊائريڪٽر جنرل ثقافت هجي.

## سنڌي ڪتابن جي وڪري جا مسئلا

سنڌي ادب جي اهم مسئلن مان هڪ سنڌي ڪتابن جو وڪرو آهي. سنڌي ڪتابن جي وڪري ۾ جيڪي مسئلا سامهون آيا آهن، تن مان ڪي هي آهن:

(الف) سنڌي ڪتابن جي وڪري جي سلسلي ۾، سنڌ جي ادارن جو پنهنجو ڪوبه Clearing house ڪونهي جو مرڪزي ايجنٽ طور ڪم ڪري، ان مسئلي کي خيال ۾ رکندي، سنڌي ادبي بورڊ طرفان، تلڪ چاڙهيءَ تي بوڪ شاپ پهرين قائم ڪيو هو ته اهو، سنڌي ڪتابن جي وڪري جو مرڪز بڻجي، هن بوڪ شاپ قائم ڪرڻ جو مقصد هي ته هو هتي نه صرف بورڊ جا ڪتاب وڪجن پر هت ٻين ادارن جا ڪتاب به وڪري لاءِ رکجن، جنهن لاءِ ادارن طرفان بورڊ جي بوڪ اسٽال کي مقرر ڪميشن ڏني وڃي.

اهو به فيصلو ٿيو هو ته بورڊ جي بوڪ اسٽال طرفان، سڀني ادارن جا ڇاپيل سنڌي/سنڌ جي باري ۾ ڪتاب سڄيءَ سنڌ (ڪراچيءَ سميت) ڪتب فروشن کي مهيا ڪيا ويندا، پر انهيءَ فيصلي تي ڪوبه عملي قدم نه کنيو ويو. جيڪڏهن عملي قدم کنيو وڃي ها ته سنڌي ڪتابن جي وڪري لاءِ ڪا مرڪزي ايجنسي قائم ٿي وڃي ها.

(ب) سنڌ جي ادبي ۽ اشاعتي ادارن جو پاڻ ۾ رابطو نه هئڻ جي ڪري به سول ڊسٽريبيوٽر وارو مسئلو حل ٿي نه سگهيو.

(ت) اسان جا ادارا سنڌي ڪتب فروشن کي وڪري لاءِ ڪتاب مهيا ڪرڻ جي بدران، وڏيون ڪميشنون (۳۵٪ کان ۵۰٪ تائين) ڏئي ڊارين کي مال ڏيندا آهن. سنڌالاجيءَ جي ايجنسي مڪتبه اسحاقيه ۽ ميشرس ادبيات وٽ هوندي هئي، پر پوءِ اداري انهن ڪتب فروشن کي مال ڏيڻ بند ڪري ڇڏيو ۽ حيدرآباد جي هڪ ڊارئي ڪتب فروش جي مٺين مٺين ڳالهين تي پنهلجي نه فقط ايجنسي اُن جي حوالي ڪئي پر هڪ ئي وقت نوي هزار روپين جو مال ان جي حوالي ڪيو، پوءِ ڇاٿيو اُن جو جواب سنڌ الاجيءَ جي رڪارڊ مان ملندو.

(ث) DEO ۽ ٻيا ڪامورا، اسان جي اشاعتي ۽ ادبي ادارن کي سنڌي ڇاپيل ڪتاب مهيا ڪرڻ بدران، خاص ۽ سنڌي پسند جي واپارين کي آرڊر ڏيندا آهن، جيڪڏهن اهي آرڊر ادارن کي ڏنا وڃن، ته ادارا ڪجهه رقم بچائي سگهن ٿا: پر اها ڄاڻ ڪامورائي ڄاڻن ٿا: تنهن ڪري ادارن کي سڌو سنئون آرڊر ڪونه ملندو آهي.

(ج) لوڪل باڊيز جون لائبريريون ۽ اهڙا ٻيا ادارا سنڌي زبان ۾ ڇپيل ڪتابن جي بدران ٻين ٻولين ۾ ڇپيل Trash خريد ڪنديون آهن، ڇاڪاڻ ته انهن کي ڪوبه ڇوڙ وارو ڪونهي.

(ح) جن جن ادارن ۾ لائبررين جا سربراهه غير سنڌي هوندا آهن، اُهي سنڌي ڪتابن جي خريد ڪرڻ کي ترجيح نٿا ڏين، مثال طور ڪراچي ۽ حيدرآباد جهڙن وڏن شهرن جي ميونسپل ۽ سرڪاري لائبررين لاءِ سنڌي ڪتاب خريد نٿا ڪيا وڃن.

(خ) سنڌ جا وڏا ماڻهو، نامور اديب ۽ ادارن جا سربراهه، ٻين پاسن ته وڏيون رقمون خرچ ڪندا رهندا آهن، پر چاهيندا آهن ته ڪين ڪتاب مفت ۾ ملن.

(د) سرڪاري توڙي نيم سرڪاري ادارن، يونيورسٽين ڪاليجن طرفان ڪتابن جي نمائش جو اڳي بندوبست ڪيو ويندو هو جو پوءِ بند ٿي ويو. تازو سنڌيونيورسٽي، لياقت ميڊيڪل ڪاليج، لاڙ ميلي ۾ ڪتابن جي نمائشن جو بندوبست ڪيو ويو هو، تاجرن ٻڌايو ته سنڌ جي ماڻهن ۾ ڪتابن جي خريد ڪرڻ لاءِ نئون شوق جاڳيو آهي، اهو سلسلو جاري رکڻ سان ماڻهن ۾ ڪتابن جي خريد ڪرڻ جو شوق وڌندو ۽ سنڌي ڪتاب جون ڪاپيون وڌيڪ ڇپجڻ لڳنديون ۽ وڪري ۾ واڌارو ايندو.

## عام مسئلا

سنڌي ٻولي، سنڌي اديب، سنڌي ادب ۽ ڪتابن جي وڪري وارن مسئلن جي ذڪر کان پوءِ ڪيترا اهڙا مسئلا به آهن جن کي "عام مسئلا" واري عنوان هيٺ بيان ڪري سگهبو. اُهي مسئلا هي آهن:

(الف) سنڌي اديب ۽ سنڌي ادب جي ڄاڻ ۽ معلومات لاءِ اهڙا ڪتاب ۽ مواد شايع ڪجي، جو غير سنڌين کي به خبر پئجي سگهي. مثال طور هيٺيون مواد شايع ڪرايو وڃي.

(1) Dictionary of Sindhi Literature
(2) Encyclopaedia of Sindh
(3) Encyclopaedia of Sindhi Literature/language
(4) ٻارن لاءِ اينسائڪلوپيڊيا

(ب) هيٺين صنفن جون مڪمل ۽ مفصل تاريخون / مونوگراف لکائڻ:
ڪهاڻي / ناول / ڊراما / مضمون / سوانح عمريون / آتم ڪهاڻيون /سفرناما /
غزل / بيت / ڪافي / وائي / رباعي / مرثيو / آزاد نظم /گيت وغيره.

(ت) مختلف موضوعن تي ادبي ورڪشاپ/سيمينار/ڪانفرنسون ڪوٺائڻ.

(i) ص ورڪشاپن لاءِ ڪي موضوع:

● ايڊيٽنگ، پروف ريڊنگ، بيهڪ جون نشانيون، ترجمي جو فن، تخليقي ادب،

ريڊيو لاءِ لکڻ، TV لاءِ لکڻ، گرافڪ ڊزائن، جلد سازي، طباعت جو فن، ڪمپيوٽنگ، ڪمپوزنگ.

(ii) ص‍ص سيمينارن لاءِ موضوع:

- سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا
- سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا
- سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا
- طباعت جا مسئلا
- طباعت ۾ ڪمپيوٽر جو استعمال

(iii) ص‍ص‍ص سنڌي ادبي ۽ لساني ڪانفرنس لاءِ موضوع:

- سنڌي ٻولي ۽ ادب جا مسئلا
- سنڌي ادب جا موڙ
- سنڌي ٻوليءَ جي پاڪستاني ٻولين ۾ حيثيت
- سنڌيءَ ٻوليءَ جي بين الاقوامي حيثيت
- سنڌي ٻوليءَ جو سماجي/ادبي/علمي/تعليمي/تدريسي/دفتري ڪارج
- سنڌي ٻوليءَ جو ماضي، حال ۽ مستقبل
- سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو اڀياس
- سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد
- سنڌي ٻوليءَ جي نسلي گروهن (ethnolinguistics) جو اڀياس
- سنڌي ٻوليءَ جون ادبي صنفون ۽ انهن جو فروغ
- سماجي لسانيات ۽ سنڌي ادب
- سنڌي ٻوليءَ جو مزاحمتي ادب
- سنڌي ٻوليءَ جو جديد ادب
- سنڌي ٻوليءَ جو ديني ادب
- تحقيقي ميدان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت
- سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻي ادب جي ارتقا
- سنڌي ڪهاڻين/ناولن/ڊرامن وغيره جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو اڀياس
- لوڪ ادب جي روشنيءَ ۾ سنڌي سماج جو اڀياس
- سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخط جي تاريخ
- سنڌي زبان ۾ درسي ڪتابن لکڻ جا مسئلا
- سنڌي زبان ۾ Book development جامسئلا
- سنڌي ڪتابن جي وڪري جا مسئلا

- سنڌي اديبن/شاعرن سان گڏجاڻيون
- سنڌ جي اديبن/شاعرن جا ڏھاڙا ملهائڻ
- سال ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه دفعا وڏي پيماني تي مشاعرا ڪرائڻ
- ادبي ادارن/انجمن/ضلعي هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سوسائٽين کي گرانٽون ڏيڻ/ڏيارڻ
- ضلعي هسٽاريڪل ۽ ڪلچرل سوسائٽين طرفان پنهنجي پنهنجي ضلعي ۾ ڪانفرنس ڪرائڻ
- ڪلچرل ڊپارٽمنٽ طرفان وڏن وڏن شهرن ۾ ڪتابي نمائشون ڪرائڻ
- سگهڙن ۽ مولودين جي فن جون ڪچهريون ۽ محفلون ڪرائڻ
- سنڌي اسٽيج ڊراما جي فروغ ۽ ڊراما جي فنڪارن جي فروغ لاءِ هر سال ڊراما / ٽيبلو اسٽيج ڪرائڻ
- سنڌي ادب، تاريخ، ٻولي ۽ ثقافت تي مختلف ماهرن کان ليڪچر ڏيارڻ
- چونڊ شاعرن جي ڪلام تي Illustreted ڪتاب شايع ڪرائڻ
- شاهه لطيف، سچل ۽ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن جي باري ۾ شاهه لطيف ثقافتي مرڪز، سچل چيئر ۽ سچل اڪيڊمي پنهنجا پروگرام جوڙين.
- لوڪ سنگيت، لوڪ گيت ۽ موسيقيءَ جون محفلون ڪرائڻ
- شاهه لطيف، سچل، سامي ۽ ٻين وڏن شاعرن جي ڪلام جون ڏسڻيون (Indices) ۽ Corcordence تيار ڪرائڻ
- سنڌي زبان ۾ ديني ادب جي فروغ لاءِ جتن ڪرڻ

انهن ۽ اهڙن ٻين مسئلن جي باري ۾ سڀني نظرين ۽ مڪتب فڪر جي اديبن، عالمن، فاضلن ۽ دانشورن ۽ تخليقڪارن کي هڪ ٽيبل جي چوڌاري سوچڻ گهرجي. پنهنجي ادارن، دانشورن تي ۽ ادبي ڪارڪنن تي بيجا تنقيد ڪرڻ جي بدران ادبي مسئلن ۽ سڌاري واڌاري لاءِ صلاحون ڏيڻ سان، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب ۾ واڌارو ايندو، نفرتون ختم ٿينديون ۽ پيار ۽ محبت وارو ماحول پيدا ٿيندو. ويڇا نه رهندا.

آخر ۾ آءٌ نوجوان اديبن ۽ شاعرن کي گذارش ڪندس ته ڀاڻ، جيتوڻيڪ پنهنجي ليکي ڪيترائي عظيم چو نه هجن، پر جهونن ۽ تجربيڪار اديبن ۽ دانشورن جو احترام ڪن: انهن سان گڏجي ڪم ڪن: انهن کان ڪجهه سکن: اهڙيءَ طرح جهونن ۽ تجربيڪار اديبن، شاعرن ۽ دانشورن کي منهنجي گذارش آهي، ته نوجوان اديبن جو قدر ڪن، انهن کي همٿائين ۽ فخر سان، انهن کي پاڻ سان گڏ وٺي هلن، جيڪڏهن اسين هڪ پليٽفارم تي گڏ ٿي سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ ڪم ڪنداسين ته اُميد ته سنڌي زبان ۽ ادب لاءِ نئون سج اُڀرندو نوان نياپا ملندا ۽ نيون سوچون اُڀرن ٿينديون.

## ٻارن جو ادب

١- ٻارن لاءِ اينسائيڪلو پيڊيا تيار ڪرائڻ

٢ـ ٻارن لاءِ مخزن ڪڍڻ

٣ـ ٻارن لاءِ هيٺين موضوعن تي ڪتاب تيار ڪرائڻ

(i) سنڌ جا مشاهير / اسلامي مشاهير / دنيا جا مشهور ماڻهو

(ii) سنڌ جا سُورما / اسلامي سُورما / دنيا جا سُورما

(iii) تاريخي شخصيتون

(iv) سنڌ جا اديب ۽ شاعر

(v) سائنس فڪشن

(vi) سائنسي علمن تي ڪتاب / سائنسي عجائبات

(vii) لوڪ ڪهاڻيون / آکاڻيون

(viii) عام واقفيت

(ix) ٻاراڻا گيت / نظم / ٻول

(x) سنڌ جون تاريخي جايون، ماڳ ۽ مڪان

(xi) ڏار ڏار ملڪن جو احوال

٤ـ ٻارن جا ميلا / ڪتابي نمائشون / چٽاپيٽيون

٥ـ ٻارن ۾ لکڻ ۽ پڙهڻ جو شوق پيدا ڪرڻ

٦ـ ٻارن کي سنڌ ۽ سنڌ کان ٻاهر سير ۽ تفريح ڪرائڻ

## فوٽ نوٽ

(١) الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڄام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي. ١٩٧٨ع، ص ١٣٢

(٢) غلام علي الانا ڊاڪٽر: مقالو: سماهي مهراڻ، ١٩٧٩ع نمبر ٢، ص ١٢٣

(٣) الهداد ٻوهيو، ڊاڪٽر، حوالو ڏنل آهي، ص ١٠٥

(٤) غلام محمد گرامي مهراڻ.

(٥) علام آءِ ـ آءِ قاضي

(٦) سيد حسام الدين شاهه راشدي، ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون

(٧) ايضاً ص ٦٨١

★

# پيرومل مهر چند آڏواڻي

هدايت پريم

مون کي ڪنهن تي ڪير پياريو؟
پيار منجهان تي گود وهاريو؟
خوش ٿي هر هر مون ڏي نهاريو! منهنجي امڙ

"منهنجي امڙ" جي عنوان وارو هي؛ بيت هر ان سنڌي ٻار برزبان ياد ڪيو آهي، جنهن پهريون سنڌي ڪتاب پڙهيو آهي. سن ١٩٠٥ع کان وٺي هي؛ پيارو پيارو بيت اڄ تائين جي سنڌي نصاب ۾ شامل رهيو آهي ننڍڙي ٻار جي مٺڙن ٻولن وارو هي؛ بيت جنهن ۾ معصوم جذبن جي خوبصورت عڪاسي ڪيل آهي، ذهن تي هڪ اهڙو دائمي تاثر ڇڏي ٿو جيڪو زندگي ڀر قائم رهنو آهي. اهڙي ڪيفيت ۾ شايد ٻيا به ڳهٽائي هجن. امڙ جيجل جو رشتو آهي به ته اهڙوني عظيم، جيڪو ٻين سمورن رشتن کان مٿي آهي. هن لازوال بيت جو رچيندڙ آهي پيرومل مهر چند آڏواڻي.

پيرو مل مهر چند آڏواڻي سنڌي ادب جو اهو ستارو آهي جنهن جي جوت سدائين پئي جرڪندي، هن جون خدمتون نظم جي ڀيٽ ۾ نثر ۾ وڌيڪ آهن. پوپٽي هيراننداڻيء موجب پيرومل کي نثر جو ٿنڀو ڪري سڏيو ويو آهي. سنڌس طبيعت ۾ اورچائي جو ججهو گڻ هو جنهنڪري ڪوجنائمڪ تصنيفون سڦلتا سان لکي سگهيو هو. پيرومل جو قلم پختو، ويچار برجستا، ڄاڻ ويڪري ۽ عقل اونهو آهي، هي؛ صاحب علم جو پندار آهي ۽ پنهنجي علميت سان محنت شامل ڪئي اٿس جنهن ڪري ٺي اهڙا بلند پائي وارا ڪتاب لکي سگهيو آهي. (١)

ڪاڪي پيرومل "غريب" جي تخلص سان سنڌي شاعريء جي چمن جي آبياري ڪئي ۽ هڪ پرخلوص تخليقڪار مترجم ۽ محقق جي روپ ۾ نثري ادب ۾ انمول اضافو ڪيو. (٢) ڪاڪي پيرومل جي ٻولي مٺي ۽ سپڪ آهي. درياء جي رواني هڪ طرف ته سليس لفظن جو واڇوڙو ٻئي طرف پيو نظرء ايندو .... با محاوره زبان ۽ اصطلاحن توڙي چوڻين جا پندار موجود آهن. (٣)

سنڌ جي هندن توڙي مسلمانن ۾ اهي صاحب جن سنڌي زبان جي ادب ۽ خدمت لاء پنهنجي حياتي وقف ڪئي هئي، ديوان پيرومل انهن سنڌي ساهت جي ستارن مان هڪ نمايان ستارو هو. ديوان صاحب سنڌي سنسڪرت، هندي، فارسي، عربي توڙي انگريزي زبانن ۾ ماهر هو. (٣) پيرومل سنڌ جي چونڊء جي اديبن مان هو . سنڌ جي قديم سڀيتا، ڪلچر، روايات ۽ زبان بابت کوجنا ڪري هن جيڪو مواد ڪٺو ڪيو ۽ ڪتابي صورت ۾ آندو آهي سو تعريف جي لائق آهي. (٥)

پيرومل مهر چند جنهن آڏواڻي آڪهه سان تعلق رکي ٿو سا اصل ۾ "مگهوء کتري" نک مان آهي.

آڏواڻين جو وڏو ڏاڏو ديوان آڏومل ولد ڪلومل ولد جسومل ڳوٺ لوهيور ملتان جو ويٺل هو. ڪيس ديوان ڳدومل ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وقت ۾ سنڌ ۾ گهرايو ۽ دربار ۾ شمشيرزن مقرر ڪرايو. آڏومل ٻهريون گهر پنجاب مان برٽيو هو. جنهن مان ٽي پٽ هئس، چندومل، ڏتومل ۽ لکومل. ٻهرين گهر واري گذاري ويس ته ٽيو گهر ديھ نئن تعلقي نوشهرو فيروز مان سيٺ آڏومل جي گهران پرڻيو. جنهن مان چار پٽ ڄاوس. ٻهارومل، سندر داس، وسايومل ۽ ٿارومل. ديوان آڏومل جي ٻهرين پٽ ديوان چندومل کي ٻه پٽ هئا، چتومل ۽ جيٺمل اسان جي مانواري ليکڪ جو ڏاڏو ديوان آنلمل اجومل، ان ديوان جيٺمل جي نسل مان هو ۽ ڀيرومل صاحب جو والد مهر چند سيٽلمينٽ کاتي ۾ هيڊ منشي هو. سن ١٨٨٨ع ۾ رٽائر ٿيو ۽ آگسٽ ١٩٠٥ع ۾ گذاري ويو. (٦) ڀيرومل جو جنم سن ١٨٧٥ع ۾ ٿيو. ثانوي تعليم حيدرآباد سنڌ جي مشهور اسڪول يونين انڪيڊمي مان حاصل ڪيائين. جتي ساڌو هيرانند شوقيرام ۽ سندس ڀاءُ تارا چند شوقيرام کان ٻي تعليم سان گڏ شاھ لطيف جو ڪلام ۽ معنائون پڻ سکيو. ڀيرومل ٽي شاديون ڪيون. ٻهرين گهر مان ڪيس ڪوبه اولاد ڪونه هو ٻئي گهر واري مان هڪ ٻٽ هڪ ڌيءُ هئ ں. پٽهنس پرڀداس ڀيرومل به هڪ ناليرو ليکڪ رهيو آهي. ڌيءُ جو نالو پارپتي هوس. ٽين زال مان ڪيس ٻه نياڻيون، خوشحالي عرف ٻدما ۽ ٻيءُ جو نالو ستي هو.

ڀيرومل پهريائين ايڪسائيز کاتي ۾ ملازمت اختيار ڪئي جتي ٢٨ سال نوڪري ڪيائين. ماڙيپور ڪراچي، ٻوبڪ ۽ ڪوٽڙيءَ ۾ به رهيو بعد ۾ ڊي - جي سنڌ ڪاليج ۾ نومبر ١٩٢٣ع ۾ سنڌيءَ جو ليڪچرر مقرر ٿيو.

ڪاڪو ڀيرومل هڪ ننڍو ۽ نماڻو شخص هو. ٻنهنجي ان ننڍي ۽ نماڻائيءَ واري سڀاءُ کي اظهار ڏيندي هن شاعريءَ ۾ ٻنهنجو تخلص به "غريب" رکيو. هيڏي وسيع ڄاڻ جو ڌڻي هوندي به ٻنهنجي علم ۽ ڄاڻ تي گيرب يا وڏائي ڪانه هئس. هو ٻنهنجي لکڻن کي آخري حرف ڪري نه ليکيندو هو ۽ "جان جيئين تان سک" واري عقيدي ۾ وشوا  رکندو هو. (٧)

١٩٣٨ع ۾ ڀيرومل سنڌ مان لڏي بمبئيءَ ۾ رهائش اختيار ڪئي جتي سامونڊي ۽ گهميل آبهوا ڪيس ٻانءَ نه ٻئي ۽ هو بيمار رهڻ لڳو جنهنڪري ٻوني ۾ وڃي رهيو. جتي سندس مالي حالات نيڪ نه هئا سندس آخري ڏينهن غريبائي حال ۾ گذريا. ڀيرومل آڏواڻي ستين جولاءِ ١٩٥٠ع تي لاڏاڻو ڪيو.

ڀيرومل سنڌي ادب جي عمارت کي زيب ۽ زينت بخشڻ ۾ هڪ قابل معمار طور سرجوشيءَ سان ڪم ڪيو آهي. هو اڌ صديءَ کان مٿي لاڳيتو ۽ سانده لکندو رهيو. تازو ٿي ساهتيه ايڪيڊمي پارت پاران ڪيس ميتا ڏني ميڪرس آف انڊين لٽريچر جي مونو گرام سيريز ۾ هڪ مونو گراف لکائي ڪيس ننڍي کنڊ جي عظيم ليکڪ طور تسليم ڪيو آهي. هيءُ مونو گراف سنڌيءَ جي نامور ليکڪ ۽ محقق هيري ٺڪر لکيو آهي، جو سن ١٩٩٠ع ۾ سنڌيءَ ۾ ڇپيو آهي. هن ڪتاب کي هند جي باقي سمورين ٻولين ۾ پڻ ترجمو ڪري ڇپائي ٻڌرو ڪيو ويندو.

ڀيرومل جي ڪل لکيل ۽ ڇپيل ڪتابن جي تعداد جي باري ۾ مختلف رايا ملن ٿا. ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب لکيو آهي ته اٽڪل چاليھ ڪتاب تصنيف تاليف ۽ ترجمو ڪيا. جن مان الانا صاحب ٣٠

ڪتابن جا نالا ڏنا آهن. (٨) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو صاحب جوي ٿو ته ڪاڪي ڀيرومل جي ڪل ڪتابن بابت اندازو لڳائجي ٿو ته ٽيهن ۽ چاليهن جي وچ ۾ آهن. (٩) "سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" ڀيرومل جي ڪتاب جو ٻيو ڇاپو سنڌ ۾ سن ١٩٩٠ع ۾ ڇپيو آهي جنهن ۾ ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ صاحب جو مقدمو شامل ڪيو ويو آهي. ڊاڪٽر پٺاڻ صاحب ڀيرومل جي سمورن ڪتابن جي وچور ڏني آهي. ڪل ٧٧ ڪتابن جا نالا ڄاڻايا اٿس. ڪيترا ڪتاب هُن ڏنا به نه آهن ته به نالا لکيا آهن. تنهن ڪري ڪجهه موضوعات به درست نه لکيا ويا آهن مثلاً "سسئي ۽ ماٺس" شاعري نه پر آکاڻي، جو ڪتابڙو آهي جنهن ۾ ٻه ٽي شعر به ڏنل آهن. "گهرو ڪفايت" ڪتابڙو به هڪ آکاڻي آهي جنهن جو موضوع البت گهرو ڪفايت ئي آهي ۽ نه سماجي اقتصاديات جيئن پٺاڻ صاحب لکيو آهي.

هيري ٺڪر ڪتاب ۾ ضميمو ١ ۾ ڀيرومل جا لکيل ڪتاب ڏيکاريا آهن. ڪل ڪتاب ننڍا توڙي وڏا ٦١ آهن، جي سن اشاعت پبلشر ۽ قيمتن سميت ڄاڻايا اٿائين. مون کي سنڌالاجي، جي لائبرري ۾ صرف ٻه ڪتاب اهڙا ملي سگهيا جن جو ذڪر هيري ٺڪر نه ڪيو آهي سي آهن.

١ـ علي بابا ۽ چاليهه چور جو لبنو ۾ ١٩٠٣ع ۾ ڇپيو. هي هڪ ناٽڪ آهي، اردو مڪالما سنڌي اکرن ۾ لکيل آهن ۽ ٻيون هدايتون سنڌي ۾ لکيل آهن.

٢ـ بلبل بيمار هي، به هڪ ناٽڪ آهي جو لبنو ۾ ڇپيل آهي، سن ١٩٠٣ع ۾ لکيل اٿس. هن جا مڪالما به اردو، ۾ آهن جيڪي سنڌي اکرن ۾ لکيا ويا آهن.

ڀيرومل جو هڪ ڪتاب سنڌ يونيورسٽي، جي علامه آءِ آءِ لائبريري ۾ موجود آهي، جنهن جو نالو آهي "الف بي ڪيئن ٺهي" غالباً ساڳئي ڪتاب جو نالو هيري ٺڪر صاحب "سنڌي ٻوليءَ" لکيو آهي هيري مطابق هي، ڪتاب فيبروري ١٩٢٥ع ۾ سنڌي ساهتيه سوسائٽي ڪراچي جي ماهوار رسالي جي سيريز ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هئائين. هن ڪاليج جي شاگردن کي سنڌي ٻولي، جي مختصر ڄاڻ ڏيڻ لاءِ ٻاويهن صفحن واري هي، ڪتابڙي لکي. هن ۾ سنسڪرت، پراڪرت، پالي ۽ سنڌي ٻولي جي نمونن، آئيوتا، عربي ۽ فارسي اکرن، هندستاني، هندو سنڌي ۽ گرمکي اکرن، ٻولي، آواز، اکر، لفظ، عبارت، آڳاٽي تاريخ سنڌي نظم، سنڌي نثر وغيره شين تي روشني وڌي وئي آهي. (١٠) "الف بي ڪيئن ٺهي" ڪتاب مطالع ڪرڻ سان پتو پوي ٿو ته هن ڪتاب جو موضوع ديونا گري اکر، سنڌي اکر، پراڪرت ۽ سنسڪرت اکرن جي تاريخ ۽ عربي سنڌي اکرن جو تاريخي احوال سان گڏ آئيوتا جي بناوٽ به آهي. ڪتاب جي آخرين صفحن يعني ٢٣ ۽ ٢٦ تي سنڌي ٻولي، جي وينجن سرشتي جو چارٽ ۽ ان جي سمجهاڻي ڏنل آهي. هيري جي ڄاڻايل ڪتاب جا ٢٢ صفحا آهن جڏهن ته پاڻ واري ڪتاب جا ٢٦ صفحا آهن.

بهرحال تازي تحقيق جي روشني، ۾ هاڻ هي، حقيقت سامهون آئي آهي ته ڀيرومل صاحب جا لکيل ڪتاب سٺ ۽ ستر جي وچ ۾ آهن.

ڀيرومل جا لکيل ڪافي مضمون، مختلف رسالن ۾ ڇپيل آهن درسي ڪتابن ۾ پڻ چڱو خاصو تعداد سبقن ۽ بيتن جو ڇپيل آهي جنهن جو ذڪر "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ڪتاب ۾ آڏواڻين جي آکهه واري حصي ۾ پنهنجو احوال لکندي ڪيو اٿس.

ٻيرومل ٻنهنجي دلچسپيءَ وارن موضوعن تي خوب لکيو آهي. جيو وجي ٿو تہ ڪاڪي ڀيرومل ڪي مرزا قليچ بيگ جي ريس هئي جو هر موضوع تي پنهنجي لکيائين ٻنهي ۾ فرق هي هو جو مرزا صاحب تاريخ، لغت ۽ شعر و ادب جون حدون لتاڙي ٻاهر نڪري ٻين موضوعن تي بہ لکيو. پر ڪاڪي ڀيرومل انهن موضوعن کان ٻاهر سائنس جي دنيا ۾ پير نہ پاتو. (١١) دراصل ڀيرومل مهر چند جون خدمتون بطور محقق، تاريخ نويس، ماهر لسانيات، مضمون نگار، ناول نويس، ناٽڪ ڪار، سيلاني، شاعر ۽ مترجم نمايان آهن.

ڀيرومل مهر چند آڏوائيءَ جي شاعريءَ کي ٻن حصن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. هڪ ٻارن لاءِ لکيل ۽ ٻيو وڏن لاءِ. ٻارن لاءِ سندس لکيل شعر خاص اهميت رکي ٿو ۽ قابل ذڪر آهي. ٻارائن بيتن جو هڪ مجموعو ١٩٢٦ع ۾ "نؤ بهار" جي نالي سان ڇپيل آهي، جنهن ۾ ڪجهہ بيت انگريزيءَ مان ترجمو ڪيل بہ آهن. هيءَ ڪتاب بہ تعليم کاتي ٻاران درسي ڪتاب طور منظور ڪيو ويو. ڀيرومل جي امر رچنا "منهنجي امڙ" هت نموني طور پيش ڪجي ٿو:

مون کي ڪنهن تي کير پياريو؟
پيار منجهان تي گود وهاريو؟
خوش تي هر هر مون ڏي نهاريو! منهنجي امڙ...

ننڊ ڦٽي مون جڏهن تي پيني،
ڪنهن ٽي سمهاريو لولي ڏيئي،
ڇڏي نہ مون کي ڪيڏانهن ويئي! منهنجي امڙ...

پنڌ ڪندي جي ڏڪو کاڌم
ڪنهن ڪلي تي ڇاتيءَ لاتم؟
پيار منجهان تي پاڪر پاتم! منهنجي امڙ...

ٿيس جڏهن تي آئون بيمار
دوا ڪرڻ لئي تي، تي تيار
ننڊ ڦٽائي رهي هوشيار! منهنجي امڙ...

صبح سانجهيءَ سار لڌائين،
کاڌو پيتو ڪيئن تي ڏنائين،
مون تي پنهنجو ساهہ ڇڏيائين! منهنجي امڙ...

تو ڪني مون سان آ ٻلاني،
تنهن لئي ڪريان شڪر سدائي،
مور نه وسري تنهنجي چڱائي! منهنجي امڙ...

وڏي جڏهن آئون وڏو ٿيندس،
سک سوين آئون توکي ڏيندس،
توتي پنهنجو ساهه ڇڏيندس، منهنجي امڙ...

بيحد افسوس سان چوڻو ٿو پوي ته اڄڪلهه جي سنڌي نصاب "سنڌي پهريون ڪتاب" ۾ ڏنل نظم مان مصرع نمبر ٣ "ٿيس جڏهن ته آئون بيمار" خارج ڪئي وئي آهي. جنهن جو ڪو خاص سبب نظر نٿو اچي شايد صاحب اختيار پنهنجن اختيارن جيءِ نماءَ مان ڪو مزو ماڻڻ خاطر ائين ڪيو هوندو.

پيرومل صاحب ڪل چار اصلوڪا ناول لکيا آهن:

(١) آنند سندريڪا
(٢) موهني ٻائي
(٣) پريم جو مهاتمه
(٤) وريل ۽ نعمت

آنند سندريڪا ۽ موهني ٻائي پنهنجي جاءِ تي ڏاڍي لکيل ناول آهن جن ۾ ڪردارن جو تسلسل ڏيکاريل آهي. جيئن ژان پال سارتر جي ٽريالاجي "روڊس ٽو فريڊم" آهي جنهن ۾ هي ٽي ناول شامل آهن.

(١) ايج آف ريزن
(٢) دي رپيريو
(٣) آئرن ان دي سول

۽ سراج جي ٽريالاجي "پياسي ڌرتي رمندا بادل" پڻ ٽن ناولن تي مشتمل آهي.

مانوارو ليکڪ منگهارام ملڪاڻي، سنڌي نثر جي تاريخ ۾ لکي ٿو ته: ١٩١٥ ۾ پيرومل صاحب "وريل ۽ نعمت" لکيو هو جو مسلمانڪي زندگيءَ ۾ ٻڌاريل هڪ جاسوسي ناول هو ۽ ١٩٣٦ع ۾ ايم آر مائيداسائيءَ "جاسوس" نالي سان ٻيهر ڇپايو هو. (١٢) دراصل ١٩١٥ ۽ ١٩١٦ع ۾ نڪتل هن جاسوسي سيريل ۾ ڪجهه ڪردار مسلمان آهن ته ڪجهه هندو به آهن وريل مل ۽ نعمت راءِ ٻه جاسوس آهن. ناول پڙهڻ بعد پتو پوي ٿو ته هن ناول لاءِ هيءُ چوڻ درست نه آهي ته مسلمانڪي زندگيءَ ۾ ٻڌاريل ناول آهي. پيرومل "گولن جا گوندر" ايچ بي اسٽو جي "انڪل ٽامس ڪئبن "ناول جو ترجمو ڪيو ۽ والٽر اسڪاٽ جي "ٽلسمن" جي پوئين اڌ جو ترجمو "غازي صلاح الدين عرف طلسم" جي نالي سان ڪيو جنهن مان ظاهر آهي ته پيرومل لاءِ ائين چوڻ درست نه آهي ته هن ناول کو هڪ اڌ لکيو آهي، جيڪو به ترجمو آهي. (١٣)

پيرومل جي ڪل نو (٩) ناٽڪن جو احوال ملي ٿو جن ۾ اڪثريت سماجي ۽ اصلاحي قسم جي ناٽڪن جي آهي. وجور هن ريت آهن.

(١) بلبل بيمار (١٩٠٢)
(٢) علي بابا چاليھ چور (١٩٠٣)
(٣) حرص جو شڪار (ترجمو) (١٩١٢)
(٤) ڏرو پکٽ (١٩١٩)
(٥) برازين جو ناٽڪ (١٩٢١)
(٦) مڙس جي مڙسي (١٩٢٥)
(٧) پنگتي مقدمو (١٩٢٧)
(٨) آزاديءَ جي ڪوڏي (ترجمو) (١٩٣٨)
(٩) گوپيچند

سنڌ ۽ سفر جي موضوع تي پيرومل جا ٻہ ڪتاب لکيل آهن هڪ سنڌ جو سيلاني ۽ ٻيو لطيفي سنڌ "سنڌ جو سيلاني" ڪتاب ۾ ڪراچي ۽ حيدرآباد جي اڳوڻن ضلعن جي مکيہ جاين، تاريخ ۽ ماڻھن جي رهڻي ڪهڻي جو احوال لکيو اٿس، جيڪو دلچسپ نموني لکيو اٿس هن ڪتاب کي لطيفيات جي موضوع ۾ شمار ڪرڻ نہ گھرجي. بلڪ "لطيفي سنڌ" ڪتاب جو تعلق لطيفيات سان آهي، هن ڪتاب ۾ شاھ جي رسالي مان سگھ ۽ ثابتيون هٿ ڪري شاھ جي سفر جي واٽ نئين سر جوڙي ڏيکاري اٿس.

پيرومل صاحب جون اهم ترين خدمتون سنڌ جي قديم تاريخ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ تي ڪيل آهن. هن ڏس ۾ هن ـا شاهڪار ڪتاب آهن.

(١) قديم سنڌ
(٢) سنڌ جي هندن جي تاريخ
(٣) سوڍن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ
(٤) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ
(٥) وڏو سنڌي ويا ڪرڻ
(٦) غريب اللغات
(٧) گلقند

قديم سنڌ ڪتاب جي مطالعي مان سنڌ جي قديم دور جي انساني معاشرتي، مذهب، تهذيب، رسمن ۽ حالتن جو پتو پوي ٿو هن ڪتاب جي مطالعي سان پنهنجي مادر وطن جي گذريل دور جي خوشحالي، اوج ۽ عروج جي خبر پوي ٿي. (١٤)

"قديم سنڌ" ڪتاب ۾ سنڌ جي قديم ترين زماني جي تاريخ ڏنل آهي جنهن ۾ سنڌ ديس جي جنم، موهن جي دڙي ۽ رگ ويد واري دور جي سپتا جو ذڪر ڪيل آهي منجهس سنڌ جي اوائلي اوج ۽ شاندار تهذيب جو نظارو ڏيکاريل آهي. (١٥)

جا آسرا اسان ۾ نئين جيوت فوڪيندا ۽ عجيب اتساهه پيدا ڪندا. (٢٠)

ادب ۾ سنڌي قوم پرستي جا رجحانات گذريل ڪجهه ڏهاڪن کان نمايان نظر اچن ٿا. وطن دوستي جي نظر به جو سنڌ ۾ وڏي ۾ وڏو مبلغ سائين جي. ايم. سيد سمجهيو وڃي ٿو. ورهاڱي کان پوءِ گهڻو اڳ ۾ جن ويچارن کي ڀيرومل قلمبند ڪري چڪو هو، تنهن ڪان جي. ايم. سيد متاثر ٿيندي نظر اچي ٿو. جي - ايم - سيد پنهنجي مشهور ڪتاب "جنب گذاريم جن سين" جي جلد ٢. ۾ ڀيرومل تي هڪ مضمون لکي کيس خراج تحسين پيش ڪيو آهي. مذڪوره مضمون لکڻ دوران سائين جي. ايم. سيد پنهنجي دل جي ڳالهه هنن اکرن ۾ لکي آهي.

"سرزمين سنڌ هڪ اهڙي قوميت جو رهائش گاهه آهي جنهن کي ماضيءَ جون بهترين روايتون، ڪلچر، حال لاءِ طرز عمل ۽ روشن مستقبل لاءِ ڪي تجويزون آهن ان وٽ هڪ زنده زرخيز، با محاوره زبان آهي، جنهن ۾ سنڌس اعليٰ ادب جو سرمايو محفوظ آهي. ماڻهن جي زندگيءَ ۾ جيڪڏهن قومي ڪارڪنن، سياستدانن ۽ مدبرن کي اهم پارٽ ادا ڪرڻو ٿو پوي ته قوم جي مفڪرن، دانشورن ۽ اديبن کي به ان جي ترقي، حفاظت ۽ تعمير لاءِ ڪو ٿورو ڪم ڪونه ڪرڻو ٿو پوي، گذريل سٺ سالن ۾ هن ڏس ۾ جن مکيه اديبن حصو ورتو آهي انهن مان ڪاڪو ڀيرومل به هڪ هو." (٢١)

ويهين صدي جي پهرين اڌ ۾ جن دانشورن ۽ مفڪرن پنهنجي تحريرن ۾ وطن دوستي جا جذبا جاڳيا آهن تن ۾ ڀيرومل مهرچند آڏواڻي جو هڪ اهم حصو آهي. سائين جي. ايم. سيد جو مٿيون بيان ان ڳالهه جي تصديق ڪري ٿو ته ڀيرومل جي لکڻين مان کيس گهڻو ئي اتساهه مليو آهي. سنڌ جي اهڙن اعليٰ عالمن ۽ دانشورن کي سنڌ جو نئون نسل ذري گهٽ فراموش ڪري ويٺو آهي سنڌ جي اهڙن محسنن جي علمي ڪارنامن کي ياد رکڻ به وطن دوستيءَ جي تقاضا آهي. ڀيرومل جون خدمتون انمول آهن يادگار آهن، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي تاريخ ۾ هميشه هميشه سنڌس ڳڻ ڳايا ويندا.

## حوالا


(١) بونتي هيراننداڻي "سنڌ جو سيلاني" ڀيرومل مهر چند جو ڪتاب، ٿيون ڇاپو ١٩٨٣ع، مهاڳ.

(٢) ڊاڪٽر در محمد پٺاڻ "سودن جي صاحبي يا راڻن جو راڄ" ڀيرومل مهرچند جو ڪتاب، ٻيو ڇاپو. ١٩٩٠ع، مقدمو. ص - ٥

(٣) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ" ٻيو ڇاپو، ١٩٨٣، ص - ١٨١

(٣) ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي نثر جي تاريخ"، ١٩٦٦ع. ص - ١٦٣

(٥) جي. ايم. سيد "جنب گذاريم جن سين"، ١٩٦٧ع، جلد ٻيو ص - ٣٢٨

(٦) ڀيرومل مهر چند آڏواڻي "سنڌ جي هندن جي تاريخ" ڀاڱو ٻهريون. ١٩٣٦ع، ص - ٦٣

(٧) هيرو ٺڪر. "ڀيرومل مهر چند"، ١٩٩٠ع، ص - ١٨ ۽ ١٩

(٨) ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي نثر جي تاريخ"، ١٩٦٦ع، ص - ١٦٣

(٩) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ١٩٨٣ع. ص - ١٨٠

(١٠) هيرو ٺڪر "ڀيرومل مهر چند"، ١٩٩٠ع. ص - ٣٩

(١١) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ"، ١٩٨٣ع ص - ١٨٠

(١٢) منگھارام ملڪاڻي "سنڌي نثر جی تاريخ". ١٩٦٨ع. ص ـ ٨٣
(١٣) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "سنڌي ادب جي مختصر تاريخ". ١٩٨٣، ص ـ ١٩٨٠ع.
(١٣) ڊاڪٽر غلام علي الانا "سنڌي نثر جي تاريخ". ١٩٦٦ع. ص ـ ١٦٤ ۽ ١٦٦.
(١٥) منگھارام ملڪاڻي "سنڌي نثر جی تاريخ". ١٩٦٨ع. ص ٣٣٨
(١٦) هيرو ٺڪر "پيرومل مهر چند". ١٩٩٠ع. ص ٢٩
(١٧) منگھارام ملڪاڻي "سنڌي نثر جي تاريخ" ١٩٦٨ع. ص ـ ٢٨٣
(١٨) منگھارام ملڪاڻي "سنڌي نثر جي تاريخ" ١٩٦٨ع. ص ـ ٣١٣
(١٩) پيرومل "الف بي ڪينن ٺهي". ١٩٢٣ع. ص ـ ٢٢ ۽ ٢٣
(٢٠) پيرومل "قديم سنڌ". ١٩٥٤ع. ص ـ ٢
(٢١) جی. ايم. سيد "جنب گذاريم جن سين" جلد پيو. ١٩٦٤ع. ص ـ ٣٣٠.

●

# سانگهڙ جا ڪي هنر جا سگهڙ ـــ ١

محمد خان پرڙو

ٻولي انسان جي روزاني زندگيءَ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري نه رڳو، پنهنجو سماجي ڪارج پورو ڪري ٿي، پر ان جي وسيلي سماج ۾ ايندڙ تبديلين، رخن، مورڙن ۽ معاشرتي ڏارائن کي محفوظ پڻ ڪيو ويندو آهي. فطرتي اصول آهي ته جيترو سماج سگهارو ۽ ويڪرو هوندو ٻولي به اوتروئي گهري ۽ شاهوڪار هوندي. ٻوليءَ جي ان ادبي سرماني جي تاريخي مطالعي وسيلي انسان ان سماج جي ذهني سطح ۽ اوسر جو ارتقائي اندازو ڪري سگهون ٿا.

دنيا جي ٻين ٻولين وانگر سنڌي ٻوليءَ جو ادب به شاعريءَ کان شروع ٿيو آهي. اهو شروعاتي ادب يا شاعري انسان جي اوائلي اظهار جو ذريعو رهي، جا پهريائين سينن ۾ سانڍي وئي ۽ بعد ۾ لکت ۾ آئي. لکت ۾ اچڻ بعد گڏيل سماجي ملڪيت ٿي پئي، جنهن کي پوءِ لوڪ شاعري، يا لوڪ ادب جي نالي سان سڏيو ويو ۽ اڄ به چيو وڃي ٿو. ان ڪري لوڪ ادب انسان ذات جو سڀ کان وڏو قيمتي تهذيبي ورثو ڪري ڄاتو وڃي ٿو.

سنڌي لوڪ ادب جي سلسلي ۾ هتي هيترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته پنهنجي ججهي ذخيري، گوناگون مواد، خيال جي گُورڙهائپ ۽ ويچار جي لهر سببان هڪ اٿاهه سمونڊ لڳندو جنهن ۾ هزارين ماڻڪ موتي ملندا، منجهن نه مٽ نه مير نه ڪسُ، سچُ ني سچُ، سچ به سَچَ ڪوڏيءَ جيان سچلو صاف ني صاف.

سانگهڙ صدين کان علم ادب ۽ لوڪ ثقافتي ورثي جي حيثيت سان مٿاهون پُٽُ پي رهيو آهي، هتي نه رڳو نامور عالم، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا آهن پر هاڪارا ۽ نالي چڙهيا سگهڙ به پيدا ٿيا آهن جن جو لوڪ ادب ۾ سوايو حصو پتي آهي. آءُ هتي اڄوڪي صحبت ۾ صرف نڙ بيت جي شاعريءَ جو مثال پيش ڪندس جن جو مواد، سنڌي ادبي بورڊ طرفان ڇپيل عشقيه، نيم عشقيه ۽ جنگي داستانن ۾ نڙ بيت شاعري هيٺ آيل آهي تن ڪتابن ۾ سانگهڙ جي هيٺين شاعرن جو ڪلام آيل آهي.

موريو فقير، شيخ محمود، ٻاجهي فقير، حڪيم ڏاهري، شادي مري، شير محمد لغاري، مريد ٻهڻ، دلمراد مري، مريد مري، محمد صديق ٻلي، ليمون شر بڇايو رند، عبدالرحيم ڏاهري، شادمان مري، لونگ ابڙو حاجي مهوال خاصخيلي، جڙيو فقير خاصخيلي، جاڙو مري، لعلڻ لغاري، فقير سليمان ملاح ٻاٽي، مولا بخش خاصخيلي، مرو فقير نظاماڻي، طيب خاصخيلي وغيره. گنوهر فقير ڏيٿو ۽ رستم فقير رند هن صنف جا باڪمال شاعر اڄا به موجود آهن، جن جو ڪلام ڇپجي نه

سگهيو آهي، ان حيثيت ۾ هن لوڪ صنف جا شاعر، مڙني سنڌ جي شاعرن کان گهڻا ٿيندا.

اجوڪي هن ادبي ميڙاڪي ۾ آءٌ لوڪ شاعري جي هڪ سگهاري ۽ پيچيده صنف "هنر" بابت سانگهڙ جي ڪجهه سگهڙن جو ڪلام پيش ڪندس، جن رڳو هن ئي صنف کي اختيار ڪري، منجهس مضمون ۽ معنيٰ جي نوان آئي، موجوده ڪڙي؛ تي آئي بيهاريو آهي.

سگهڙ ٻاني؛ ۾ هنر، سينگار ۽ ڏهس نهايت مشڪل ۽ پيچيده صنفون ڪري شمار ڪيون وڃن ٿيون. وڏو سُجاڻ ۽ ٻولي؛ جو ٻارڪو سگهڙ ئي انهن صنفن کي اختيار ڪندو آهي. جيتوڻيڪ تنهي جي فني جوڙجڪ ۽ گهاڙيٽو ساڳيو اسانجي ڪلاسيڪي بيت وارو آهي. پر ٻنهنجي پنهنجي مضمون ۽ معنيٰ جي لحاظ کان انهن جي ورج ۽ سُجاڻپ الڳ الڳ آهي.

هنر معنيٰ ڪاريگري، سگهڙ لفظن ۾ مامر، رمز يا ڪڪ رکندا آهن، اهڙن لفظن کي ٽُڪ يا بند چوندا آهن. انهن بند وارن لفظن جي پيچ گهڙ ۽ ابتو سبتو ڪري معنيٰ نروار ڪندا آهن يا زبر، زير يا پيش کي هيٺ مٿي ڏيڻ سان به اصل معنيٰ نڪري ايندي آهي، يا ساڳيئا لفظ جنهن کي تجنيس حرفي چئجي ٿو ورِي ورِي اڻندا آهن، اهڙي هنر کي عام طور سادو هنر چيو ويندو آهي.

سگهڙن هنر جي فني هينت ۽ مضمون تي تجربا ڪندي ڪندي ان جا ڪيترائي قسم مقرر ڪيا ۽ الڳ الڳ نالن سان سڏيائون. جيئن:- رواجي هنر، چيرون هنر، ٻي سرا هنر، سرائتا هنر ۽ ڏراها هنر. تواريخي طور اسان کي شاهه عبداللطيف ڀٽائي؛ جي رسالي ۾ ڪيترا اهڙائي بيت ملن ٿا جن کي هنر چئي سگهجي ٿو.

جا هَڙ اندر جيءَ، ساهڙ ڏٺي ساهه کي
سا هَڙ چڙي نه ساهه جي، سا هَڙ، ساهڙ ري؛
ساهڙُ ميل سميع، ته سا هَڙ چڙي ساهه جي.

ان ساڳئي ڪلهوڙا دور ۾ اسان کي جلال ڪتي نظر اچي ٿو. جنهن جا هنر به ملن ٿا. جلال ڪتي هوندي به سينگار شاعري جي ڪري ئي ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو. مگر هُن، هنر شاعري به ڪئي آهي، ان ڪري چئي سگهجي ٿو ته هنر جي صنف جو بنياد ڪلهوڙا دور ۾ پيو. پنهنجا تجرباتي درجا گذاري، موجوده وقت لوڪ شاعري ۾ نهايت مقبول وزندار ۽ سگهاري جنس ڪري ڄاتو وڃي ٿو ۽ هرڪو سگهڙ هنر تي طبع آزمائي ڪرڻ ضروري ڄاڻي ٿو.

سانگهڙ ۾ به ڪيترن ئي سگهڙن هن صنف تي پنهنجو شعر چيو آهي، آءٌ هتي صرف اهڙن ڪجهه سگهڙن جو مختصر ذڪر ڪندس، جن رڳو هن ئي صنف کي اختيار ڪيو ۽ ان جي ڪري ئي سڃاتا وڃن ٿا.

حاجي دينار مري:- پاڻ گوٺ الهه بخش مري لڳ قلهڏيون جو وينل هو. لڳ ڀڳ ١٩٣٥ع ڌاري وفات ڪيائين. پنهنجي وقت جو هڪ مڃيل داناءُ سگهڙ ليکجڻ ۾ ايندو هو. سندس رڳو "هنر" هٿ اچي سگهيا آهن. سناءُ ۽ معنيٰ جي لڪ رکڻ ۾ سندس وڏو ڪمال آهي، پاڻ هنر جي

# فقير ميان غلام علي مسرور
# (مختصر سوانحي خاڪو ۽ ڪلام)

بيدل مسرور

**پيدائش:**

سنڌ جو هي معروف بزرگ صوفي شاعر، ١ـ جولاءِ ١٨٩٣ع/ ٢٦ ذوالحج ١٣١١ هجري تي شهر شڪارپور ۾ ڄائو. سندس والد جو نالو مخدومي ميان "رحيم بخش بدوي" المعرف "ماستر" هو.

**تعليم ۽ تربيت:**

سندس تعليم جي ابتدا پنهنجي شفيق والد جي نگرانيءَ هيٺ ٿي، ١٩٠١ع کان قاضي محلا شڪارپور ۾ پڙهڻ شروع ڪيائين. ١٩١٠ع ۾ فائينل جو امتحان پاس ڪيائين. جنهن بعد ٻه سال ٽپيداري اسڪول حيدرآباد ۾ ٽريننگ ورتائين.

**ملازمت:**

١٩١٢ع ڌاري ٽپيداريءَ جي نوڪريءَ ۾ داخل ٿيو. ملازمت دوران نواب شاه، نوشهرو فيروز، شڪارپور، لاڙڪاڻي ۽ ميرپور خاص جي مختلف ٽپن تي رهيو. ١٩٢٨ع ۾ کيس ترقي ملي ۽ پاڻ بئراج مختيار ڪار وٽ سپروائيزنگ ٽپيدار مقرر ٿيو. ١٩٣٦ع ڌاري سندس بدلي لاڙڪاڻي ٿي ۽ اتان ئي پاڻ ١٩٣٥ع ۾ رٽاير ڪيائين.

**شادي:**

عزيزن جي حڪم تي ١٩٢٣ع ۾ شادي ڪيائين. کيس ڇهه پٽ ۽ پنج نياڻيون ٿيون.

**سير سفر:**

سرڪاري نوڪريءَ ڪرڻ سان گڏوگڏ پنهنجو باقي وقت سنڌ جي بزرگن، اوليائن ۽ فقيرن جون چونڪيون ڏيڻ، انهن جو ڪلام گڏ ڪرڻ ۽ ڳائڻ، دوستن عزيزن سان ميل ملاقاتون ڪرڻ ۽ غريبن غمزدن جي غمخواري ڪرڻ ۾ گذاريندو هو. هر هفتي پنهنجي مرشد راهه هدايت شهنشاهه فقير قادر بخش بيدل، جي درگاه تي روهڙيءَ وڃي حاضري ڏيڻ، هر پندرهين ڏينهن دولهه درازي سرڪار عبدالوهاب سچل سرمست جي چونڪي، يا ماه پهرين سومر رات حضرت عثمان مروندي قلندر لعل شهباز جي ڌمال لاءِ سيوهڻ، توڙي سنڌ جي سرتاج ڀٽ ڌڻي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جي دربار جو سلام ڪرڻ، ڀٽ شاهه. ڪڏهن هالا . ته ڪڏهن شاهه عنايت جهوڪ واري وٽ، ته ڪڏهن ڪنڊڙيءَ جي بزرگن سان ملاقاتون، سندس زندگيءَ جو مسلڪ هو.

**فقيري فيض:**

ظاهري طور ١٩٠٨ع ڌاري جڏهن ياڻ اچا پندرهن سالن جو هو. ته شهنشاه فقير بيدل سائين جي درگاه تان کيس باطني فيض مليو. جنهن لاءِ پنهنجي ڪيترن ڪافين ۾ ذڪر ڪيو اٿس.

**شخصيت:**

فقير سائين نهايت سهڻو، کلمک ۽ هر دلعزيز هوندو هو. سندس سريلي ۽ مٺڙي آواز، ستار وڄائڻ، يڪتاري تي درويشن جا سنگ ٻڌڻ لاءِ ته هرڪو سندس ساني نيڻ لاءِ آتو هوندو هو. پر سندس فڪر انگيز ڳالهين، سدائين مرڪندڙ مک ۽ پروقار هلڻيءَ تي به هزارين موهت هوندا هئا.

**همعصر ۽ مداح:**

فقير سائينءَ جي پيارن، دوستن ۽ کيس چاهڻ وارن جو ڳاڻاٽو انتهائي مشڪل آهي. پر علم ادب ۽ فن جي ميدان جون ڪجهه اهم شخصيتون جيڪي پنهنجي وطن ۽ ويرهيجن لاءِ وڙيندا هئا، تن مان فقير سائينءَ کي چاهڻ وارا ڪجهه هي آهن:

حيڪم الامت فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر علامه مُحَمد عمر بن دائود پوٽو، مُحَمد هاشم مخلص، مُحَمد بخش واصف، حافظ حيات شاهه ، حاجي مُحَمد صديق ميمڻ، رئيس ضياالدين بلبل، چيتمل پرسرام، ڪشچند بيوس، حاجي امام بخش خادم ، حاجي محمود خادم ، نواز علي نياز عثمان علي انصاري، علي نواز علوي، سردار محمد بخش ڪوجهي، آغا صوفي، مخدوم الله بخش عاصي، ڪيئلداس فاني، بولچند راجپال، پروفيسر ڦيروائي، مولا بخش مسڪين ٻٽو، پروفيسر جهامنداس ڀاٽيا، حبيب الله ڀٽو، آغا عبدالنبي عليگ، لطف الله بدوي، احسان بدوي، شفيع احمد اوج علوي، لعل محمد لعل، خواب حيدرآبادي، فقير عبدالوهاب ناظم ، عبدافتاح عبد عاقلي، ميان غلام عباس قادري، علي گوهر يڪتا، مرزا افضل بيگ، ڊاڪٽر مُحَمد ابراهيم خليل، شاهنواز عارف، پروفيسر رام پنجواڻي، مُحَمد خان غني، حافظ محمد احسن چنا، غلام مُحَمد گرامي، غلام احمد نظامي، پرسرام ضيا ۽ شيخ اياز.

**فنڪارن مان:**

ماسٽر چندر، ڀڳت ڪنور، ٻاني چيلو، گلشن صوفي، الله رکي، جيوڻي، قدرت الله خان، سيندو خان ۽ الله ڏنو نوناري.

**فقيرن مان:**

مُحَمد فقير کنياڻ، فقير هدايت علي تارڪ نجفي، فقير غمدل، فقير سائين بيدل جو صحبتي فقير الله اوباهي شاهه ، فقير جلالاڻي، ميرل فقير هنباه وارو سائين انور شاه جهانپور وارو شائق فقير عمراڻي جيڪب آباد وارو فقير قلندر بخش هيسباڻي ڪنڊياري وارو سندس پيارن ۾ شامل هئا.

**شاعري:**

فقير سائينءَ جي طبيعت نهايت موزون هوندي هئي، علم موسيقيءَ جي ڄاڻ سبب ۽ فقيري رمز جي اظهار لاءِ سدائين طرب جي حالت ۾ رهندو هو. سندس والد به منجهس اهڙين لازوال ڪيفيتن کي ڏسي تعليم ۽ تربيت تي خاص ڌيان ڏنو هو. جنهن جي نتيجي ۾ پاڻ چوڏهن سالن ۾ علم عروض ۽ موسيقي

۽ صنايع بدايع ۾ مهارت حاصل ڪري ورتي سبب سرائڪي؛ ۾ سي حرفيون ۽ فارسي ڪلام بہ چوڻ لڳو.

فقير سائين بنيادي طور "ڪافي" جو وڏو شاعر هو: پر علمي ادبي چاڻ سبب ۽ عروضي دور سبب سندس ڪافين ۾ خيال، فڪر ۽ موضوع سان گڏ عروضي خوبيون بہ آهن. پاڻ بيت، مولود ۽ ڪافين سان گڏ مسدس، مخمس، مرثيو، مثمن، مثلث، مربع، مستزاد، معشر ۽ مثنوي جي صنفن ۾ بہ طبع آزمائي ڪئي اٿس. سندس سموري ڪلام جو محور عشق، امن، درد، هيڪڙائي، نفي ۽ اثبات جي سگند بکيڙيندڙ آهي. پاڻ سنڌي، اردو هندي، سرائڪي، فارسي ۽ انگريزي؛ ۾ ڪلام جيو اٿس.

**تصنيفون:**

فقير سائين سنڌي؛ ۾ انڪل ١٣ طويل مسدس لکيا آهن. جيڪي گهڻو ڪري تصوف جي نقطن کي عيان ڪرڻ لاءِ بنيادي اهميت رکن ٿا. جن مان "اسرار حسيني" جيڪو ٢٦١ بندن تي مشتمل آهي اجا اڻيورو ۽ اڻڇپيل آهي: پر فقير سائين؛ جو "مسدس مسرور عرف هيرن جو هار" ١٩٣١ع ڌاري شايع ٿيو. جيڪو سنڌي ٻولي؛ جو پهريون طبعزاد ۽ طويل (٩٧ بندن تي مشتمل) مسدس آهي. اهو ڪيترو عرصو سنڌ يونيورسٽي؛ ۾ انٽر ۽ بي. اي جي نصاب طور مقرر ڪيو ويو هو. انهن کان علاوه سندس تصنيفون هن ريت آهن:

١۔ مداح ست گرو سائين؛ جي سوکڙي. (هندي الف ب وار چيل ٣٦ بندن تي مشتمل مخمس = ڪيترائي دفعا شايع ٿيل)
٢۔ مجازي معشوق: (مسدس ۔ صنعت سوال جواب)
٣۔ ڪنڊڙي؛ جا ڪلتار: (شايع ٿيل ۔ سنڌي ادبي بورڊ ۔ مؤلف لطف الله بدوي)
٤۔ بيدل جو سنڌي ڪلام: (شايع ٿيل ۔ آزاد بوڪ ڊيپو جيڪب آباد ۔ مؤلف بولچند راجپال)
٥۔ راڳ جي شرعي حيثيت: (شايع ٿيل ۔ ماهوار پيغام ڪراچي مئي جون ١٩٨١ع)
٦۔ واچوڙو مل: (ناٽڪ ۔ شايع ٿيل ۔ ادب محل شڪارپور)
٧۔ مثنوي هير رانجهو: (اڻڇپيل ۔ ١٦٨ صفحن ۔ ٽن ڀاڱن ۽ ٢٣٧٩ شعرن تي مشتمل)
٨۔ پريم ساگر: (اردو ۽ هندي ڪلام)
٩۔ حسن ازل: (فارسي ڪلام)
١٠۔ عشق نامو: (اڻڇپيل)
١١۔ وحدت نامو: (اڻڇپيل)
١٢۔ سرود نامو: (اڻڇپيل)
١٣۔ قيامت نامو: (اڻڇپيل)
١٤۔ رهنمائي موسيقي: (اڻڇپيل)
١٥۔ من جي مستي: (اڻڇپيل)
١٦۔ سلطاني سهاڳ: (اڻڇپيل)
١٧۔ دشمن: (اڻڇپيل)

۱۸ـ مڪتوبات مسرور: (اڻڇپيل)
۱۹ـ بيدل جا فارسي رسالا: (اڻڇپيل ـ مرحوم لطف الله بدوي جي ڪتب خاني ۾)
۲۰ـ صديق فقير سومري جو ڪلام: (اڻڇپيل ـ مرحوم بدوي جي ڪتب خاني ۾)
۲۱ـ فقير واليڏني جو ڪلام:
۲۲ـ ڪليات مسرور: (ترتيب هيٺ ـ سنڌي ادبي بورڊ طرفان شايع ڪرڻ لاءِ منظور ڪيل).

وصال:

فقير سائين مسرور پنهنجي سموري زندگي فقيريءَ ۾ گذاري ۽ پاڻ دنيا وارن جي ذميوارين کي پوري ڪرڻ ۾ سک پاتائين. سرڪاري نوڪريءَ تان رٽاير ڪرڻ جي باوجود به خانگي نوڪريون ڪري پنهنجي گهرو ذميوارين سان منهن ڏنائين. آخر ۾ سردار محمد بخش ڪوجهيءَ جي زمين سنڀالڻ لاءِ ٽنڊي آدم وڃي رهيو. جتي تاريخ ۱۹ آگسٽ ۱۹۸۳ع / ۸ ذوالحج جي رات جو پنهنجي حقيقي محبوب جي دعوت قبول ڪندي هن ديهه مان پرواز ڪيائين.

سنڌ ۾ ۸ ذوالحج تي هر سال سندس عشق اوتاري تي سندس فقير فرزند سائين مٺل سائين ميڙاڪو مچائيندو آهي، جنهن ۾ سنڌ جا ڪيترائي صوفي، فقير ۽ اولياءَ اچي شرڪت ڪندا آهن. اهڙيءَ طرح هندستان ۾ فقير سائين مسرور جي ورسي ۱۹ ـ آگسٽ تي ملهائي ويندي آهي.

# ڪافي

عشق جي ساقيءَ هٿئون هميشه، خُمرُ[1] پيالا طهرُ[2] پيئون ٿا،
معنيٰ مام پروڙي ساري، رمز رنديءَ جي رنگ رچئون ٿا.

ڳالهه ڳُجهي سڀ سانڍي ڳُجهڙي، عام سان ظاهر اُٺئون ويهئون ٿا،
باطن بيشڪ مُلڪ بقا جي، وحدت واري ويڙهه وڙهئون ٿا.

صورت مورت صاف سچائي، ڪنهن نه ڪي ڪجهه ڪُجئون پُڇئون ٿا،
سودي سيلَ جي خاطر سچ پچ، پنهنجي مرضيءَ مَرَئون جَمئون ٿا.

پاڻ ني پاڻ ۾ پاڻ اڙائي، پنهنجو چرچو پاڻ پَسئون ٿا،
درد فراق ۽ هجر جون هوليون، سِر تي سختيون سورَ سَهئون ٿا.

هي هُو بني "مسرُور" اسان جا، پنهنجي رانئي اَچئون وَڃئون ٿا،
گُهمئون ڦرئون چا گُوندر گهاريون، جو ڪجهه آهيون پيو نه ٽِپئون ٿا.

---

(۱) خمر = مئي، مڌ
(۲) طهر = پاڪ

# ڪافي

اڄ وري اظهر(١) نوان ڪي عشق جا آثار ٿيا،
خوض (٢) خاصا بي خوديءَ کان، ٿَمُر (٣) اڄي هڪوار ٿيا.

جذب (۴) دل جي جوش مان ايندا وڃن هڪ ٻئي مٿان،
سي اڪر اعوام (۵) ليءَ سڀ هينئڙي جا هار ٿيا.

صدق (٦) دل جي سان سُٺي، جيڪي هليا هن حال تي،
مرد سي مانجهي(٧) مٺيادار (٨) سِرُ ڏئي سردار ٿيا.

هيءَ حقيقت حال واري جن پڙهي پِرتئون (٩) سڄي،
وهم خطرا تن ڪنان، سڀ ڏُور ڏُک آزار ٿيا.

مِهر مرشد جي مگر، "مسرُور" ڪجهه پنهنجي جفا،
طالبن ڪي اِن طرح سڀ دل گُهريا ديدار ٿيا.

●

---

(١) اظهر = ظاهر، پڌرو.
(٢) خوض = غور سوچ، ويچار
(٣) ٿمر ٿيا = سهڙيا، پڌاريا.
(۴) جَذب. دل = ڇڪ، اُڌمو.
(۵) اعوام = عام.
(٦) صِدق. دل = دل جي سچائي.
(٧) مانجهي = سورهيه ، سياڻو.
(٨) مٺيادار = حسين، خوبصورت، مٺيا وارو.
(٩) پرتئون = پرت مان، پيار وچان.

# ڪافي

## آيا جوڳي آيا، سَنت (١) سِري (٢) سَت آيا

نِينهون نيهي نسري هِتڙي، (٣)وير (٥)وِرڌَ ڪان وِسري هتڙي،
نُور منجهارون نڪري هتڙي، پِرت جا پير گُهمايا.

پنجن (٦) تَتَن جو ميل مِلاني، صُورت مُورت بيڪُ بناني،
ساز سُرندا ناد (٨) وڄاني، پنهنجا قرب وڌايا.

صفت (٩) سامين جي ڪريان ڪهڙي، ليڪيان ناهي ليکَڙَ جهڙي،
اوريان ناهي اهڙي تهڙي، سڀ ڪان سَرس سوايا.

اُڃ ڪان ڪين اُڃايا ڪنهين، بُک ڪان ڪين بُکايا ڪنهين،
ڏُک ڪان ڪين ڏُکايا ڪَنهين، درد نہ ڪنهن ڏمڪايا.

ڏٺي جنين جي (١٠)ڏُورُ ڏُڪندا، ويٺي جن وَٽ وَرن (١١) وَرندا،
سوامي هي "مَسرُوُر" سُڳندا، (١٢) مون کي ڏٺيءَ مِلايا.

●

---

(١) سنت = اوليا، بزرگ.

(٢) سري = سائين، حضور (لقب).

(٣) ست = سچ، حق.

(٣) وير = دشمني.

(٥) وروڌ = ڪلفت، بکيڙو.

(٦) پنج تَت = پنج شيون (هوا، باهہ، پاڻي، مٽي، آڪاس).

(٧) بيک بناني = ويس ڌاري.

(٨) ناڌ = (جمع) ناڌُ = ڦوڪ جو ساز.

(٩) صفت = ساراهہ.

(١٠) ورن = رنگ.

(١١) سڳندا = خوشبو وارا، سڳنڌ پريا.

# ڪافي

موُن ٻري موتين سندي هي ڇوهَ مان اڇلاني ڇاٻَ. (١)
ميڙ تن مان حاج ساري ٻر ڪٽي گودو (٢) ۽ ٽاٻَ (٣)

جُهد ڪَر دَسُ گوء غـازي تـا وڃـن توڪون ڪنيو،
تـون ٺَڪل ڪائين ڀلا ڇاڪون ٿُڏن جان تيڙ ٽاٻَ.

ٻَت ٻني اڪيون اندر جون هوش رک همَت نہ هارِ
لعل نا لِڏِ ۾ لِڪي توڙي هجي ٻَس (٦) ريت (٧) ڊاٻَ (٨).

مـهـل ٽـي هيءِ مـرد ڏس، جو هُو وڃن ميڙيو مَڏي،
ٻوء ڪندين ڇا جپ ڪڍي تون مُنهن ڇِپي جُپ ڄاٻَ ڇاٻَ.

حسرتا "مسرور" جِي مُنديءِ متان غازي اڇي،
سِرڪندا صدقي جتي، تون ات ڪندين ڇا گهور گهاٻَ.

●

---

(١) ڇاٻَ = وڏي ٻندي، دٻڪي. (ڪنڪ جي تيلين مان نالهيءِ جي نموني نهيل نوڪري)
(٢) گودو = ڪيسو. ڳيدو.
(٣) ٽاٻ = ڳوڻ جو نهيل ٻورو.
(٣) جُهدُ = جتن، محنت.
(٥) غازي = جنگ ڪٽي ايندڙ سورمو.
(٦) ٻس = ٻسڻ.
(٧) ريت = واري.
(٨) ڊاٻ = ڏَڙ مِٽي، ڌُوڙ.

# ڪافي

هن سير ۾ سامي وکر هڪ خاص وحدت (۱) جو وَڻج، (۲)
ڪثرت (۳) منجهان وحدت (۴) اندر تون پڻ قدم قُربنون کَڻج.

سچ پچ سجڻ کي سڪ وڏيءَ، ساقي ڏني تو سَڏ ڪيو،
تون پِي ورهه (۵) جي پِيءَ وَني، بي سِر صفا بي خُود بَڻجُ.

ڪو فڪر ان جو ڪين آ، هٿ بير (٦) جي هِن حاجَ ۾،
اي ليڪ دل سان دوستن جي بارَ ڏي تاڻيو تَڻجُ.

هِت ڪجهه هلن هت پير نا، ڏس نانگ (۷) جو نازڪ هلڻ،
هي حال منهنجي جِي خُلاصي، ڳالهه تون دل ۾ ڳَڻج.

هٿ ۾ ڪري هن حال کي، عاشق سچي عَطّار (۸) جيان،
"مُسرور" مانجهي مرد تون، تان نينهن جو نعرو هَڻجُ.

●

---

(۱) خاص وحدت = وحدت الوجود. دنيا جي سموري موجودات کي خدا تعاليٰ جو وجود ڪري مڃڻ.

(۲) وَڻجُ = ڌنڌو، واپار، ڪرت.

(۳) ڪثرت = گهڻائي.

(۴) وحدت = هيڪڙائي.

(۵) ورهه = نينهن.

(٦) هٿ بير جي هن حاج ۾ = جيڪڏهن زماني جو ڪم ڪار آهي.

(۷) نانگ جو نازڪ هلڻ = سيني ڀر سرڪڻ.

(۸) عطار = عطر وڪڻندر (شيخ فريدالدين عطار، فارسيءَ جو صوفي شاعر)

# ڪافي

حيرت جو لَڪُ لنگهياسي    پيو حالُ ھمہ وارو،
اڄي بحر ان ۾ بياسي    ڪنڌي نہ جنھن ڪنارو.

ٻيڙي جا ٻاجھ واري    اڄي اوچتي ٻڌاري،
سھجئون ڪري سواري    پاڻيءَ جو ڪيم ٻسارو.

جاڏي نظر جو ڊرجي    پاڻيءَ بنا نہ ٻسجي،
ڦوٽو لھر مان ٻجي    ناھي لھر نان! نيارو

حاصل ٿي نئين حياتي    موٽي نہ جنھن مماتي
ظاھر ٿيو نُور ذاتي    ھن سيرَ منجھان سارو.

جھاڳي بحر جڙھياسي    ڪاھي ڪِنَ تي رَسياسي.
اُتھون اڳي ھلياسي    ھٿي نينھن جو نغارو.

لنگھي بي خوديءَ جو بندر    جت ڄَم نہ ڪو ڄَماندر،
سپ سير ۾ ٿيو ھي سِرُ    مُورت جو ويو مونجھارو.

ٿيو حال ھيڪڙاني،    "مُسرور" وني بي واني،
جاچي ڏٺو مُون جاني    ڪاملُ آھيان قرارو.

## ڪافي

شمع حسن جا شائق عاشق، ڪاھيو اچن سِر ڪاھَ اَلو.
جَھلڪَ پَسي سِي جَھٽ ٻَٽ ڪن ٿا، صَدقي سِر سِر واھَ، اَلو.
سَھجنون ڪاٽي ڳَجَ ڳِچن جا، اَچن منجھ آزاھَ، اَلو.
وِينا وھنجن تيلَ تَرِيلَ جي، قُربنون مَنجھ ڪَڙاھَ، اَلو.
نِت نِت نئين حياتي پائن، عاشق عاليجاھَ ، اَلو.
مِڙيو پَسن "مسرور" منل ڪي، شَوقوُن شاھنشاھَ ، اَلو.

●

## ڪافي

عـشـقِ جـيِ راھـ اٿاني ڏاڍِي، طالب ٻِرڪڻ بازي ٿي.
حـق حقيقي مـنـزل جـي، پـوري عِـشـق مـجـازي ٿـي.
رَھت انھي، ۾ راز جا واقف، عَجَبُ خِيال اَيازِي ٿي.
ھادِي "بيدل" مُرشد ساڳيو، داتا دُرسُ "دَرازِي" ٿي.
"شِبلي" "شمس" "عَطارُ" اُھوئي، "بُسطامِي" "شِيرازِي" ٿي.
وِحدت وارو ويسھ رکُ ھِڪُ، ھيو سَڀِ ڪوڙ ڪَسازِي ٿي.
عِين اَلله "مُسرور" تون ڄاڻج، غير وجنون ڪِد غازِي ٿي.

●

# شاهه بهاري جو مقبرو

انيس انصاري

تاريخ شاهد آهي تہ مسلمانن فنون لطيفہ ۾ اهي خوبيون پيدا ڪيون آهن جن جو مثال ملڻ مشڪل آهي.

گچ تي ڪم هجي يا اُڪر، سادين سرن جي اڏاوت هجي يا ڪاشي ڪاري، ڪاٺيءَ تي رنبيءَ جو ڪم هجي يا ان تي جڙاءُ، ڌاتن تي ملمع سازي هجي يا مِنَ مينا ڪاري، عمارت سازي هجي يا قلعہ بندي تصويرڪشي هجي يا خطاطي، ڪپڙي جي اُڻت هجي يا قالين بافي، ڳائڻ جو فن هجي يا وڄائڻ جو. شاعري هجيٰ يا نثر نويسي، مطلب تہ مسلمانن جن هنرن ۾ هٿ وڌو انهن کي عروج تي پهچايو.

شروعاتي دور ۾ مسلمان سادگي پسند هئا. اها سادگي خلفائي راشدين جي دور تائين برقرار رهي. ان بعد مسلمانن جن جن ملڪن کي فتح ڪيو اتان جي فن مان نہ رڳو فائدو ورتو پر اُن ۾ تبديليون آڻي ان کي اوج تي پهچايو.

انهن هنرن جي هيئت اهڙي تبديل ٿي وئي جو يورپ ۾ نقش و نگار جي فن کي سڏيو ئي عربيسڪ (Arabesque) ويو.

اسلام جون پهريون عمارتون نهايت ساديون ٺهيل هيون. انهن عمارتن ۾ مسجد نبوي ۽ مسجد قبا وغيره اچي وڃن ٿيون. اسلامي عمارتن تي زيب زينت جو ڪم پهريائين ٦٩١ع ۾ خليفي عبدالملڪ مسجد صخرا تي ۽ خليفي وليد ويهارو سال پوءِ مسجد اقصيٰ ۾ ڪرايو. مسجد نبوي جي نئين سر مرمت (سن ٨٩هه) ڪرائيندي خليفي عبدالملڪ اتي موزيڪ (Mosaic) لڳايا.

مسلمانن ۾ جيئن تہ تصوير ناهڻ جي منع هئي ان ڪري انهن لکڻ جي هنر کي هڪ فن جي صورت ڏني ۽ پنهنجن عمارتن تي ڪوفي اکرن کي سهڻي نموني لکي کين خوبصورت بنائڻ لڳا. ڪوفي اکر سڌين ليڪن گولن ۽ گول جي ننڍن وڏن حصن ۾ لکيا ويندا هئا. ان ڪري اهي عمارتن تي ڏاڍا خوبصورت لڳندا هئا. هنرمندن ان فن کي ترقي وٺائي. پهريائين عمارتن تي جاميٽريءَ جا نقش بنائڻ شروع ڪيا. ڪجهہ وقت بعد مسلمانن پنهنجي مذهبي عمارتن کي ڇڏي ٻين عمارتن ۽ غير مذهبي عمارتن (جهروڪ محلن، حمامن وغيره) کي پکين ۽ جانورن جي تصويرن سان سهڻو بڻايو.

ڪاٺ جي ڪم جي مسلمانن کي اوائلي دور کان ڄاڻ هئي. مسجد نبويءَ جو پهريون منبر رسول خدا صلي الله عليه وسلم جي زماني ۾ ئي بڻايو ويو هو. ان حقيقت مان ظاهر ٿئي ٿو تہ مسلمانن ۾ ڊڪاٺڪو ڪم ڄاڻندڙ ان وقت موجود هئا. آهستي آهستي مسلمان ڪاٺ تي رنبيءَ سان اُڪر ڪري ان تي گل بوٽا ۽ ٻيا نقش نگار بنائڻ لڳا.

هينڊرڪ وليم وان لون پنهنجي ڪتاب "انسان ذات جا فن" ۾ لکي ٿو ته عرب ڪاٺ تي اُڪر ڪندا هئا ۽ هو دروازن ۽ منبرن تي هنرمندي ڏيکاريندا هئا. اهو ڪاٺ تي ڪم سنڌ ملڪ جي سردي گرمي برداشت ڪندو، ڇاڪاڻ ته پنج سؤ سالن بعد به اسان کي پوري طرح بچيل ڏيکاري ٿو ته هو ڪم جا ماهر هئا.

هر قوم جي عمارتن ۾ ڪي خاص اهڃاڻ هوندا آهن جن جي موجودگي، سان ئي اها عمارت سڃاتي ويندي آهي. اسلامي اڏاوت ۾ مناري، محراب ۽ گنبد کي خاص اهميت حاصل آهي.

پاڪ ۽ هند ننڍي کنڊ ۾ اچڻ کانپوءِ مسلمانن عمارت سازي، جي ڪم کي قائم رکيو. جيتوڻيڪ هندستان ۾ سنڌن ٺهرايل اڏايل عمارتن تي اتان جو مقامي اثر صاف ۽ ظاهر نظر اچي ٿو ته به اڏاوت جون بنيادي چيزون اسلامي فن جون عڪاس آهن.

هندستان ۾ جتي هندن جا مندر ۽ رهائشي جايون ٺهيل، سوڙهيون ۽ اونداهيون هونديون هيون، اتي مسلمانن جون مسجدون ۽ رهڻ جا هنڌ روشن، هوادار ۽ ڪشادا هوندا هئا.

ڪيرل جي ڊي ري (Caryl J. Dy Ry) پنهنجي ڪتاب فنون اسلامي (Art Of Islam) ۾ لکيو آهي:

"هندن جون ٺهرايل عمارتون اڏوگابريون پيون لڳنديون آهن ۽ انهن جي اڏاوت جو هنر غير واضح پيو لڳندو آهي. ٻئي طرف مسلمانن جي طرزِ تعمير فن جون خوبيون پڌي ظاهر ڪندي آهي."

اسلامي عمارت سازي، جي حوالي سان جي اسان شاهه بهاري جي مقبري کي ڏسنداسين ته معلوم ٿيندو ته ان ۾ ان فن کي ڇڱي طرح استعمال ۾ آندو ويو آهي.

زماني جي بي قدري، ۽ اسان جي بي توجهي ڪري سنڌ جي آثار جي ختم ٿي وڃڻ ۽ تاريخي شين جي گم ٿي وڃڻ جو وڏو امڪان آهي. شاهه بهاري جو مقبرو به بي توجهي، جو روشن مثال آهي. جيتوڻيڪ آرڪيالاجي، وارا ان مقبري جي مرمت ڪرائيندا آهن، پر ان کي ساڳئي اوج تي پهچائڻ لاءِ اڃا گهڻي توجهه ۽ محنت جي ضرورت آهي.

هينري ڪزنس پنهنجي ڪتاب آثار سنڌ (The Antiquities Of sindh) ۾ لکيو آهي: "لاڙڪاڻي ۾ گهاڙ جي اترئين ڪناري تي شاهه بهاري جي مزار هڪ باغ ۾ ٺهيل آهي" باغ جنهن جو ذڪر ڪزنس ڪيو آهي ان جو موقعي تي وجود ئي ڪونه آهي. مقبري جي چوڌاري ڪلر ڪاڌل زمين ۾ هن وقت قبرون موجود آهن. اها حقيقت آهي ته مقبري کان ڪجهه دوري، تي زيتونن ۽ ڪجين جا باغ آهن، پر انهن باغن جو ان باغ سان ڪوبه واسطو ڪونهِ آهي، جنهن جو ذڪر ڪزنس پنهنجي ڪتاب ۾ ڪيو آهي.

شاهه بهارو ڪلهوڙن جو نامور جرنيل ٿي گذريو آهي. هو بهادر سپهه سالار هو ۽ ڪافي جنگين ۾ شريڪ ٿيو هو ۽ فتحيابي اڪثر سندس قدم چمندي هئي. هو لاڙڪاڻي جي علائقي جو ناظم پڻ ٿي رهيو هو. ان ڪافي قلعا ٺهرايا ۽ جا بجا نهرن ۽ واهن کي کوٽائي آبادي ۾ اضافو آندو.

هي بهادر شخص سن ١١٣٨هه (١٧٢٨_٢٩) ۾ خدا کي پيارو ٿيو ۽ سندس مقبرو هڪ سهڻي هنڌ تي ميان غلام شاهه سن ١٧٧٣ع ۾ ٺهرايو.

سيد خادم حسين شاهه پنهنجي تحقيقي مضمون "لاڙڪاڻي جون قديم تاريخي عمارتون" ۾ شاهه بهاري جي مقبري جي ٺهڻ جي تاريخ هيٺين ڪتبي مان ڪڍي آهي. اهو ڪتبو ٻاهرين دروازي تي لڳل هو:

"عجائب گنبذي در زير گردون
ثريا وار حُسنش جمع گشته است
بود شاهه بهاره صاحبش نام
كودر دنيا بجزنيكي نه كشت است
بهار است اين به گنبد در تماشا
جهان گويد كه اين خرم بهشت است
زتاريخش چو پرسيديم گفتند
هزارو يكصد و هشتادو هشت است. ١١٨٨ هـ

غلام رسول مهر تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا حصي ٻئي ۾ ان ڪتبي کي هيٺين تبديليءَ سان لکيو آهي.

• ڪتبي جي پنجين سٽ ۾ اکر "به" جي بجاءِ ان "نه" لکيو آهي جو وڌيڪ صحيح لڳي ٿو.

مقبري جي اندر محراب تي جو ڪتبو لڳل آهي سو شاهه صاحب هيٺين ريت پڙهيو آهي:

"گنبدِ شاهه بهارا چه زهي نيک سرشت
كاتب از جو دو صفاتش همه بر لوح نوشت
خادمش هوت ز تاريخ عمارت پر رسيد
هاتفش گفت كه وه بيشک محسود بهشت"

ان ڪتبي جي ٻن لفظن کي مولانا مهر پڙهي نه سگهيو آهي ۽ انهن کي خالي ڇڏيو آهي اهي لفظ آهن ٽين سٽ ۾ خادمش ۽ زجي وچ ۾ لفظ (هوت) ۽ چوٿين سٽ ۾ بيشک ۽ بهشت جي وچ ۾ لفظ (محسود)

شاهه بهاري جو مقبرو اسلامي فن تعمير جي پوري عڪاسي ڪري ٿو. جنهن ۾ محراب به آهن، نيلون به آهن ڪاشي ڪاري به آهي ۽ مٿس هڪ وڏو گنبد به ٺهيل آهي.

هي مقبرو ٧٥ چورس فٽ چبوتري تي اڏيل آهي جنهن تي ٣٩ چورس فٽ ويڪري ۽ ٣٧ فٽ بلند اڏاوت ٽيل آهي.

شاهه بهاري جي مقبري جي اڏاوت ڪلهوڙن جي زماني جي تعمير جو هڪ سٺو نمونو آهي. هن مقبري جي ٻن چيزن جو ڪزنس وڏي تشريح سان بيان ڪيو آهي اهي آهن گنبد مٿان اٺ ڪندو روشندان جنهن کي هن صاحب فانوس (Lantern) لکيو آهي ۽ رنبيءَ سان سهٽي طرح ٺُڪ ٽيل ڪاٺ جو دروازو هو لکي ٿو. "فانوس غير معمولي پر سهٽو اضافو آهي جنهن جي هئڻ ڪري ڳوري ڏک ڏيندڙ گنبد وڌيڪ شانائتو ٿو لڳي"

دروازي بابت هي صاحب لکي ٿو. "هي وڏو دروازو ڪاٺ تي ٺُڪ جو نهايت سهڻو مثال آهي. دروازو دستور مطابق ٻن طاقن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ طاق وري ڌهن ڌهن ڀاڱن ۾ ورهايل آهي هرهڪ ڀاڱي ڪي (ربع ذريعي) ٺُڪي منس گل ٻوٽا اباريا ويا آهن. هرهڪ طاق جي چوڌاري حاشيو آهي. دروازي مٿان سل نڪتل گلن ٻوٽن جي ٺڪ تي هڪ ڪاٺ جو محراب دار روشندان آهي جيڪو اسان کي بيجاپور ۾ ٿيل اهڙي ڪم جي يادگيري ڏياري ٿو. اهي گل ٻوٽا ساڳئي نموني جا آهن جي سنڌ ۾ ڪاشيءِ جي سرن تي بنايا ويندا هئا."

اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي ته سنڌ الاجيءَ وارن شاهه بهاري جي دروازي جو نقشو اڳيان رکي هڪ عاليشان دروازو ساڳئيءَ نموني جو تيار ڪرائي پنهنجي ميوزيم کي لڳايو آهي. ان طرح هن فن پاري کي اصلي حالت ۾ نه ته به ان جي سٺي نقل جي صورت ۾ محفوظ ڪيو ويو آهي.

## ڪتابن جا نالا


1. Art Of Islam by Caryl J. Dy Ry
2. The Arts Of Mankind by Hendrik Willem Vanloon
3. The Antiquities Of Sind by Henery Cousens

٤. تاريخ نقش و نگار (اردو) ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي
٥. مساجدِ عالم ڊاڪٽر محمد عبدالله چغتائي
٦. تاريخ سنڌ عهد ڪلهوڙا غلام رسول مهر
٧. چانڊڪا ڊائريڪٽري مرتب احمد خان ڪمال

# اديب جي جانبداري ـ ڪنهن سان ۽ ڇو؟

ممتاز مهر

ليڪڪ جي جانبداري نظرياتي نڪتي کان Relative term آهي. تخليقي ڪاوش جي محرڪات ۾ جانبداري ۽ وابستگي ثانوي حيثيت رکن ٿيون. ڇاڪاڻ ته تخليق ڪنهن فرد يعني تخليقڪار جي جذبن، امنگن ۽ تاثرات جو Spontaneous اظهار هوندي آهي. تخليق جو سمورو عمل Inspiration تي آڌار رکي ٿو. تخليقڪار کي جيڪڏهن Inspire نيٺو هوندو ته هڪ بظاهر معمولي واقعي مثلاً روڊ تي ڪنهن حادثي ۾ مري ويل ٻلي، کي پيل ڏسي متاثر تخليقي اتساهه ونندو ۽ جيڪڏهن Inspire نه ٿيٺو هوندس ته وڏي کان وڏي واقعي يا حادثي کان متاثر ٿيڻ جي باوجود تخليقي اتساهه نه ونندو. تخليقڪار پنهنجي لاءِ اڳواٽ ڪو ضابطه عمل تيار ڪونه ڪندو آهي ته جيئن انهيءَ فريم ورڪ تحت هو رچنائون لکندو وتي. جيڪڏهن تخليقڪار اڳواٽ ان قسم جون حدبنديون پنهنجي لاءِ ٺاهيندو يا ٻين غير اديب افراد جون حد بنديون قبول ڪندو ته پوءِ سندس تخليق جو ڪينواس محدود ٿي ويندو. اهو سوچڻ ئي عبث آهي ته ڪوبه اديب انسانن بجاءِ جنن ڀوتن لاءِ لکندو آهي يا سندس لکڻين ۾ معاشرتي پهلو ڪونه هوندو آهي. جيڪڏهن ڪنهن تخليق ۾ داخليت (جنهن خلاف اڄڪلهه ڪجهه وڏيڪ واويلا مچائي ٿي وڃي) گهڻي هوندي آهي ته اها داخليت به ڪنهن نه ڪنهن انسان جي هوندي آهي ۽ انهيءَ داخليت کي به خارجيت جو رد عمل سمجهڻ گهرجي. جوڻ جو مطلب اهو آهي ته ليڪڪ جنهن معاشري ۾ رهندو آهي ان جي صورتحال کي داخلي يا خارجي ۽ اڪثر گڏيل سڏيل رنگ ڏيئي پيش ڪندو آهي. عام طرح ڏٺو ويو آهي ته اديب گهڻو ڪري وچولي طبقي جا هوندا آهن، اُهي گهڻو ڪري پنهنجي طبقي جي صورتحال ۽ مسئلن کي تخليق جا موضوع بڻائيندا آهن. وچولي طبقي جي جن اديبن جيڪڏهن پورهيت طبقي جي ڪردارن يا انهن جي مسئلن کي پنهنجي تخليقن ۾ آندو آهي ته اُهو هڪ Observer جي حيثيت سان نڪي پورهيتن جي صورتحال مان گذرندڙ فرد جي حيثت سان. نتيجي ۾ اڪثر ڪري اهڙين لکڻين ۾ تصنع جو رنگ چڙهيل هوندو آهي. مان ان قسم جي لکڻين جي سماجي ڪارج کان انڪاري نه آهيان، پر جڏهن انهن لکڻين جو تنقيدي جائزو ورتو ويندو تڏهن سڀني پهلوئن جي تڪ تور ڪئي ويندي. ڪابه لکڻي Powerfull تڏهن ٿي سگهندي جڏهن اُها هيئت ۽ اسلوب به موزون ۽ موثر رکندڙ هوندي. هڪ سٺو تخليقي مواد غير موزون ۽ غير موثر هيئت ۽ اسلوب واري گهاڙيٽي ۾ اچي بي اثر بڻجي وڃي ٿو. باقي رهيو سوال جانبداري ۽ وابستگيءَ جو ته اهو سوال سماج جي ٻين ميدانن ۾ ڪيترو ئي اهم ڇونه هجي گهٽ ۾ گهٽ تخليقي ادب ۾ ثانوي حيثيت رکي ٿو. ڇاڪاڻ ته ليڪڪ لاءِ سڀ کان اهم ڳالهه داخلي يا انفرادي تجربي ۽ اظهار جي آزادي آهي. جيڪڏهن جانبداري، وابستگي يا ڪمٽمنٽ جي رومال ۾ نظرياتي معاملن کي هڪ ضابطي

جي صورت ۾ ليکڪن تي مڙهيو ويو ته پوءِ اديب جو خير ڪونهي، جو ته ان قسم جي ضابطن جا دنيا جي اديبن کي نهايت تلخ تجربا ٿيا آهن ۽ ليڪڪن ان قسم جي ضابطن خلاف مزاحمت به ڪئي آهي. سماج جي تمام باشعور افراد جي حيثيت ۾ اديبن هميشه انساني مسئلن کي ڪنيو آهي، حق ۽ انصاف جي به ڳالهه ڪئي اٿائون، پر اڳواٽ مقرر ڪيل ضابطن عمل تحت نه پر داخلي يا انفرادي تجربي ۽ اظهار جي آزاديءَ کي مقدم سمجهندي، جيڪو اديبن جو بنيادي حق آهي.

ادب جو تخليقي عمل انفرادي عمل هوندو آهي .... هڪ شخص جو عمل هوندو آهي .... انفرادي تجربي/ داخليٰ تجربي جو اظهار هوندو آهي. اديب جڏهن تخليقي اظهار ڪندو آهي تنهن مهل هن جي ذهن ۾ فقط احساس ۽ مشاهدا هوندا آهن نه ڪ دليل. جڏهن ته جانبداريءَ جي عمل لاءِ دليلن جو هجڻ لازمي آهي. تخليقي عمل لاءِ اڳواٽ جانبداريءَ جي فيصلي ڪرڻ جو مطلب ٿيو تخليقي اظهار کي مڪينائيز ڪرڻ. ان قسم جو مڪينائيزڊ تخليقي اظهار صحافيانه قسم جو پرچاري ادب ته بڻجي سگهي ٿو پر اصل، تهدار ۽ زندگيءَ جيان گهرائي رکندڙ نوس تخليقي ادب نه. ڪنهن اديب کي ڪنهن به قسم جي جانبداريءَ جي طابع ڪرڻ جو مطلب اهو ٿيندو ته هن کي قطاريٰ اديبن ۾ شامل ڪرڻ. ٻين لفظن ۾ اديبن کي Regimentation ۾ آڻڻ، تخليقي اظهار جي ڪينواس کي محدود ڪرڻ ۽ يڪرنگو ادب پيش ڪرڻ، جڏهن ته زندگي هڪ رخي ڪانه هوندي آهي بلڪ گهڻ رخي هوندي آهي.

خوشي ۽ غم، اميد ۽ نااميدي، آس ۽ نراس، ڪل پوڳ ۽ روڄ راڙو ڪاميابي ۽ ناڪامي، تنهائي، وڇوڙو ۽ ميلاپ ـ اهي سڀ انساني زندگي ۽ انساني صورتحال جا مختلف تجربا ۽ نمونا هوندا آهن. ڪو اديب زندگيءَ جي ڪنهن هڪ پهلوءَ کي ڪاميابيءَ سان پيش ڪندو آهي ته ٻيو اديب ڪنهن ٻئي پهلوءَ کي. ڏسڻو اهو هوندو آهي ته ڪنهن اديب زندگيءَ جي ڪنهن به پهلوءَ يا پهلوئن کي ڪيتري فنڪارانه ۽ اثرائتي نموني پيش ڪري سگهيو آهي. يونان جا اڳاٽا الميه (Tragic) توڙي طربيه (Comic) ڊراما هاڻي به ايتري ڪشش رکن ٿا جيتري اڳ رکندا هئا. ڇاڪاڻ ته انهن ۾ زندگيءَ جي سچائي بيش ٿيل آهي .... زندگيءَ جي اها سچائي جيڪا سياسي ٽرمونولاجي جي واري جانبداريءَ واري بحث کان گهڻي مٿاهين آهي.

اديب يا ليکڪ سماج جو تمام باشعور فرد هوندو آهي ۽ عام ماڻهن جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ حساس هوندو آهي. هُو زندگيءَ کي Totality ۾ ڏسندو ۽ پيش ڪندو آهي. زندگيءَ کي Totality ۾ سمجهڻ، پروڙڻ ۽ ان کي پيش ڪرڻ هڪ اديب لاءِ چيلينج جي حيثيت رکندو آهي. جيڪڏهن ليکڪ پاڻ سان سچو آهي، پنهنجي وجود جي حوالي سان زندگيءَ جي مڙني لاڳاپن ڏانهن سچائيءَ وارو رخ رکي ٿو ته هُو تخليقي عمل جي انهيءَ چئلينج کي قبول ڪندي، **پنهنجن احساسن** ۽ مشاهدن کي تخليقي روپ ڏيندو رهندو آهي، ان وقت هن اڏو مسئلو جانبداريءَ جو نه هوندو **آهي** بلڪ تخليقي اظهار کي سچائيءَ سان پيش ڪرڻ جو هوندو آهي. تنهن ڪري منهنجي خيال ۾ ادب ۾ جانبداريءَ وارو مسئلو هر لحاظ کان ثانوي درجو ٿو رکي.

تخليقي ادب هميشه انفرادي تجربو هوندو آهي ،يقيناً اهو انفرادي تجربو اجتماعي تجربي جو حصو هوندو آهي. بقول فينن: "جيئن ته انفرادي تجربو قومي تجربو هوندو آهي ۽ جيئن ته اهو قومي وجود جي

زنجير جي ڪڙي هوندو آهي، ان ڪري، اڪيلو، محدود ۽ ويڙهيل نہ هوندو آهي، پر قومي ۽ نيٺ آفاقي صورت ۾ ظاهر ٿيندو آهي."

پر ان قسم جي انفرادي تجربي کي قومي تجربي جو حصو بڻجڻ لاءِ ضروري شرط هيءَ آهي تہ تخليقڪار جو اهو انفرادي تجربو ٺوس سچائي تي ٻڌل هجي، سچائيءَ جو مطلب فوٽوگرافڪ عڪس نگاري نہ بلڪ ذهن ۽ ضمير جي سچائي .... اندر جي سچائي، جنهن کان سواءِ زندگيءَ کي Totality ۾ پرکڻ ۽ پيش ڪرڻ ناممڪن آهي.

اڪثر حالتن ۾ ادبي تخليقڪار هر طرح جي جبر ۽ سخت رسمن جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي تخليقي ڪاوش کي جاري رکندا آهن، تنهن ڪري انهن لاءِ بنيادي مسئلو اظهار جي آزاديءَ جو هوندو آهي نہ ڪہ جانبداري يا غيرجانبداريءَ جو، جاڪاڻ تہ ڦري گهري اها جانبداري سياسي جانبداري ٿي پوندي آهي جنهن لاءِ دليل بازيءَ وارا جواز پيدا ڪرڻا پوندا آهن جڏهن تہ تخليقي عمل دليل بازيءَ وارو عمل ڪونهي، اهو زنده دلي، آزادي، عام انسان کان وٺي فطرت تائين مختلف مظاهر کي سمجهڻ ۽ انهن کي اظهار ڏيڻ جو عمل آهي.

[١٩٨٣ع ۾ ڪراچي ۾ ٿيل هڪ ادبي مذاڪري ۾ پيش ڪيل ويچار]

●

# سفرنامو: هڪ مقبول ادبي صنف

## (هڪ سو سالن ۾ سنڌيءَ ۾ لکيل هڪ سو سفرنامن جو سرسري جائزو)
## (۱۸۹۱ع کان ۱۹۹۱ع تائين)

---

ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي

سفرنامو علمي ۽ ادبي اعتبار کان وڏي اهميت رکي ٿو. هيءَ واحد ادبي صنف آهي جنهن جو تقريباً سڀني اهم معاشرتي علمن سان گهرو تعلق آهي. مؤرخن، سوانح نگارن ۽ جغرافيه دانن هن صنف مان گهڻو فائدو ورتو آهي. انهيءَ سبب جي ڪري دنيا جي سڀني وڏين ننڍين ٻولين جي ساهت ۾ سفر نامن کي اهم مقام حاصل آهي.

"سفر وسيله ظفر" صحيح معنيٰ ۾ ان حالت ۾ ٿي سگهي ٿو جڏهن مسافر پنهنجي سفر ۾ ٻين کي به (پڙهندڙن کي به) شريڪ ڪري، ان طرح ممڪن آهي ته سمورا تجربا ۽ مشاهدا ان طرح بيان ڪجن جو پڙهڻ وارو پاڻ به ذهني طور انهن رستن ۽ گذر گاهن تي گامزن نظر اچي، جن تان سفرنامي جو لکندڙ گذريو آهي.

"سفر نامو لکڻ هر شخص جي وس جي ڳالهه نه آهي. ان لاءِ ضروري آهي ته لکندڙ حالات ۽ واقعات جو گهري نظر سان مطالعو ڪري ۽ گرد و پيش ۾ ڦهليل حسين و جميل دنيا جي رازن کي سمجهڻ ۽ پرکڻ ۽ بيان ڪرڻ جي بي پناهه صلاحيت رکندڙ هجي". (۱)

پراڻن سفرنامن مان هڪ مشهور سفرنامو "ابن بطوطه" (۲) اسان جي سامهون آهي. سفرنامي بابت جيڪي ڪجهه مون مٿي لکيو آهي ان اعتبار کان ڏسبو ته ابن بطوطه جو هي سفرنامو هڪ عهد آفرين ڪارنامو آهي.

ابن بطوطه جڏهن سنه ۱۲۶۶ع ۾ پنهنجي سفر جو آغاز ڪيو ته ان وقت نه ريل هئي، نه موٽر، نه هوائي جهاز. ان زماني ۾ ساموندي سفر ڪرڻ به جان جي جوکي جو ڪم هو.

"ان حالت ۾ بر بر جو هڪ آزاد مزاج نوجوان - ابن بطوطه رخت سفر ٻڌي اٿي هلي ٿو. ۽ پورا ۲۵ سال ساموندي لهرن سان وڙهندو هولناڪ ريگستان مان لنگهندو پُر شور درياهن کي عبور ڪندو فلڪ بوس جبل جهاڳيندو سرڪندو ۽ گسڪندو تن تنها، لرزان ۽ گريزان ڏڪندو ۽ ٻچندو جهنگلن ۽ بيابانن ۽ برفپوش علائقن مان جان بچائيندو پنهنجي عز ۽ ذوق سياحت کي تسڪين پهچائيندو رهيو".

"ديار حجاز جي خاڪ پاڪ چمندو يمن جي دشوار گذار رستن تان لنگهندو مصر، بغداد، شام، عراق، ايران، ترڪستان، بلخ، بخارا، بدخشان، افغانستان، آذر بائيجان ۽ قسطنطنيه جو سير ڪندو انهن ملڪن جي عالمن، تاجرن، حاڪمن، اميرن وزيرن، حڪيمن، اصحاب علم فضل ۽ فنڪارن کان وٺي عام

ماڻهن سان ملندو رهيو. پورا ۳۵ سال سير ڪيائين. سفر ۾ بيماريون به ڪاٽيائين ته جيل به. حاسدن جو به شڪار ٿيو. سندس هي طويل ۽ ضخيم سفر نامو ۽ سادو اندازِ بيان تنهن ۾ هن جا جا نه لکيو آهي ۽ جا جا ڇڏيو آهي. سو سڀ پڙهڻ سان تعلق رکي ٿو. ايتري قدر جو ابن بطوطہ پنهنجو ياڻ کي به نه بخشيو. سفر جي دوران سندس بشري ڪمزورين ۽ تقاضائن بابت ڪانئس سرزد ٿيل لغزشون يا حماقتون ته هو لڪائي ٿي سگهيو. پنجاهہ سال اڳ ساڻس ڪير همسفر هو؟ پر هن پنهنجون ڪمزوريون به برملا ڇٽي ڏنيون آهن. هندستان مان لنگهيو ته سنڌ ۾ به آيو. سنڌ جا ڪيترا ڳوٺ ۽ شهر گهميو ۽ سنڌي ثقافت جي. مهمان نوازيءَ جي تعريف ڪئي اٿس.

## سنڌي ادب ۾ لکيل سڀ کان پراڻا سفرناما

"سنڌي زبان ۾ ڇپيل نثر ۾ لکيل سفرنامو خواجہ محمد حسن جان سرهنديءَ لکيو: "عراق ۽ شام جو سفرنامو." جيڪو ۱۹۱۳ع ۾ ڇپجي پڌرو ٿيو."

نظم ۾ لکيل پراڻو سفرنامو ۱۷۳۰ ـ ۱۷۲۰ جي وچہ ڌاري مخدوم عبدالروف ڀٽي لکيو:

"منارا مير مرسل جا ڏسان ٿل ڏيهہ سڀ ڏوري،
هلي هالا منيان مسڻ، انڙ پور کي ڇڏيان اوري." (۳)

ميمڻ عبدالغفور سنڌيءَ جو خيال آهي ته "ادبي اعتبار کان جيڪڏهن سال ۱۹۴۷ع کي سنڌي سفرنامن جو سال سڏجي ته وڌاءُ نه ٿيندو." (۴)

اڳاٽن سفرنامن ۾ جن جو الطاف شيخ پنهنجي ڪتاب ۾ ذڪر ڪيو آهي تن ۾ ڪجهہ هي آهن:-

مسافريءَ جو مزو ۽ سير جو رنگ — لعل چند امر ڏنو مل ۱۹۱۵ع
سنڌ جو سيلاني — ڀيرو مل مهر چند ۱۹۲۳ع
لطيفي سير — ڀيرو مل مهر چند ۱۹۲۶ع
ڪشمير جو سير نارائڻ داس ملڪاڻي ۱۹۲۶ع
ايران ۽ عراق جو منظوم سفر نامو — سيد ثابت علي شاهہ ۱۹۳۹ع
ڏارجيلنگ جبل جو سير — مرزا قليچ بيگ ۱۹۰۰ع
گوما گتا مارو ڪئناڊا جو سفر نامو — سوامي گووند انند ۱۹۱۳ع

انگريزيءَ ۾ لکيل ڪجهہ پراڻا سفرناما:-

'The art Of travil'

فرنسز گالٽن سنہ ۱۸۷۳ع ۾ ڪتاب لکيو.

ويد مهتا جو ڀارت ۽ نيپال جو سفرنامو.

'Walking through the Indian streets' (1960)

جيمس مچنر، فرامر مورس ۽ آرٿر جا ناولن جي نموني تي لکيل سفرناما به گهڻو مشهور آهن.

ڊامر مورئس جو ڀارت ۽ نيپال جو سفرنامو.

(۵) 'Gore Away – An Indian Journey'

"سڀ کان پراڻو سفرنامو جيڪو مون کي ملي سگهيو سو Codex Colixtus نالي آئيميري بيڪاٻ جو لکيل آهي. جيڪو ١١٣٨ع ڌاري لکيو ويو. جنهن ۾ سانتياگو ڏي زيارت لاءِ ويندڙ مسافرن لاءِ کين راهه ۾ ايندڙ تڪليفن ۽ خطرن کان آگاهه رکڻ لاءِ لکيو ويو هو." لکي ٿو "بابا رستي تي پاڻي پيئندي اهو خيال رکجو جو اسپيني ڌاڙيل کوهن ۽ واهن ۾ زهر وجهيو ڇڏين." (اـ ش)

ٻيو پراڻو سفرنامو ١٧٧٨ع ڌاري لکيو ويو جيڪو فلپ ٿيڪنيسيءَ لکيو.

'Through France and part of Spain'

فلپ ٿيڪنيسي هڪ هنڌ لکي ٿو "مسافرن کي کپي ته پنهن جي سامان سان گڏ ڪي لوهي ڪُنڊا ڪڙا به ضرور کڻن جو اهي ملڪ جتي چوري ۽ خون عام آهن اتي پنهن جي حفاظت لاءِ دروازن کي چڱيءَ طرح بند ڪري سگهجي." (الطاف)

الطاف شيخ اڳئين زماني ۽ هاڻوڪي وقت جي سفرنامن کي مجموعي طور پيش ڪندي لکي ٿو ته "اڳئين زماني جا سفرناما پڙهبا ته انهن ۾ ڊپ جون ڳالهيون ۽ نصيحتون گهڻيون ملنديون ۽ اڄ جي سفرنامن ۾ مزي ۽ دلچسپيءَ جون وڌيڪ نصيحتون. ٻين ٻولين ۾ سفرنامن جو ذڪر ڪندي شيام جنسگهاڻي (ص ٧) لکي ٿو ته "ٻين ملڪي ۽ غير ملڪي ٻولين ۾ ڪافي سفرناما (Travielogue) لکيا ويا آهن هيمنگوي، لارينس اگيپ، راهول سنڪرتياين ۽ نرمل ورما جهڙن ساهتيه ڪارن طرف نهاري ڏسجي ٿو ته سنڌي ادب ۾ سفرنامي جي صنف جي غريبيءَ جو بخوبي احساس ٿئي ٿو. (٦)

سفرنامي بابت ذڪر ڪندي، مشهور اديب ۽ ترجمي جو ڄاڻو جناب وليرام ولڀ لکي ٿو:

"فيوچر شاڪ" ۾ ايلون ٽافلر چيو آهي ته "اڄ جو آمريڪي ١٩١٣ع جي آمريڪيءَ کان لڳ ڀڳ ٽيهوڻو وڌيڪ سفر ڪري ٿو".

اسان جي ننڍي کنڊ جا رهواسي پڻ هاڻي صدين جي ننڊ مان سجاڳ ٿي، روايتون ٽوڙي، سموري دنيا جا ملڪ گهمڻ ڦرڻ لڳا آهن.

انهن کي ڏسي اسان جا ذهين اديب، ليکڪ صحافي ۽ فنڪار پڻ همت ڪري سفر تي نڪري پيا آهن. فرق رڳو ايترو آهي جو ٻيا ناڻي جون خرزينون ۽ پَريون ڀڏي واپس ورن ٿا پر اسان جا فنڪار رڳو محبتون ونڊي، مِٺين يادين سان پر يل سفرناما کڻي موٽن ٿا."

سفرنامو هڪ اهڙو موضوع آهي جنهن تي جيڪو لکندو پنهن جي طور طريقي سان ئي لکندو. رڳو لنڊن جو ئي مثال وٺو سنڌيءَ ۾ اهڙا لنڊن اٺ ڏهه سفرناما ضرور هوندا. پر هر ڪنهن جو بيان ۽ وستار صفا نئون جداگانه. اهو ته مزو آهي.

"جڏهن ويد مهتا جو ڀارت ۽ نيپال جو سفرنامو ١٩٦٠ع ۾ ڇپيو ته اهو ڊام مورس جي ڀارت ۽ نيپال جي سفرنامي کان گهڻو مختلف هو. جيتوڻيڪ اهي ٻئي ليکڪ ۽ صحافي پاڻ ۾ دوست هئا ۽ هڪ ئي وقت ڀارت ۽ نيپال جون گهٽيون گهميا هئا ۽ ماڻهن سان مليا هئا پر سفرنامن ۾ ٻنهين جو مشاهدو ۽ پيش آيل واقعا پاڻ ۾ نٿي مليا." (٧)

"سفرنامو لکندڙ اخبار وارين پاليسين پابندين ۽ مصلحتن کان بي نياز آهي هو اُتي جي عوام جي دلين

جي ڏرڪنن، اڪين جي چمڪ ۽ حسرت ۽ امنگن جي گهراين کي پڙهندڙن تائين پهچائي ٿو. نہ ڪ ڪن اخبارن وانگر پاروٺو ۽ اوباريل پٽُ پيش ڪري ٿو." (٨)

## سنڌيءَ ۾ گهڻا سفرناما لکندڙ اديب:-

سنڌيءَ ۾ سڀ کان گهڻا سفر ناما الطاف شيخ لکيا آهن. يعني سندس لکيل ٣٥ ڪتابن مان ٣٠ تہ رڳو سفرناما آهن. ۽ ٻيا پنج بہ دنيا جي وڏين وڏين زبانن، جپاني، انگريزي، چيني ۽ بنگلہ مان ترجمو ٿيل ڪهاڻيون آهن. مثلاً: "خدا ڏي خط" "انامڪا" ۽ "ماسٽر وريام جو بينڪاڪ وڃڻ". وغيره.

الطاف ١٧، ١٨ سالن جي عمر کان لکڻ شروع ڪيو جڏهن هو اڃا جونيئر شاگرد هو. هڪ Teen ager) ۽ چاٽگام اڪيڊمي ۾ زير تعليم هو ۽ ادبي دنيا ۾ تہ بنهہ گمنام هو ۽ سندس پهريون ڪتاب بہ گمنام هو! يعني "انامڪا" بنگالي زبان ۾ گمنام يا بي نام کي انامڪا چون ٿا.

ان عمر ۾ جڏهن عام طور شاگرد - انسان ، عجيب جسماني ۽ ذهني ارتقا ۽ تبديلن جي ڪري فطري حالات ۽ واقعات کي پنهنجي معصومانہ ۽ محدود سوڊ ٻوڌ موجب سمجهڻ جي ڪوشش پيو ڪندو آهي. ان عمر ۾ الطاف چاٽگام جي چيڙاڪ دريائن ۾ ٻڏندي ٻڏندي بچيو جڏهن تہ ساٿس گڏ همسفر پيو خلاصي وسطڙو سدائين لاءِ درياهي لهرن جو بک بڻجي ويو. ان واقعي تي لکندي "الطاف چيو تہ زندگي هڪ سفر ئي تہ آهي ۽ اسان سڀ مسافر جڏهن بہ جنهن جي منزل آئي تہ هليو ويندو".

ان ڏينهن کان وٺي الطاف اسان کي هر سال نوان نوان سفرناما ڏيڻ شروع ڪيا. سندس پهريون سفر نامو جيڪو وڏي آب تاب سان ٽي ٻيرا ڇپيو ۽ پڻ پاڪستان رائيٽرس گلڊ جو ١٩٧١ جو انعام حاصل ڪيائين.

سو آهي "منهنجو ساگر منهنجو ساحل" (سال ١٩٧١)

ان وقت الطاف اڃا نئون لکندڙ هو پر سندس زبان ۽ لکڻيءَ ۾ شادابي رواني ۽ رومانوي انداز ۽ لطافت ڪيس گهڻو مقبول بنائي ڇڏيو سندس ٢٠ يا ٢٢ سال پراڻي ڪتاب مان چند الفاظ پيش ڪريان ٿو. (ص ٦٣)

"شايد دنيا جو ڪو ملڪ مصر جي حسن جو مقابلو ڪري سگهي. مسڪرائيندڙ سدا بهار مشرقي چهرو اکيون وڏيون ۽ نيري ڏند جهڙيون. انگ انگ ۾ چقمقي ڪشش. مصر جي هر عورت قلوپطرا نظر ايندي. واپسيءَ ۾ ايئر پورٽ تي پني دامو ٿيس تہ دروازي وٽ هڪ دوشيزہ هٿ جو نهيل سامان وڪڻي رهي هئي. ۽ مون کي سڏ ڪري — پنهنجي نهيل تراشيل قلوپطرا ڏي ڏيان ڇڪائيندي پڇيائين: وانٽ قلوپطره؟ 'Want calopatra' مون چيس "مثل يا جيئري؟" منهنجي چوڻ جي نموني مان يڪدم چرچي جو مطلب سمجهي وٺي ۽ شرمائڻ لڳي. مشرقي حيا سندس چهري مان صاف نمايان هو ۽ منهنجي لاڳيتي تڪڻ تي ساہ منجهڻ لڳس ۽ ڏگها ڏگها ساهہ کڻڻ لڳي ۽ سندس ڳچي ۾ سوني زنجير پئي هنس جنهن ۾ بدل نئيڙو هوائي جهاز سندس ڇاتيءَ تي هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو. مونکي زياده دير تائين پاڻ کي تڪيندو ڏسي وڌيڪ شرمانجي وٺي ۽ هوائي جهاز مٿان هٿ رکي پڇڻ لڳي "هوائي جهاز پسند آهي چا، "نہ هوائي اڏو" وڌيڪ چرچو برداشت نہ ڪري سگهي ۽ شرم وچان ڪنڌ پٺ ڏنائين"

ان کان پوء اج تائين الطاف هر سال هڪ ٻه سفرنامو بنا ناغي ڏيندو رهيو آهي جنهن کي نيوفيلڊس جهڙو معياري ادارو وڏي هيج ۽ فخر سان شايع ڪندو اچي ٿو. ۽ هيستائين الطاف جي سفرنامن جو تعداد ٽيهن کان ٽپي ويو آهي ۽ سندس مجموعي صفحن جو تعداد پنج هزار ڇپيل صفحن کان مٿي هوندو. چاليهن پنجيتاليهن سالن جي عمر ۾ ايترا لاڳيتا ڪتاب لکي الطاف نه صرف سنڌين کي سڄي دنيا جي ملڪن سان روشناس ڪرايو آهي، مگر سڄي دنيا ۾ وسندڙ سنڌين کي ٻه هڪ ٻئي جي ڄاڻ سڃاڻ ڏني آهي. جنهن ۾ دنيا جا ڪم و بيش سمورا ملڪ اچي وڃن ٿا. الطاف جا اهي ٽيهه واليوم شيلف ۾ رکبا ته ڄڻ هڪ سفرنامن جي اينسائيڪلوپيڊيا نهي پوندي.

ٻئي طرف الطاف سنڌي ادب جي هن وانجهيل صنف کي ڏسندي ڏسندي هيڏو مالا مال ڪري ورتو آهي، پر هن محنتي اديب کي ڪنهن به سرڪاري يا نيم سرڪاري اداري ڪو اعزاز يا آفرين نامو يا ڪو ايوارڊ يا ميڊل نه ڏنو. نه وري الطاف ڪڏهن پنهن جي ڪنهن سفرنامي جو ڪنهن V.I.P کان مهورت ڪرائي شهرت ماڻي.

پڙهندڙ هن کي هڪ سدا بهار اديب ڪوٺين ٿا. سدائين ڪلندڙ ۽ تيز رفتار لکندڙ.

✓ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو لکي ٿو ته جنهن ليکڪ کي سفرنامي جي ڪري مقبوليت حاصل ٿي سو الطاف شيخ آهي." (٩)

ڪو نوجوان فارين اسڪالرشپ تي ٻاهر ويو ۽ ٻن سالن کان پوء موٽيو ۽ هڪ ٿلهو ٿنبرو سفرنامو به ساڻ هوس. الطاف کي چيائين ته پيش لفظ لکي ڏي. الطاف بنا پيش لفظ لکڻ جي ٻن هفتن کان پوء موٽائي موڪليس ۽ چيائين "هي تنهنجو سفر نامو ڪير ڇپيندو؟ ۽ وري ڪامندو خاڪ؟" تنهنجي پروفيسرن جو تعارف، يونيورسٽي جو باغ سهڻي هاسٽل ۽ بس جا ڪرايا تنهن کي پڙهندڙ ڇا ڪندا؟ پوء پلا ڇا ڪريان؟" "زوراور هن ۾ حسن شباب جو ڪو چسڪو ملائينس. سهڻين ڇوڪرين سان ملڻ ميلاپ گهمڻ ڦرڻ سنمنگ پول ۽ سن باٿ ۾ سنگ سنگ."

مون پڇيس الطاف تنهنجون ڏينهن راتيون گهڻن ڪلاڪن جون هونديون آهن؟ هونئن ته رات ڏينهن ٢٣ ڪلاڪن جا ٿين ٿا پر ان ۾ ڪو نوڪري به ڪري، پنهن جي ٻارن کي به پڙهائي، خطن جا جواب به لکي ڪتابن جا ترجما به لکي، سفرناما به لکي ۽ اخبارن لاء ڪالم به لکي ته پوء ننڊ ڪڏهن ڪري؟ شايد سندس ڏينهن رات ٦٠ ڪلاڪن جا هوندا؟ انسان آهي يا جن! شايد ڪا مرزا قليچ بيگ صاحب جي اوبر پيتي اٿس!!!

الطاف جي لکڻين، سفرنامن ۽ فن تي مڃيل اديبن گهڻي تفصيل سان لکيو آهي جن ۾ حميد سنڌي، طارق اشرف، نورالهديٰ شاه، شمشيرالحيدري ڊاڪٽر سليمان شيخ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ماهتاب محبوب ، فهميده حسين، خيرالنساء جعفري، امر جليل، سحر امداد، نصير مرزا، غلام رباني، علينواز وفائي شامل آهن.

ڊاڪٽر غلام علي الانا الطاف جي سفر نامن تي راءِ ڏيندي لکن ٿا ته "الطاف لڳ ڀڳ سڄي دنيا جو سير ڪيو آهي. هن جيترو دنيا جو سفر شايد ئي ڪنهن سنڌيء جوان ڪيو هجي.

قدرت وٽان مليل انهيءَ موقعي کي سعادت سمجهي الطاف ان کي سجايو ڪيو آهي. سڄي دنيا جي باري ۾ جيترو هن لکيو آهي اوترو شايد ئي ڪنهن لکيو هوندو."

"الطاف هونئن تہ افسانہ نگار جي حيثيت سان اُسريو ۽ ابريو پر نيٺ اڳتي هلي هن سفر نامي واري صنف کي پنهن جي خاص صنف بنايو ۽ ان ۾ ايترو تہ لکيو اٿس جو الطاف شيخ ۽ سفرنامو هڪ ٻئي لاءِ لازم ملزوم ٿي ويا آهن ۽ سنڌي ادب ۾ سفرنامي واري صنف سندس نالي سان منسوب ٿي وئي آهي. هن وقت الطاف هن صنف جو ماهر، مڃيل ۽ مَحان ليکڪ آهي. هنکي خبر آهي تہ پڙهندڙ ڇاٿو چاهي. هن پنهنجي پڙهندڙن جي نفسيات کي سمجهي، انهن کي اهو ڪجھ ڏنو آهي جنهن جي هنن کي تانگھ هئي."

"الطاف جي سفرنامن جو سڀ کان اهم نُڪتو هي آهي جو هو جتي بہ ويو آهي اُتي پنهنجن جا پار پتا پڇيا اٿس، اتي خاص طرح سنڌين جي ڳولا ڪئي اٿس انهن جي ثقافتي زندگيءَ جو نقشو چٽيو اٿس.

سِينگاپور جي سفر نامي ۾ تہ هن سنڌين جي سيپتا جو چٽ دل کي وڻندڙ لفظن ۾ چِٽيو آهي. الطاف جو سفرنامو "ڳالهيون تنهن جهان جون" اينٿراپالاجي (Anthro pology) جي علم جي شاگردنِ لاءِ خصوصاً هڪ تحفو آهي." (١٠)

## ڀارت ۾ سنڌي سفرناما

ڀارت ۾ سنڌيءَ ۾ اٺ ڏهہ سفرناما لکيا ويا آهن تن مان چار پنج تہ تمام پسند ڪيا ويا جيئن لوڪرام ڏوڏيجا جو "سڪارٿو سفر". لکمي کلاڻيءَ جو "من جا محل کنڊر" ۽ موتي پرڪاش جو "سي سڀ سانڍيم ساهہ سان." (١٩٨٩) ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو "جيڪي ڏٺو هو مون."

شيام جنسگهاڻي ڀارت ۾ ڇپيل سنڌي سفرنامن بابت لکن ٿا تہ "معيار جي سلسلي ۾ سنڌيءَ ۾ اسان وٽ ڀارت ۾ هڪ اڌ سفرناما مس آيا آهن. منگهارام ملڪاڻي؛ گ. ل. ڏوڏيجا ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي ۽ لکمي کلاڻي جي سفرنامن جو وڏيڪ ذڪر ٿيو آهي."

پاڪستان جي سفرنامن مان شيخ اياز تنوير عباسي، الطاف شيخ ۽ ماهتاب محبوب جي سفرنامن جو پڻ هن طرف (ڀارت) ۾ وڌيڪ ذڪر ٿيو آهي. ذڪر جو سبب ڪٿي شاعرانہ انيون جي تحرير ۽ گهري سوجھ ٻوجھ آهي ۽ ڪٿي دلچسپ حالات ۽ واقعات جي پيشڪش آهي ۽ ڪٿي جذبا جاڳائيندڙ وطن جي ساروڻي آهي ۽ ڪٿي ماڳهين محض "ڊاڪيومينٽيشن" آهي. صحيح معنيٰ ۾ ڀارت جي سنڌي ادب ۾ هن صنف (سفرنامي) جو وڪاس ٿيو ئي نہ آهي."

"منهنجي خيال ۾ ڀارت جا گهڻو ٿڻو سڀ ئي سفرناما سنڌ جي سفر سير بابت آهن جن ۾ رڳو سنڌ جي سڪ ۽ جذبات نگاري گهڻي آهي. سفرنامي جي بدران رڳو اديبن جون ملاقاتون ۽ دعوتون ۽ گروپ فوٽا ۽ اجرڪون ۽ تحفا آهن ٻيو ڀلا ويچارا ولر کان وچڙيل هندو نماٽا ڪن بہ ڇا؟ انهن جي سفرنامي ۾ بس اهوئي وستار آهي تہ صبح جي نيرن ماهتاب محبوب جي گهر هئي منجهند جي ماني حميد سنڌيءَ جي

سنڌ حڪمت، محبت، ڏاهپ ۽ موسيقيءَ جو ديس هو. پنڊت مائڪ سنڌي هو جنهن کي هارون رشيد خاص طور تي سنڌ مان گهرائي پنهنجي دارالتراجم ۾ سنسڪرت ۽ سنڌي ڪتابن جي ترجمي تي مقرر ڪيو. مائڪ جو پٽ صالح سنڌي هو جنهن طب ۾ هارون رشيد جي درباري طبيب جبرئيل بخشو يونانيءَ کي مات ڏني. بجيڪر، ڪلپ راءِ ، باڪر، ڏاهر، زنڪل ۽ راجا ادبڪل اهي سڀ سنڌي عالم ۽ موسيقار هئا جيڪي سنڌ مان بغداد آيا ۽ نالو ڪڍيائون. (١١) انهن جي سفر جي سرگزشت، احوال ۽ تفصيل تجربا ۽ تحريون ڪنهن نه ڪنهن طرح سفرنامي جي صورت ۾ هوندا.

## سفرنامن جون خواتين ليکڪ:

هيءَ گهڻي همٿائيندڙ ۽ خوشيءَ جي ڳالهه آهي جو سنڌي لکندڙ خواتين جتي ٻين ادبي صنفن مثلاً شعر، ڪهاڻيون، افسانا ناول ۽ ڊرامن ۾ نالو ڪڍيو اتي هنن سٺا سٺا سفرناما به لکيا آهن. ظاهر آهي ته هنن سنڌ کان ٻاهر وڃي دنيا جي ملڪن جو سير سفر ڪيو آهي تڏهن ته پنهنجا تجربا ۽ تاثرات ۽ مشاهده قلمبند ڪري سفرنامو لکيو اٿن. انهن سنڌي اديب ڀينرن ۾ هي نالا سر فهرست آهن:-

١- فهميده حسين "هوائن جي آڌار تي".

٢- ماهتاب محبوب "اندر جنين اڄ" (ڪل ٽي سفرناما لکيا اٿس)

٣- فريده بشير "لنڊن جو سفرنامو"

٤- رشيده حجاب "انور ڪولمبس جي راهه تي".

٥- رعنا شفيق صديقي

"سفرنامن بابت پڙهندڙ پنهنجي خطن ۾ جيڪي لکن ٿا تنهن مان منهنجو اندازو آهي ته هو حقيقت، صداقت ۽ بي باڪيءَ کي گهڻو پسند ٿا ڪن ۽ تبليغ نصيحتون گهٽ ۾ گهٽ سفرنامي جي عنوان هيٺ نٿا چاهين. ايڊوينچرس زندگيءَ جا سنسني خيز انڪشاف شباب و رباب جي چاشني ۽ رومانس جي آميزش کان سواءِ سفرنامو ائين آهي جڻ "خبرنامو"(١٢)

امر جليل لکي ٿو ته الطاف جي سفرنامن جي خوبي رڳو اها آهي ته انهن ۾ ٻين سفرنامن وانگر تبليغ نه آهي."(١٣)

پر مان توهان کي مزيدار ڳالهه ٻڌايان ته طارق اشرف (ايڊيٽر سهڻي) لکي ٿو ته "الطاف جي ڪتابن مان اسان کي اها شڪايت آهي ته ان ۾ رڳو نصيحتون ۽ تبليغ آهي."(١٤)

الطاف شيخ ۽ ٻين سفرنامه نويسن ۾ فرق هي آهي ته ٻيا گهڻو ڪري سڀ سياح انگريزي ٻولي ۽ ترجمان (Inter Preter) جي مدد سان گهمي ٿا اچن مگر الطاف اتي ڪافي وقت رهي انهن جي ٻولي سکي انهن مان رلي ملي هڪ ٿيو وڃي. ان طرح هو اتي جو دل کولي سير ڪري ٿو ۽ دوستيون رکي ٿو. خاص طور بنگال، جاپان، چائنا ۽ ملائيشيا ۾ ته هو سالها سال رهيو آهي. تمام سٺي رواني‌ءَ سان چيني، جپاني، ملئي ۽ بنگالي زبان ڳالهائي سگهي ٿو. ملائيشيا جپان ۽ بينگال جون ڪيتريون لوڪ ڪهاڻيون ترجمو ڪيون اٿس انهن جا ڪيترا ڀاڱا گفتگو ۾ ڪتب آڻي ٿو ته اهوئي سبب آهي جو سندس سفرنامن ۾ اصليت، گهرائي ۽ رونق موجود نظر اچي ٿي.

سنڌي سفرنامن ۾ رڳو الطاف ياڻ نه موکيو آهي پر ٻيا به ڪيترا سفرنامه نگار آهن جن هن صنف ۾ پنهنجو نالو ڪڍيو، توڙي جو سنڌن سفرنامن جو تعداد ڪٿي گهٽ آهي. اهڙن سڻن لکندڙن ۾ "ماهتاب محبوب"، "اندر جنين اچ" ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو "مانوءِ جي ملڪ ۾" ڊاڪٽر سليمان شيخ " سون ورني ڌرتي" فهميده حسين "هوائن جي آڌار تي" عنايت بلوچ، آغا سليم ۽ ٻيا ڪيترا ليکڪ ۽ ليکڪائون هن فن ۾ سرفهرست آهن.

ان جي باوجود اسان جي نئين ٽهيءَ جي اديبن، ڪهاڻيڪارن ۽ نقادن الطاف جي فن ۽ انداز کي گهڻو ساراهيو آهي.

ڊاڪٽر قاضي خادم اردو تبصري ۾ لکي ٿو ته "ڪجهه اديب پنهن جي منفرد انداز نگارش ۽ عجيب موضوعن جي ڪري ديومالائي حيثيت حاصل ڪري وٺندا آهن. سفرنامن جي موضوعن ۾ الطاف شيخ جي شخصيت اهڙي ئي حيثيت رکي ٿي. روزنامه جنگ ڪراچي. ١٦ نومبر ١٩٨٠ع

امر جليل جيو "الطاف دلفريب ڳالهين، کي سادن جملن ۾ پيش ڪري ٿو ۽ غير ملڪي تهذيب ۽ تمدن تاريخ ۽ جاگرافيءَ، کان روشناس ڪرائي ٿو." (بندر بازارون) ۽ حميد سنڌيءَ جي خيال ۾ "الطاف شيخ جا سفرناما هڪ تحقيقي تاثر پيش ڪن ٿا." (ارائونڊ دي ورلڊ)

سڀ ڇوتيءَ جا اديب ڪيس رڳو ساراهين ته ٿا پر ڪيترن ڪڙي تنقيد به ڪئي آهي. جيئن نورالهديٰ شاه مهاڳ ۾ لکي ٿي:

"الطاف شيخ سنڌي ادب ۾ گهڻو لکڻ / ڇيڇڻ / پڙهجڻ وارو ليکڪ آهي. پر اهي ٽيئي نقطا ڪنهن به ليکڪ جي مڃتا لاءِ ڪونه آهن. الطاف سموري سفر يا سفرنامي ۾ پاڻ کي ڪنهن ڪنواري ڇوڪري جيان لوڪ نهار کان بچائي بچائي هلي ٿو. ائين ڇڻ هو پنهنجي ليکڪ جي بولڊنيس جو گلو گهٽي ٿو ڇڏي. بهرحال الطاف شيخ اسان جو اهو ذهين ليکڪ آهي جنهن وٽ سوچ جو اهو وسيع ڪينواس آهي جنهن کي سنڌي ادب جو سفرنامي وارو پاڳو پوري سنڌرتا سان ڇنيل آهي."(١٥)

## اڳيان سفرناما ۽ انهن جو مواد:

"پراڻي کان پراڻو سفرنامو جيڪو هيستائين منهن جي هٿ چڙهيو آهي Codex calixtus نالي آئميري پيڪاڊ جو لکيل آهي ۽ ١٣٣٣ع ۾ ڇپيو آهي. يعني سادا پنج سو سال پراڻو (جڏهن اسان وٽ هندستان ۾ اڪبر اعظم جي فرمانروائي هئي.)

هو سنتياگو ڏي زيارت لاءِ ويندڙ مسافرن کي هوشيار ڪندي لکي ٿو ته "بابا رستي تي پاڻي پيئندي خيال رکجو جو اسپيني ڏاڙيل کوهن ۽ واهن ۾ زهر وجهيو ڇڏين جيئن مسافر بيهوش ٿين ته سنڌن سامان چوراني وٺجي" وغيره وغيره اهڙيون نصيحتون هدايتون انديشا ۽ امڪان: پر ته به ان ۾ دلچسپي ۽ حقيقت نگاري ضروري موجود آهي جيڪا هڪ سفرنامي جي جان هوندي آهي.

هڪ ٻيو پراڻو سفر نامو Through France and part of Spain ۾ فلپ ٿيڪنسي لکي ٿو ته "مسافرن کي کپي ته پنهن جي سامان سان گڏ ڪي لوهي ڪنڊا ڪڙا به ضرور کڻن جو اهي ملڪ جتي چوري ۽ خون عام آهن اتي پنهنجي حفاظت لاءِ دروازن کي سوگهو رکي سگهجي." اهو سفرنامو

گهڻي سامان ڍوئڻ جي سوران گهڻا ماڻهو ته سفر سير کان ئي بان ڪري وهندا هئا." پر اڄڪلهه ته آهن پيرين پيادي يا اٺن گهوڙن جا سفر ۽ انهن جون مصيبتون نه خطرا ۽ انديشا بگهڙن ۽ جهنگلي درندن يا ڌاڙيلن جا. وڏ ۾ وڏ زادِ سفر ۽ به چار وڳا بس. پر اسان جو هڪ يار ننڍي قيصر جو نورمحمد نظاماڻي ته هڪ ئي بت تي پهريل وڳي ۾ ئي نڪري پوندو آهي. بيگ ۾ فقط ڪم جا ڪاغذ ۽ ننڍڙي استري کڻندو آهي."

هو رات جو سمهڻ کان اڳ ڪپڙا لاهي، ڌوئي، رسيءَ تي ٽنگي هيٺان سڪائڻ وجهي ڇڏيندو آهي. ۽ صبح جو پاڻ کان اڳ مٿانئن استري گهماڻي وٺندو اٺن رات جو سمهڻ لاءِ سليپنگ سوٽ ۽ چمپل، بلانڪيٽ، ٽوال صابڻ شيونگ جو سامان ته اڄڪلهه دنيا جي هر هوٽل ۾ آيل مسافر کي مهيا ڪيو وڃي ٿو."

ممتاز اديب جناب علي احمد بروهيءَ چيو ته اڳئين زماني ۾ هڪ سنڌي عالم جيڪا به سنڌي خاتون واندي ڏسندو هو ته ان جو ڪنهن نه ڪنهن عرب بزرگ سان نڪاح ڪرائي ڇڏيندو هو.

اهڙيءَ طرح الطاف شيخ به جنهن به ملڪ جي بازار مان لنگهندو آهي ته ڪيس ڪم از ڪم هڪ هوٽل وارو سنڌي ۽ هڪ سنڌي هندو دوڪاندار ضرور ڏسڻ ۾ ايندو آهي ۽ وري ڪنهن به ملڪ جي گهٽين مان گهمندو آهي ته خوشقسمتيءَ سان ڪنهن نه ڪنهن گهٽيءَ مان ڪيس هڪ سنڌي ڇوڪري ضرور ڏسڻ ۾ ايندي آهي. سڃاڻيندو ائين آهي جو سندس منهن ويڙهل جوٽي چڪيل ۽ مٿي تي رئو هوندو اٿس ۽ شاهه جو بيت

"آءُ راڻا رهه رات تنهنجي چانگي کي چندن چاريان"

جهونگاريندي ويندي آهي."(١٦)

## سنڌ ۾ سفرنامي جي تاريخ:

ر "هونئن سنڌ ۾ سفرنامي لکڻ جي شروعات گهڻو آڳاٽو ٿيل ٿي ڏسجي. مثين شاهه عنايت، شاهه عبداللطيف ۽ خليفي نبي بخش لغاري جي چيل سر ساموندي ۽ سريراڳ جي ڪن بيتن مان منظوم ساموندي سفرنامن جو اهڃاڻ پيو پاسي. توڙي جو انهن جي پڙهڻ سان سفرنامي جي پوري اڄ نٿي اڃهامي، پر پوءِ به ساموندين جي سفر، انهن جي وڻج ۽ ٻيڙين بابت معلوماتي مواد ذهن تي ترڀو اڃي"(١٧)

پڻائي گهوٽ اسان کي ڪيئي ٻيڙياتن ۽ ٻيڙين تي سفر جون ڳالهيون ٻڌايون آهن ته ڪهڙي طرح غوراب پراڻي ديسان ديس مال سان ڀريل ٻيڙيون هاڪاريندا هئا ۽ ستار سبحان جي ٻاچهه سان لٺونگن، الاچين ۽ زانفران سان ٻيڙا ڀري واپس ورندا هئا. سفر سنڌين جي رڳن ۾ سمايل آهي ان کان پوءِ سنڌ جي سنڌ ورڪين (سنڌ ورڪي) ڏيهان ڏيهه ڏور وڃي ڪوئيون ڪوليون ۽ وڻج واپار ڪيا. هاڻ ته وڏا جهاز ٿي پيا آهن، جي هر وقت دنيا جي چوڌاري پيا ڦرن، سامان ڍوئين ۽ هاڪارين. انگريزن جي دور ۾ اسان جي ملڪ جا خلاصي ته گهڻي هئا پر جهاز رانيءَ جا ڪپتان ۽ وڏا آفيسر انگريز هئا. آزادي آئي ته وڏو فرق آيو. سنڌين به ان ڏس ۾ پاڻ ملهايو. اسان جو الطاف شيخ به ڪيتري عرصي کان بحريه ۾ چيف انجنيئر آهي "مالا ڪند" جهڙو پربت کي شرمائيندڙ مڪمل ايئرڪنڊيشنڊ جهاز هلائي ٿو.

"شاهہ جو سر سامونڊي پڙهڻ سان اهو واضح ٿيو وڃي ٿو تہ اهو سر شاهہ صاحب رح جي اوائلي دور جو لکيل آهي. جڏهن شاه صاحب جن سير ۽ سفر ۾ هئا "پهرنين زماني ۾ سفرناما جاگرافيڪل حدن کان شروع ٿيندا هئا ۽ آهستي آهستي تاريخ جي وهڪري ۾ جذب ٿي ويندا هئا."(١٨)

ماضيءِ جو مسافر مستقبل جو تاريخدان ٿي ويندو هو. پر اڄڪلهہ جي زماني جو حال ڪجهہ ٻيو ٿي آهي. سائنس جي تيز رفتاريءِ اوڀر ۽ اولهہ، ڏکڻ ۽ اتر جي واڳن کي ڇڪي اهڙو ڪٺي سوڙهو ڪيو آهي جو وقت ۽ فاصلي جو وجود لڳاتار گهٽبو وڃي.

هاڻ فاصلي جا ماپا ارضي گهٽ ۽ نظرياتي وڌيڪ ٿيندا ٿا وڃن. اهڙيءِ طرح مسافر بہ پنهن جي اک سان گهٽ ۽ عينڪ سان وڌيڪ ٿو ڏسي.

ان عينڪ جا شيشا نيويارڪ ۾ ٺهيا هجن يا ماسڪو ۾ انهن جي حساب موجب ڪجهہ دنيا ڳاڙهي سرخ تہ ڪجهہ دنيا اڇي سفيد نظر اچي ٿي. باقي ڪاري اونداهي.

لنڊن جي اک سان ڏسو يا پيرس جي اک سان انهن سڀني جي نظر ۾ آفريقا ڪارو ۽ ايشيا پيلو ٿي رهندو.

ڳاڙهي ۽ اڇي جي ملاوت ۾ حسن آهي. نزاڪت آهي ۽ خوشبوءِ آهي. ڪاري ۽ پيلي جي ملاوت ۾ جدوجهد جي ڊوڙ ۽ ڊڪڙ؛ محنت جو ٽڪ ۽ پگهر جي ڊپ آهي. رنگ ۽ ڊپ جو هي مونجهارو هڪ عام مسافر يا (سفرنامو لکندڙ کي) سخت ذهني انتشار ۾ وجهيو ڇڏي."(١٩)

ڪي ورلي مسافر آهن جيڪي ان خلفشار جو شڪار تا ٿين. انهن کي ڪنهن قسم جي عينڪ جي ضرورت نہ آهي. اُهي جيڪي ڪجهہ ڏسن ٿا پنهن جي ني اک سان ڏسن ٿا ۽ جيڪي ڪجهہ لکن ٿا پنهن جي ني مس سان. ۽ منهن جي خيال ۾ ڪامياب سفرنامو لکڻ لاءِ اها بيحد اهم ڳالهہ آهي."(١٩)

## سفرنامي جو لائبري ڪوڊ:- (سڀني ٻولين لاءِ يڪسان)

سفرناما پڙهندڙن جي سهولت لاءِ مون اهو مناسب سمجهيو آهي تہ ڪين لائبري ڪوڊ نمبرن کان واقف ڪري ڇڏيان. گذريل ڇهہ ني مهينا مون مختلف لائبررين مان سفرنامن جا ڪتاب وٺڻ ۽ پڙهڻ ۾ لڳايا تہ مون کي ان ڳالهہ جو تجربو ٿيو تہ ڪوڊ نمبر معلوم هئڻ جي صورت ۾ ڪهڙي بہ وڏي لائبريءِ مان ڪتاب آسانيءِ سان ڪيائي سگهجن ٿا.

عام طور دنيا جي هر لائبريءِ ۾ سفرنامن (Tranvilogue) لاءِ ٩١٠ ڪوڊ نمبر آهي جيڪو دراصل جنرل جاگرافي ۽ سفرنامي جو نمبر آهي دنيا جي مشهور ڊيوي ڊسمل ڪلاسيفڪيشن(٢٠) موجب سفرنامن جي ترتيب جنهن طرح سمجهايل آهي سا ڪجهہ هن طرح آهي:

سامونڊي سفرنامن لاءِ Collected Voyages of Adventures 0.453

سفر جا تفصيلات Accounts of Journey or travil 0.4

يورپ جو سفرنامو Geography of travil in Europe 914

ايشيا جو سفرنامو Geography of travil in Asia 915

آفريقا جو سفرنامو Geography of traivl in Africa 916

نارٿ امريڪا Geography of travil in North America 917
سائوٿ آمريڪا Geography of travil in South America 918
دنيا جا ٻيا حصا Other Parts of World 919

مان سمجهان ٿو ته سفرناما لکندڙ سنڌي اديبن مان الطاف شيخ کي اهو اعزاز حاصل آهي جو سندس ڪتابن مان ڪن جا بين الاقوامي شهرت رکندڙ لائبريري پبلشرن مثلاً منڪ گراهل وارن ڪيٽ لاگ ڪارڊ ٺهرايا آهن جن تي سڄي دنيا جي لائبررين لاءِ يڪسان ڪوڊ نمبر درج آهن.

ڪي ڪي ماٺهو سفرنامي ۾ ناقابل- يقين حد تائين مبالغي کان ڪم وٺن ٿا ۽ پڙهندڙن کي شايد احمق سمجهن ٿا ۽ سمجهن ٿا ته جتان آئون ٿي موٽيو آهيان اتان ايندڙ صديءَ تائين وري ورلي ڪو ويندو يا ورندو. جيئن مثلاً هڪ اخبار ۾ لکيل سفرنامي ۾ مون ڏٺو ته هن ملڪ ۾ ٻڪرين جو قد ايترو ننڍو آهي جيترو ٻلين جو. ان حساب سان هڪ ٻڪريءَ جو گوشت گهٽ هوندو آهي ۽ مرغيءَ جو وڌيڪ. ٻلي ۾ ٻلي ٻڪري هڪ گلاس کير جو ڏني ٿي. خبر ناهي ان سفر ڪندڙ اهي ٻڪريون ڪٿي ڏٺيون. ڪينگرو جا ٻچا ننڍا ٿيندا آهن پر اهي ته صفا ننڍا ٿين ٿا جو قدرت انهن لاءِ خطري جي وقت ۾ وري ماءُ جي پيٽ ۾ دوڙي وڃي لڪڻ جو بندوبست رکيو آهي. باقي ٻڪرين بابت ته اسان نه ٻڌو نه ڏٺو. خبر ناهي ته اهو سفرنامو ٿيو يا سندس مزاج جو مسافرنامو.

هن خبر کي ٻڌي مون کي الطاف شيخ جو شڪار بابت مضمون ياد ٿو اچي جنهن ۾ هو لکي ٿو ته "اڄڪلهه شڪار بابت اهڙا مضمون ڊائيجيسٽن ۾ ڇپجن ٿا جو جيڪڏهن شينهن پاڻ اهي ڊائيجيسٽ پڙهن ته هوند کلي کلي کيرا ٿي پون."

هن تحقيقي مقالي ۾ هڪ سوهڪ ١٠١ ڪتابي صورت ۾ ڇپيل سفرناما ۽ ٻياڇويهه ڪن رسالن ۽ اخبارن ۾ قسطوار ڇپيل سفرنامن جي لسٽ شامل آهي جيڪي ڪم و بيش گذريل هڪ صديءَ ۾ ڇپيا آهن. ٿي سگهي ٿو اجا ڪيترا مون کان رهجي ويا هجن جن جي پڙهندڙ اميد ته نشاندهي ڪرڻ فرمائيندا. انهيءَ هڪ سئوستيهه سفرنامن کي بنياد بنائي مون سفرنامي جي صنف جي چند ڇاڻ ڪئي آهي ۽ پڻ مقالي کي ڪوشش ڪري مختصر کان مختصر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم. جيڪو تقريباً ٨ ـ ٩ مهينن جي لاڳيتي محنت جو نتيجو آهي.

مون کي اميد آهي ته هيءَ محنت پڙهندڙن تائين پهچي ويندي ۽ مان سندن راءِ ۽ مشورن جو منتظر رهندس.

## سفرناما:

| | | |
|---|---|---|
| ١ـ زيارت نامو سعودي عرب جو سفرنامو قافلن سان گڏ (مولود جي مواد ۾) | مخدوم عبدالروف ڀٽي | |
| ٢ـ ڏاڙهياري جبل جو سير | مرزا قليچ بيگ | ١٩٠٠ع |
| ٣ـ زيارت نامو ساموندي سفرنامو ايران ۽ عراق (مرثيه جي مواد ۾) | سيد ثابت علي شاهه | ١٩٣٩ع |

| | | |
|---|---|---|
| ٤- ڪوماگتا مارو (ڪئنادا جو سفر نامو) | سوامي گوونِد آنند | ١٩١٣ع |
| ٥- ڪشمير جو سير | نارائڻ داس ملڪاڻي | ١٩٢٦ع |
| ٦- مسافريءَ جو مزو | لالچند امر ڏنومل | ١٩٢٣ع |
| ٧- سنڌ جو سيلاني | پيرومل مهر چند | ١٩٢٣ع |
| ٨- گجرات جو سئر | نارائڻ داس رتن مل | ١٩٣١ع |
| ٩- هند جو سئر (تصويرن سان) | منوهر داس ڪوڙو مل | ١٩٣٩ع |
| ١٠- دنيا جو چڪر | سيٺ گنگارام تلڪ چند سنڌ ورقي | ١٩٣٦ع |
| ١١- سنڌ جو سير ۽ ميلا (منظوم) | پروفيسر هاسانند | ١٩٣٦ع |
| ١٢- ڪشمير جو سفرنامو گيان ياترا | سوامي پوڌراج | |
| ١٣- سير ڪوهستان | الهه بچايو يار محمد سمون | ١٩٣٢ع |
| ١٤- مسافر حجاز | بدر دراني | ١٩٥٠ع |
| ١٥- هردوار جو اتهاس | روچيرام چيترام | ١٩٣٨ع |
| ١٦- سکر جو سونهارو | پرسرام مسند | ١٩٣٢ع |
| ١٧- سنڌ جو سفر | قادر بخش نظاماڻي | ١٩٣١ع |
| ١٨- تندي آدم جو اتهاس | ارجن سڪايل | ١٩٥٦ع |
| ١٩- گليور جو سير ۽ سفر | ترجمو: مرزا قليچ بيگ | ١٩٣١ع |
| ٢٠- دور مشرق | تيرٿ سانولاڻي | ١٩٣٣ع |
| ٢١- سفر يورپ جي ڊائري | قاضي عبدالمجيد عابد | ١٩٦٠ع |
| ٢٢- سنڌ جي درٻار | جميس برنس ترجمو: محمد حنيف صديقي | ١٩٦٣ع |
| ٢٣- سنڌ ڪان سوات تائين | مس زيڊ. اي. شيخ | ١٩٦٣ع |
| ٢٤- رهاڻ | جي. ايم. سيد | ١٩٦٣ع |
| ٢٥- سير ۽ سفر (خطن رستي آمريڪا جو سير) | پروفيسر سيد غلام مصطفيٰ شاهه | ١٩٦٥ع |
| ٢٦- ابن بطوطه جو سفر (هندستان ۽ سنڌ بابت) | مترجم: محمد ابراهيم عباسي | ١٩٧٦ع |
| ٢٧- منهنجو ساگر منهنجو ساحل (آمريڪا جو سفر نامو) | الطاف شيخ | ١٩٧٦ع |
| ٢٨- سڪارتو سفر | لوڪرام ڏوڏيجا | ١٩٧٦ع |
| ٢٩- لاڙ جو سير | الهه بچايو يار محمد سمون | ١٩٨ع |
| ٣٠- بندر بازارون | الطاف شيخ | ١٩٧١ع |
| ٣١- سنڌ ۽ بلوچستان جو سير سفر | هينري پاٽنجر ترجمو: محمد حنيف صديقي ۽ سومار علي سومرو | ١٩٧٥ع |
| ٣٢- وايون وڻجارن جون | الطاف شيخ | ١٩٧٦ع |
| ٣٣- سير ريگستان | محمد اسماعيل عرساڻي | ١٩٧٣ع |
| ٣٤- سون ورني ڌرتي (لبيا جو سفرنامو) | ڊاڪٽر سليمان شيخ | ١٩٧٦ع |
| ٣٥- ارائونڊ دي ورلڊ | الطاف شيخ | ١٩٧٩ع |
| ٣٦- ڪويت ڪنارا | الطاف شيخ | ١٩٨٠ع |
| ٣٧- مانوءَ جي ملڪ ۾ | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ١٩٧٢ع |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٣٨ـ | جاني تہ جهاز ۾ | الطاف شيخ | ١٩٧٢ع |
| ٣٩ـ | ڇا جو ديش ڇا جو وديش؟ | الطاف شيخ | ١٩٧٣ع |
| ٤٠ـ | پيار جي ڳُهڻ | الطاف شيخ | ١٩٧٣ع |
| ٤١ـ | سي ٽي جوين ڏينهن | الطاف شيخ | ١٩٧٤ع |
| ٤٢ـ | ڏور ڀمر ڏيساور | عبدالحي پليجو | ١٩٧٥ع |
| ٤٣ـ | جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي<br>سندر بن جو سير | شيخ اياز | ١٩٧٥ع |
| ٤٤ـ | مون لينن جو ڏيهہ ڏٺو | شيخ عزيز | ١٩٧٥ع |
| ٤٥ـ | سي ٻيڙيون رکين پاڃهہ سين | الطاف شيخ | ١٩٧٦ع |
| ٤٦ـ | دينا آهي ڪاڪ محل | الطاف شيخ | ١٩٧٥ع |
| ٤٧ـ | سمونڊ جن ساٿيهہ | الطاف شيخ | ١٩٧٢ع |
| ٤٨ـ | سمونڊ جي سيوين | الطاف شيخ | ١٩٧٣ع |
| ٤٩ـ | آمريڪا جو سير | ڪريم ڏنو راڄپر | ١٩٧٣ع |
| ٥٠ـ | سنڌڙي تي سڌ ي | گرڌاري لال | ١٩٨٢ع |
| ٥١ـ | نئون ابن بطوطہ | محمد خان سيال | ١٩٨٠ع |
| ٥٢ـ | سانباهو سمونڊ جو | الطاف شيخ | ١٩٨٠ع |
| ٥٣ـ | هيو سانگ جو برصغير جو سفر | ابراهيم خشڪ | ١٩٨٢ع |
| ٥٤ـ | ڳالهيون تنهن جهان جون | الطاف شيخ | ١٩٨٢ع |
| ٥٥ـ | هوائن جي آڌار تي (دبئي، جرمني، فرانس ۽ آمريڪا) | فهميده حسين | ١٩٨١ع |
| ٥٦ـ | جهان رس | الطاف شيخ | ١٩٨٢ع |
| ٥٧ـ | بهترين سفرناما | الطاف شيخ | ١٩٨٣ع |
| ٥٨ـ | لنڊن جو سفرنامو | فريده بشير | ١٩٨١ع |
| ٥٩ـ | جهان جن جي جيءَ سان | الطاف شيخ | ١٩٨٣ع |
| ٦٠ـ | سڪ جو سفر | عبدالڪريم لغاري | ١٩٨٢ع |
| ٦١ـ | ديس پرديس (ڀارت جو سير) | سليم قريشي | ١٩٨٢ع |
| ٦٢ـ | رنگا رنگ مليشيا | | ١٩٨٣ع |
| ٦٣ـ | موج نہ سهي مڪڙي | الطاف شيخ | ١٩٨٤ع |
| ٦٤ـ | من جا محل ڪنڊر | لڪمي ڪلاٿي | ١٩٨٤ع |
| ٦٥ـ | ديسين وٽ پرديس ۾ | عمر قاضي | ١٩٨٤ع |
| ٦٦ـ | ڏوري ڏوري ڏيهہ (لنڊن ڪوالالمپور ۽ سينگاپور) | تنوير عباسي | ١٩٨٤ع |
| ٦٧ـ | پرين جي پرديس | عنايت بلوچ | ١٩٨٤ع |
| ٦٨ـ | هو جي وڻ ولات جا (آمريڪا جو سفرنامو) | عبدالحي پليجو | ١٩٨٤ع |
| ٦٩ـ | اپٽي ڳهوٽ تہ نشا تيوني (سڪارتو سفر جو نئون ڇاپو) | لوڪرام ڏوڏيجا | |
| ٧٠ـ | سفر من اندر | نصير مرزا | ١٩٨٦ع |
| ٧١ـ | جيڪي ڏٺو هو مون (روس جو سفر) | ڪيرت ٻاٻاڻي | ١٩٨٥ع |

| | | |
|---|---|---|
| ٧٢ ـ سگهارو هماليہ ـ هيٺا ماٺهو | فقير محمد لاشاري | ١٩٨٥ع |
| ٧٣ ـ ڪوالالمپور ڪچھ ڪوهہ نيپال جو سفرنامو | الطاف شيخ | ١٩٨٦ع |
| ٧٤ ـ انگلنڊ جا اڍائي سال | لعل جوڻيجو | ١٩٨٦ع |
| ٧٥ ـ نائيجيريا ۾ سورهن سال | ڊاڪٽر احمد علي قريشي | ١٩٨٧ع |
| ٧٦ ـ سُرهي سُرهي سار | ماهتاب محبوب | ١٩٨٧ع |
| ٧٧ ـ سامي سفر هليا | ڊاڪٽر نواز علي شوق | ١٩٨٧ع |
| ٧٨ ـ قدم ڪاپڙين جا | فقير امداد علي سرائي | ١٩٨٧ع |
| ٧٩ ـ دنگي، منجھ دريا | الطاف شيخ | ١٩٨٧ع |
| ٨٠ ـ مڪلي، کان ملاڪا تائين | الطاف شيخ | ١٩٨٧ع |
| ٨١ ـ پرديسي ڪهڙا پرين | عنايت بلوچ | ١٩٨٧ع |
| ٨٢ ـ سينگاپور ويندي ويندي | الطاف شيخ | ١٩٨٦ع |
| ٨٣ ـ جت جر وهي تو جال | الطاف شيخ | ١٩٨٨ع |
| ٨٤ ـ اندر جنين اڄ | ماهتاب محبوب | ١٩٨٧ع |
| ٨٥ ـ چين جو سفرنامو | عبدالقادر جوڻيجو | ١٩٨٨ع |
| ٨٦ ـ جيڪي ڏٺو هو مون | ڪيرت ٻاٻاڻي | ١٩٨٥ع |
| ٨٧ ـ رنگا رنگ ملائيشيا | الهہ ورايو اداسي | ١٩٨٣ع |
| ٨٨ ـ موج نہ سهي مڪڙي | الطاف شيخ | ١٩٨٤ع |
| ٨٩ ـ راهون چنڊ ستارا | ماهتاب محبوب | ١٩٨٩ع |
| ٩٠ ـ ڳالهيون آهن ڳچ | الطاف شيخ | ١٩٨٩ع |
| ٩١ ـ ويرانين جو اوپن اينر ٿئيٽر | نصير مرزا | ١٩٨٩ع |
| ٩٢ ـ ونڊسر محل جو مسافر | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ١٩٩٠ع |
| ٩٣ ـ سي سي سانڊيم ساهہ سين | موتي پرڪاش | ١٩٨٩ع |
| ٩٤ ـ روس جو سير | جواهر لال نهرو ترجمو: آزاد قاضي | ١٩٩٠ع |
| ٩٥ ـ آمريڪا ۽ يورپ جو سفرنامو | علي مير شاهہ | ١٩٩٠ع |
| ٩٦ ـ ٿي مسافر ٿي ڏينهن | اختر بلوچ اياز لطيف ۽ مريم | ١٩٨٩ع |
| ٩٧ ـ جرني ٽو بينڪاڪ | الطاف شيخ | ١٩٩١ع |
| ٩٨ ـ واهہ واهہ ملائيشيا | عزيز راهي | ١٩٩١ع |
| ٩٩ ـ دنيا پنهنجي ديس پرايا | اياز لطيف پليجو | ١٩٩١ع |
| ١٠٠ـ لنڊن تنهن جا ڪيڏا روپ | طارق عالم ابڙو | ١٩٩١ع |
| ١٠١ـ ترورا (چنڊ بہ ٽڪرا) | تنوير عباسي | ١٩٨٨ع |

## رسالن ۽ اخبارن ۾ قسطوار ڇپيل سفرناما

ڪتابي صورت ۾ ڇپيل سفرنامن کان علاوه اسان جي سنڌي رسالن ۽ اخبارن پڻ سٺن سٺن اديبن جا سفرناما ڇپيا آهن جن مان ڪي هي آهن:

| | | | |
|---|---|---|---|
| ١ـ | ڪولمبس جي دنيا کان | رشيده حجاب انور | ماهوار "سوجهرو" ۾ |
| ٢ـ | سينگارپور جو سير | آغا سليم | سهٺي رسالو حيدرآباد |
| ٣ـ | انگلنڊ جو سفر | علي نواز وفائي | روزانہ هلال پاڪستان |
| ٤ـ | "هو جي پهڻ پب جا" | مشتاق باگاڻي | |
| ٥ـ | هندستان کان آمريڪا جو سفر | ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ | ٽماهي مهراڻ جام شورو |
| ٦ـ | چين جو سفر | سراج ميمڻ | روزانہ هلال پاڪستان |
| ٧ـ | سينگاپور جو سير | دستگير ڀٽي | روزانہ هلال پاڪستان |
| ٨ـ | دنيا جو سير | ڪئپٽن ايس. ايم عالم | هفتيوار آزاد ڪراچي |
| ٩ـ | رومانيہ جو سفر | ڊاڪٽر انور پٺو | ماهوار گل ڦل جام شورو |
| ١٠ـ | ٿر جو سفر | خان محمد پنهور | روزانہ عبرت حيدرآباد |
| ١١ـ | آمريڪا جو سير | نور احمد نظاماڻي | ماهوار بادل |
| ١٢ـ | دريائن جو ديس (بينگال) | الطاف شيخ | ماهوار بادل |
| ١٣ـ | سعودي عرب | الطاف عباسي | ماهوار سوجهرو |
| ١٤ـ | ڏيهہ پرڏيهہ | منير چانڊيو | هفتيوار برسات |
| ١٥ـ | انگلنڊ جو سفر | غلام رسول ڪلهوڙو | ماهوار "اديون" |
| ١٦ـ | سچڻ سفر سان | محمد هاشم ٿٽوي | روزانہ هلال پاڪستان |
| ١٧ـ | جتان سج ڪني ڪيندو آهي | ڊاڪٽر غلام علي الانا | ماهوار پارس |
| ١٨ـ | ڪاغان ماٿري، جو سير | ڊاڪٽر محمد اسحاق ابڙو | ٽماهي مهراڻ ١٩٨٣ع |
| ١٩ـ | ڪوئيٽا ذي قرب سان | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو | ماهوار نئين زندگي ١٩٧٩ع |
| ٢٠ـ | سنڌ تاريخ ۽ ثقافت جي آئيني ۾ | ڊاڪٽر عابد لغاري | |

٢١ـ ميمڻ عبدالغفور سنڌي. "سنڌي ادب ۾ سفرناما. ڇهہ ماهي سنڌي ادب" ٨٥-١٩٨٣ع سنڌالاجي ـ ڄامشورو

٢٢ـ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو. سنڌي ادب جي مختصر تاريخ: ٻيو ڇاپو ١٩٨٠ع

٢٣ـ ڊاڪٽر عبدالرحمان قريشي. "سنڌي ادب ۾ سفر ناما" نئين زندگي، ماهوار ڪراچي، جولاءِ ١٩٧٨ع

٢٤ـ الطاف احمد شيخ. سنڌي ادب ۾ سفرنامن جو تنقيدي جائزو. ١٩٨٥ع سيمينار لائبرري سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو.

## اردو ڪتاب:


١- ابن بطوط ڪا سفر نامہ

٢- رئيس احمد جعفري ندوي. مسلمان سياح ۽ انهن جا سفرناما. نفيس اڪيڊمي ١٩٦١ع ڪراچي

٣- بيگم اختر رياض الدين. "سات سمندر پار" ١٩٦٣ع پيش لفظ قدرت الله شهاب.

٤- ڊاڪٽر قاضي خادم پروفيسر. "سنڌي ادب ڪا سنده باد جهازي" روزانہ جنگ ١٣- نومبر ١٩٨٠ع

٥- "نئي دنيا - پراني دنيا" س - فرخ

٦- عبدالمجيد خان - سفرناما

٧- ابن انشاء - دنيا گول هي


## انگريزي ڪتاب:


8. I travilled a lonely land by Nina Iulliam
9. The Temple Tiger by Tim Corbete
10. Lenangarded to Samarkand by Isphani
11. The Adventures of Maud, by Alan Neame
12. The World revisited by Stephan – long Street.


# فوٽ نوٽ

(١) محمد اقبال گاهند هري - سفرنامو ابن بطوط حصہ اول (اردو ترجمو) رئيس احمد جعفري "مسلمان سياح ۽ انهن جا سفرناما" مقالي تان ورتل ١٩٦١ ص ٣

٢- ابن بطوط طنجير جي شهر ۾ ١٣٠٣ع ۾ ڄائو هو. سندس نالو محمد بن عبدالله هو ابن بطوط سندس خانداني لقب هو. سندس خاندان اڃا به موراڪو ۾ موجود آهي سفر تان موٽڻ تي موراڪو جي هڪ شهر جو قاضي مقرر ڪيو ويو. ٢٥ سالن جو جوان هو جو سفر تي نڪتو پيا ٢٥ سال سفر ڪيائين ۽ وطن واپس موٽيو تہ پنجاهہ سالن جو پوڙهو ٿي موٽيو.

٣- مخدوم عبدالرؤف ڀٽي (١٦٦٢-١٧٥٢) هالا پراڻا جو رهاڪو هو. ادبي تاريخن ۾ سنڌس مٿي ڄاڻايل مولود گهڻو مشهور آهن.

# سنڌي الفابيٽ ۽ ٻوليءَ تي روشني

استاد لغاري

سنڌي الف - ب جا ٽوٽل ٥٢ اکر آهن: جن جي بيهڪ هن وقت هيٺين ريت آهي:

ا - ب - ٻ - ڀ - ت - ٿ - ٽ - ٺ - ث - پ - ج - ڄ - جھ - ڃ - چ - ڇ - ح - خ - د - ڌ - ڏ - ڊ - ڍ - ذ - ر - ڙ - ز - س - ش - ص - ض - ط - ظ - ع - غ - ف - ڦ - ق - ڪ - ک - گ - ڳ - گھ - ڱ - ل - م - ن - ڻ - و - ه - ء - ي.

انهن ۾ ٢٩ اکر اهڙا آهن جيڪي عربي، فارسي توڙي سنڌي ۾ هڪجهڙا آهن: اُهي هِن ريت آهن:

ا - ب ت - ث - ج - ح - خ - د - ذ - ر - ز- س - ش - ص - ض - ط - ظ - ع - غ - ف - ق - ڪ - ل - م - ن - و - ه - ء - ي.

باقي ٢٣ اکر بلڪل جدا صورتن ۾ سنڌيءَ جا آهن، جيڪي هِن ريت آهن:

ٻ - ڀ - ٿ - ٽ - ٺ - پ - جھ - ڄ - ڃ - چ - ڇ - ڌ - ڏ - ڊ - ڍ - ڙ - ڦ - ک - گ - ڳ - گھ - ڱ - ڻ.

انهن اکرن ۾ ست اکر اهڙا آهن، جن کي سواءِ نج سنڌي ماڻهن جي، ٻيو ڪير به صحيح اچاري نٿو سگهي، اُهي هِن ريت آهن:

ٻ - ڄ - ڏ - ڳ - ڱ - ڻ.

مزيدار ڳالهه ته هڪڙا ست اکر سنڌيءَ ٻوليءَ جا اهڙا به آهن، جيڪي ايڏي ساري سنڌي الفابيٽ ۾ شامل ناهن، ۽ انهن جي جدا شڪل جو ڪو به وجود ڪونهي، پر اسين ڳالهائڻ مهل انهن کي اچاريندا آهيون. جيڪي هن ريت آهن:

ٽر - ڊر - لهه - ڙهه - مهه - نهه ۽ ڻهه.

مثال طور: ٽيءَ ۽ ڊيٺ — ڇانهن ۽ ڪنڊ — مَلهه — وڙُهه — سَنهِي — سُمهُ — ماڻهو — وغيره.

هتي سوال ٿو پيدا ٿئي ته اسين ڪجهه اکرن کي "هه" هرٽي ملائي انهن جي جدا صورت ٺاهيندا آهيون، پر "ک" کٿ هڪ اهڙو اکر آهي جنهن کي نه "هه" هرٽي ملائيندا آهيون، ۽ نڪو ڪنهن ٻئي جي اضافي سان ان جي ڌار حيثيت ظاهر ڪندا آهيون، ۽ ساڳي حالت ٽر ۽ ڊر جي به آهي، انهن اکرن جو هئڻ سنڌي ٻولي لاءِ نهايت ئي لازمي آهي.

هن الفابيٽ ۾ هڪڙا اکر اهڙا به آهن جيڪي ٻيٽا ۽ ٽيٽا يا چئوٽا به آهن، جن جي ٻين ٻولين کي برابر، پر سنڌي ٻولي کي ضرورت ڪونه هئي. ليڪن اُهي شامل ڪيا ويا آهن، ۽ اسان انهن کي ٻنهنجي لکڻين ۾ استعمال ڪريون ٿا. مثال طور:

الف ـ ع ـ ء
ت ـ ط
ث ـ س ـ ص
ح ـ ه
ذ ـ ز ـ ض ـ ظ
ق ـ ڪ

هنن ۾ سنڌي اکر هي آهن.

الف ـــ ء . (ساڳيو اکر آهي، ليڪن شڪل جدا جدا آهي.)

ت ـ (ث ۽ س ٻئي سنڌي اکر آهن) ز ـ ۽ ڪ

هن الفابيٽ ۾ ڏهه اکر اهڙا آهن جيڪي "هه" هرٽي سان ٺهن ٿا يا انهن کي هڪ ٽبڪي جي اضافي سان ظاهر ڪيو ويو ٿو. اُهي هن ريت آهن.

ٻ ـ ٽ ـ ٺ ـ جهه ـ ڃ ـ ڌ ـ ڊ ـ ڦ ـ ک ـ ۽ گهه

انهن مان "ک" کڻ تي اڳيئي روشني وڌي ويئي آهي.

هڪڙا تي اکر نج عربيءَ جا آهن جن جي بلڪل الڳ حيثيت آهي، پر اهي اسان جي ٻوليءَ تي حاوي ٿي رهيا آهن. مثال طور خ ـ غ ـ ۽ ف .

اِهي اسان جي اکرن ک ـ گ ـ ۽ ڦ، جي جاءِ والاري رهيا آهن. حيرت جي ڳالهه اِها به آهي ته اسان جا، ڪوڙ سارا سنڌي پرائمري استاد به انهن کي سمجهي نه سگهيا آهن. ۽ جڏهن ڪو معصوم ٻار پٽي کڻي پڙهڻ ويهي ٿو ته اهو خاص ڪري انهن اکرن کي پنهنجي پيدائشي (سنڌي) انداز ۾ اچاري ٿو. مثال طور "خ" خچر کي "ک" کچر چوي ٿو، "غ" غاليچو کي "گ" گاليچو ۽ "ف" فانوس کي "ڦ" ڦانوس چوي ٿو. انهن اکرن کي سنڌي ۾ اچاريندي معصوم ٻار پنهنجو پيدائشي حق استعمال ڪري ٿو پر ٻارن کي ان جي ڏاڍي ذهني تڪليف برداشت ڪرڻي پوي ٿي.

جيئن ته اسين هتي سنڌي الفابيٽ ۽ ٻوليءَ تي بحث ڪري رهيا آهيون، تنهن ڪري اهو ڄاڻڻ به نهايت لازمي آهي ته ماڻهن جا نيٺ سنڌي نالا ڪهڙا آهن؟ ۽ اڄ ڪلهه وري سنڌي قوم جي نالن ۾ عربي نالن جو رواج پنجي ويو آهي. هيٺ ڄاڻايل نالن مان ئي، سنڌي ٻولي جي الفابيٽ ۽ ٻولي جي چند چاڻ ٿي ويندي. هيٺ ڪجهه سنڌي ماڻهن جا سنڌي نالا پيش ڪجن ٿا:

## (١) قيمتي نالا:

ماڻڪ ـ سونو ـ چاندي ـ روپو ـ هيرو ـ موتي ـ لالو ـ جوهر ـ هزاري ـ امولڪ ـ پدمون ـ ٻولو ـ نٽويا ـ ناڻو ڳهڻو ۽ قيمت وغيره:

## (٢) ٻوٽن، ميون ۽ وڻن جا نالا:

ڦوٽو ـ لونگ ـ گل ـ ڦلو ـ سرهو ـ ڪيوڙو ـ اڪ ـ ڪانڌيرو ـ ٽوهه ـ تلسي ـ پيرون ـ ٻير ـ ڪنڊو ـ ڪرڙ ـ ڦوڳ ـ ڏاڙهون ـ انب ـ ميوو ـ ليمون ـ گلاب ـ وغير.

**(۳) بادشاهي نالا:**

راجا ـ شاهن ـ مير ـ امير ـ وزير ـ سورهيه ـ بهادر ـ شيرو ـ مانجهي ـ راوت ـ سوڍو ـ سوڀو ـ ڦتو ـ دودو ـ دولهه ـ ڏاهر ـ ڏهراج ـ شهزادو ـ مهراڻ ـ ڄام ـ وريام ـ بهرام وغيره

**(۴) پيار وارا نالا:**

مٺار ـ جاني ـ سڄڻ ـ سهڻو ـ ڀورو ـ جانب ـ ڍوليو ـ دلدار ـ ننڍو ـ دادو ـ مٺو ـ پوڙهو ـ سپاڳو ـ ڀرين ـ پيارو ـ راڻو ـ سجل ـ سڪيلڏو ـ دلبر ـ سانول ـ وغيره.

**(۵) جيتن، پکين ۽ مندن جا نالا:**

ڀوپٽ ـ ماڪوڙو ـ ڀنورو ـ چتون ـ مِٺو ـ مور ـ سارنگ ـ سانوڻ ـ بادل ـ مينهون ـ ملهار ـ آگو ـ گوڙو ـ واسن ـ گاجي ـ بهار ـ ٻوهو ـ ٽڏو ـ گلڻ ـ گلزار ـ گل بهار وغيره

هيٺ ڪجهه سنڌي ماڻهن جا عربي نالا پيش ڪجن ٿا:

عبدالله ـ نصرالله ـ هدايت الله ـ حزب الله ـ امان الله ـ عبدالجبار ـ عبدالغفار ـ عبدالستار ـ عبدالوهاب ـ عبدالحڪيم ـ عبدالرشيد ـ محمد بخش ـ محمد عالم ـ محمد عمر ـ محمد عثمان ـ محمد علي ـ علي بخش ـ حسين بخش ـ حسن بخش ـ امام بخش ـ غلام الله ـ غلام محمد ـ غلام علي ـ غلام حسين ـ غلام فاروق وغيره:ـ

ياد رکو! جيڪڏهن ڪنهن به سنڌي ماڻهو جي نالي ۾ ـ ح ـ خ ـ ص ـ ض ـ ط ـ ظ ـ ع ـ غ ـ ف ۽ ق ـ مان ڪو به اکر اچي وڃي ته فورن سمجهي ڇڏڻ گهرجي، ته اهو نالو ڪنهن مسلمان سنڌي جو آهي.

جيڪڏهن اهو نالو ڪنهن مسلمان سنڌي جو نه هجي ۽ هندو سنڌي جو هجي ۽ مٿي ڄاڻايل ڏهن اکرن مان ڪو به اکر ان جي نالي ۾ شامل ٿيل هجي ته سمجهو ته گرامر ۽ ٻولي جي لحاظ کان اهو نالو غلط لکيل آهي ۽ ان کي ٺيٺ سنڌي ٻولي ۾ درست ڪري لکڻ ۽ پڙهڻ جي ضرورت آهي.

●

# چانڊوڪي، چمپا جي مالها
## (شيخ اياز جي شاعريءَ جو ٽيون دور)

اعجاز منگي

ريشم! ايڏو موت مٺو آ؟
ان جا سپنا نيارا آهن؟
هر سپني کان پيارا آهن؟
سمنڊ جيان بي انت ته ناهي!
ڪاري رات ڪنارا آهن؟
جن تي يار ڦرن جا اهڙا
چانڊوڪيءَ جا چارا آهن؟
جڳ سارو جهرمر جهرمر
تنهنجي سنگ ستارا آهن؟
تون، مان، چانو گلن جي - ٽوڪي
سرتي ڪي سانپارا آهن؟
يا هِن جڳ ۾ هُن جڳ وچ ۾
ويسر جا وسڪارا آهن؟
تو وٽ ننڊ ابد جي آهي،
يا جاڳين ٿي، ڏينهن ڏٺو آ؟

●

**اڄڪلهه** اياز جي شاعري، فڪري لحاظ کان ٽين موڙ ۾ داخل ٿيل آهي. هي نظم ان ٽين موڙ جي زبردست نمائندگي ڪندڙ نظم آهي، انهيءَ لحاظ کان، فني حساب سان هي نهايت دلڪش، موهيندڙ ۽ پيارو نظم آهي ۽ فڪري لحاظ کان هن ۾ ڪوهه جهڙي خاموش گهرائي آهي.

جيتوڻيڪ اسان جي شاعر پنهنجي هزارن صفحن تي ڦهليل شاعريءَ ۾ ڪيترائي سوال اٿاريا آهن، ڪيترائي جواب ڏنا آهن، پر هن نظم کان اڳ ۽ پوءِ اياز اهڙي طرح لاجواب - سوال اٿاري نه سگهيو آهي.

مون هن نظم جي چونڊ نهايت سوچي پوءِ ڪئي آهي، ان چونڊ جا بنيادي سبب آهن. هڪ ته اهو نظم پنهنجي موضوع جي اعتبار کان، اياز جي سوچ جي آخري ڏارا جي نمائندگي ڪندڙ نظم آهي ۽ ٻيو ته هي نظم "ريشم" ڪي مخاطب ٿي لکيل آهي، ريشم جنهن مان اياز پنهنجي پهرين شاعُريءَ جي لاءِ پٽ

ڏاگا ڪنيا هئا. جتان اياز پنهنجي فني سفر جي شروعات ڪئي هئي، سو آدجڳاد کي ڳنڍ ڏيندڙ هي نظم منهنجي نظر ۾ اياز جي اعليٰ ۽ ارفع (Sublime) شاعريءَ منجهان آهي.

هي دلڪش سواليہ نظم، شاعر جي فڪري ڪتاب جو ٽيون ۽ آخري جلد آهي. جنهن کي سمجهڻ لاءِ بيحد ضروري آهي تہ اياز جي پهرين ٻن فڪري موڙن جو مطالعو ڪيو وڃي.

ان مطالعي کان پوءِ سمجهي سگهبو، تہ ڇا اياز پنهنجي پڇاڙيءَ ۾ هڪ ناڪام شاعر آهي؟ يا هن جي شاعري مسلسل ارتقا جو اهڃاڻ آهي ۽ اهڙي ريت هن دؤر جو ڇيد بہ ڪري سگهبو ۽ اياز جي پوئين شاعريءَ تي اٿاريل اعتراضن کي بہ سمجهي سگهبو.

اياز جو پهريون مجموعو "پونئر پري آڪاس". ڪنهن بہ مهاڳ کان سواءِ ڇپيو هو، ۽ منهنجي نظر ۾ ان مجموعي لاءِ مهاڳ جي ڪائي ضرورت ڪانہ هئي جو اياز جو نثري شاهڪار "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ان جو بهترين مهاڳ هيو ۽ اهڙو مهاڳ اياز جو ڪوئي بہ شعري مجموعو حاصل نہ ڪري سگهيو آهي، جو تہ اياز جي ڪتابن جا اڪثر مهاڳ يا تہ اياز جي شخصيت جي جوگرد چڪر لڳائيندا نظر ٿا اچن، يا اهي پنهنجي سياسي ۽ سماجي پس منظر ۾ ڀٽڪندا رهن ٿا. جيڪڏهن غور سان مطالعو ڪيو وڃي، تہ اياز جي شاعريءَ تي تمام گهڻ لکيو ويو آهي: ان ڪري اڄ تائين اياز هڪ متضاد ڳجهارت وانگر رهيو آهي ۽ هن جو مڪتبہ فڪر چٽو نہ ٿي سگهيو آهي. ان ڪميءَ کي محسوس ڪندي شاعر پاڻ نثر جو سهارو ورتو آهي ۽ هو پنهنجون مشاهداتي ڊائريون ۽ مطالعاتي يادگيريون لکي پنهنجي فڪر، سفر جي لاڙن، موڙن ۽ گهمن گهيرن کي واضح ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آهي.

ان ڏس ۾ هن جي ڪامياب ڪوشش "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" آهي، جو تہ "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" پڙهڻ کان پوءِ "پونئر پري آڪاس" کي آسانيءَ سان سمجهي سگهجي ٿو تہ شاعر کي ڪهڙو خيال ڪيئن آيو؟ ڪٿي آيو؟ ڪهڙن واقعن کي هن منظوم ڪيو آهي؟ ڪهڙن واقعن کي هن ڇڏي ڏنو آهي، دراصل اياز جو هر مجموعو هڪ الڳ ڪتاب جي ڳُهر ٿو ڪري، پر ڪي ڪي شعر هڪ ڪتاب تائين کولي سگهجن ٿا مثال طور اهوئي شعر تہ:

ريشم! ايڏو موت مئو آ؟

بيماريءَ جي بستري تي پيڙو اياز پنهنجي پهرئين پيار کي ياد ڪندي ڪيتري نہ معصوميت سان پڇي ٿو تہ "اي منهنجي سَرتي، تو تہ جوانيءَ ۾ موت کي قبول ڪيو، تون ڀلا تہ موت چاهي؟ ڇا ان ۾ ڪنهن "چيپل زندگيءَ جو ڪوئي روپ آهي؟"

دنيا جي عظيم مفڪرن، سائنسدانن، شاعرن ۽ اديبن کي پاسيرو رکي، رڳو ريشم کان پڇيو وڃي تہ ريشم موت چاهي؟ رڳو ريشم کان ڇو؟ ايترو ڳنڀير ۽ پريشان ڪندڙ خطرناڪ سوال ايتري معصوميت سان فقط ريشم کان ئي پڇي سگهجي ٿو. ريشم جنهن کي اياز آهستي آهستي کولي رهيو آهي، نوجوانيءَ جي لڄ ۽ سماج جي حجاب جو پردو هٽائي ٿو اياز ريشم جي مک تان، پر نهايت آهستي، تمام احتياط ۽ ڌيرج سان ايتري آهستگي ۽ ڌيرج "فيض" جي نظم (١) "منظر" ۾ بہ ناهي.

"جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي" ۾ قبرستان جو اهو منظر هائي سمجهہ ۾ ٿو اچي، تہ اها قبر ڪنهن

جي هني، اسان جي شاعر اهو ماتم ڪنهن لاءِ ٿي ڪيو. جنهن جي موت تي اياز موت جي خلاف ايترو لکيو. جيترو هڪ وقت لکي سگهجي ٿو. اهو ران راز ئي رهيو جيستائين اياز "ساهيوال جيل جي ڊائري" نه ڇپائي ۽ ان جو صحيح تعارف "ڪراچيءَ جا ڏينهن راتيون" ۾ ٿيو. جنهن ۾ اياز هن کي پنهنجو "پهريون پيار" لکيو آهي.

۽ اياز جو اهو پهريون پيار ترگنيف جي ناول 'First Love' کان وڌيڪ دلچسپ ۽ گهرو آهي: جيتوڻيڪ ان پهرئين پيار جا سمورا پاڇا اياز جي ڦهليل شاعريءَ ۾ منتشر آهن. ۽ انهن منتشر پاڇن جي صحيح ترتيب اياز کان سواءِ ڪنهن ٻئي نقاد لاءِ ناممڪن آهي.

مثال طور ڪير ٿي ڄاڻي سگهيو ته اياز جا "پونئر پري آڪاس" ۾ هي چار سٽا ريشم جي ياد ۾ لکيل آهن ته:

ڪيو گلن سان پيار نه سائين
ڇنو گلن کي يار نه سائين
گل سدا مرجهائي ويندا
ڪنڌن ۾ ڦاسائي ويندا

يا

ڇنو چنڊ کي يار نه سائين
ڪيو چنڊ سان پيار نه سائين

هي راز جي ڳالهه ان وقت آشڪار ٿي جڏهن ابراهيم جوڻي مرحوم روشن تي هڪ رسالو مرتب ڪيو هو ۽ ان ۾ اهي ٻئي شعر شامل هيا: جو ته گهٽ ۾ گهٽ ابراهيم جوڻي کي ان لڪل پريت جي خبر هني، جنهن جو ثبوت "جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي"ءِ جو اهو خط آهي، جيڪو اياز ابراهيم جوڻي کي لکيو هيو. ۽ ان رسالي ۾ روشن جا اهي شعر به ڏنل هيا جن جي گهاڙيٽي ۽ ترنم مان سڌي خبر ٿي پئي ته يا ته روشن، اياز جي شاعريءَ کان تمام گهڻي متاثر هني، يا اياز هن جي شعرن جي اصلاح ڪندو هو ۽ انهن نظمن مان هڪ نظم جون سٽون هي هيون:

کولي نه ٿو ٻڌائين، تون راز زندگيءَ جا
او ساز زندگيءَ جا.

ان کان سواءِ اياز جو هڪ نظم:

شبِ تاريڪ کان تاريڪ تر آ زندگي منهنجي
ڪٿي آن روشني او روشني منهنجي

اها روشني به ساڳي ريشم آهي. جنهن جو اصل نالو روشن هيو. جيڪا اياز جي رومانوي احساسن جي پهرين همرڪاب عورت هني ۽ اياز هن جو نالو جڏهن به ورتو آهي ته عزت سان، احترام سان ۽ احتياط سان، جنهن مان هن جي تعلق جي نوعيت جي خبر ٿي پوي ته ان تعلق ۾ افلاطوني عشق جو اهو احساس آهي، جنهن جو ذائقو هڪ ماڻهو زندگيءَ ۾ فقط هڪ دفعو ئي محسوس ڪندو آهي.

۽ شراب، ادب ۾ لفظ ناهن. اهو ان ڪري ته خيام وٽ ٻي ڳالهه اهي ئي ڪونه. هو موت، زندگي، گل ۽ ستارن تان ٿيڙ کائي وري اچي پيالي جي پر ۾ ٿو ڪري، جيڪڏهن خيام جي پوري شاعريءَ کي هڪ سٽ ۾ بند ڪرڻ چاهجي ته ڪري سگهجي ٿي ۽ اها سٽ به خيام کي اياز کان وٺڻي پوندي، اياز ٿو چوي:

زندگي يا شراب جي نيڻن آ؟

جنهن جي مستي روان دوان آهي.

پهرين سٽ ئي خيام لاءِ ڪوزُ آهي، ٻوئين سٽ يوناني فلسفي هيواڪليٽر جي همسري ٿي ڪري، جنهن چيو هو ته ڪائنات جمود (STATIC) واري شي ناهي پر اها روان دوان (DYNAMIC) آهي، ڪائنات معنيٰ ڇا؟ ڪائنات جي جامع معنيٰ زندگي آهي ۽ جي ناهي ته هجڻ گهرجي. اياز جي ان شراب گهرڻ واري دانهن ۾ فرار جو ڪوئي عنصر ناهي، پر اها شراب جي ضرورت غالب جهڙي آهي. جيتوڻيڪ اياز جي ڳالهه وڏيڪ ڳوري ۽ گهري آهي پر اهو قسم آهي غالب جهڙو. غالب ٿو چوي ته:

مئي سي غرض نشاط هي ڪس روسياه ڪو

اڪ گونه بيخودي مجهي دن رات چاهيئي.

چو ته ديوان- غالب ۽ "پونر پري آڪاس" جي شعرن جا مهاندا گهڻو ڪري هڪ جهڙا آهن. جيڪڏهن تحقيق ڪان پاسيرو ٿي فقط مزي ۾ اچي چنجي ته اياز جي ابتدا غالب جي انتها آهي ته غلط نه ٿيندو چو ته ان ڪتاب کان پوءِ اياز جن موضوعن کي ڪنيو آ، ڪوليو آ، سمجهيو ۽ سمجهايو آ، اهي موضوع ته غالب ڏٺا به نه هيا. غالب اردو شاعريءَ جي تاريخ ۾ منفرد ۽ بلند شاعر ان ڪري آهي جو ته غالب اردوءَ جي روائتي شاعريءَ کان هٽيل آهي جنهن ۾ محبوب جي بي اعتنائي ۽ بي وفائيءَ جو ماتم هيو. جيڪڏهن غالب کان پوءِ اقبال آهي ته اقبال جي "بانگ- درا" جي ڪجهه نظمن کي ڇڏي باقي هن جي سڄي شاعري مسلم قوميت جي بغاوت جي خشڪ مشورن (Suggestions) سان ڀريل آهي، ان ۾ موضوع ۽ غير جانبدارانه جانبداريءَ واري اتاهين پرک ۽ پکڙ ناهي جيڪا اياز ۾ آهي.

پر غالب ۾ اها شعوري انا (Concious Ego) ناهي جيڪا اياز جي شاعريءَ جو شان آهي، غالب وٽ انا جو نالو ئي ناهي، هو ته محبوب جي پيرن ۾ ڪتي ٻلي وانگر پيو آهي. غالب کي جتان ڪٿجي، اتي غالب ڪريو پيو آ:

پلادي اوڪ سي ساقي جو هم سي نفرت هي

پياله گر نهين ديتا نه دي شراب تو دي

—

ڪتني شيرين هين تيري لب ڪ رقيب

گاليان کاڪي بي مزه نه هوا

—

دانم ٻڙا هوا تيري در پر نهين هون مين
خاڪ ايسي زندگي پہ ڪِ پٿر نهين هون مين

اياز وٽ محبوب جو تصور ڪائنات جو حسين ترين تصور آهي، ڪائنات تہ حسين ني ان ڪري آهي، جو محبوب ان ۾ دل وانگر ڌڙڪي رهيو آهي.

●

(۱) "منظر"

(ساروٽيون)

# مولانا عبدالرحمان "ضيائي"

دادا سنڌي

گهڻن سالن جي ڳالهه آهي. اونهاري جي موسم هئي. ويتر روهڙي جي منجهند. مان ميرپور اچڻ لاءِ، روهڙي پسينجر، جنهن کي عوامي زبان ۾ "لنڊو" چنجي ٿو، چڙهيم. تن ڏينهن ۾، ايتري رش ڪانه هوندي هئي. ويتر لنڊو هڪ لوڪل ترين هئي؛ ان ڪري گاڏي گهڻو ڪري خالي هوندي هئي. ائين ئي، مان پنهنجي گاڏي ۾ هڪ نيڪ صورت بزرگ ڏٺو. اڇي سونهاري سنهي ۽ ڪير جهڙا اڇا ڪپڙا، اڇي پڳ، پيرن ۾ هلڪڙي سنڌي جُتي، ٿلهن شيشن ۽ ڪارين ڪمانن سان عينڪ، جا سندس شخصيت کي جاذب بڻائي رهي هئي، ۽ هٿ ۾ بيد جو لڪڻ، جنهن جي هيٺين چيڙي ۾ لوهي ڇنبياري ميڪ لڳل. نه ڄاڻ نه سڃاڻ پوءِ به ڇڪجي ڏانهس ويم ۽ السلام عليڪم چئي، هٿ ملايم. پاڻ نهايت پاٻوهه مان هٿ وڌائيندي، هٿ ۾ هٿ ڏيندي چيائون ته "عبدالرحمان ضيائي" بس! ايڏو ته خوش ٿيم، ڄڻ ته قارون جو خزانو ملي ويو هيم جنهن جي سالن کان ڳولا هئي، اهو سامهون ويٺو هو. "هوت تنهنجي هنج ۾ ڪڇين ڪوهه پرياڻ" مون چيو ته "سائين ڪريم بخش سومر، داد لغاري جو ويٺل" ترت وراڻيائون ته "ماستر الله بخش اوهان جو ڇا ٿئي؟" چيم ته: چاچو. پاڻ بغلگير ٿيا ۽ ڏاڍي سِڪ سان ڳالهائڻ لڳا. منهنجو چاچو مرحوم الله بخش پنهنجي دؤر جو سٺو استاد ۽ ڄاڻو هو. ادب سان ڪيس چڱو چاهه هو. الوحيد اخبار جو قاري هو. سماج ۾ سندس وڏي عزت هئي. تڏهن استاد به اهڙا هئا.

مولانا ضيائي مرحوم به استاد هئا، ان ڪري ئي منهنجي چاچي مرحوم سان، سندن ڄاڻ سڃاڻ هئي.

پاڻ، مولانا بهاءُالدين پتافي جا فرزند ارجمند هئا. نيڪ صورت ۽ نيڪ سيرت. بهترين معلم ۽ متڪلام طبع ۽ شگفته گفتگو ڪندڙ. گاڏي ۾ ميرپور ماٿيلي تائين، ساڻس ڪچهري ٿيندي رهي، علمي ۽ ادبي. هو تن ڏينهن ۾، حضرت مخدوم طالب المولىٰ وٽ رهندا هئا ۽سندن صاحبزادن کي فارسي پاڙهيندا هئا. فارسيءَ جا بيت نهايت سُريلي ۽ رقت انگيز نموني پڙهيائين پئي. مان ته بنهه ڪورو ڄٽ، فارسي کي صرف "ڪريما جو بشڪو ڪئي ويا ڇهه چور ...." پر پاڻ هڪ مثالي استاد وانگر، انهن بيتن کي ڏاڍي مؤثر انداز ۾ پئي سمجهايائون.

ميرپور ماٿيلي جي اسٽيشن تي لهڻ کان پوءِ، پاڻ جروار هليا ويا ۽ مون کي ڳوٺ اچڻ جي دعوت ڏنائون. اهو سندن علم دوستن سان چاهه جو واضح ثبوت هو، ته هو ڪين گُهرندو هو ۽ عزت جي نگاهه سان ڏسندو هو. بهرحال مان، هڪڙي ڏهاڙي صبح جو سوير، سائيڪل تي چڙهي، سندن ڳوٺ ويس. واضح هجي ته، منهنجي ڳوٺ داد لغاري ۽مولوي صاحب جي ڳوٺ ۾ چند ميل مفاصلو هو. ڳوٺ جي

حوذاري بوٽا آدم قد جيڏا، ليون ۽ ڪرڙ. جهنگ ني جهنگ. زمينون سمر جون ماريل. ٻاٽي ۽ ڪڌون ڪوٻا. ڳوٺڙي ۾ ننڍڙو مدرسو. اجي مسيت. ڪجهه ڪکاوان گهر ۽ ڪچا ڪوٺا. مسجد جي بنهه پر ۾، مولانا ڀهائي مرحوم جي قبر، نهايت سادي نموني. هيڏو سارو عالم، اديب ۽ شاعر(١) فارسيءَ ۾ ڪيس سنڌ جو سعدي سڏين. جنهن فارسيءَ ۾ في البديهه شاعري ڪئي. خواجه غلام فريد سندس شاعري کي پسند ڪيو. شاعريءَ ۾ "هاتي" انعام طور ورتائين ۽ ان جي تربت! نورجهان جي تربت لاءِ ڪنهن چيو هو ته:

بر مزار ما غريبان ني چراغي ني گلي

ني پر پروانه سوزد ني صدائي بلبلي

هوبهو ساڳي حالت، حضرت ڀهائي جي تربت سان هئي. ڀهائي مرحوم سنڌ ۾ فارسي ٻوليءَ کي جيئاريندڙ ۽ فارسي ادب کي سنواريندڙ هو. اسان وٽ فارسي ادب جو جيڪو به اعليٰ ورثو موجود آهي، ان ۾ ڀهائي جو وڏو مقام آهي.(٢) هن سعديءَ جي ديوان جي طرز تي، پنهنجو مڪمل ديوان ڇپرايو. "مڪتبئہ ڀهائيہ" نالي هڪ ننڍڙي پريس هئي. ڪجهه پنهنجا ڪتاب به ڇپرايا هئائون. سنڌي ٻوليءَ ۾ به سندس جهجهو ڪلام ملي ٿو.

مون ضيائي صاحب کي نيابو مُڪو. ياڻ جهنبدار لڪڻ سان نمودار ٿيا. ساڳيو نوراني چهرو ساڳي عينڪ، ساڳيا اچا ڪپڙا، ساڳيو قرب، ساڳي محبت. پن منٽن لاءِ چئي گهر ويا. ٿوري دير کان پوءِ، اچي جانورن جي ماني، مکڻ ۽ لسي، جڻ ته کير، سفيد رنگ سان ڪو الستي پيار هو! جيڏانهن ڪيڏانهن، اڇاڻ ۽ سفيدي، "دعوت شيراز" جئي، مون کي کائڻ جو حڪم ڪيائون. واندو ٿي ڪچهري ڪئيسون. ڪجهه مواد لکيم. ڪجهه ڪانئس پڇم. ڪجڙي منجهند جو گهر واپس آيس. انکانپوءِ سندن ڳوٺ وڃڻ گهٽ ٿيو، جو ته ياڻ، اڪثر ڪري حالن ۾، مخدومن وٽ رهندا هئا، پر جڏهن به ڳوٺ ايندا هئا ته، مون وٽ داد لغاري ضرور ايندا هئا. ۽ پوءِ هوندي هئي، علمي ۽ ادبي ڪچهري. حضور اڪرم صلعم جو قول آهي ته "نيڪ ماڻهوءَ جي صحبت ۾ ويهڻ ائين آهي، جيئن ڪنهن مُشڪ فروش جي دوڪان تي ويهڻ. پوءِ جيڪڏهن اوهان، مُشڪ خريد نه به ڪيو، ته گهٽ ۾ گهٽ، ان جي خوشبو سان اوهان جو مغز معطر ٿي ويندو" بنهه ساڳئي نموني مولوي صاحب جي مجلس ۾ ويهڻ وقت، مٿين حديث شريف جو مفهوم سامهون ٿي آيو. ۽ ائين سمجهندو هوس ته، منهنجو دماغ علم ۽ ادب جي خوشبو سان واسجي رهيو آهي. ياڻ وڏن وانگر، مون کي صلاحون ڏيندا هئا ۽ ادبي دنيا جو به حال احوال ٻڌائيندا هئا.

ان زماني ۾، منهنجي، مؤرخ سنڌ حضرت مولاني شيداني رحه سان ملاقات ٿي چڪي هئي ۽ سندن حڪم هيٺ، مون تاريخ ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي. ۽ خاص ڪري سنڌ جي تاريخ تي ڪتاب پڙهڻ شروع ڪيا. هڪ ڀيري ڳالهيون ڪندي، مولانا ضيائي مون کي چيو ته: جيڪڏهن توکي سنڌ جي تاريخ کي چڱي طرح پڙهڻو ۽ سمجهڻو آهي ته، فارسي ٻولي سک ۽ انهيءَ ۾، سنڌ جي تاريخ تي لکيل ڪتاب پڙهه ۽ اها حقيقت به هئي. سنڌ جي تاريخ تي جيڏو ذخيرو فارسي زبان ۾ آهي، ايترو ٻين ٻولين ۾ ناهي. خود سنڌ جون به بنيادي تاريخون "چچ نامو" ۽ "تحفة الڪرام" به فارسي ۾ هيون، جن کي پوءِ سنڌيءَ ۾

ترجمو ڪيو ويو. دَراصل اسان سهل پسند آهيون ۽ چاهيندا آهيون ته سواءِ ڪنهن محنت ۽ مشقت جي نالي ڪڍون ۽ اخبارن ۾ فوٽو ۽ وڏين سُرخين سان اسان جا نالا ڇپجن. ان ڪري مطالعي کان ڪيٻائيندا آهيون. خاص ڪري، مشرقي ٻولين، عربي ۽ فارسيءَ کان اسان جو نئون نسل دور ٿيندو ٿو وڃي ۽ هنن ٻنهي زبانن ۾ سنڌ جي تاريخ جو تمام اهم ۽ وڏو ذخيرو موجود آهي. جيڪڏهن اها حالت رهي ته، لازمي طرح اسان جو تاريخي ورثو، جيڪو اڳي ئي ڪتبن ۾ بند آهي، سو ختم ٿي ويندو ۽ اسان جي حالت ان بڪايل انسان جهڙي هوندي، جنهن جي اڳيان طعام به هجي، پر ان کي کائڻ جي منجهس سگهه نه هجي! سيد حسام الدين راشدي هڪ تقرير ۾ به، انهيءَ ڳالهه تي زور ڏنو هو ته، "مشرقي ٻولين کي ڄاڻڻ ضروري آهي" جيڪڏهن اوهان سنڌ جي تاريخ ڄاڻڻ چاهيو ٿا" سيد صاحب، سنڌي ادبي بورڊ جي لئبرريءَ ۾ سنڌ جي تاريخ جا بنيادي ماخذ گڏ ڪيا هئا، جيڪي سڀ مشرقي زبانن ۾ هئا ۽ انهن کي چنبڊي، ڇاٽي، صاف ۽ نڪور ڪري سنڌ جي تاريخ جي عاليشان عمارت جوڙي، اسان جي حوالي ڪئي.

مولانا ضيائي مرحوم جو به مخدوم صاحب جي ڪري، بورڊ ۾ گهڻو اچڻ وڃڻ هو. ان ڪري ئي کيس فارسيءَ ۾ سنڌ جي تاريخي ماخذن جي اٿاهه ذخيري جي ڄاڻ هئي، ان ڪري ئي مون کي، فارسي ٻولي پڙهڻ لاءِ چيائون. مان شروعاتي ڪوشش به ڪئي، پر مصروفيتن ۽ عدم توجهي سبب فارسي پڙهي نه سگهيس. ان جو ڏک به اٿم ۽ ارمان به!

مولانا ضيائي مرحوم مفڪر، عالم ۽ علمِ عروض جا وڏا ڄاڻو هئا. هڪ دفعي ڪچهري ڪندي، غزل جي ٽيڪنيڪي پهلوءَ تي گفتگو ٿي ۽ انهن ئي مولانا عبدالغفور همايونيءَ جي غزل "تنهنجي زلف جي بند ڪمند وڏا، زندان هزارين مان نه رڳو" جو ذڪر ڇڙيو. مون کان پڇيائون ته "هن غزل ۾ نظري ۽ فڪري غلطي ڪهڙي آهي؟ جيتوڻيڪ فني ۽ ٽيڪنيڪي لحاظ کان غزل اعليٰ آهي؛ پر معنوي لحاظ کان ضعيف آهي" مون چيو ته "قبلا! اوهان ئي روشني وجهو" چوڻ لڳا ته "محبوب جي هر شيءِ، هر ادا، هر فعل محبوب هوندو آهي. ان جي ڪڙائي ۾ مناڻ ۽ جدائي ۾ مزو هوندو آهي. محبوب جي قيد کي زندان سڏڻ ۽ زلف جي ڪمند کي بند سڏڻ، نظري، فڪري ۽ معنوي لحاظ کان، گهٽ ۾ گهٽ منهنجي نظر ۾ ٺيڪ نه آهي ته پوءِ مون ڪين شيخ اياز جو هن ئي طرز تي لکيل غزل، جيڪو پهرئين "روح رهاڻ" ۾ ڇپيو هو ٻڌايو. ان غزل جي مطلع آهي ته:

"بي موٽ منا تو لاءِ ڪُنا، انسان هزارين مان نه رڳو،
هن دنيا ۾ اي ديس هنا، نادان هزارين مان نه رڳو!"

بروقت مون کي حڪم ڪيائون ته، اهو غزل مڪمل لکي ڏيو.

ساڳي طرز تي، اتي جو اتي، مونکي هڪ غزل ٻڌايائون. هي غزل موقعي ۽ مناسبت جي لحاظ کان هت ڏيڻ لازمي ٿو سمجهان، ته جيئن هميشه لاءِ "ادبي تاريخ" ۾ محفوظ ٿي وڃي:

تنهنجي برهه جي باهه آزاهه ڪيا، سوزان هزارين مان نه رڳو.
ڪي علم اصول سندا عالم ـ ڪي حڪم هلائيندڙ حاڪم،
تنهنجي تهدل سان سڀ ٿيا خادم ـ سلطان هزارين مان نه رڳو.

ڪي ني مرد مجاهد اهل- صفا، ڪي رندي رمز جا راهه نما،
سوين قرب جي قيد ۾ قابو ٿيا، انسان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي مَدح ۾ محب مٺا منهنجا، ٿيا محو مدامي شاهه و گدا،
ڪن باغن ۾ بلبل مدح سندا، اعلان هزارين مان نہ رڳو.
تنهنجي حسن جي هاڪ تمام مٿي ۽ لطف لياقت عام مٿي،
ڪيني ڪامل تنهنجي ڪلام مٿي، قربان هزارين مان نہ رڳو.
انهيءَ زلف دراز جي دام اندر ٿيا قيد ڪروڙين شام و سحر،
۽ مثل ضيائي خاڪ بسر، پريشان هزارين مان نہ رڳو.

مولانا عبدالرحمان ضيائي ١٨١٣هہ جي، صفر مهيني ۾ ڳوٺ مولوي بهاءُ الدين تعلقو مير پور ماٿيلو ضلعو سکر ۾ ڄاوا. هو پنهنجي والد جو ننڍي ۾ ننڍي ۽ ڇهون نمبر پٽ هو. قران شريف جي تعليم پنهنجي والده ماجده کان ورتائين ۽ عربيءَ جا ننڍا ننڍا ڪتاب، اوائلي دور ۾، پنهنجي پيءُ وٽ پڙهيو. ان وقت، جيئن تہ سندن والد بزرگوار ضعيف ٿي چڪو هو، خاص ڪري سندن نظر گهٽ ٿي ويني هني، ان ڪري ضيائي وڌيڪ تعليم، ٻين مدرسن مان حاصل ڪني، سندن استادن ۾ مولانا عبدالڪريم ۽ مولانا حافظ محمد ابراهيم ڳڙهي ياسين وارو اچي وڃن ٿا. سندن تعليم جا آخري مرحلا حافظ محمد ابراهيم وٽ طئي ٿيا ۽ اتي ئي دستار بندي ڪيائون. تعليم پوري ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي ڳوٺ ۾ مدرسو کولي درس تدريس جو ڪم ڪرڻ لڳا. ڪجهہ وقت کان پوءِ، مدرسو پنهنجن ڀائرن جي حوالي ڪري، پاڻ هالا هليا ويا، جتي حضرت مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ صاحب وٽ رهڻ لڳا ۽ سندن چوڻ موُجب، اتي صاحبزادن کي فارسي ۽ علم عروض سيکاريندا هئا ۽ ڳوٺ واري مدرسي جي بہ نظرداري ڪندا هئا.

مولانا ضيائي مرحوم کي شاعري ورثي ۾ ملي هئي. فارسي ۽ سِنڌيءَ ۾ شاعري ڪئي اٿس. علم عروض جي وڏي مهارت رکندڙ هو. ان ڪري سندس اڪثر تصنيفون علم عروض بابت آهن، جن ۾ هڪ فارسي ڪتاب روائح العروض شرح بدرالعروض قابل ذڪر آهي. ٣٠ صفحن تي مشتمل هي ڪتاب بهاول پور مان ڇپيو هو. هاڻي ملڻ مشڪل آهي. ٻيو ڪتاب بہ فارسي ۾ علم قافيہ متعلق آهي، جيڪو اڻ ڇپيل آهي، ڪتاب جو نالو ـ "القول الکافي في شرح تذکرة القوافي" آهي. ٻڌڻ ۾ آيو آهي تہ سندس پٽ حاجي عبدالغفور اهي ٻئي ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ جي معرفت ڇپرائڻ چاهي ٿو. فارسي ۾ نثر کان سواءِ ضيائي جي شاعري بہ اعلىٰ پائي جي آهي. سندس فارسي ڪلام ۾ رواني ۽ سلاست آهي.

مان تہ ائين چوندس تہ هن جي لاڏاڻي سان، سنڌ ۾ فارسي شاعريءَ جو هڪ اهم دور ختم ٿي ويو، جنهن دور جي شروعات سندن والد بزرگوار کان ٿي هئي. مولانا ضيائي جو شاگرد، محترم نياز همايوني، مڙيوئي دونهين دکايو وينو آهي. هو فارسي زبان جو بہ وڏو ڄاڻو آهي. خاص ڪري پٽ ڌڻيءَ جو فارسي ۾ منظوم ترجمو، سندس فارسي زبان ۾ اعلىٰ مَهارت جو ثبوت پيش ڪري ٿو.

مولانا ضيائي مرحوم، سنڌيءَ جو بہ اعلىٰ پائي جو شاعر آهي. پاڻ جيئن تہ فارسي ۽ عربي جا ڄاڻو هئا، ان ڪري سندس شاعري ۾، انهن ٻولين جا لفظ گهڻا آهن. سندس سنڌي شاعري فڪر ۽ فن،

جڏهن عڪس اوهان جو گل تي پيو، تڏهن هوش هلي بلبل جو ويو،
۽ قمري ڪوڪو ورد ڪيو، تنهنجي قامت ڪي شمشاد ڪري.
آهين شاهہ، چڏي ڏي گدائي ڪي - ڏس پاڻ ۾ نور خدائي ڪي،
اهو اَمر عجيب ضيائي ڪي، چيو پير مغان ارشاد ڪري.

بهرحال ضيائي جي فارسي توڙي سنڌي شاعري ثابت ڪري ٿي تہ اسان هن شاعر ڪي (فيبروري ١٩٧٧ع) ۾ وڃائي وڏ ۾ وڏ ادبي نقصان سَٺو آهي. ضيائي جي فارسي ۽ سنڌي ڪلام جو وڏو ذخيرو "مجموعہ الغزليات". جي نالي سان، سندن پونين وٽ محفوظ آهي. هي سنڌي ادبي بورڊ جو فرض آهي تہ، سنڌ جي هن اعليٰ شاعر جي نگارشات کي اشاعت جي زيور سان آراستہ ڪري، ادبي دنيا کي، سندس چمڪ دمڪ ڏيکاري.

## اشارا

١- شيخ سعدي رح جي ڪريما جو پهريون شعر آهي:

ڪريما بہ بخشائي برحال ما،
ڪہ هستم اسيري ڪمندي هوا.

يعني "اي مهربان اسان جي حال تي رحم ڪر جو مان خواهشات جو قيدي آهيان". عوامي زبان ۾ مزاحيہ انداز ۾ ، هي شعر ان انداز ۾ ڳايو ويندو آهي، جيئن مون مٿي لکيو آهي.

٢- مولانا بهاءُ الدين ولد جلال الدين پاوناڻي قبيلي مان پتافي بلوچ هئا. ١٢٣٩هہ ۾ گهوٽڪي تعلقي جي هيبت شهيد ڳوٺ ۾ ڄاوا قران شريف هڪ مائي وٽ پڙهيا. فارسي جي تعليم مولوي حسين بخش کان ورتائون ۽ عربي سيد علي اڪبر وٽ پڙهيا. فارغ التحصيل ٿيڻ کان پوءِ درس تدريس جو ڪم ڪيائون. ٢٥ ورهين کان پوءِ اتان لڏي ڳوٺ مٺي لغاري لگ داد لغاري ۾ اچي مدرسو کوليائون. ڪجهہ وقت کان پوءِ داد لغاري کان ٥ ميل پري، پنهنجي نالي تي ڳوٺ ٻڌرائي، مدرسو کولي ويٺا. پاڻ ١١٣ سالن جي عمر ۾ ٢٣ شوال ١٣٥٢هہ ۾ وفات ڪيائون.

مولانا بهائي، طريقت ۾ خواجہ غلام فريد جو مريد هو ۽ سندن دوستن ۾ مولانا عبدالغفور همايوني، حافظ محمد صديق پرچونبدوي ۽ پير صاحب حزب الله شاهہ پير پاڳارو ۽ غلام صديق شهداد ڪوٽي هئا.

مولانا صاحب جون ننڍيون وڏيون ١٨. تصنيفون فارسي ۾ ۽ ٣ سنڌي ۾ آهن. سندس اڪثر ڪتاب، رياست بهاولپور جي نواب ۽ وزيرن جي حڪمن تحت بهاولپور جي سرڪاري پريس ۾ ڇپيا. ڪجهہ ڪتاب، پنهنجي ڳوٺ ۾ قائم ڪيل پريس "مڪتبہ بهائيہ" مان بہ شايع ڪرايائين. فارسي ڪتابن جا نالا هي آهن ١- بدرالعروض ٢- تذڪره القوافي ٣- ياد خدا ٣ - خورد و خواب ٥- مثنوي ٦- ديوان نعتيہ ٧- ديوان بهائي ٨- سرمايہ اخلاق حسن ٩- ما شهيدان ١٠- مناجات بقاضي الحاجات ١١- ڪريما بهائي ١٢- مراس العلوم يعني در منظوم ١٣- مجمع الفوائد ١٣- داستان عاشقانہ ١٥- مَراة الخيال ١٦- چهل

احاديث منظوم ١٧ـ تنبيه نجدي ١٨ـ ڪتاب جي نالي جي خبر ناهي.

سنڌي ۾ هي ڪتاب آهن: ١ـ تنبيھ الڪاهلين ٢ـ بلال نامہ ٣ـ ڏاچي نامو ۴ـ خطبن جو مجموعو.

فارسي ۽ سنڌي ڪتابن مان گهڻا ڇپيل بہ آهن. مولانا بهائي کي ڇهہ پٽ ٿيا: ١ـ مولوي محمد يوسف ٢ـ مولوي جلال الدين ٣ـ مولوي محمد بخش خيالي ۴ـ فقير احمدالدين ۵ـ مولوي محمد اعظم سراجي ٦ـ مولوي عبدالرحمان ضيائي.

مولوي محمد بخش سنڌي ۽ فارسي جو سٺو شاعر هو. سندس فارسي ۾ "ڪريمہ خيالي" ڇپيل ڪتاب آهي، جيڪو بهاولپور مان شايع ٿيو. سنڌيءَ ۾ سندس مؤلود مشهور آهن.

ولهين جو پروسو وارث محمد مصطفيٰ آهي،
اسان هيڻن فقيرن جو، اهو حاجت روا آهي.
اهو محبوب موليٰ جو ـ اهو مطلوب موليٰ جو،
اهو مرغوب موليٰ جو ـ سو رهبر رهنما آهي.

مولوي محمد اعظم سراجي بہ سٺو شاعر هو. سنڌيءَ ۾ قصو سسئي پنهون، قصو هير رانجهو ۽ مختلف غزل ۽ ڪافيون، سندس دستي ڪتاب موجود آهن.

٣ـ مولوي محمد عالم سومرو اختر ميرپور ماٿلي شهر جو ويٺل هو. فارسي ۽ عربيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ عالم هو. قرآن شريف جو ترجمو ڪيل اٿس جيڪو گذريل سال ڇپيو آهي. پاڻ بہ سنڌي ۽ سرائڪيءَ جو سٺو شاعر هو. مولوي بهاءُالدين جو شاگرد هو. شاعريءَ جو شوق بہ وٽانئس پراپائين. تازو وفات ڪري ويو آهي.

●

آئون سمجهان ٿو، تہ ان ۾ دخل ان مگڻهار فيملي جو آهي، جنهن سان آئون وابستہ هئس.

تعليم جي ڏس ۾ مون کي حيدرآباد وڃڻو پيو، اتي ٽريننگ ڪاليج فارمين ۾ اسان جو ميوزڪ ٽيچر هو ماسٽر پي. ڪي. خان، هن جڏهن مون کي ٻڌو تہ ڏاڍو خوش ٿيو ۽ ڏاڍي پيار سان مون کي مختلف طرزون ڳارائيندو رهيو ۽ انهيءَ زماني ۾ ڪڏهن ڪڏهن ٽيڙ ڪمپنيون اينديون هيون، تہ آئون ادا سائين مرحوم سان ٽيڙ ڏسڻ هليو ويندو هئس. اسٽيج تي ڇا ٿيندو آهي؟ ان کان آئون بي خبر هوندو هُئس. ٿيندو ائين هو جو ٽيڙ جون بندشي طرزون ڪيئن ٿيون وڃن، ٽيڪا ڪيئن ٽالڳن، انهن کي چاڻڻ لاءِ منهنجو سڄو ڌيان.هارمونيم ۽ طبلي ڏانهن هوندو هو ۽ ڏاڍي حسرت سان سوچيندو هئس، تہ مان بہ ڪڏهن ان قابل ٿي سگهان! ائين هارمونيم وڄايان ۽ ڌنون ڪمپوز ڪريان. اهو هڪ خواب هو، جنهن کي پوءِ تعبير مليو. ان جو آئون پوءِ ذڪر ڪندس.

بهرحال منهنجو شوق جنون جي حد تائين وڌي چڪو هو، ڪراچي بندر روڊ تي جتي اجڪلهہ ڪيپري سئنيما آهي، اتي هڪ بنگلي ۾ ملٽريءَ جي هڪ رٽائرڊ ڪرنل پرائيويٽ اسڪول کولي رکيو هو ۽ اتي ئي سندس پرائيويٽ بورڊنگ هائوس بہ هو، جتي سنڌ جي معزز ۽ زميندار گهراڻن جا ٻار رهندا هئا. مون کي بہ اتي ئي داخلا ملي وئي. مون کان پهرين جيڪي سينئر ڇوڪرا اتي رهندا هئا. تن ۾ سنڌ اسيمبليءَ جو اڳوڻو اسپيڪر آغا صدرالدين، تحريڪ استقلال پارٽي جو اڳوڻو پريزيڊنٽ ۽ سينيئر احمد ميان سومرو پٽو خاندان جي سردار واحد بخش خان جو پٽ پير بخش خان (پيءَ جي وفات کان پوءِ پٽو فيملي جو پاڻ ئي سردار هو) واحد بخش خان جي ننڍي ڀاءُ نبي بخش خان جو صاحبزادو غلام مصطفيٰ خان، احُمد ميان سومرو جو سوٽ حيدر بخش سومرو سنڌ جي گرهوڙ شريف جي سيد احمد شاهہ جو صاحبزادو سيد عبدالله شاهہ ۽ سردار نور محمد گولا جو صاحبزادو، هتي آئون ذڪر ڪندس تہ سردار نور محمد گولا راڳ ۽ راڳداريءَ جو ايڏو تہ چاڻو ۽ سريلو هو، جو جڏهن ادا سائينءَ سان ملڻ ايندو هو ۽ جهونگاريندو هو، تہ سُر جو تاثير اثرانداز ٿيندو هو. آخر ۾ آئون مرحوم مير علي نواز خان جو ذڪر ڪندس جيڪو پاڪستان جي گهرو وزير ۽ سنڌ جي روينيو منسٽر غلام علي خان ٽالپر جو ننڍو ڀاءُ هو ۽ سنڌ جي اڳوڻي سينيئر منسٽر مير اعجاز علي خان ٽالپر جو چاچو هو. هو پاڻ بہ ڪنهن زماني ۾ وزير رهي چڪو هو. منهنجو ڏاڍو گهاٽو يار هو. ننڍو قد، سنهڙو سيپڪڙو جسم ڏاڍو اسمارٽ ۽ ڪرنل صاحب جو تہ ڏاڍو فيورٽ هو ۽ اسان تي چغليون هڻي وڃي ڪيس ٻڌائيندو هو ۽ اسان کي موچڙا هڻائيندو هو، گهڻو ڪري اسان سڀني کي واري واري سان موچڙا هڻائيندو هو.

جڏهن اسين وڏا ٿياسين تڏهن چرچو ڪندي سڄي سنگت کي جغليون هڻي موچڙن هڻائڻ جو ذڪر ڪندو هو ۽ چوندو هو تہ منهنجو هي ڪم نہ ڪندا، تہ آئون ڪرنل صاحب کي ڇني موچڙا هڻائيندوسانو! ۽ اسين ڏاڍو کلندا هئاسين، پر ڪنهن کي خبر هئي تہ ننڍي عمر ۾ ئي هن فاني دنيا مان پاڻ رخصت ٿي ويندو! ۽ اتي هُن دنيا ۾ مسٽر روزو آڏو اسان جون چغليون کائڻ لاءِ هليو ويندو، اتي پاڻ ڪهڙيون جغليون کاڌيون هونديون اها خبر تہ اتي وڃي پوندي.

ڪجهہ عرصي کان پوءِ مون کي ڪراچيءَ جي سينٽ پيٽرڪ اسڪول ۾ داخلا ملي وئي ۽ آئون ڪرنل

پنڊت جي جو هڪ قصو مون کي ياد اچي رهيو آهي. سندس ڪلب ۾ ماڻهو ستار سکڻ به ايندا هئا. وايولين سکڻ به ايندا هئا. ائين مختلف ساز سکڻ لاءِ ماڻهو ايندا هئا ۽ وٽس مختلف ساز موجود هوندا هئا. هڪڙي ڏينهن سندس هڪ ساز هو "دلربا" اهو چوري ٿي ويو. تنهن ڪري هو مون وٽ آيو. آئون ڪلب جي علائقي جي گارڊن ۾ منهنجي ياءُ جي دوست عامر خان صاحب جيڪو انچارج هو. ان وٽ ڪيس وٺي ويس. هو به منهنجي لاءِ وڏي ياءُ وانگر هو. مون کان پڇيائين: "شاهه صاحب ڪيئن اچڻ ٿيو آهي؟" مون ڪيس سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي. هن منشيءَ کي گهرايو ۽ ڪيس جيو ته وڃي رپورٽ داخل ڪرائي. مون ڪيس چيو ته آئون به گڏيو وڃان. چيائين ته ها ڀلي!

پنڊت جيءَ فرمايو ته "صاحب منهنجو "دلربا" چوري ٿي ويو آهي!" ته منشي قلم ڪن تي رکي چيو ته "توهان کي ڪنهن تي شڪ آهي؟" هو چوڻ لڳو ته: "مون وٽ ڪيترائي شاگرد ايندا آهن!" منشي چوڻ لڳو ته: "ڪنهن سان سندس شڪي حالت ۾ اٿڻ ويهڻ، ڪلڻ ڳالهائڻ ...." مون کان ڪل نڪري وئي ۽ چيم ته: "سائين منهنجا، اها دلربا ڪلڻ ڪيڏڻ واري نه آهي. بلڪ وڄائڻ واري دلربا آهي."

●

# منهنجو سرهه ۽ گڏ جو پهريون شڪار

مخدوم محمد زمان "طالب المولیٰ"

ڪير ٿر جبل ۾ جتي سرهه ۽ گڏ جو شڪار ڪبو آهي، اهو هالان ٽاٽي بولا خان ڪبو آهي ۽ اتان "ڪرچات مرڪان" پهچڻ واسطي جيپ ۾ سچ ذري گهٽ لهڻ وارو هوندو هو ته اتي پهچبو هو. اها ڳالهه اڄ کان اٽڪل ۳۵ سال کن اڳ جي آهي، ان وقت سڌو سنئون روڊ نه بلڪ جبل جي هيٺ مٿان وارو رهڙ (رستو) هوندو هو. "ڪرچات" آئوٽ پوسٽ پوليس جي هوندي هئي، جتي ان ننڍڙي ڳوٺ ۾ انگريزن جي ٺهرايل پٿر جي پڪي جاءِ چند ڪمرن جي هوندي هئي، اتي هڪ جمعدار ۽ ٻه ٽي پوليس وارا رهندا هئا. ڪرچات ۾ اسين يا ٻيا شڪاري انهيءَ ٽاٽي ۾ رهندا هئاسون ۽ هڪ ٽرڪ ٻه سيڌي سامان ۽ فروٽ سميت گڏ هوندي هئي. ڪرچاٽ ۾ شڪار ڪرڻ لاءِ هڪ هفتي جي اجازت هوندي هئي ۽ حڪومت جي قانون موجب هڪ سرهه جنهن جا سڱ ۳۲ انچن کان وڏا هجن ته هڪ داٽي شڪار (مارڻ) ڪرڻ جي اجازت هئي ۽ اتي ٽي ڏهه روپيه جمعدار وٽ جمع ڪرائڻ سان پرمٽ ملندي هئي. اٽڪل نون يا ڏهن ڏينهن بعد موٽبو هو.

اتي اٽڪل چند پڳي (پير ڪٽندڙ) موجود هوندا هئا ۽ باقي ويهارو کن ٻيا ڳوٺ مان ونگاريا (جتي وارا) هوندا هئا يعني جانور ورائيندڙ اهي ٻه ساڻ گڏ ڪٽي فجر ڏاري يا ڪلاڪ ٻه اڳ جبل جي مقرر ٽيل هنڌ ڏي هليا ويندا هئا ۽ وجي صبح کان اڳ وڏو گهيرو وجهي ويهي رهندا هئا. شڪارين يا شڪاري کي سندن ڪيل صلاح و مشوره موجب مقرر هنڌن تي چند ميلن تي جيپن ۾ سوار ٿي جبل جي پاڙ ۾ لهي شڪاري پيدل جبل تي چڙهي ڪڏٽي يا ڪڏٽن ۾ هلي ويهندا هئا. ڪٽهن گهٽ ڪٽهن وڌ چڙهائي ڪرٽي پوندي هئي ۽ چيف پڳي جنهن جو واحد ڏنو نالو هو سو شڪارين سان گڏ هلندو هو ۽ ڪڏٽي ۾ شڪاري سان گڏ ويهندو هو، تان ته هو ٻڌائي ته اهو سرهه وڏو آهي ان تي رائيفل هلائجي.

هر هڪ پڳي جو روز ٻه روپيه مقرر هوندو هو. ڏينهن ٻه جبل جي اوپر طرف ڪوشش ڪئي وئي مگر شڪار ڪونه لڳو ۽ چيف پڳي جي صلاح سان ڪير ٿر جي اولهه طرف "آرب جي ڪوهر" تي منزل انداز ٿياسون، ڪوهر يعني ڪوه. اهو ڪوهر پٿر سان پڪو ٻڌل هو، آرب نالي ڪنهن شخص آڳاٽو اهو ڪوهر ٺهرايو هو.

سنڌ جي وڏن جبلن جو اوپر اپو ۽ ڏکيو مگر اولهه لهوارو اوپر کان سُکيو هوندو آهي. ڪرچات کان جيپن ۾ چند ميل ڏکڻ طرف هلي ڪير ٿر جي شروع ٿيڻ واري حصي تي پهچبو هو ۽ اتان پيدل گهمي اولهه طرف اٺن تي سوار ٿي آرب جي ڪوهر تي رسبو هو ۽ اها رات آرام ڪري ٻي ڏينهن ۸ وڳي نيرن ڪائڻ بعد اٺن تي سوار ٿي ٽن چئن ميلن تي لهي پيدل جبل تي چڙهائي ڪري آيا ۱۱ وڳي ڏاري ويهندو ساهه

ڪٽندو ۽ پاڻي بيٺندو (جيڪو ساندارن ۾ گڏ هوندو هو) هلي ڪڏٽي يا ڪڏڻن ۾ ويهبو هو. جبل وارا ڪڏٽي کي "ڪڏ" چوندا آهن. پوءِ چيف پڳي سڪل ٿوهر کي باهه ڏيندو ته ان جو دونهون سڌو مٿي وڏي گولائي ۾ آسمان ڏي چڙهندو ته ماڻهو سمجهندا ته هاڻي شڪاري ڪڏڻن ۾ ويهي رهيا آهن ۽ هو جانورن کي هڪلڻ شروع ڪندا ته ڪلاڪ ٻن اندر جانور (سرهه) هڪ هنڌ يا ڪٿي به وڃي گڏبا ۽ ڌڻ جي صورت ۾ اتر کان ڏکڻ ڪڏڻن ڏي روانا ٿيندا. اڳ ۾ ماديون (جن کي جبلي ارڻي چوندا آهن) هلنديون آهن ۽ نر (جن کي جبلي "ٽير" چوندا آهن) اهي پٺيان هوندا آهن، چو ته دستور قدرت جو آهي ته نر هميشه مادي جي پٺيان ايندا يا ايندو آهي. جانورن (سرهن) جا ڪي وڏا ته ڪي ننڍا ڌڻ به ٿيندا آهن وڏي ڌڻ ۾ اٽڪل ٻه سو ڪن يا وڌيڪ جانور هوندا. جبلي جانورن يا جبلي جانور کي "مِرو" به چون. جڏهن مرو ڪڏ وٽ رائيفل جي مار ۾ ايندا ته چيف پڳي ٻڌائيندو ۽ چوندو فلان نمبر ٽير تي رائيفل جو فائر ڪيو، پوءِ شڪاري جي قسمت ڌڪ لڳي يا نه لڳي. لڳو ته واهه واهه ڳتو ته مايوسي ٿيندي.

مون جڏهن ڪير ٿر ۾ شڪار لاءِ وڃڻ شروع ڪيو ته ان کان گهڻو اڳ پير احمد شاهه جيلاني مرحوم راڻي پور وارو ڪير ٿر هر سال ويندو هو ۽ ٻيو ڪوبه شڪاري ڪونه ويندو هو. تنهن ڪري چيف پڳي واحد ڏنو گويا پير احمد شاهه جيلاني جوني شڪاري هو. آئون ته ان لاءِ نئون هئس تنهنڪري پيسن جي لالچ سبب ۽ قانون موجب مون سان هليو ته سهي پر اندر ۾ پرايو هو، ٻهرئين ڏينهن جنهن ڪڏ ۾ وڃي ويٺاسين ته واحد ڏنو ۽ محمد عمراڻي ۽ منهنجو خفتي مون سان گڏ ويٺا. جتي ڪڏ ۾ ويٺاسون ان کي "ڪيري وارو ڪڏ" چوندا آهن، چو ته ڪڙ جي سامهون پري هڪ پل وانگر ٽنب آهي جنهن کي "ڪيرو" (ڪير) سڏيندا آهن مِرو ان ڪيري وٽان اچي انهي ننئي جو ترو ڏئي گڏجي سامهون اتر طرف چڙهندا آهن پوءِ فائر ڪبا آهن انهي ڪڏ ۽ مرو جي وچ ۾ هڪ سو ڪن گزيا ٿورو هڪ وڌ فاصلو هوندو آهي ۽ بلڪ ويجهو مرو هوندو ته ١٢ بور واري بندوق به مار ڪندي.

جڏهن جانور (مرو) ڪيري وٽان گذرندا هنا ته چيف پڳي مونکي چيو ته ڌڪ هڻ مون چيو ته ٽير تمام پري آهي چيائين ته نه هڻ آئون به الهڙ سو اٽڪل ٣٠ والن تان رائيفل جو فائر ڪري ڏنم ۽ ٽير کي مٿي ۾ لڳو چو ته ڌڪ لڳڻ شرط لڏي ويو مگر ڌڻ سميت هليو آيو. واحد ڏني ڏنو ته هاڻ مرو شڪاري (آئون) جي سامهون اچي مٿي چڙهندا ته سندس ٽنگي پڌري ٿي پوندي سو چيائين ته ترسو مرو (اشارو ڪندي) هتان چڙهندا ته پوءِ ڌڪ هڻجو. ڏٺم ته چيف صاحب ته ٽنگي ڪني پر ڌڪ به لڳي ويو ۽ جانورن (مرن) جو ڌڻ به نئن جو تر ڏيو اچن پيا، تيتر مرن جي اچڻ جو آواز به ٻڌڻ ۾ آيو. چيف صاحب هر هر اپو ٽيو هيٺ مرن ڏي ڏيکائي ڏيڻ لڳو ته جيئن مرو ٻني طرف وڃن. مون پنهنجي خفتي محمد عمراڻي کي حڪم ڏنو ته چيف صاحب کي وٽ حڪم ڏيڻ شرط چيف صاحب کي عمراڻي وٺي ويهاريو، تيتر مرو به اچي منهنجي سامهون نئن کان مٿي چڙهڻ لڳا، چيف صاحب رڙ ڪري چيو ته "سائين" انهي ٽير کي ڌڪ هڻ سو بلڪل ساڳيو آهي" مون پنيري ٽير تي رائيفل جا ٻه فائر ڪيا ته ٻني گوليون هڪ ٻني جي پرسان پيٽ ۾ لڳس چو ته ڪجهه پاسيرو هو ۽ پيٽ ڦاڙڻ سبان آندا نڪري آيس ته به جبل تي چڙهندو ويو. مگر آهستہ آهستہ. جڏهن پنيرو ٿيو ته چيف صاحب محمد جي هيٺيان جيو ته هاڻ بندوق هڻ. شڪاري شڪار

ڪرائڻ واري جي وس ۾ نہ ٿيندو آهي، تنهنڪري ١٢ بور بندوق جا ٻہ ڏڪ هنيم ۽ ٻئي ڇرن (ٻونن تنگن جي ان کي ڇرون چنبو آهي) ۾ لڳس تہ ڪافي لڏي ويو، بندوق ۾ ڪارتوس ڊبل ايس جي بيل هئا. تتي چيف صاحب چيو تہ هاڻ بس ۽ مون کي ڇڏايو، محمد کي چيم تہ جڏهن هو اٿيو ۽ مٿي اگهاڙو ٿير جي پنيان ويو تہ جبل جي هن پاسي ٿير ڪريو پيو هو ۽ حلال ڪري پنهنجي همراهن سميت کڻي آيو ۽ پنهنجي ٺڳي جي معافي ورتائين. ان وقت لنچ ٽائيم ڪجهہ ٽري ويو هو پر لنچ کائي ۽ وارن توڙي پنهنجن همراهن کي لنچ کارائي ورياسون واپس ۽ سج لٿي بعد آياسون منزل تي، منهنجو هر ڪنهن شڪار ۾ اهو دستور هو تہ نيرن کائي نڪربو يا نيرن وات تي کائبي جا گڏ هوندي هئي، اهڙي طرح لنچ بہ شڪار هلندي شڪار ۾ ايندي هئي ۽ شڪار ڪرڻ بعد يا شڪار هلندي کائبي هئي.

ٻڪري جي خاندان جو ٻڪري جهڙو ئي ٿيندو آهي، ماديون ذري گهٽ ٻڪرن جهڙيون ئي ٿيندون آهن مگر وڏا نر (ٿير) انهن جا سڱ پوئتي وريل ٥٢ انچ کن وڏا بہ ٿيندا آهن پر اڪثر ٣٢ انچ وارو ٿير مليو تہ وهوا.

مادين جو رنگ ڀورو ۽ چوٽا سڱ ٻڪري جهڙا ٿيندا آهن مگر ٿير جي ڄاڙي هيٺان ٻہ ٽي انچ ڏاڙهي بہ ٿيندي آهي، ٿير ڪارا، ڀورا ۽ اڇي رنگ جا ٿيندا آهن. سرهن جا کر بہ ٻڪرن جهڙائي ٿيندا آهن مگر انهن ۾ چقمق واري صلاحيت ٿيندي آهي، ايتري قدر جو ڪيڏو بہ جهنپ هيٺ مٿي ڏيندا تہ ٿڙندا هرگز ڪونہ ۽ ٻي خوبي منجهن هي بہ هوندي آهي تہ هزار هزار فٽ سڌو جبل هوندو تہ ان تي بہ آساني سان چڙهي ويندا آهن.

سرهہ ڏينهن ۾ بہ هڪ ٻہ ڀيرو جبل جي چشمن مان پاڻي پيئندو آهي، سرهن جي ولر ۾ هڪ ارني (مادي) ولر جي اڳ ۾ ڪجهہ فاصلن تي هلندي آهي جنهن جو ڪم هوندو آهي معلومات وٺڻ تہ ڪو ماڻهو يا ڪو خطرناڪ درندو وغيره تہ ڪونهي، جي ذرو بہ شڪ پيس تہ پوءِ نگارو بہ هڻندي ۽ هڪ پير بہ زور سان زمين (جبل) تي هڻنديَ تہ سمورو ولر هڪ دم واپس هليو ويندو.

انگريزن اهو قانون ٺاهي ڇڏيو آهي تہ مادي ٻچو ٢-٣ انچن کان ننڍو جانور هرگز ڪونہ ماربو ۽ منهنجو ان تي عمل هو، هونءَ بہ مادي ٻچو ۽ ننڍو نر خفتي شڪاري ڪونہ ماريندا آهن.

## گڊ جو شڪار

ڪير ٿر جبل ۾ گڊ بہ آهن مگر جبل جي اولهہ طرف خاص طرح ۽ زياده آهن، سرهہ جي ڀرنين شڪار جو ذڪر تہ مٿي ٿيو هاڻ گڊ جي ٻي ڏينهن واري شڪار جو بيان پيش ڪجي ٿو، ٻچا تي معلوم ٿيو تہ ويهبو تہ ڪالهوڪي ڪڏ ۾ پر ويڙهہ ٻي طرف ٿيندو جنهن ۾ تمام وڏو ڦير موجود آهي. قانون موجب ٣٠ انچن کان مٿي سڱن وارو گڊ شڪار ڪبو، مونکي اطلاع مليو تہ ٣٠ انچن کان مٿي سڱ اٿس ۽ ڪارو آهي ڪالهہ جنهن ڪڏ ۾ ويٺو هو تہ اج ساڳي ڪڏ ۾ ئي وهارينون، ٻڌايانون تہ ڪالهہ سرهہ جتان مٿي چڙهيو پئي تہ اج وري اتان گڊ هيٺ لهندو سرهہ کي فائر ڪرڻ واري رائيفل سيون ايم ايم هئي ۽ ١٢ بور بندوق مگر اج گڊ واسطي ٢- ٢ سيويج هائي پاور ڊبل بيرل رائيفل هرف هئي.

آئون انهيءَ ڪڏ ۾ ويٺو هئس جنهن ۾ ڪڏهن ٻي ڀيري چار گڊ نمبر وار آيا تہ چارئي شڪار (ماريم)

ڪيم.

انتظار ڪندي ڪندي اوچتو جبل جي چوٽي تي اهو ڪارو گڏ نمودار ٿيو ۽ ٻيهي هيٺهن هوڏانهن ڊسڻ لڳو. منٽ پن بعد هيٺ لٿو ۽ جبل جي وچ واري هنڌ تي اچي پاسيرو بيٺو ۽ مون به بسم الله ڪري فائر ڪيو ته ڪج ڪان پول ڏي چيلهه ۾ گولي لڳس ۽ ويهي رهيو. چيف صاحب اڃ بنهه سوار هو مگر منهنجو خفتي محمد عمراڻي پڙڪو ڏني اٿيو ۽ چيف صاحب ڪان اڳ وڃي گڏ کي ڪنيو ۽ انين شڪار ختم ٿيو چو ته جنهن جانور لاءِ آياسون اهو مليو.

گڏ جبل جي لاهي ۽ چاڙهي ۾ بيحد تيز رفتاري سان هلندو آهي گڏ دنبي يا رڍ جي خاندان مان آهي ۽ نمونو توري سندس سڱ به وٽيل هوندا آهن. گڏ سرهه وانگر مٿاهن جبلن تي ڪونه چڙهندو آهي بلڪ هو اڪثر ماٿرن ۾ رهندو آهي.

ڪالهوڪي سرهه جا سڱ ٣٨ انچ ۽ اڄوڪي گڏ جا ٣٥ انچ سڱ هئا. سرهه ۽ گڏ کي ڏسڻ سان معلوم ٿني ٿو ته عمر جا به تمام وڏا هئا ۽ سندن گوشت به وڏي جانور جهڙو سخت هو.

حقيقت ۾ شڪاري جانورن (مرن) جي گوشت جي ضرورت ڪانه ٿيندي آهي مگر سندس سڱن جي ڏيکاني جو قدر ڪبو آهي.

سرهه جو سڪل پتو مٽي تيل جي شيشي ۾ وجهي سخت گرمي (مئي جون) اس تي ٣٠ ڏينهن رکي پوءِ نزلي واري ماٺهو کي نڪ ۾ وجهبو ته فائدو ٿيندو آهي.

شڪار پوري ٿيڻ بعد ٻي ڏينهن موٽياسون ۽ "مهاڙ" تائين ائن تي سف ۽ "مهاڙ" پيدل طئي ڪري جيپن تي سوار ٿي ڪرچات ۾ رات رهي صبح جو واپس روانو ٿي رات جو خير سان هالين پڳاسون. ڪير ٿر جبل جتان ڏکڻ طرف شروع ٿني ٿو ان کي "مهاڙ" چوندا آهن ۽ مهاڙ ۾ هرڻن جو شڪار ٿيندو آهي ۽ اتفاق سان ملي به ويندا آهن. مون هڪ ٻيرو مهاڙ ۾ هرڻ جو شڪار به ڪيو آهي، جنهنم هڪ هرڻ شڪار ٿيو جبلي هرڻ کي "هر" چوندا آهن.

جبل جي شڪار ۾ ڪڏ ان وقت جي مهل ۽ موقعي جي مناسبت سان ٺاهبو آهي مگر هي خيال ضرور رکبو آهي ته ڪڏ جي پٺ ڪليل نه هجي ته مرو کي شڪاري هڪدم نظر اچي ويندو ۽ مرو موٽي ويندو يا ته ڪنهن ٻئي پاسي هليو ويندو ڪڏ. ڪڏ شڪاري جي اڳيان به بند رکبو ايتري آڏ ڏجي جنهن مان بندوق يا رائفل هلائي سگهجي، ڪڏ ايترو ته ننڍو ٺاهبو آهي جنهن ۾ شڪاري ۽ هڪ سندس خفتي همراه ويهي سگهن.

ڪڏهن ته ڪڏ ايترو ننڍو هوندو آهي جو صرف شڪاري ويهي سگهي ۽ خفتي همراه ڪڏ پنهنجو ٺاهي وهندو آهي.

لفظ خفتي اصل ۾ آهي "خبطي" يعني شڪار ڪرڻ جو شوقين ان مان ڦري لفظ "خفتي" ٿي ويو آهي.

جبل ۾ هلڻ ۽ چڙهڻ لهڻ واسطي باٽا ڪمپني وارا رٻڙ جي تري وارا بوٽ پائبا آهن چو ته اهي پٿرن تان ترڪندا ڪونه بلڪ پٿرن تي ڦهي هلندا، چمڙي وارا سليپر (مڪيشن) يا بوٽ ٻن ڏينهن اندر ٽي ڇلجي ۽ بيڪار ٿي ويندا آهن. ڪپڙا شڪار ۾ هميشه خاڪي رنگ وارا ڊڪبا يا فوجي ڪلر وارا نه ته اڇن ڪپڙن

ڪي مرو (جانور) پريِ ڪان ڏسي وٺندو ۽ ڪڏ جي ويجهو هروڀرو نہ ايندو مٿي ۾ بہ خاڪي رنگ واري ڪئپ يا فوجي ڪلر واري هيٽ پائبي، ڪڏ ۾ وس پڄندي چربو ڦربو بہ ڪونہ سارو ڏينهن اس ۾ وهٽو پوندو آهي ۽ ڪاڻ پيڻ لاءِ پاڻي ۽ ڪا شيءِ بہ پاڻ سان گڏ رکبي آهي، جبل ۾ جانورن جي شڪار جي موسم ڊسمبر يا جنوري هجي يعني اتر جي چوٽ هوا لڳي، سرھ ۽ گڊ ڪي ماڻهو جي بوءِ هڪدم ايندي آهي ۽ جانور بنان دير ڏکڻ طرف ڀڄندا ايندا آهن جبلي جوندا آهن تہ سرھ ۽ گڊ ڪي جسم جي بچن (وارن) ۾ ماڻهو جي بو محسوس ٿئي ٿي سندن نظر ڪمزور ٿئي ٿي ۽ گڊ تيز ڀڄڻ ۾ بہ سرھ سلو ۽ گڊ تيز ٿيندو آهي سرھ ۽ گڊ توڙي هر (هرڻ) جي شڪار لاءِ رائيفلون ٢-٢ سيويج هاءِ پاور سيون ايم . ايم، ٢-٢ هارنيٽ ۽ ٢٢ بور وغيره واريون استعمال ڪبيون آهن ۽ بندوق ١٢ بور ڪارتوس ايس جي يا ڊبل ايس جي ڪم آڻڻ گهرجي، اڄڪلھ سرھ ۽ گڊ جي شڪار جي پرمٽ روينيو جو وزير يا چيف منسٽر ڏيندو آهي ۽ ڏهن روپين بدران ڏھ هزار روپيہ پرمٽ جي في يا قيمت آهي جو تہ شيخ صاحبان (عرب) اچي هن ملڪ ۾ پيا آهن تن سارو ڪم پيسي جي زور تي ڦهلائي ڇڏيو آهي هو جبل يا بيابانن ۾ تلور جي شڪار لاءِ سيزن ۾ تہ لکين روپيہ خرچ ڪن ٿا مگر پاڪستان ۾ پنهنجي لاءِ تلورن وارا علائقا هميشہ لاءِ پيسن جي زور تي وٺي ڇڏيا اٿن ۽ بيابانن ۾ محل تعمير ڪرايل اٿن جن ۾ اچي رهندا آهن محلن لاءِ سنڀال ڪرڻ واسطي ١٢ ني مهينا نوڪر بہ مقرر ڪيل اٿن، بي. بي. سي تان "شير دريا" (دريائي سنڌ) بابت جيڪو تفصيل (اڄ ڪان چند ماھ اڳ) هڪڙا بيان نشر ڪيل آهن ان ۾ انهن محلن جو احوال ٻڌايو ويو آهي.

●

# شاھ جي شاعريءَ ۾ فن جي اُپٽار

## ڊاڪٽر الياس عشقي

**جولائي،** آگسٽ ـ سيپٽمبر ۱۹۸۶ع جي مهراڻ (سنڌي ادبي بورڊ) ۾ شاھ جي بيتن ۽ واين ۾ وزن ۽ قافيي جا معيار جي عنوان سان سنڌي زبان جي برک دانشور ۽ شاھ لطيف جي ممتاز محقق محترم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو هڪ خيال افروز تحقيقي مضمون شايع ٿيو آهي، جيڪو سندن مرتب ڪيل جامع مستند معياري رسالي (زير طبع سنڌي ادبي بورڊ) جي مقدمي جو هڪ ڀاڱو آهي.

انهيءَ مضمون ۾ ڊاڪٽر صاحب ڪي اهم سوال اُٿاريا آهن. بظاهر مضمون جو عنوان شاھ جي فن سان تعلق رکي ٿو پر ان جو خاص مقصد شاھ جي رسالي جي صحيح لکيت سان آهي جو ان جي ڪري ئي شاھ جي رسالي جي پڙهڻين کي معياري بڻائي سگهجي ٿو. اهڙين پڙهڻين سان ئي شاھ جي ڪلام کي درست ۽ هڪڙي انداز ۾ پڙهڻ ممڪن ٿي سگهندو. پر اسان جو مقصد فن جي مسئلن سان آهي جيڪي ان مضمون جي مطالعي کان پوءِ پيدا ٿين ٿا. فن جا اهي نڪتا ۽ مسئلا اسان جي هن مضمون جو موضوع آهي.

ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي "سنڌي شعر کي پنهنجو وزن آهي جيڪو علم عروض يا ڇندو وديا جي قاعدن جو محتاج ڪونهي" سندن لکڻ جو مقصد آهي ته سنڌي ڪلاسيڪي شاعريءَ جو (جنهن جو اهم حصو شاھ سائين جو ڪلام آهي) سلسلو "ارڪان افاعيل" يا ڇندوديا مطلب ته حرڪت ۽ سڪون ۽ ماترائن جي ڳڻپ جي نظام کان جدا آهي، جڏهن ته دنيا جي هر زبان جي شعر جو بنياد انهيءَ نظام تي رکيل آهي. ڊاڪٽر صاحب جي لکڻ جو مطلب آهي ته شاھ صاحب جو ڪلام فطري ۽ غير شعوري آهي ۽ شاھ جي مادري سنڌي ٻوليءَ جو مزاج ۽ ان جي شاعري صدين جي جاڻ جو نتيجو آهي. جيتوڻيڪ شاھ صاحب جو دور علم عروض جو دور هو پر شاھ ڪنهن به نظام فن جو پابند نه هو.

ڊاڪٽر صاحب جو اهو خيال نه سنڌي شاعريءَ سان ٺهڪي اچي ٿو نه وري شاھ جي ڪلام سان. ڇاڪاڻ ته هر ٻوليءَ ۾ شاعريءَ جو مزاج صدين ۾ ٺهندو آهي. ان جي اوسر فطري هوندي آهي ۽ ڪنهن حد تائين غير شعوري به ٿئي ٿي. پر فن کٽي کهڙو به هجي ان جو وڏو ڀاڱو شعوري هوندو آهي. اها عجب جهڙي ڳالھ ڇنبي ته شاھ ڪنهن به نظام (وزن) جو پابند نه هو، جيتوڻيڪ رسالي جي هر بيت ۽ بيت جي هر سٽ موزون پڙهي ويندي آهي ۽ پاڻ ڊاڪٽر صاحب به شاھ جي ڪلام کي صحيح پڙهڻ لاءِ اهو مضمون لکيو آهي. ڇا ڊاڪٽر صاحب انهن ابوجهہ عروض دانن جو هم خيال آهي، جيڪي شاھ جي ڪلام کي رڳو ان ڪري "غير موزون" سمجهندا هئا جو اهو عروض جي سيني قاعدن مطابق صحيح

نہ هوندو هو. ڊاڪٽر صاحب جي ان ڳالهہ سان تہ "شاهہ ڪنهن بہ نظام فن جو پابند نہ هو" اسين اتفاق نہ ٿا ڪريون، جو جو شاهہ صاحب جا بيت ۽ وايون ڇند وديا جي اصولن مطابق آهن جيڪا حقيقت اڳتي هلي اسين سندن ڪلام جي ڇند وديا هيٺ تقطيع مان ثابت ڪنداسون.

ڊاڪٽر صاحب جي چوڻ مطابق "سنڌ ۾ ڇند وديا جو نالو نشان ئي نہ هو ـ شاهہ صاحب، ٻاهرين ماپن جي قيد بند کان آجا هئا ـ شاهہ جو ڪلام آلاپ ۽ الحان جي ترازيءَ ۾ تُريل آهي." ڊاڪٽر صاحب ان ڳالهہ کان انڪاري آهن تہ سنڌ ۾ ڇندوديا جو ڪو وجود بہ هو ۽ ڇندوديا ڪو هن سرزمين جو فن آهي. جنهن سرزمين تي ويد لکيا ويا ۽ ويدي ادب جي اثر هيٺ شاعري ٿيندي رهي. جن جو وزن ماترائن تي قائم آهي، ان سرزمين تي ڇندوديا جو نالو نشان نہ هجڻ يا ان کي ٻاهريون فن ڪري سمجهڻ حيرت جهڙي ڳالهہ آهي. ٻي خاص ڳالهہ اها تہ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪيتريون لپيون رائج هيون جن مان اڪثر لپيون ماترائن جي نظام واريون هيون ۽ ماترائن جو نظام نہ رڳو ٻوليءَ تائين محدود ٿي ٿو پر شاعريءَ جي موسيقيءَ جي لاءِ وزن جو نظام بہ مقرر ڪري ٿو.

ڊاڪٽر صاحب جو چوڻ آهي تہ شاهہ صاحب "وزن ۾ پورو" هو ۽ ڪين "قافيي جي ڪن لازمي خاصيتن جي ڄاڻ هئي. ڏنو وڃي تہ اهي ئي ڳالهيون شاعريءَ جي فن جو بنياد هونديون آهن: يعني حرڪت ۽ سڪون يا ماترائن جو نظام، مغربي وزن جي نظام جو بنياد بہ واول سائونڊز (Wovel Sound) تي آهي ۽ اهو ئي عروض ۽ ڇند جو بہ اصول آهي. جيڪڏهن شاهہ جو ڪلام انهيءَ کان ٻاهر آهي تہ پوءِ ڪهڙو نظام آهي ان بابت ڊاڪٽر صاحب ڪجهہ نٿو ٻڌائي.

ڊاڪٽر صاحب زبان جي صوتياتي نظام کي بہ نهايت اهم سمجهي ٿو ۽ پاڻ ان حقيقت جا قائل آهن تہ ان نظام جو لفظن جي اُچار سان ويجهو تعلق آهي ۽ لفظن جي ڪن آوازي جُزن ۽ انهن لاءِ "ادغام" ۽ "سميت" جا اصطلاحي لفظ وضع ڪري ٿو. "ادغام" جا ٻہ قسم ٻڌائي ٿو، "ادغامِ جزوي" ۽ "ادغامِ ڪُلي" ان کان سواءِ "اچارڻ جي سميت کي وڏي اهميت ڏني ٿو ڇا هي خاصيتون حرڪت ۽ سڪون يا ماترائن وارن نظامن کان ٻاهر آهن؟

"ادغام" جي باري ۾ ايترو چوڻ ضروري آهي تہ اهو هڪ جهونو اصطلاح آهي، جنهن جو ڪن لفظن جي صوتي عمل سان تعلق ٿئي ٿو. اصل ۾ اهو اصطلاح "قرأت ۽ تجويد" جي فن جو آهي جتان صوتيات وارن اهو ورتو آهي.ادغام جي سلسلي ۾ "جزوي" ۽ "ڪلي" ڪي اصطلاح ڪونهن. ادغام جي تعريف هن ريت آهي:

"ساڪن حرف کي حرڪت واري حرف سان اهڙيءَ طرح ملائجي جو ٻنهين سان شَدَّ وارو هڪ حرف ٿي پوي ۽ ٻين جي ادائگيءَ سان مرڪز هڪ ئي پيرو حرڪت ٿئي ۽ ٻنهين ۾ سڪتي ۽ حرڪت سان جدائي نہ ٿئي."

"ادغام" جا چار قسم آهن:ـ

ادغام ـ صغير ـ ادغام ـ ڪبير

ادغام ـ متماثلين ـ ادغام ـ متجانسين

ادغام ـ متقاربين ـ ادغام ـ تام

ادغام ـ ناقص

جيڪڏهن ڊاڪٽر صاحب جو ٻڌايل مسئلو "ادغام" جو هجي ها ته شايد "ادغام ـ جزوي" ۽ "ادغام ـ ڪلي" جي بدران "ادغام ـ تام" ۽ "ادغام ـ ناقص" جا اصطلاح موزون ٿي سگهن ها.

ڊاڪٽر صاحب جي خيال مطابق "ادغام ڪُلي" واري صورت شاهه جي ٻولي، يا ساعري، ۾ ٺ ڦ ڪ ۽ ڄ جي آوازن يا اکرن ۾ آهي جن ۾ "ھ" جو آواز ٻين سان ملي هڪ ٿي ويو آهي: ۽ ادغام جزوي جو مثال منفرد اچارڻ جي ڪري ڊ ڙ مھ لھ جھ ٽ (تر) ڊ(ڊر) آهن. انهن مان هرهڪ مستقل صوتيو آهي، ڇاڪاڻ جو انهن جي اچارڻ جي هڪ تحريري صورت آهي. جھ ٿ نھ مھ لھ ٽ (ٽر) ڊ (ڊر) جدا جدا اکر آهن. انهن اکرن ۾ هرهڪ جو عمل صوت جي هڪ ننڍي (Sound Unit) جي حيثيت ۾ ٿيندو ڇا لاءِ ته اهي مرڪب آواز نه پر فطري آواز آهن. ڏيوناگري لپي ۾ وسرگ آوازن لاءِ جدا جدا اکر قديم زماني کان وٺي هليا ٿا اچن ۽ ٽ (ٽر) ۽ ڊ (ڊر) منجهان "تر" آواز لاءِ به ديوناگري، ۾ هڪ جدا اکر موجود آهي. پر اسان جو آواز (اکر) "تر" ان "تر" جي پيٽ ۾ سخت آواز! (Hard Sound) آهي ۽ ديوناگري، وارو آواز "نرم" (Soft) آهي. انهن مان ڪيترن آوازن کي سو سوا سوَ ورهيه اڳ لسانيات جي ماهرن مرڪب آوازن مان ڪڍي اصل ۽ فطري آوازن ۾ شامل ڪيو هو. اسانجين ٻولين جي قواعد ۽ دستور جي ماهرن جيڪي انڪل ساڳني دوَر ۾ گرامر جا ڪتاب لکي رهيا هئا تن کي لسانيات جي نئين کوجنا جي خبر نه هئي ۽ عجب جي ڳالهه اِها ته يورپ جي مستشرقين (مشرقي علمن جي ماهرن) به جن ان وقت گرامر جا ڪتاب لکيا هئا، ڏيهي ماهرن جي تقليد ۾ جهونو طريقو اختيار ڪيو ۽ نون صوتياتي اصولن کي گرامر کان جدا مسئلو سمجهي ان کي نظرانداز ڪري ڇڏيو ۽ هنن به مرڪب آوازن وارو اصطلاح قائم رکيو جيڪو اڄ تائين هليو ٿو اچي. ڊاڪٽر صاحب به انهن آوازن مان ڪن کي فطري ۽ ڪن کي مرڪب آواز سمجهن ٿا جن جو علمي جواز موجود نه آهي پر پنهنجا اصطلاح ٺاهڻ ۾ هنن جو ڌيان ڪن ڳالهين ڏانهن وڃي نه سگهيو آهي.

سنڌي ۽ ٻين ٻولين ۾ انهن آوازن جا، جن کي مرڪب آوز سمجهيو ويو، ٻه قسم آهن: هڪ اهي جن کي هيئين اکرن سان ظاهر ڪيو ويندو آهي:

ڀ، ڦ، ٿ، ٺ، جھ، ڇ، ڌ، ڍ، ک، گھ

۽ ٻيا آهن.

رھ، ڙھ، لھ، مھ، نھ،

صوتيات جي مطابق انهن ٻنهين قسمن جي آوازن ۾ فرق آهي ۽ انهن جي لاءِ به جدا اصطلاح به موجود آهن. ڇوڻ ۾ ته اهي سڀئي وسرگ آواز آهن. انهن مان ڪهڙا آواز فطري آهن ۽ ڪهڙا مرڪب، اهو معلوم ڪرڻ لاءِ صوتيات جي ماهرن هڪ اصول ٺاهي ڇڏيو آهي. هنن جو چوڻ آهي ته اصل آوازن جي معلوم ڪرڻ جو طريقو اهو آهي ته جن آوازن جا "اقلي جوڙا" (Minimal Pairs) موجود آهن اهي فطرتي آواز آهن ۽ جيڪي اصل آواز آهن انهن کي مرڪب نه چئبو:-

نڪرندا آهن بر اچارڻ مهل انهن کي جدا نہ ٿو ڪري سگهجي. مطلب تہ گڏيل آوازن کي. ٻوءِ ڪٿي اهي فطري هجن يا صوتي حالتن جي ڪري گڏ ادا ٿيڻ وارا. اچارڻ مهل سميٽ ڪيئن جنبو. سميٽ کي ڊاڪٽر صاحب "اچارڻ جي سميٽ" بہ لکيو آهي جنهن جي خاصيت اچارڻ جي سميٽ يا "صوتي مجمع" واري آهي. مطلب تہ آوازي جزن جا ميل جن کي گڏي ملائي اچاريون يا وري فعلن جي ڪن صفتن ۾ جتي "ي ۽ الف" جا اچار گڏجن ٿا. اتي سمينيل اچار يا "صوتي مجمع" واري صورت پيدا ٿئي ٿي. ڊاڪٽر صاحب هڪ ٻئي هنڌ ڪن آوازن (اڪرن) کي آواز جو خالص ۽ فطري جزو سمجهي ٿو ۽ "آوازن جو مجموعو" يعني (Cluster) بہ: جيئن اسين وسرڳ آوازن کي غير وسرڳ بنجڻ مهل ڏسي چڪا آهيون يا گهڻن آوازن تي غور ڪري چڪا آهيون ۽ ڏسي آيا آهيون تہ صورتحال ان کان جدا آهي.

سميٽ جون ڪيترين ئي صورتون ٻڌائيندي ڊاڪٽر صاحب چوي ٿو تہ سميٽ يا "صوتي مجمع" جي هڪ صورت اها بہ آهي، تہ ٻريان جو پ ـ ريان فطري اچار آهي ۽ پ ريان مصنوعي اچار آهي. فن لغت ۾ تہ هڪڙي لفظ جو هڪڙو ئي اچار هوندو آهي ۽ فطري ۽ غير فطري اچار جي ڪابہ گنجائش نہ هوندي آهي. ڊاڪٽر صاحب جو مقصد ان مان سواءِ انهيءَ جي ڪجهہ بہ معلوم نہ ٿو ٿئي، تہ پنهنجي موقف کي ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ ثابت ڪرڻ گهرن ٿا. بر لغت جي فن ۾ اهڙي ڪابہ گنجائش ڪانهي جنهن سان هڪ لغت جي اصلي، فطري ۽ غير فطري اچار کي ثابت ڪجي. اُچار يا تہ صحيح هوندو آهي يا غلط. ڊاڪٽر صاحب فطري ۽ غير فطري يا مصنوعي اُچار جو هڪ ٻيو مثال ڳاڙهو جو غير فطري اچار ڳا+ ڙ+ هو ۽ ڪاٺيارين جو غير فطري اُچار ڪا + ٺيا + رين ٻڌائي ٿو. اهو مثال سمجهائڻ ڏيڻ جي لاءِ تہ قبول ڪري سگهجي ٿو بر تلفظ جي اعتبار کان غلط چيو ويندو. ڊاڪٽر صاحب جي جوڙ مطابق اهي اچارَ ڪن سيڪڙن عروض دانن جا پيدا ڪيل آهن جن "حرفي هجي" تي وزن قائم ڪيو آهي. اها ڳالهہ بہ مجڻ جهڙي ڪانهي، جا لاءِ تہ "حرفي هجي" جنهن کي چيو ويو آهي سا تقطيع ڪندي رڳو لکڻ ۾ ايندي آهي. ڪڏهن بہ ڪنهن عروضي تقطيع جي انداز ۾ ٽڪرو ٽڪرو ڪري عام ٻوليءَ ۾ اچار نہ ڪبو آهي. گهڻو ڪري ٻولين ۾ هڪڙي لفظ جو هڪڙو اچار هوندو آهي. ڪو ٻيو اچار غلط هوندو آهي. چئي سگهجي ٿو تہ ڪنهن لفظ جا ڪنهن ٻوليءَ ۾ ٻہ اچار هوندا: بر اهو ٻيو اُچار يا تہ ٻوليءَ جي ڪنهن ٻئي لهجي جو هوندو يا وري اهائي استثناء جي ڪا حالت هوندو. مصنوعي اُچار جي ڪنهن بہ زبان ۾ ڪا جاءِ ڪانهي.

سيڪڙن عروضين جي سلسلي ۾ ڊاڪٽر صاحب چار مثال پيش ڪيا آهن ۽ انهن جي اچارن کي غلط چيو ائن. ڊاڪٽر صاحب وزن لاءِ "حرفي" هجڻ جي برخلاف آهي: جيتوڻيڪ هر قسم جي موزونيت جو آڌار حرڪت ۽ سڪون جي نظام تي آهي ۽ انهيءَ کي ڊاڪٽر صاحب "حرفي" جو نالو ڏنو آهي. ان معاملي تي غور ڪرڻ کان پوءِ معلوم ٿئي ٿو، تہ ڊاڪٽر صاحب "خفي الصوت" يا "بطني" آوازن کي قائم ۽ برقرار رکڻ تي زور ڏئي ٿو ۽ انهن کي ٽوڙڻ يا جدا ڪرڻ ۽ "مظهره" آوازن ۾ بدلائڻ جي برخلاف آهي. ڳالهہ تمام سولي ۽ سادي آهي. ان معاملي ۾ نوان اصطلاح ٺاهڻ جي ضرورت ڪانهي. ائين ڪرڻ سان ڳالهہ مُنجهي پوندي: ڇو جو جيترا اصطلاحي لفظ چالو آهن. انهن کان سواءِ باقي بيا ٺاهيل لفظ ڪتابن

۾ رهجي ويندا ۽ ٻوليءَ ۾ انهن جو رواج نہ ٿيندو.

مسئلو آهي لفظن جي صحيح اچارن ۽ منظوم ڪلام کي صحيح پڙهڻ جو جيڪو اڳ ئي طيءَ ٿيل آهي. جيڪو ڪلام عروضي آهي اهو عروض جي قاعدن پٽاندر صحيح پڙهيو ويندو ۽ جيڪو پنگل ۽ پراسوڊي (Prosody) جو آهي، اهو انهن جي اصولن مطابق صحيح پڙهيو ويندو.

جيڪڏهن مسئلو رڳو عام لفظ جي اچار جو آهي تہ لغت جي اصولن مطابق ان جو اچار ٿيندو. اسان جو تعلق يا عروض سان آهي يا پنگل سان ۽ ٻنهين ۾ "خفي الصوت" ۽ "مظهره" آوازن جي گنجائش موجود آهي ۽ جيڪو "بطني" ۽ "مظهره" آوازن کي آواز جو هڪ جُز (Sound Unit) ڪري سمجهي ٿو. "ي" جا ٻہ اچار هوندا آهن: هڪ "ي" جو جنو اچار آهي جنن "ڪيو" ۽ "ڳايو" ۾ اهو مظهره اچار آهي. ٻيو آهي "ڪوڏيا" ۽ "موٽيا" جن ۾ اهو بطني يا خفي الصوت آهي. انهيءَ ريت واوُ جا بہ ٻہ اچار آهن: جينئن "جوش"، "سور" ۽ "هوش" وغيره ۾ واوُ جو جٿو اچار نہ آهي. پر ٻيو اچار آهي "خورشيد" ۽ "خوش" جيڪو بطني اچار آهي جنهن کي خفي الصوت بہ چوندا آهن ۽ واوُ معدولہ بہ انهن اصطلاحن جو هوندو ٻين اصطلاحن جي ڪا ضرورت نظر نہ ٿي اچي.

رهي ڳالھ سنڌ ۾ پنگل جي نالي نشان نہ هجڻ جي تہ جنهن سرزمين تي آريہ رهيا هجن، آريہ ٻولي سنسڪرت، پراڪرت ۽ اپڀرنش جا دور گذريا هجن، انهيءَ سرزمين تي "پنگل" جو نالو نشان نہ هجڻ جي ڳالھ سمجھ ۾ نہ ٿي اچي. اپڀرنش جي دوَر ۾ مسلمان هندوستان ۾ آيا ۽ انهن سان عروض جو علم بہ آيو، جنهن جو مطلب آهي تہ ڪيسورا (Caesura) يا هجي جو نظام آيو. سنڌ ۾ موزونيت جو ڪو نظام اصل نہ هو، ان ڳالھ کي ڪوبہ قبول نہ ڪندو تہ سنڌ ۾ ڪڏهن شاعري موجود ئي نہ هئي. آرين، ٻوڌين، جينن ۽ مسلمانن جي دوَر ۾ شاعري هئي ۽ جڏهن ساعري هئي تہ موزونيت جو فن بہ هو ۽ موزونيت جو فن يا پنگل آهي يا عروض.

ڊاڪٽر صاحب ٻڌائي ٿو تہ "شاھ جي ڪلام ۾ قافيو زير زبر پيش سميت مڪمل طور صحيح ۽ سهٽي سٺاءِ وارو آهي ...... ٻين شاعرن جي قافيي واري معيار کان گهڻو مٿي آهي .... ۽ انهيءَ جو سبب "شاھ جي شعور جو سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ميناج توڙي لفظن ۾ سمايل صوت ۽ ترنم سان هم آهنگ هجڻ آهي." ڊاڪٽر صاحب قافيي جي عام معيار کي مجموعي مطابقت ...... ۽ شاھ جي قافيي جي معيار کي ڪُلي مطابقت وارو چوي ٿو.

قافيي جو فن هر زبان ۾ آهي ۽ جن زبانن ۾ قافيا گهٽي تعداد ۾ هوندا آهن، انهن ۾ ڪلي مطابقت وارا قافيا وڏيڪ ٿيندا آهن.(ڪلي مطابقت قافيي جو ڪو اصطلاح ڪونهي. قافيي جا قسم انهن جي ناقص هجڻ مطابق نہ هوندا آهن) پر ڪن حالتن ۾ اهڙا قافيا بہ ڪتب آندا وڃن ٿا جيڪي زير زبر پيش جي فرق سان ۽ قافيي جي معيار کان ڪريل هوندا آهن. اهڙن قافين کي صحيح نہ ٿو چئي سگهجي. پر شعر اعليٰ ۽ معياري هجي تہ قافيي جي معمولي عيب کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي. پنگل ۾ عروض وانگر قافيي جو فن بہ رياضي جهڙي درستي نہ گهري ۽ رياضيءَ جا قاعدا اٽر هوندا آهن: پر رڳو ڪن خاص حالتن ۽ صورتن ۾ ڪن غلطين ۽ چُڪن کي نظرانداز ڪيو ويندو آهي. قاعدي ۾ بہ ٿوري ترميم ڪئي

ويندي آهي ۽ اها غلطي ڪي جواز ڏيڻ جي هڪري صورت آهي پر اهڙا قافيا معيار کان ڪريل سمجهيا ويا آهن.

شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ سهڻن قافين جو مثال ڏيندي ڊاڪٽر صاحب ڪُل ٻُل، ڦُل: سالم، ٻالم، عالم: هيٺن، جن، تن: اڏ، سڏ: ڳهٽ، مَٽ، پٽ: ڏوهه ، لوهه: اندوهه جهڙا قافيا پيش ڪري ٿو، جيڪي هر لحاظ کان سنا ۽ پورا قافيا آهن. انهن قافين جي آخري حرف تي زبر زير پيش جو فرق هجي ها ته اهي سنا ۽ مڪمل قافيا سمجهيا نه وڃن ها. ڪڏهن ڪڏهن ڪو شاعر قافيي جي اهڙين پابندين کان ٿوري آزادي حاصل ڪندو آهي ۽ قافيي ۾ زير زبر پيش کي نظر انداز ڪري ڇڏيندو آهي. اهڙو فرق ڪڏهن ڪڏهن قافيي واري لفظ جي ٻهرئين حصي ۾ پر گهڻو ڪري آخري حصي ۾ هوندو آهي. اهڙا قافيا ناقص يا غلط هوندا آهن. شاهه صاحب ڪڏهن ڪڏهن ڪيا، ٻيا، ٿيا جو قافيو ڏنا ته آئي ٿو جنهن جي شروع ۾ "ي" جي بدران "ءِ" آئي ٿو. اهڙيءَ ريت ج، ح: ٻ، ٻ: ز، ذ، ظ، ض قافيي ۾ صوتي مناسبت جي خيال کان به جائز سمجهيا ويندا آهن. الف ۽ همزه جا صوتي قافيا به سولائيءَ سان ملي وڃن ٿا، پر رسالي ۾ اهڙا ڪمزور يا غلط قافيا آهن ته اتي سنا ۽ سهڻا قافيا به وڏي تعداد ۾ ملن ٿا. عوامي شاعريءَ ۾ اهڙن ڪمزور قافين جي روايت هلندي ٿي اچي. هندي شاعريءَ ۾ به اهڙا قافيا عام جام ملن ٿا. پر جيئن جيئن ٻولي پختي ٿيندي ويندي تئين تئين ٻوليءَ جا قاعدا به پڪا پختا ٿيندا ويندا. ساڳيو حال ٻوليءَ جي فن، عروض، قافين ۽ علم بديع، بيان ۽ ڪلام وغيره جو آهي ۽ انهن قاعدن جي پابندي سڀني لاءِ لازمي ۽ ضروري هوندي آهي: پر ڪن حالتن هيٺ ٻوليءَ جي انهن قاعدن ۾ استثناء به هوندو آهي.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي هلي ان باري ۾ هڪ سهڻو نڪتو بيان ڪري ٿو، ته زير زبر پيش جي اختلاف واري حالت ۾ قافيي جي پچاڙيءَ واري متحرڪ حرف جي اچار لاءِ اعراب جي پابنديءَ بدران قافيي جي برابريءَ کي اهميت ڏيڻ گهرجي: پر شرط اهو ته اهڙن متحرڪ حرفن کان پهرين الف، واءُ يا ي جا ڊگها اچار هجن. مثال طور ڪهيج، ۽ پسانيج وغيره جا قافيا پيش ڪري ٿو. جن ۾ "ءِ" ۽ "هه" جو فرق به آهي ۽ آخري حرف کي ساڪن ڪرڻ جي صلاح به ڏني ويئي آهي. ان جو مطلب آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي خاصيت يعني آخري حرڪت زير زبر پيش کي (جن سان واحد جمع ۽ مذڪر مونث جو فرق معلوم ٿئي ٿو) ڪن حالتن ۾ نظر انداز ڪرڻ گهرجي. پر اڳ ۾ نه اهڙي ڪنهن قاعدي جو ڪٿي ذڪر ٿيل آهي ۽ نه حرڪتن کي نظرانداز ڪيو ويو آهي: بلڪ حرڪتن کي وڏيڪ اهميت ڏني ويئي آهي. ڊاڪٽر صاحب پاڻ به حرڪتن جي مطابقت وارن قافين کي مڪمل قافيو چيو آهي. پر اهي ٻئي قاعدا هڪ ٻئي جي برخلاف آهن. ڊاڪٽر صاحب جي طرفان اها صلاح هڪ قسم سان غلط قافين کي صحيح ڪرڻ جي ڪوشش آهي جن جو جواز عوامي شاعريءَ ۾ آهي پر جائز سمجهڻ جو مطلب صحيح هجڻ نه آهي.

منهنجي خيال ۾ ڊاڪٽر صاحب جي مضمون ۾ هڪ ٻي ڳالهه به واضح ٿيڻ کپندي هئي: اها هيءَ ته زير بحث مسئلا شاهه جي دؤر جي ٻوليءَ جا آهن يا خاص رسالي جي ٻوليءَ جا يا ڪلاسيڪي سر واري شاعريءَ جي وزن جا (يا عروض ۽ سنگل جي مطابقت جا) حو جو ان دؤر جي سنڌي ٻوليءَ جي لغت جو

غائب آهي. اوهان لکيو آهي تہ بيت جو فن دوهي ۽ سورٺي مان نڪتل آهي. دوهي ۽ سورٺي جو وزن تہ سڀني کي معلوم آهي:

١٣ بسرام ١١ ماترائون (بہ مصرائون)

١١ بسرام ١٣ ماترائون (بہ مصرائون)

پر بيت جي وزن جي باري ۾ اوهان ڪٿي بہ ڳالھہ نہ ڪئي آهي ۽ نہ ڪنهن بيت جي تقطيع ڪئي آهي. مون ڪيترن ئي سنڌي دوستن کي لکيو آهي پر هنن بہ ڪو تسلي بخش جواب نہ ڏنو آهي. اوهان منهنجي رهنمائي ڪندا.

انهيءَ خط جي جواب ۾ مون هن کي گهربل معلومات لکي موڪلي. هن صاحب مون کي وري لکيو تہ.

"شاهہ سائينءَ جي دوهي جي باري ۾ وضاحتي مضمون ملي ويو آهي. انهيءَ عنايت لاءِ ٿورا.

"مضمون پڙهڻ کان پوءِ منهنجي غلط فهمي دور ٿي ويئي آهي، جنهن جي لاءِ مان اوهان جو بيحد ٿورائتو آهيان. اڪثر مضمون نگار دوست بيت کي دوهو سڏيندا هئا, پر جڏهن مان بيتن جي تقطيع ڪندو هوس تہ ١٣ بسرام ، ١١ تي پورا نہ هوندا هئا."

منهنجي انهيءَ دوست منهنجي خط واري مضمون کي رسالي ۾ ڇاپڻ جو ارادو ڪيو تہ مون ان کي وڌيڪ وضاحت ۽ صفائيءَ سان لکي موڪليو. مون کي اعتراف آهي تہ مون اڳي شاهہ جي بيتن جي تقطيع ڪڏهن بہ نہ ڪئي هئي. پنهنجي دوست ۽ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي شاهہ جي بيتن جي وزن بابت لکڻين مون کي مجبور ڪيو آهي تہ انهن ڳالهين کي لکي "شاهہ جي شاعريءَ ۾ فن جي اُپٽار" واري مضمون کي ختم ڪريان.

شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ جو ڪلام دوهي جي وزن ۾ آهي، پر ان باري ۾ جيڪي بہ چئبو ان جي فني وضاحت ضروري آهي. بيت بہ سڀئي دوهي جي وزن ۾ آهن، پر وايون دوهي کان سواءِ ٻين وزنن ۾ بہ آهن. جڏهن اسين دوهي جي وزن جو ذڪر ڪريون ٿا تہ ان ۾ پنگل ۽ ڊنگل ۾ دوهي جا سڀئي قسم اچي وڃن ٿا. پنگل ۾ دوهو ۽ سورٺو ٻہ صنفون مقبول آهن، جڏهن تہ ڊنگل ۾ ان کان سواءِ دوهي جا ٻيا قسم پيا بہ آهن جن کي تنويري دوهو، ٻڙو دوهو ۽ کڙو دوهو چيو وڃي ٿو. انهن جو تفصيلي ذڪر پنهنجي جاءِ تي اچي چڪو آهي. پنگل ڪلاسيڪي هندي شاعريءَ جو وزن آهي. جڏهن تہ ڊنگل راجستاني (خاص ڪري ڍونڍاري جيپوري [جهاز شاهي] ٻوليءَ جو وزن آهي، جيڪو ڪن ٻين ٻولين تي بہ اثر انداز ٿيو آهي.) پنگل (ڪلاسيڪي هندي عروض) ۾ وزن جو پورو خيال رکيو ويندو آهي، پر ڊنگل ۾ (عوامي وزن هجڻ جي ڪري) قاعدن جي پابندي سختيءَ سان نہ ڪئي ويندي آهي ۽ وزن ۽ قافيي جي معاملي ۾ شاعر آزادي اختيار ڪري سگهي ٿو ۽ ڪندو بہ آهي اِها عوامي ۽ لوڪ شاعريءَ جي عام روش بڻجي چڪي آهي.

بيت جو وزن دوهي وانگر چوويهن ماترائن جو آهي (جنهن تي اسين تفصيل سان هٿي هنڌ لکي چڪا آهيون) پر شاهہ سائين ڪلاسيڪي شاعر هجڻ سان گڏ عوامي شاعر بہ آهي، تنهنڪري رسالي جي شاعريءَ ۾ پنگل جي ڀيٽ ۾ ڊنگل جو اثر وڌيڪ ڏسڻ ۾ اچي ٿو شاهہ وزن ۽ قافيي جي معاملي ۾ آزادي

اختيار ڪري ٿو ۽ ٻيا هندي شاعر بہ گهٽو ڪري آزاد ٿي رهيا آهن. شاهہ ۽ ٻين شاعرن بيتن ۾ واين ۾ ١٨_١٩ ڪان وٺي ٢٧_٢٨ ماترائون ڪتب آنديون آهن هنن جي ڪلام ۾ ٣ ڪان ٦ ماترائن جو فرق ڏسڻ ۾ اچي ٿو. جيڪو ڪنهن گهٽ وڌ بہ هوندو آهي. اهڙي، ريت ٻنگل جي فن مطابق بدليل وزنن ۾ هليو وڃڻ کپي، پر سنڌي بيتن ۾ "بسرام" اهڙي، طرح اچي ٿو جو انهن جو وزن بنيادي طور دوهي جو وزن ٿي رهي ٿو (وڌ ۾ وڌ اسين انهن کي چنڊالني دوهي جي صيغي ۾ رکي سگهون ٿا). ٻي ڳالهہ هي، بہ آهي تہ دوهي جي اُبتي ٿي سورٺي ٺهڻ جي ڪري بہ وزن ۾ فرق ٿيو پوي. ان ڪان سواءِ سڀ ڪان وڌيڪ اهميت واري ڳالهہ دوهي جي "لي،" آهي جيڪا سنڌي بيت ۾ قائم رهي ٿي.

جيئن اڳ ٻڌايو ويو آهي تہ دوهو پراڪرت دؤر جي شاعري آهي ۽ ٻنهنجي اوسر جي اوائلي زماني ۾ وزن ۽ قافيي جي ڪتب آڻڻ ۾ ٿوري آزاد رهي آهي. سنڌي ٻولي پراڪرت واري دؤر جي ٻولي، جي تمام ويجهو آهي ۽ سنڌي بيت پراڪرت دوهي جي روايت تي قائم آهي، جيڪي "گهڻ ستا" بہ هوندا هئا ۽ وزن جي ڪري ٻنهين سٽن ۾ ورجايو ويندو هو. ان ڪري بہ "دوهي" جي نالي سان مشهور ٿيو هو. دوهو سدائين عوامي مزاج جو عڪاس رهيو آهي، ان ڪري وزن ۾ بہ ٿورو گهٽ وڌ ٿيڻ جي گنجائش ان ۾ موجود رهي ٿي اها خاصيت سنڌي بيت ۾ ٻڻ آهي.

عوامي شاعري ۽ پراڪرت دؤر واري شاعري، جي بيٽ ۾ شاهہ سائين، جي ڪلام ۾ وڌيڪ آزادي آهي: نہ رڳو بيت جي مصراعن ۾ ماترائن جو فرق ملي ٿو، جيڪو ١٨_١٩ ڪان ٢٨ ماترائن تائين آهي بلڪ جڏهن بيت ۾ ڪا ڏکهي قرآني آيت فارسي يا عربي قول اچي ٿو. تہ ماترائن جو اهو فرق ويتر وڌي وڃي ٿو ۽ مصرع يا سٽ ٻنگهل جي حدن کي لتاڙي موسيقي، جي وزن جي سرحدن ۾ داخل ٿي ويندي آهي. ٻين لفظن ۾ شاهہ ٻنگل جي وزن کي جڏي موسيقي، جي وزن ۾ هليو وڃي ٿو. انهن بيتن جي ڳائيندڙن کي بہ ڳائڻ وقت تڪليف نہ ٿي ٿئي، ڇاڪاڻ تہ موسيقي ۽ ٻنگل ٻنهين جو بنياد ماترائن تي آهي ۽ ٻنگل ۽ موسيقي، جي "لئي" ۾ فرق هوندو آهي. ٻنگل ۾ ماترائن سان گڏ "لي"، لازمي آهي. جڏهن تہ موسيقي، ۾ غير موزون فقرا بہ ڳائي سگهبا آهن ڇاڪاڻ تہ اهي موسيقي، جي "لي"، ۾ اچي ويندا آهن. اهو ان ڪري ٿي سگهي ٿو جو ٻنگل (عروض يا پراسودي) موزونيت جي اختصار جو فن آهي ۽ موسيقي اختصار جي مقابلي ۾ موزنيت جي وڌا، جو فن آهي ۽ وڌا، جي فن ۾ وڌيڪ گنجائش هوندي آهي. ٻين لفظن ۾ موسيقي، ۾ ٻنگل جي مقابلي ۾ وڌيڪ وسعت آهي.

انهي، مختصر تمهيد کانپوء اسين شاهہ لطيف جي شاعري، ۾ وزن جو ابياس ڪنداسون ۽ ڏسنداسون تہ شاهہ سائين ٻنهنجي بيتن ۾ دوهي جي وزن کي ڪهڙي نموني ۾ ڪتب آڻي ٿو ۽ ڪيتري حد تائين آزادي اختيار ڪري ٿو. مناسب ٿيندو تہ اسين ٻنگل جي قاعدن مطابق شاهہ سائين، جي بيتن جي تقطيع پيش ڪريون تہ جيئن دوهي ۽ بيت جو فرق معلوم ٿي سگهي. پهرين ٻن سٽن وارن ڪن بيتن کي ڪٿون ٿا:

### ص ١٥ سر ڪلياڻ بيت ١٣

ويسِجِ مَ ٻنڪي ڏي، آلا چڱي مَ ٿيان،
SI I S I SI S S I I I S ١٩ ماترائون

سڄڻ مانَ اڇي، ڪر لا هو تي ڪڏهين.
S S S S S S S I I S S I ٢١ ماترائون

### ص ١٥٨ سر معذوري بيت ١٥

ڏکيءَ سنديون ڏونگرين، و ڻ لڻ وايُون ڪن،
S S S S S S I S S S I S I ٢٣ ماترائون

وَٽان ويهي جَنِ، وديءَ سي وادِ وڙنا.
SISS S S I IS S S S I ٢٢ ماترائون

تن مصرائن وارن بيتن جا مثال هي آهن:

### ص ٤٥٠ سر پرڀاتي بيت ١٠

ڏات نہ آهي ذات تي، جو وهي سو لهي،
SI S S I S S I S S S I I S ٢٣ ماترائون

آريون آپوجهن جون، ستپُرَ جام سنهي،
S I I S S I S S S I S I S ٢١ ماترائون

جو راءِ وٽ رات رهي، تنهن جُهڪي تان نہ ٿئي.
S I I S S I S S I I S S IS S ٢٤ ماترائون

### ص ٤٢٤ سر رامڪلي بيت ٢٢

ڏورڻ ڪهٽو ڏاڪڙو، ڏورج مَ رءِ ڏني،
S I SI I S S S I S S I S S ٢٣ ماترائون

تان تان هُنج حُجري، جان سين يار جني،
S I IS S S S S SI S S ٢١ ماترائون

جڏهن پاسي پاڻ ٿئي، تڏهن چڙج تڪئو،
S S SI S I SI I S S S S I ٢٣ ماترائون

پنجن سٽن واري بيت جو مثال هيءَ آهي:

## ص ۱۰۷ سر سهڻي بيت ٦

وڃان ڪين وري، هوندءَ ڇني رهي رهان،
S I S I S I SIIS  S I I S  S I — ۲۴ ماترائون

دونهينءَ پاسي دوس جي، ماڳهئين پٺان مري،
S I S I S I S  S I S S S S S — ۲۴ ماترائون

صورت نه سڃاڻون ڪا، ڪيس ڇيت ڇري،
S I I S S I  S  S I I S S — ۱۹ ماترائون

وصالان فراق جي، سڃي ڳالهه ڳري،
S I I S S I  S  ISI S S I — ۲۰ ماترائون

تيلاهين تري، منهن ڳنهيو موٽيو وڃان،
S I SIS SII  S  S I S S S — ۲۳ ماترائون

۶ ڇهن سٽن واري بيت جو مثال ڏسو:

## ص ۲۴۰ سر رامڪلي بيت ۱۲

اڄ نه اوطاقن ۾، ڪر ڳل ڪين روئن،
S S I S  S  S  S S S S I S — ۲۲ ماترائون

نه آهي آديسي اسڪا، جن سين مڙهيون سونهن،
S S  S S S S S I I S S S S I I — ۲٦ ماترائون

مڙهه پوريائون مٽ تي، واڄٽ ڪين وڄن،
S I I S  S S S  I S SSIS S — ۲۴ ماترائون

ويا نانگا سي نڪري، پٽهتر نه پورين،
SIIS I S I  S S  S S S S I — ۲۳ ماترائون

ساريو سناسين کي، اولا ڪا اڇن،
S I S SS S  S S I S I S — ۲۱ ماترائون

لاڃئون لاهوتين، جوڙي ڏنيون جيءَ کي.
S I S  S I  S S SISS  S I S — ۲۴ ماترائون

وانيِ ڳائڻ لاءِ چئني ويندي اهي ۽ بيت انهيءَ جي اثر کي وڌائڻ لاءِ وانيءَ جي شروعات ۽ وچ ۾ ڏنا ويندا آهن: انڪري وانيءَ جو موسيقيءَ سان تعلق وڌيڪ آهي. انهيءَ ڳالهہ کي خيال ۾ رکندي هڪ ٻي وانيءَ جو وزن ڏسو:

## ص ٣٤٥ سر سارنگ (وائي)

منهنجي سيد سار لهندو، مون کي آهي اميد الله ۾،
S S ISI SS S SSSIS SS S S ٣١ ماترائون

سجدي پئي سپرينءَ، زاريون زور ڪريندو،
S SI IS SIS S S SI S S ٢٤ ماترائون

اُمت ڪارڻ احمد اُت، پرمل پاڪ پنيندو،
SSI I S SS S S S S SSS ٢٦ ماترائون

صور ڌڪاءَ ٿيندو، اکيون سڀ سڄ کڻيندو،
SSI S S SIS S ISI IS ٢٣ ماترائون

ميڙو ٿيندو مؤمنين، اُت محمد مير ملهيندو،
SSSIS SSI S ISIS SS SS ٣٠ ماترائون

نفسا نفسي سڀ ڪو ڪري، داتا در ڍوڙيندو،
S S S SSS S I S S SS SS ٢٧ ماترائون

مهت ڏيندس مولو، اُت بديون بخشائيندو،
SSSS SS S SS SS SS ٢٦ ماترائون

انهن مثالن ۾ چڱي طرح ظاهر ٿي ويندو تہ گهڻو ڪري شاهہ جو بيت دوهي (پنگل) جي روايت موجب مناسب حد تائين "درست" رهي ٿو ۽ جڏهن روايتي وزن کان وڌي ويندو آهي ۽ موسيقيءَ جي وزن ۾ پورو رهي ٿو يعني بيتن جو وزن گهڻو ڪري ١٩ ۽ ٤٨ ماترائن جي وچ ۾ رهي ٿو، پر جيئن تہ وسرام (وزن جي وچ ۾ وقفي Pause) جو هنڌ مقرر رهي ٿو، انڪري موزونيت دوهي واري رهي ٿي، اهو ئي سبب آهي جو بيت جي وزن کي دوهي جو وزن ئي چئبو. شاهہ ئي هڪ اهڙو ناميارو ۽ وڏو شاعر آهي جنهن جي ابيات کي بابا فريد جي دوهن کانپوءِ فني طور ڏسي اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ پراڪرت ۽ اپ ڀرنش دور ۾ دوهي جي هيئت ڇا رهي هوندي! انڪري تہ سنڌي ٻولي ڪن لساني خصوصيات ڪري پراڪرت ۽ اپ ڀريش ٻولين سان ملي ٿي.

شاهہ سائين جي وزن بابت ايترو ڪجهہ ان لاءِ لکيو ويو آهي تہ هڪ مشهور پنجابي اديب دوست مون

ڪي لکيو هو تہ اوهان شاهہ ۽ سنڌي ابيات جي وزن بابت ڪافي ڪجهہ لکيو آهي پر تقطيع ڪري بہ ڏيکاريو آهي ۽ هن اهو بہ لکيو هو تہ هن ڪيترن ئي سنڌي اديبن ۽ شاعرن کان پڇيو هو پر ڪنهن بہ جواب نہ ڏنو انڪري شاهہ جي بيتن ۽ وائين جي وزن بابت هن دوست جي تسلي ڪرائي وئي.

انهيءَ ريت هڪ دوست پڇيو هو تہ سنڌي وائي گهڻو ڪري هڪ اهڙي غزل سان ملي ٿي، جنهن جو هر شعر مطلع هجي ٿا شاعري، پر ڪا صنف اهڙي آهي جنهن جي هر سٽ (مصرع) ۾ قافيو (يا ٽُڪ) لازمي هجي؟ ان ڳالهہ تي غور ڪيو ويو تہ معلوم ٿيو تہ برصغير پاڪ ـ هند جي شاعريءَ ۾ جهوني ۾ جهوني صنف "پَد" آهي جنهن ۾ قافيو ۽ وزن لازمي هوندو آهي ۽ ان جي هر سٽ ۾ قافيو هوندو آهي "پد" شروعات کان وٺي اسان جي دور تائين رواج ۾ آهي. هندي شاعري مان ان جا بہ مثال پيش ڪجن ٿا:

(١) ڪبيرداس:

جوگي يا بِدمن ڪو لگاوِي

جيسِي نٽي چڙهي بانس پر نٽوا ڍول بجاوي
سارا بوجهہ ساڌ سر اوپر سُرت بانس سبي لاوي
جيسي سکي جات پنگهٽ پر سر ڌر گاگر لاوي
سکين سنگ سُرت گاگر ۾ اورچتِ نهين جاوي
جيسي لُهار ڪُوٽت لوهي ڪو اهرن فونڪ لگاوي
ايسي چوٽ لگي گهٽ اندر مايا رهن نہ پاوي
جوت جگت سي آسن ماري اُلٽي پون چلاوي
ڪشٽ تڪليف سب هي سهاري نظر نظر سي ملاوي
جيسي مڪڙي تار آپنا اُلٽ سُلٽ ڪي چڙهاوي
ڪهين ڪبير سنو ڀئي ساڌو واهي ۾ الٽ سماوي

(٢) گرونانڪ:

تو سمرن ڪرتي ميري منا تري بيتي جات گرنام بتاري
پنچي پنک بن هاٿي دنت بن ناري پُرش بناري
بيشيا ڪو پتر پتا بن هتيا تيسي پراني هر مناري
ديهہ نينهن بن رين چندر بن ڌرتي ميگهہ بناري
جيسي پنڊت بيد بِهينا تيسي پراني هرنام بناري
ڪوپ نير بن دهين چهير بن مندر ديپ بناري
جيسي ترور ڦل بن هينا تيسي پراني هر نام بناري
ڪام ڪروڌ مد لوڀ توارو چاند ڪروڌ جناري
ڪهين نانڪ شاسنو ڀگونتا ياد ۾ نهين ڪوئي اپناري

(٣) دادو ديال:

دادو ڪهت ٻڪاري ڪوني ماني نهين هماري
پنڊت قاضي بيد ڪبيتي پڙهہ پڙهہ هو ني لواري
بي تيرٿ بي حج ڪو جاني ٻوڙي بوجهل ڏاري
عيسائي سي ڏوڪا ڪابا پڙهہ انجيل بچاري
هندو ترڪ عيسائي تينون ڪرم حرم ٻج هاري
نور ظهور خداهر پايا، اُتري پوجل ٻاري
دادو ڪهت ٻڪاري ڪوني، پوڇت ناهين هماري

●

ٻاڻ مَ ڪٽج ٻاڻ سين، وسيلا وسار
تڙ لنگهائي، سوهڻي! پرت وڃهنديءَ پار
سي تُرتَ لنگهنديون تار، اُڪنڊِ آگهُ جَن سين
(شاهه)

سحر امداد

# رپورٽ







Sindhica

پاران ڇپايل طارق اشرف جي ڪھاڻين جي مجموعي "بند اکين ۾ ڪجھ يادون ڪجھ سپنا" جي مھورت جي تقريب ٣٠ جون ١٩٩٢ تي سنڌالاجيءَ جي آڊيٽوريم ۾ "سنڌ ڪلچرل ڪائونسل" جي پاران ٿي. تقريب جو احوال لکڻ کان اڳ ۾ مان ڪجھ پنھنجن فنڪشنز جي باري ۾ ڳالھائڻ چاھيندس. اسان سنڌين وٽ وقت جي بيقدري، رٿابنديءَ جي ڪمي ۽ بي مقصديت ڪي جي پرکڻ ھجي تہ اسان جي مختلف سماجي ۽ ثقافتي ۽ ادبي فنڪشنز مان ڪنھن ڪي بہ ماڊل طور کڻي توھان ان جو بلڪل ٺيڪ اندازو لڳائي سگھو ٿا، ۽ اسان پنھنجن ئي فنڪشنز ۾ انھن ٽن سببن جي ڪري وچڙ ئي ڇڏي ڏنو. جيئن تہ مان ان مھورتي گڏجاڻيءَ جي رپورٽ پڻ لکان





تنھن ڪري مان جو بہ ڳالھائيندس سو ان حوالي سان ئي ڳالھائيندس مثال طور:

(١) رٿابنديءَ جي ڪمي: ان فنڪشن جي ڪارڊ ۾ صدارت، مھمان خصوصي، اعزازي مھمان خاص ۽ ڳالھائيندڙن سوڌو تقريباً ٢٥ نالا ڏنل ھئا. يعني سنو جو چوٿون حصو - مان جيڪڏھن اھو ڪارڊ فنڪشن ۾ اچڻ کان اڳ کولي ڏسي وٺان ھا - تہ يقينن مان محض ڳالھائيندڙن جي ھيڏي لانڊ ڏسي ئي فنڪشن ۾ اچڻ کان تائب ٿيان ھا. جڏھن تہ فنڪشن ۾ انھن ڏنل نالن جي ھيڏي ڊگھي لسٽ منجھان فقط ٽي ماڻھو آيا. ٻيا ڇو نہ آيا؟ يا ھيڏن ٻين جا نالا لسٽ ۾ (ھروڀرو) ڇو ڏنا ويا. يا جن جا

نالا ان لسٽ ۾ هئـــائي ڪونہ انهن کي اوچتو ئي ڳالهائڻ لاءِ چو چيو ويو؟ يا متي اسٽيج تي ٻين خاص الخاصن جي بدران ويهڻ لاءِ ڪهـــڙي اخـــلاقي اصول طور چيو ويو اهو هڪ الڳ ۽ ڏکيو بحث آهي.

(٢) **وقـــت جي بي قدري:** جڏهـــن رٿابندي ئي غلط ٿي تہ پوءِ وقت تہ ضايع ٿيندو ئي ٿيندو. چو تہ ٻہ ادائي ڪلاڪ تہ ٻهرين انهن مهمـــانن جو انتظار ڪيو. جن جا نالا ڪارڊ ۾ ڇاپيل آهن. اچانڪ ڳچيءَ ۾ پيل ڦاهي ڪان جان ڇڏائڻ لاءِ ڳالهائيندڙ الاءِ ڪٿان ڪان شروع ڪندو ۽ الاءِ ڪٿي وڃي ختم ڪندو. ۽ ويل ۾ ويچـــارا ٻڌنـــدڙ هونـــدا آهن. جيڪي دراصل ڪجھ ٻڌندا ئي ناهـــن. ۽ ائـــين ٤ وڳـــي وارا فنڪشن ٧ وڳي شروع ٿيندا آهن.

(٣) **بي مقصديت:** جڏهن ٻهريون ٻہ شيون پنهنجي صحيح تناظر ۾ انجام پذير نہ ٿيون ٿين تہ ٽين شيءِ مقصديت تہ ڪنهن صورت

مهمان خصوصي آهن امداد حسيني ۽ تاجـــل بيوس ـ اعزازي مهمان خاص سلطانہ وقـــاصي آهي. عبـــدالقـــادر جوڻيجـــو، نور احمد ميمڻ، عبدالستار پٿي ميزبـــان جي حيثيت ۾ متي اچي ويهن. نصير مرزا پروگرام جي ڪارواني هلائي. ۽ پوءِ مهمـــانن کي تہ بيج ۽ اجـــرڪ پاتـــانون پر پاڻ بہ پاتئـــون (پـــنهنجن جي ئي هٿـــان). محـــورتي گڏجـــاڻيءَ جو ٻهـــريون مقـــرر انب گوپانگ هو. هن چيو تہ "جن ماڻهن جا عمـــل عوام کي جيئڻ جي سگھ بخشـــين ٿا. اهي ماڻهـــو ڪڏهن بہ نٿا



مرن. طارق سنڌي ٻوليءَ جو ڪل وقتي ڪارڪن هو. هو ڪڏهن بہ مري نٿـــو سگهي. هو زنـــده رهي سگهي ٿو جي اســـان هن جي سڄڻيءَ کي زنده رکي سگهـــون". سيد زوار نقـــوي پنهنجي تقرير جي شروعات ئي ان سان ڪئي تہ اسين سڀ جيڪي اسٽيج تي ويٺل آهيون يا ڳالهايون پيا سي ان پروگرام جي شيڊول ۾ شامل نہ هئاسين جيڪا تنظيم جي دوستن جي ڪوتاهي آهي. هن طارق لاءِ چيو تہ: "طـــارق وقت ۽ حالتن سان مهاڏو اٽڪايو ۽ پنهنجي تحرير سان ڪمٽيڊ رهيو. وڏي ليکڪ ٿيڻ کان وڏو ماڻهو ٿيڻ بهتر آهي. ٻر طارق اشرف وڏي ليکڪ هئڻ سان گڏ وڏو ماڻهو بہ هو."

ايڏي ڏکهي انتظار کان پوءِ جي هو نہ آيا (جيئن هن ۾ نہ آيا) تہ audience ، بجـــلي وارا، وڊيو وارا، فوٽـــو گرافر سڀيئي وڃان وڃان ڪرڻ لڳندا: سندن "صبر جو پيمانو لبريز" ٿيڻ لڳندو ۽ منتـــظم پاڻ بہ اچي بيزار ٿيندا تڏهن مجبـــوراً فنڪشن شروع ٿيـــندو. پوءِ هال مان ويٺـــلن منجهـــان جيڪـــو نظر چڙهيو تنهن کي ڳالهـــائڻ لاءِ آمـــاده ڪبـــو ـ پوءِ چاهي هو ان تي ڳالهائي سگهي يا نہ ـ بعضي تہ ائين بہ ڪم نہ هلندو ـ تہ ايئن ئي جنهن تي نظر ٽڪي ان کي ڪٺي سڏيندا. ۽ پوءِ اهو اوچتو ۽ ۾ رهي ئي نہ. سڀ ڪجھ اُٿندي ئي بي مقصديت جو شڪار ٿي ويو. ائـــين اهي هڪڙا بي معنيٰ فنڪشن بنجي وينـــدا آهن ـ جن ۾ فقط ذاتي غرض ۽ شهرت، مٽن مائٽن ۽ دوستن کي اسٽيج تي آڻڻ جا بهانا ۽ ذاتي انا جي تسڪين کان سواءِ ٻيو ڪوبہ وسيع تر قومي مفـــاد ۽ مقصد حاصل نٿو ٿئي.

سو اهـــو فنـــڪشن بہ ٻين انيڪ فنڪشنن کان ڪنهن طور بہ مختلف نہ هو. فنڪشن ستين بجي شروع ٿيو ان خوشخـــبريءَ سان تہ فنكشن شروع ڪيون پيا بنـــا ڪنـــهن جي صدارت جي ـ چو تہ صدر اچا پنڌ ۾ آهي. باقي

ظفر حسن

# طارق اشرف: جبل جهڙو اڏول ماڻهو



اڄ طارق اشرف تي لکندي پاڻ کي ڪجهه عجيب حالت ۾ محسوس ڪريان ٿو. ڪجهه ڏوهي، ۽ ڪجهه پنهنجو پاڻ کي ملامت ڪندي محسوس ڪيان ٿو. اها ڳالهه ته روائتي ٿيندي جي آئون چوان ته طارق جي لاڏاڻي کان پوءِ ان تي لکڻ واري ڏک واري حالت مان گذران پيو. ائين ته هر لکندڙ پنهنجي دوست، سائيءَ تي لکندي محسوس ڪندو. پر منهنجي حالت ڪجهه الڳ آهي. منهنجي اڄوڪي پڇتاءَ واري ڪيفيت جو پس منظر ڪجهه الڳ آهي. ڳالهه اها آهي ته طارق اشرف مون تي به خاڪو لکڻ تي گهريو ۽ انهن ڏينهن ۾ آئون طارق تي ڪاوڙيل هئس. ان ڪري ولي رام کي چيو هئم ته هو طارق کي چئي ته مون تي خاڪو نه لکي نه مهرباني ٿيندي، اهو ان ڪري نه چواريو هئم ته آئون طارق جي بيباڪيءَ کان گهبرائجي ويو هئس ته هو خاڪي ۾ مون تي چوهه چنبڙيندو پر جيئن ته هو مون تي ڪاوڙيل نه هو ان ڪري هن مان خاڪي ذريعي مون تي باهه ڪڍڻ جو ڊپ نه هو. پر هتي آئون اهو به اعتراف ڪري ڇڏيان ته آئون طارق سان ڪاوڙيل هجڻ جي باوجود طارق جي ان ڳڻ مان واقف هئس ته هو خاڪو لکندي ڪڏهين به غلط بياني نه ڪندو.

پوءِ خبر ناهي ولي رام طارق کي نياپو پهچايو يا نه، پر پوءِ طارق مون تي خاڪو نه لکيو. ۽ اڄ آئون سوچيان ٿو جي طارق مون تي خاڪو لکي ها ته آئون به سندس امر لکڻين جو هڪ ڪردار بڻجي تاريخ ۾ ڪنهن بهاني رهجي وڃان ها. طارق مون تي نه لکي ته ڪجهه نه وڃايو البت مون گهڻو ڪجهه وڃائي ڇڏيو. ۽ اڄ جيڪو پڇتاءُ پيو محسوس ڪريان ته اڄ وري آئون ئي طارق تي خاڪو لکي رهيو آهيان ۽ آئون طارق کي پنهنجي اڏو جيئرو جاڳندو ڏاڍو معنيٰ ڀريل نظرن سان پاڻ ڏانهن نهاريندي مرڪندي محسوس ڪري رهيو آهيان ۽ هو مون کي چئي رهيو آهي "تو مون کي پاڻ تي لکڻ کان جهليو هو نه، پر اڄ توکي ئي مون تي لکڻو پيو پئي." واقعي هي قدرت جو مون سان وڏو ليکو هو. دير يا سوير نيٺ ڳالهه وڃي سڄڻ ماڻهن جي ئي ٻيهندي آهي. پوءِ اها ڳالهه ننڍي هجي يا وڏي.

طارق اشرف جي ڪنٽريبيوشن تي نظر ٿو وجهان، ڪهاڻيون، ڪتاب، ڪتابي سلسلا، خاڪا، ڊائريون، خط،

انٽرويو، رسالا، ايڊيٽوريل، تبصرا، پريس، الائي پيون به ڪيتريون لکيون. پر سڀني کان مٿي، اوچي، اتم سنڌس امڙ ۽ اسان سڀني جي امڙ سنڌ کي ڏنل سنڌس پيءَ. جيڪا هن جيل ڪاٽي ڏني اها هئي سنڌ جو شان، ايمان ته سر نه جهڪائيو، معافي نه ورتي، ڀلي سڄي ڄمار گذري وڃي، ڀلي ٻوبان گهر رلي وڃي، ڀلي ٻوبان امڙ ٿي ڇو نه مري وڃي، ايڏي وڏي قرباني، ۽ ٻي پيءُ نهٺائي جي، ڪڏهين به ڪنهن سان ڪچهري ۾ قيد جو ذڪر نه ڪيائين، ڪا شڪايت نه ڪيائين، ڪو ڏوراپو ڪا ميار ڪنهن کي نه ڏنائين، بس قيد جي باري ۾ جيڪي جوٽيو هئس اهو پنهنجي جيل جي ڊائري ۾ جئين تاريخ ڪري ڇڏيائين. پر پوءِ ڪو فخر نه، ڪو هٺ نه، ڪا ڳالهه ئي نه، جڻ جيل، ۽ اهو به سڄا سارا ٢٢ مهينا، ويو ئي ڪونه هو.

طارق واقعي هڪ اڏول، جبل جهڙو سينو ساهيندڙ ماڻهو هو. قيد هن قرباني سمجهيو، سڄي معنيٰ ۾ ماڻهن ته باويهه ڏينهن جي جيل جي به "ڪئش ڪرايو" ۽ طارق جيل جي قرباني، جي اجرت وٺڻ پنهنجي قرباني، جو آدرش جو ايمان سمجهيو.

طارق کي آدرش ۽ اصولن تي مستحڪم بيهڻ وراثت ۾ مليو هو. سنڌس بهادر امڙ به طارق جيان ئي اڏول هئي، مرندي مري وئي پر پنهنجن اصولن تي اٽل رهي. آئون طارق جي ٻالپڻ تي به ڏاڍو سوچيندو هئس. هو منهنجي ٻالپڻ جو دوست هو. اسان اسڪول ۾ گهڻو عرصو نه پر به ٽي سال گڏ پڙهيا هئاسون. ماءُ پيءُ جو هڪڙو ئي اولاد، ٻالپڻ ۾ ئي پيءُ جو جهان ڇڏي وڃڻ، بيوهه ماءُ جو سنڌرو ٻڌي اڪيلي سر پنهنجو گهر هلائڻ. شروع کان وٺي ئي طارق ۽ ان جي ماءُ تڪليفون ڏٺيون، مصيبتن کي چئلينج سمجهي مقابلو ڪيو ۽ جنهين ماءُ جا سکيا ڏينهن آيا ته ماءُ نه رهي ۽ جنهين طارق جا سٺا ڏينهن آيا ته طارق نه رهيو.

ڪنهين ڪنهين سوچيان ٿو ته جي طارق جيل نه وڃي ها ته سنڌس ماءُ ايترو جلد گذاري نه وڃي ها ۽ پاڻ به حياتيءَ جا ڪجهه پيا ڏينهن ڏسي ها.

باويهن مهينن جو جيل هڪ ليڪ لاءِ، هڪ بي ڏوهي لاءِ ٢٢ سالن جي برابر آهي. جيل مان سوير آزاد ٿي وڃي ها بس به ٻول لکي ڏي ها "مون جيڪي لکيو جيڪي چيو اهو غلط هو. مون کي ان جو افسوس آهي." مون ڏاڍي ڪوشش ڪئي ته طارق اهو لکي ڏي، مون کان سنڌس امڙ جي حالت ڏٺي نه ٿي ٿي. بس هڪڙو ئي الڪو هوندو هو ته ڪٿي سنڌس امڙ پنهنجي پٽ کي ڏسڻ کان سواءِ گذاري نه وڃي، سنڌس امڙ هڪڙي ننڍڙي ڪوٺڙيءَ ۾ بيمار رهندي، طارق جي قدمن جي آهٽ کي ٻڌڻ جي آسري ۾ پيڙا ڀوڳيندي رهي.

سنڌس امڙ مون سان ڳالهايو، درجي ٻنيان آڏ وٺي: "ظفر، تون طارق کي سمجهائين ٿو، مري ويندو معافي ڪڏهن به لکي نه ڏيندو. مون کي جيل مان لکيو اٿس، "امان، هي ڇا پيا ڪريو، مون کان معافي پيا لکارايو. تنهنجو پٽ آهيان".

واقعي طارق کي جهڪائڻ جبل کي جهڪائڻ هو. پر رهيو مون کان به نه ٿيو. طارق کان وڌيڪ مون کي سنڌس امڙ جو خيال ستائيندو رهيو. بيوهه ماءُ هڪڙي ئي اولاد کي الائي ڪهڙي آسري پالي وڏو ڪيو هوندو ماءُ جي ڪائنات ۾ ڪل ملڪيت.

هڪڙي شنوائي تي عدالت ۾ طارق سان ملاقات ڪندي سمجهائڻ جي ڪوشش ڪئي مانس. ڪجهه سچ ۽ ڪجهه ڪوڙ ملائيندي. "طارق پنهنجو نه ته، پنهنجي امڙ جو خيال ڪر، توکان سواءِ تنهنجي امڙ حياتي گهاري نه سگهندي. توکي خبر آهي امان جي طبيعت ٺيڪ نه ٿي رهي."

طارق چپ، سوچن جي ڍيڻ ۾ گم ٿيندڙ: "ڇو امان توکي ڪجهه چيو آهي ڇا."

مون ڪوڙ ڳالهائيندي چيو "نه امان مون کي ڪو سڏو سنئون ڪونهي چيو. پر آئون سمجهان ٿو امان توکان سواءِ هاڻي رهي نه سگهندي."

طارق هاڻي ڍيڻ ۾ ٻڏندي مٿي اچي ويو ۽ هن ڏکو ساهه کنيو "آئون مڃي نه ٿو سگهان ته امان مون کي معافي لاءِ چوندي، يا اهڙو ڪو اشارو به ڏيندي. امان مري ويندي پر مون کي معافي لاءِ نه چوندي."

۽ آئون طارق آڏو گهڙي پر لاءِ ٻنڊ ٻڌڻ ٿي ويو هئس. مون چو طرف ڪورٽ جي ڏکين ڏکين درين ڏانهن نهاريو. ليئا پائيندڙ ماڻهن مان ڪجهه ماڻهو اسان کي ڏسي رهيا هئا. ۽ آئون پاڻ ڍيڻ ۾ ٻڏڻ لڳو هئس. ماءُ ۽ پٽ جو

لکيانون بلک سنڌي، ۾ شاعري ڪيانون. خود مرزا قليچ بيگ جي گهر ۾ هندوستاني ڳالهائي ويندي هئي جيئن هن پاڻ پنهنجي آتم ڪٿائي، ۾ لکيو آهي. هاڻي ان آڌار تي طارق اشرف تي الزام هڻڻ ته هو سنڌي ني ڪونهي، منهنجي ويچار ۾ ڪميڻائپ جو چيهہ هو.

ان وقت منهنجي ٻه طارق سان "پرفيڪٽ پرنٽرس" جي سلسلي ۾ ڪجهہ اٿبٺت هئي. ۽ مون سمجهيو هو ته جوشيلو طارق ان الزام جو ڀرپور جواب ڏيندو. ۽ مون ڏنو ته طارق ان الزام جو ڪوبہ جواب نہ ڏنو. ڪافي سالن کان پوء طارق کان ان باري ۾ پڇيو هئم ته ننڍو ساهہ ڀري چيو هنائين "منهنجو عمل منهنجو جواب آهي ۽ سدائين اهوني جواب رهندو. آئون ذاتي حملن تي وقت ۽ "سهڻي" جا ڪاڳر وڃائڻ لاء تيار نہ آهيان"

آئون سمجهان ٿو طارق ۾ چالاڪي، ۽ حرفت جو نالو بہ نہ هو. آئون اهو بہ چوان ٿو تہ طارق اشرف بہ انسان هو، هو غلط ڪم بہ ڪري سگهيو ٿي ۽ ڪيا بہ هوندائين پر هن ڪنهين بہ ڪنهن سان چالاڪي نہ ڪئي هوندي. هو چالاڪي ڪرڻ ۾ بنهہ نااهل هو. آئون سمجهان ٿو تہ هن هوشياري ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي هوندي تہ بہ هو بنهہ ناڪام ويو هوندو. اهو ئي ڪارڻ آهي جو چالاڪ، حرفتي ليڪن، طارق جي سادگيء ۾ دل کولي فائدو ورتو پر جنهين بہ طارق تي ڏکيو وقت آيو تہ ڀري ڀري ٽائين ڪو نظر نہ آيو. اهو ئي ڪارڻ هو جو "سهڻي" جي ٽئين دور ۾ مون کيس خبردار ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي پر هن اهڙن ماڻهن جي ماضيء جي رويي کي نظرانداز ڪري ڇڏيو. اها بہ هڪ مهانتا جي نشاني آهي، پر ڪنهن غريب ڪنهن مڊل ڪلاس جي ماڻهوء کي ايڏو وڏي دل جو هجڻ پاڻ پنهنجي لاءِ نقصان ڪار آهي، مون کيس ايترو چيو تہ "تو جيل جي ڊائري لکي آهي گهٽ ۾ گهٽ انهن ماڻهن کي ڇڏي ڏي جي تنهنجي قيد دوران نہ توکي پڇڻ آيا نہ تنهنجي گهر آيا ۽ نہ تنهنجي امڙ وٽ آيا. ٻي ڪا مدد ڪرڻ تہ وڏي ڳالهہ آهي.

بس اها ڳالهہ هو پنهنجي امڙ کان ورانت ۾ نہ وٺي سگهيو هو. هن ۾ يا تہ ماڻهوء جي سڃاڻ نہ هئي يا سڃاڻ هوندي بہ ان جو الڪو نہ هو تہ ڪو مون کي ڏوکو ڏيندو يا ٺلهو پڄندو بہ ڪونہ. جيتوڻيڪ سندس امڙ بہ کيس چوندي رهندي هئي "طارق ڏاڍو سادو آهي." ۽ آئون سندس "سهڻي" جي ٽئين دور کي سانت سانت ۾ ڏسي پرکي رهيو هوس. آئون ان انتظار ۾ هئس، پلي وري انهن کي مٿي ڪئي ۽ جنهين اهي ساڳيا ماڻهو ڪانئس اکيون ڦيرينداتہ پوء آئون پڄندوسانس. پر افسوس جو طارق جي اوچتي ختم ٿيڻ جي حياتيء مون کي اهو موقعو نہ ڏنو. خبر ناهي سندس انهن دوستن ساڻس ڪهڙا پال پلايا. آئون تہ طارق کان سندس آخري دور ۾ ڏاڍو ڀري هئس.

۽ مون طارق کي صاف صاف چيو هو "تون ڪنهن ڏينهن سمجهي ويندين تہ ڪير طارق اشرف جو دوست آهي ۽ ڪير سهڻي جي ايڊيٽري ڪري ايڊيٽر جو دوست آهي". پر طارق ايترو تہ بي غرض ۽ ڪميٽيڊ ٿي ويو هو جو سدائين اهڙين ڳالهين لاء کيس واندڪائي ئي ڪانہ هئي.

بس هن لاء "سهڻي" ئي سڀڪجهہ هئي، ۽ آئون سوچيان ٿو جي سنڌي ساهت جي ماڊرن دور مان "سهڻي" جي ڪنٽريبيوشن ڪڍي ڇڏجي تہ باقي ڇاٺو بچي. ۽ هن جنهن نموني "سهڻي" جي تسلسل کي برقرار رکيو، ان مان سندس عقل ۽ ذهانت جي پروڙ پئي ٿي، جڏهن "سهڻي" رسالي تي بندش پئي، تہ هن "سهڻي" کي ڪتابي سلسلو ڪري ڪڍيو. پٺي جي دور ۽ پوء ضياء جي دور ۾ بہ ڪنهن رسالي جو ڊڪليريشن حاصل ڪرڻ ڪنهن خزاني کي هٿ ڪرڻ جي برابر هو. پر طارق پنهنجي عقل سان پبليڪيشن اهڙي نموني ڪڍي جو "سهڻي" رسالو ئي لڳندو هو پر هو وري پنهنجي جاءِ تي هڪ الڳ ڪتاب ۽ حڪومت منجهي پئي، پريشان ٿي پئي تہ هاڻي ڇا ڪجي. "ڪتابي سلسلو" رسالي جي بہ ڊڪليريشن نہ ملڻ کي باءِ پاس ڪرڻ جو هڪ زبردست قانوني طريقو هو. هونئن بہ ١٩٦٠ واري ڏهاڪي ۾ هو "ڀهريون قدم" ۽ "ٻيو قدم" جهڙن نالن سان ڪتاب پر مواد جي لحاظ کان رسالا ڪڍي ان جي آئيڊيا اڳ ۾ ئي پاڻ ڏيئي چڪو هو. طارق ماهوار ڪتابي سلسلو ڪڍي هڪ زبردست رسڪ ورتو هو، جوڪم جو ڪم ڪيو هو. جي حڪومت سندس ڪتابي سلسلي کي رسالو ڪورٽ ۾ ثابت ڪري ٿي وڃي تہ طارق اشرف سزا کائي ٿي ويو ۽ ڪورٽ ان کي "رسالو" ڪري نہ ٿي مڃيو تہ پوء پريس اينڊ

مخدوم محمّد زمان طالب المولیٰ

# فقير حسين بخش "خادم" سروري



رئيس سيّد حبيب الله شاه مرحوم آراضي جو رهاڪو ۽ تعلقہ سيوهڻ جو باشندو هو. رئيس حبيب الله شاه لڪياري سادات جو وڏو هو. ان جي انتقال بعد پس ماندن ۾ سندس صرف هڪ نياڻي غير شادي شده باقي رهي. رئيس حبيب الله شاه هڪ هزار ايڪڙ زمين کان وڌيڪ زميندار بہ هو ۽ اها زمين سندس نياڻي جي قبضي ۾ رهي.

رئيس حبيب الله شاه حضرت غوث الحق مخدوم نوح سرور هالائي جو بيحد عقيدت مند مريد بہ هو ۽ بي بي صاحبہ بہ مريد ۽ عظيم عقيدت رکندڙ هئي. بي بي صاحبہ هڪ پيري حسين بخش جيڪو سندن ئي ماڻهو هو، ان کي ڪنهن ڪم سان هالا ۾ منهنجي والد صاحب قبلہ مرشدنا مخدوم غلام محمّد عرف گل سائِڻ ڏي موڪليو. انهن جي شفقت ۽ محبّت ڏسي حسين بخش هالا ۾ ئي هميشہ لاءِ رهي پيو. هو جڏهن هالا ۾ آيو هو تہ ڏاڙهي مڇون بہ نہ هيس. مرشدنا والد صاحب قبلہ جن جي انتقال بعد حسين بخش کي مون پنهنجي زميندارِي ۾ ڪمدار طور رکيو ۽ هو ڪيترا ئي سال زميندارِي جو ڪم ڪار ڪندو رهيو.

حسين بخش ڪافي گو شاعر هو. ڪيس مون جڏهن پنهنجي حاضري لاءِ آندو تڏهن ان کي **خادم** تخلص ڏنم ۽ موزون شاعري ڪرڻ لاءِ چيو. ان بعد هن غزل لکڻ شروع ڪيو ۽ آئون سندس اصلاح ڪندو هوس. اهو سلسلو آخر تائين هلندو رهيو. حسين بخش پڇاڙي عمر ڏاري فقيري بہ اختيار ڪئي ۽ فقير حسين بخش سڏجڻ لڳو. سندس والد جو نالو پير بخش هو ۽ ذات پنگر. هن کي هڪ پيرو وري بہ زميندارِي ڪم ۾ رکيم مگر

سال کن اندر سخت بيمار ٿي پيو ۽ نوڪري ڏيڻ جي قابل نہ رهيو. پوءِ ڳوٺ رهڻ جي اجازت ورتائين ۽ ڳوٺ ويو.

نواب فقير محمّد خان لغاري تاجپوري جو ميلو ۴ رمضان تي هر سال لڳندو آهي ۽ محمّد فقير ڪتياڻ جي هميشہ (هر مهيني جي) ملهائي ويندي آهي.

فقير حسين بخش بہ هميشہ وانگر ۴ رمضان جي تاجپور ۾ آيو ۽ اتان، محمّد فقير تي دستور موجب رات جو فقير حسين بخش ۽ ٻين فقيرن بہ ڳايو وڄايو. پوءِ وڃي سڀ آرامي ٿيا. صبح جو فقير حسين بخش ڪونہ اٿيو. ڏسن تہ امانت ڏٺي ڪي پهچي چڪي آهي.

فقير حسين بخش جي ولادت ۱۵ جنوري ۱۹۳۰ع ۾ ٿي ۽ وفات ۱۲ مارچ ۱۹۹۲ع تي ٿي.

انا لله و انا اليه راجعون.

●

اڄ نہ اوطاقن ۾ سا بابوئنَ باسَ
وئا ويراڳي نڪري، وِلا ڪري واسَ
جنِ جِي اندرَ ۾ اُداسَ، سي لَاهوتي لڏي وئا.
ـــ شاهہ

# استاد نياز حسين ـ هڪ گُني ماڻهو

امداد حسيني



استاد نياز حسين جي ناليِ سان سنڌي سنگيت جو هڪ شاندار باب لاڳاپيل آهي. هن پنهنجي سڄي زندگي پاڻ ارپڻ واري جذبي سان سنڌي سنگيت جي سڌاري ۽ واڌاري جي مقصد ماڻڻ ۾ گذاري ڇڏي.

مون استاد کي ريڊيو حيدرآباد تي پهرين هڪ وايولنسٽ جي حيثيت سان ڏٺو. پوءِ استاد باجي (هارمونيم) تي ليڊ ڪندو هو. مون اڄ تائين اهڙو باجو وڄائيندي ڪنهن کي ناهي ڏٺو. استاد سوين هزارين ڌنون جوڙيون، سنواريون ۽ سڌاريون. پر اهو ٻڌي ڏک ٿيو، ته ايتري جاڪوڙ ۽ خدمتن جي صلي ۾ ڪيس اخر تائين ڪمپوزر به نه ڪيو ويو! عجب ان ڪري نه ٿيو، جو اهائي هتي جي ريت آهي! مون کي فخر آهي ته استاد منهنجي ڪيترن ئي گيتن

ڄوڻ ڌنون ترتيب ڏنيون. ”سانولڙي سانجهي آئي“ ٻاڻ پنهنجي آواز ۾ ڳائيندو هوته روح کي راحت اچي ويندي هئي. ريڊيو حيدرآباد جي اسٽوڊيو B-2 ۾ آمريڪي ڳٽارسٽ جي اچڻ تي، استاد جو پيش ڪيل آئٽم، جنهن ۾ هن چئني صوبن جي نمايان ڌنن کي پيش ڪيو هو. هڪ يادگار آئٽم هو.

سنڌي ڊپارٽمنٽ، سنڌ يونيورسٽي جي ادبي ڪانفرنس (٨٨ع) جي راڳ رهاڻ ۾ استاد نياز حسين جو هڪ يادگار فنڪشن هو. نياز ۽ نثرت ۾ ٿي وڌائي آهي. اهو گڻ استاد نياز حسين کان ٿي مون سکيو:

ڍول تنين جي ڍاڻ هيناهيون هلن جي

جياريس سنيارَ ڪوهُ ڪرَيندَمِ ڳڌجي
وير و تارِ وُجودَ ۾ پرين جي پچارَ
سي ڪيئن سجڻ ڏارَ جي هنيڙي ۾ حلَ ٿيا.
ـــ شاهہ

**محمد رحيم ميمڻ**
لئبررين
سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو

# ڪئٽلاگ / پهچ

ڪئٽلاگ لاءِ هڪ ڪابي ۽ تبصري / اپياس لاءِ ٻه ڪاپيون موڪليون وڃن

**فرينچ انقلاب (نثر)**
مترجم: محمد ابراهيم جويو
حيدرآباد: نيو فيلڊس پبليڪيشن ٽنڊو ولي محمد.
١٩٩٠ع
٣٧٢ صفحا، پلنامو، ١٨×٢٣/٨ ماپ
قيمت: ٠٠ـ٨٠ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ فرينچ انقلاب جي بابت ٻڌايل هڪ هاري، جي ڪهاڻي ڏنل آهي.

★

**ڪوڪڻ يا ڪلياڻ. (بيت ۽ وايون)**
استاد بخاري
ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي
١٩٨٦ع.
٣٣٥ صفحا، پل نامو، ١٨×٢٣/٨ ماپ.
قيمت: ٠٠ـ٣٥ رپيا
نوٽ: هن ڪتاب ۾ وايون ۽ ڪافيون ڏنل آهن.

★

**تحقيق جو فن. (نثر)**
ڊاڪٽر غلام حسين پٺاڻ.
ڄام شورو. پاڪستان اپياس مرڪز سنڌ يونيورسٽي
١٩٨٣ع.
٣٩٩ صفحا، انڊيڪس، ١٨×٢٣/٨ ماپ.
قيمت:ـ ٠٠ـ٥٠ رپيا
نوٽ: هن ڪتاب ۾ تحقيقي فن بابت ڄاڻ ڏنل آهي.

**سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ. (نثر)**
ڊاڪٽر عزيزالرحمان.
ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ.
١٩٨٨ع.
ح + ١٠٧ صفحا، پل نامو، ١٨×٢٣/٨ ماپ
قيمت: ٠٠ـ١٣٠ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ سنڌي صحافت جي ارتقا ۽ تاريخ ١٨٥٨ کان ١٩٨٠ تائين پي. ايچ ڊي لاءِ پيش ڪيا ٿيسز بابت مواد ڏنل آهي).

★

**سنڌي، جو عروض. (نثر)**
مرزا سڪندر علي بيگ.
ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي سنڌ يونيورسٽي
١٩٨٦ع.
ي + ٢٨٨ صفحا، ماخذ پل نامو، ١٨×٢٣/٨ ماپ
قيمت: ٠٠ـ٣٥ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ سنڌي، جي علم عروض بابت لکيل آهي.

★

**تاريخ سنڌ. (ٻاڳو ٻيو)**
مولوي نور محمد نظاماڻي.
ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ.
١٩٨٨ع.
١٣٣ صفحا، ١٨×٢٣/٨ ماپ
قيمت: ٠٠ـ٣٥ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ عربن واري دور بابت احوال ڏنل آهي). ★

بائيبل، قرآن ۽ سائنس.
مورس بوڪائي. مر- نہ محزون.
اسلام آباد: دعوة اڪيڊمي بين الاقوامي يونيورسٽي
١٩٨٩ع.
د + ٣٨٦ صفحا، ١٨×٢٣/٨ ماپ.
قيمت: ڇاپائيل ڪانهي.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ بائبل ۽ قرآن ۽ سائنس جو تجزيو ڪيل آهي.

★

واچوڙن ۾ لاٽ.
قمر شهباز.
ڪراچي: سنگم پبليشڪن پوسٽ باڪس نمبر: ١٣٢١،
١٩٨٧.
٢٨٩ صفحا، ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠-٥٠ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ ريڊيو ۽ ٽي وي ڊراما ڏنل آهن.

★

منهنجو تخليقي سفر (نثر)
خيرالنساءِ جعفري.
ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
١٩٩٢ع.
٣٢٥ صفحا، ١٨×٢٣/٨ ماپ.
قيمت: ٠٠-٧٥ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ ڪهاڻيون، تحريرون، تقريرون، انٽرويو ۽ انڊيا جو سفر آهي.

★

سنڌ جي زينت (ناول)
نرجن دوداڻي.
ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
١٩٩١ع.
١٣٢ صفحا، ١٨×٢٣/٨ ماپ
قيمت: ٠٠-٣٠ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ ورهاڱي کان پوءِ آيل حالتن جي ڦير گهير تي روشني وڌل آهي.

★

منهنجي مٽڙي سنڌ (ناول)
ڪرشن کٽواڻي.
ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
١٩٩١ع
١٨٩ صفحا، ١٨×٢٣/٨ ماپ
قيمت: ٠٠-٣٥ رپيا.
نوٽ هن ناول ۾ نئين سنڌ کي اڏڻ ۽ مدي خارج سرشتي کي بدلائڻ لاءِ جيڪي ڪوششون ورتيون ويون هيون ان بابت آهي.

★

جنس جي سائنسي ڄاڻ
علي مرتضيٰ ڏاريجو.
ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
١٩٩١ع.
٩٢ صفحا ١٨×٢٣/٨ ماپ.
قيمت: ٠٠-٣٠ رپيا.
نوٽ: هن ۾ جنس جي باري ۾ سائنسي ڄاڻ ڏنل آهي.

★

تنوير چٽي. (شاعري)
تنوير عباسي.
ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي يونيورسٽي آف سنڌ
١٩٨٩ع.
٥٣٦ صفحا، ١٨×٢٣/٨ ماپ
قيمت: ٠٠-١٥٠ رپيا.
نوٽ: ١٩٥٠ع کان ڊسمبر ١٩٨٨ع تائين جو مڪمل ڪلام ڏنل آهي.

★

پن پوڙين پاتار ۾. (نثر)
جماالدين مومن.
نيو جتوئي: مومن پبليشڪن نيو جتوئي مورو سنڌ
١٩٩٢ع.
٩٧ صفحا، ٨/٢٠×٢٦/٨ ماپ.
قيمت: ٠٠-١٥ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ مختلف اديبن جا مختلف مضمون ڏنل آهن.

★

نوان رستا نيون راهون.
عبدالسلام سلامي / رحمت ماجوئي.
ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي،
١٩٩١ع.
٢٣٨ صفحا. ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٦٠ رپيا.
نوٽ: زندگي جي پلاننگ تي شاگردن لاءِ هڪ اهم ڪتاب.

★

نئون عالمي نظام (نثر)
اسلم خواجه.
ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي.
١٩٩١ع.
١٩١ صفحا ١٨×٢٣/٨.
قيمت: ٠٠_٥٠ رپيا
نوٽ: هن ڪتاب ۾ نئين عالمي نظام بابت مختلف ماهرن جا رايا ڏنل آهن.

چهنڊڙيون (نظم)
مخدوم طالب المولىٰ.
هالا: طالب المولىٰ اڪيڊمي،
١٩٩٢ع.
ز + ٨٧ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_ ٣٥ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ شاعريءَ ۾ حقيقتن کي بيان ڪيو ويو آهي جيڪي مختلف وقتن تي پيش آيون.

★

رباعيات طالب (شاعري)
مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.
هالا: طالب المولىٰ اڪيڊمي،
١٩٩٠ع.
٣٣ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_ ٢٥ روپيا.
نوٽ: رباعيءَ جي صنف تي مشتمل آهي.

★

بي بير اکيون. (شاعر جو ڪلام شاعر جي زبان ۾)
مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.
هالا: مرڪزي بزم طالب المولىٰ،
١٩٨٧ع.
١٣٢ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٢٥ رپيا
نوٽ: هن ڪتاب ۾ ڪافيون ڏنل آهن.

★

سدا وسين سنڌڙي. (شاعري)
مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.
هالا: طالب المولىٰ اڪيڊمي،
١٩٩٠ع.
٩٣ صفحا.
قيمت: ٠٠_٣٥ رپيا. ١٨×٢٣/٨
نوٽ: هن ڪتاب ۾ سنڌ جي موجوده خراب حالتن کي مد نظر رکي سنڌ جي لاءِ دعا گهرڻ واري انداز ۾ بيت چيا ويا آهن.

★

آب حيات. (شاعري)
مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.
هالا: طالب المولىٰ اڪيڊمي،
١٩٩١ع.
٣٨ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٣٠ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ پنهنجي خاص غلام حاجن ابڙيجي جي خدمت جي اعتراف ۾ چيل شاعري آهي.

★

مصريءَ جو ٽڙون. (نثر)
مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ.
هالا: طالب المولىٰ اڪيڊمي،
١٩٩٠ع.
٣١ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٣٥ رپيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ مصنف جون ذاتي تجربي تي بڌل ملفوظات آهن.

★

ڏرتي دين ڏرم. (شاعري)
ابراهيم منشي.
ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن،
١٩٩١ع.
١٤٦ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٣٢ ربيا
نوٽ: هن ۾ نظم، بيت، وايون ڏنل آهن.

★

گوندر ويندا گذري. (شاعري)
ابراهيم منشي.
ڪنڊيارو: روشني پبليڪشن،
١٩٩٢ع.
٢٣٣ صفحا ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٦٠ ربيا.
نوٽ: هن ڪتاب ۾ نظم بيت، وايون ڏنل آهن.

★

زوال. (ناول)
البر ڪامئو_ قاضي خادم.
حيدرآباد: سنڌي ساهت گهر،
١٩٩٢ع.
١٤٣ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٣٠ ربيا.
نوٽ: البر ڪامئو جي ناول "دي فال" جو سنڌي ترجمو

★

درشن ڏارو ڏار (شاعري)
سوز هالائي.
هالا: سنڌي ادبي سنگت شاخ هالا،
١٩٩٢ع.
٢٢٠ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٨٠ ربيا.
نوٽ: نظم، بيت، وايون، ساروڻيون
ڏنل آهن.

★

رسالو شاهه عبداللطيف. (شاعري) اشاعت سوم.
مترجم: شيخ اياز.
ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي،
١٩٩١ع.
٥٢١ صفحا. سائيز (ڊبل ڪرائون)
قيمت: ٠٠_٣٠٠ ربيا.
نوٽ: هي ڪتاب شاهه عبداللطيف ڀٽائي رح جي رسالي جو اردو ۾ منظوم ترجمو آهي).

★

قديم سنڌ. (نثر)
ڀيرو مل مهر چند آڏواڻي.
ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،
١٩٩٢ع.
ل + ٣١٠ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_١٠٠ ربيا.
نوٽ: هي ڪتاب سنڌ جي تاريخ بابت آهي.

★

ڪليات حسين ديدڙ. (شاعري)
سهيڙيندڙ: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو.
ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،
١٩٩٢ع.
٢٥٨ صفحا ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٦٠ ربيا.
نوٽ: حسين ديدڙ جو ڪلام.

★

نيڻن ۾ ڏياريون.
شبير هاتف.
ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ،
١٩٩٢ع.
٢٠٦ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_١٠٠ ربيا.
نوٽ: مختلف صنفن تي مشتمل شعري مجموعو.

★

**امام انقلاب مولانا عبيدالله سنڌي رح (نثر)**
پير علي محمد راشدي.
ڇاپڻ ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ،
١٩٩٢ع.
١٠٨ صفحا. ماپ ١٨×٢٣/٨
قيمت: ٠٠_٢٥ رپيا.
نوٽ: هيءُ ڪتاب مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي حياتي ۽ سندس جدوجهد جي باري ۾ لکيل آهي).

★

**سلسلو تاريخ سنڌ، جلد ڇهريون**
سنڌ ــ هڪ عام جائزو
ايڇ. ٽي لئمبرڪ. مترجم: سليم احمد.
ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ،
١٩٩٢ع.
٣٥٧ صفحا.
قيمت.. ٠٠_٨٠ رپيا
نوٽ: هن ڪتاب ۾ سنڌ جي تاريخ بابت لکيل آهي.

★

وڪرُ سو وِهاءِ، جو پَئي پراڻو نه ٿئي،
ويچيندي وِلاتَ ۾ ذرو ٿيي نه ضاع،
سا ڪا هَٽَ هَلاءِ، آڳهِ جهين اُبهِين.

# سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ان جا مقصد ۽ ڪم

## ١. مقصد

جيئن ته اسلامي جمهوري پاڪستان جي ١٩٧٣ع واري آئين جي قلم ٢٥١(٣) هيٺ ڄاڻايل آهي ته

"قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي قائم رکندي ڪابه صوبائي اسيمبلي قومي ٻوليءَ سان
گڏ صوبائي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال لاءِ قانوني اپاءَ وٺي سگهي ٿي"

تنهنڪري آئين جي ان قلم کي مدنظر رکندي ۽ ان جي تعميل ڪندي، سنڌ جي صوبائي اسيمبلي اهڙو ڳهربل قانون، "سنڌ ايڪٽ ١٩٧٢ع" (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال) ۽"سنڌ (ترميمي) ايڪٽ ١٩٩٠ع (سنڌي ٻوليءَ جي سکيا، ترقي ۽ استعمال)" جي صورت ۾ منظور ڪيو. جنهن موجب قومي ٻوليءَ جي حيثيت کي قائم رکندي، سنڌ ۾ لازمي طور سنڌي ٻوليءَ جو استعمال صوبائي ٻوليءَ طور ٿيندو، ۽ وڌيڪ جيئن ان ايڪٽ جو مقصد آهي ته سنڌ حڪومت صوبي ۾ "بورڊ"، "ايڪڊميون" ۽ "اٿارٽي" قائم ڪندي ۽ ان سلسلي ۾ اثرائتا انتظام ڪندي ۽ قاعدا بحال ڪندي ته جيئن صوبي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال وڌندو رهي.

مٿين مقصدن مطابق فيصلو ڪيو ويو آهي ته فوري طور تي اهڙو هڪ خودمختيار ادارو هيٺين طور قائم ڪيو وڃي.

نالو: اداري جو نالو "سنڌي لئنگويج اٿارٽي" هوندو.

آفيس: اٿارٽي، جي مکيه آفيس ڪراچي/ حيدرآباد ۾ هوندي.

## ٢- ڪم

"اٿارٽي " جا مقصد ۽ ڪم هيٺين طور هوندا؛

(الف) سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ طريقا ۽ ذريعا سوچڻ؛ صوبائي ٻولي جي حيثيت ۾ سنڌيءَ ۾ تعليم ۽ سنڌيءَ جي ترقيءَ ۽ استعمال لاءِ ضروري قدم کڻڻ ۽ قومي ايڪي ۽ اتفاق واري لساني ترقي ۽ قومي مفاهمت ۽ اتحاد وارا مقصد حاصل ڪرڻ.

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت کي هر سطح تي صوبائي حڪومت جي سرڪاري ۽ نيم سرڪاري دفترن توڙي ٻين خودمختيار ادارن ۽ مڪاني ادارن جي دفترن ۽ لکپڙهه ۾ برقرار رکڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.

(ج) هيٺين سطحن تي، موافقت ذريعي، سنڌي ٻوليءَ جي صحيح استعمال کي يقيني بڻائڻ؛ (١) صوبائي ۽ مڪاني ادارن جي لکپڙهه، پڌرناما، ڪتابڙن ۽ اشاعتن ۾ ، (٢) تعليمي نصاب جي ڪتابن ۾ ، (٣) دفتري لکپڙهه جي دائمي دستاويزن، رفاهه- عام جي يادگارن ۽ ٻين سلسلن جهڙوڪ بنيادي پٿرن، نقشن، نالي وارين تختين، رستن جي فاصلو ڏيکاريندڙ پٿرن، جاين ۽ ماڳن جي نالن وغيره ۾.

(د) سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي تعاون سان مقابلي جي امتحانن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال لاءِ راهه هموار ڪرڻ.

(هه) ٽي-وي، ريڊيو، اخبارن ۽ ٻين مدي- واراشاعتن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صحيح استعمال کي منظم ڪرڻ ۽ ترقي وٺائڻ.

(و) "مقتدره قومي زبان" جي تعاون ۽ همراهيءَ سان ڪن خاص وفاقي دستاويزن ۽ اشاعتن کي سنڌيءَ ۾ شايع ڪرڻ لاءِ راهه هموار ڪرڻ.

(ز) لغاتن (ڊڪشنرين) موسوعاتن(انسائيڪلوپيڊيائن)، حوالن وارن ڪتابن، سائنسي ڪتابن ۽ رسالن کي تيار ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ.

(ح) سائنسي ۽ سماجي علمن سان واسطو رکندڙ فني اصطلاحن کي سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪرڻ ۽ شايع ڪرڻ،

(ط) ڪمپيوٽر جي فني استعمال، ٽائپ جي نون طريقن ۽ مختصر نويسي سيکارڻ لاءِ تعليمي، تربيتي رٿائون عمل ۾ آڻڻ.

(ي) قومي ٻولي ۽ پاڪستاني ٻولين کي ويجهو آڻڻ واري مقصد هيٺ تاريخ ۽ ادب جي اهم سنڌي ڪتابن کي اردو، پشتو، بلوچي، پنجابي ۽ ٻين پاڪستاني ٻولين ۾ ترجمو ڪرائي شايع ڪرڻ جو بندوبست ڪرڻ.

(ڪ) بين الاقوامي سطح تي مفاهمت، فائدي ۽ قدرداني خاطر عالمن ۽ اديبن جي معياري سنڌي تصنيفن کي انگريزي ۾ ترجمو ڪرائڻ.

(ل) مٿين مقصدن کي پوري ڪرڻ لاءِ انعامن جو سلسلو قائم ڪرڻ، سيمينار سڏائڻ، ليڪچر ڪرائڻ ۽ ٻيا مناسب قدم کڻڻ.

(م) "اٿارٽي" جي منظوري ۽ فيصلن مطابق ڪي ٻه ٻيا قدم کڻڻ.

---

ملڻ جو هنڌ:- ١- سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو. سنڌ صوبائي ميوزم، قومي شاهراه، حيدرآباد سنڌ.

٢- مرڪزي ڪتاب گهر، نمبر٩٧٢، گل شاهه محلو، گاڏي کاتو، حيدرآباد سنڌ.



# ادارا

●تابش بخاري

## بزمِ غالب (دادو سنڌ)

**سنڌ** ۾ ڪيترائي اهڙا ادارا آهن، جيڪي بنا ڪنهن نعريبازيءَ جي، پنهنجي هڙان وڙان سنڌي ٻوليءَ ۽ سنڌي ادب جي بچاءُ ۽ واڌاري لاءِ عملي سطح تي ڪم ڪري رهيا آهن. "بزمِ غالب" به اهڙن ادارن مان هڪ آهي. "بزمِ غالب" جي هن تعارف مان اهو به ڏس ملي ٿو، ته خود دادوءَ ۾ ان کان اڳي به ڪيترئي ادبي تنظيمون ٺهيون ۽ بند ٿي ويون. ۽ سچ ته اهو آهي ته اٿين سڄي سنڌ ۾ ٿيو آهي ۽ اسان جي بي حسيءَ جي ڪري اٿين ٿيو آهي. ضرورت ان ڳالهه جي آهي، ته اهڙن ادارن کي هر حالت ۾ قائم ۽ دائم رکيو وڃي. ان ڏس ۾ هڪ رٿ ته اها آهي، ته سڄي سنڌ ۾ اهڙن ادارن ۽ تنظيمن کي پاڻ ۾ مربوط ڪري، متحرڪ ۽ فعال بڻايو وڃي. اسان ڪان ان ڏس ۾ جيڪي پُڇي سگهندو سو ڪنداسين. "مهراڻ" ۾ اهڙن ادارن لاءِ هيءُ صفحا مستقل طور تي مخصوص ڪيا ويا آهن. اسان کي اميد آهي، ته علمي ادبي تنظيمون ۽ اشاعتي ادارا اسان جي سڏ ۾ سڏ ڏيندا ۽ پنهنجو تعارف ڏياري موڪليندا.

ـــ امداد حسيني

دادو ضلعو علم ادب جو گهوارو ليکيو ويندو آهي. هن ضلعي اهڙن عالمن، دانشورن، تاريخدانن، شاعرن، ۽ سُخن ورن کي جنم ڏنو آهي، جن پنهنجي تاريخ ساز شخصيت سان دادوءَ جو مان مٿانهون پڻ ڪيو آهي. سال ١٩٣٥ع ۾ دادو شهر ۾ "آفتاب ادب" جي نالي سان هڪ ادبي تنظيم هوندي هئي. ان جو صدر آخوند شفيع محمد مرحوم ۽ جنرل سيڪريٽري حافظ احسن چنا مرحوم هو. هيءَ تنظيم ماهوار محفل مُشاعره جو انعقاد ڪندي هئي. هن بزم جا ٻيا سرگرم ڪارڪن هي هئا: مخدوم احمد مجتبيٰ غالب ملڪائي (جيڪو بعد ۾ هن بزم جو جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو)، احمد خان آصف مرحوم، پير علي مُحمد مرحوم، مُحَمد اظهر مرحوم، خان مُحَمد سائل مرحوم (هن صاحب کي اُردو شاعريءَ ۾ ڪمال حاصل هو.) امام الدين ظامن مرحوم محمد بخش واصف مرحوم.

هن بزم طرفان ٻارهين آل سنڌ مشاعره ڪانفرنس ڪوٺائي وئي. هن ڪانفرنس جو خاص مهمان جناب علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽو صاحب هو. افسوس جو هن ادبي تنظيم کي ڪنهن جي نظر لڳي وئي ۽ هيءَ تنظيم ١٩٥٨ع ڌاري بلڪل ختم ٿي وئي. هن ختم ٿيل اداري جي هڪ ادبي ذوق رکندڙ بزرگ مخدوم احمد مُجتبيٰ غالب ملڪائي صاحب دوستن جي مشوري سان ١٩٥٩ع ۾ "بزمِ جوهر ادب" جو بنياد وڌو. هن بزم جو صدر پاڻ ۽ جنرل سيڪريٽري شفيع محمد سولنگي کي مقرر ڪيو ويو. افسوس جو هي ادبي

ادارو بہ زماني جي گردش جي ستَ نہ سهندي پنهنجو وجود وڃائي ويٺو. پوءِ وري بہ هن بزرگ (مخدوم احمد مجتبيٰ غالب) پنهنجي دوستن محترم تاج صحرائي ۽ علي محمد قريشيءَ جي صلاح سان دادوءَ ۾ "سنڌي ادبي سنگت" شاخ جو بنياد وڌو ۽ هن اداري جو مستقل جنرل سيڪريٽري ٿي رهيو. ١٩٨٩ع ۾ مجتبيٰ صاحب پنهنجي دوستن عاشق دادوي ۽ شفيع محمد سولنگيءَ جي صلاح سان "بزمِ غالب" جو پايو وڌو. جنهن جو ناظم اعليٰ پاڻ ۽ صدرلاءِ شفيع محمد سولنگيءَ کي مقرر ڪيو ويو. جنرل سيڪريٽري ساغر جعفري صاحب کي مقرر ڪيو ويو پر هن صاحب جي عدم دلچسپيءَ سبب ڪيس هٽائي هن خاڪسار (سيد تابشؔ بُخاري) کي مقرر ڪيو ويو. هن بزم جا بيا سرگرم ساٿي رجب علي آزاد، دانش ملاح، بهزاد سنڌي، ذوالفقار زُلفي، دائود دُکي، عاشق دادوي ۽ هاتف چنا هُئا.

فيصلي موجب هن تنظيم طرفان پهريون مشاعرو طرحي ٿيو، مصرع هن ريت هئي!

آهي سدائين اڙدو دلدار يار منهنجو

هن مشاعري جو خاص مهمان احمد خان مدهوش هو. هن مشاعري ۾ دادوءَ کان علاوه ٻاهرين شاعر دوستن پڻ بهرو ورتو. عام طرح اهو تاثر ملندو آهي، تہ مُشاعري ۾ ٻڌندڙ ۽ ٻُڌائيندڙ صرف شاعر هوندا آهن: پر "بزمِ غالب" اهو ثابت ڪري ڏيکاريو آهي، تہ مشاعري ۾ عام شهري بہ حصو وٺي سگهن ٿا.

ٻئي سال "بزمِ غالب" جي سالگرهہ جي موقعيَ تي هڪ عاليشان محفلِ مُشاعره جو اهتمام ڪيو ويو. هن محفل جا خاص مهمان جناب اُستاد بخاري صاحب جن هُئا. ٽئين سال سالگرهہ سان گڏ بزم جي ناظم اعليٰ مخدوم احمد مجتبيٰ غالب هر ٽئين مهيني مُشاعرو پڻ ڪرائيندو رهيو. جنهن ۾ مقامي شاعرن بهرو ورتو. غالب سان رهاڻ رچائي وئي. صاحب سان ادبي رهاڻ کان پوءِ بزم جي صدر سان رهاڻ رچائي وئي. ان ۾ جناب تاج صحرائي، فيض احمد فيض، گُل حسن گُل پرڙو، الهہ نواز رُڪڻائي ۽ لاڙڪاڻي کان آيل دوستن ۾ تبريز تنيو، امداد جوکيو، شفيق شيخ، بلال بروهي ۽ احسان دانش شامل هئا. پريس جي سلسلي ۾ "بزم غالب" سان جاويد سحر (حيدرآباد)، عاجز جمالي (ڪراچي) ۽ ٻين دوستن وڏ ۾ وڏ تعاون ڪيو. چوٿين سال بزم جي چوٿين سالگرهہ ملهائي وئي. هن محفل جو خاص مهمان جناب ناظم ۽ اعزازي مهمان جناب گل حسن شاد گوپانگ صاحب هئا. ان کان علاوه دادو، لاڙڪاڻي ۽ مورو کان آيل شاعر دوستن بهرو ورتو.

آئندي بزم غالب جي پروگرامن ۾ گذريل چئن سالن ۾ جيڪي مواد بزم وٽ موجود آهي، ان کي ڇپرائڻ ۽ برک اديبن ۽ شاعرن سان رهاڻيون رچائڻ شامل آهي.

●

حسن علي عطار

# مومن پبليڪيشن جتوئي نوان

سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ اهڙيون شخصيتون ٻه آهن، جيڪي سنڌي ادب ۽ زبان جي وڏا خدمت ڪن. ڪين نه ڪنهن ۾ لالچ آهي ۽ نه ڪنهن ۾ آسرو رکن. پنهنجي دڪايو وڏا آهن. جمال الدين خاصخيلي تخلص "مومن"، جتوئي نوان جو رهاڪو، بنيادي طور استاد، "اپڻي گهوٽ ته نشا ٿيوي" جو قائل. ١٩٨٠ع ۾ مومن پبليڪيشن قائم ڪئي. پاڻ ان جا مالڪ آهن. اڄ تائين ويهه ڪتاب شايع ڪرائي چڪا آهن. تازو ڪتاب پن ڀوڙين پاتار ۾ جي رونمائي جناب عبدالحميد ميمڻ حميد سنڌي وائيس چانسلر شاه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جتوئي نوان ۾ ڪئي. مومن پبليڪيشن پاران علمي، ادبي ڪتاب شايع ٿي رهيا آهن. ياداشت هيءَ آهي: ١- اسلامي موضوعات ٢- حقوق الوالدين ٣- مجموعه ادعيه ٤- پاڻ سڄاڻ ٥- موتي ٦- املهه ماڻڪ ٧- دادو ضلعي جا اولياءَ ٨- صوفي ساڃاهه ٩- ساهتي جا سرواڻ ١٠- عام معلومات ١١- سنڌ جا اولياءَ ١٢- سخن صابر ١٣- رنيدا ١٤- ياد، نياز ١٥- سڄل ڪونيز ١٦- سورانئي سنڌ ١٧- پن ڀوڙين پاتار ۾.




پيارا امداد

شال سرهو هجين۔

ان دعوت ۾ توکي ڏيه پجاڻان آئيس ته
مانيءَ جي ڳالهه ڪري، تو سوڊو سيٽي هليا ويا هئا.
روح سٺ ڏني هئي ته توسان ڪا ڳالهه ٻولهه
ڪريان۔ پر شايد توکي تڪڙ هئي.

'مهراڻ' لاءِ مواد ڪيئي ــ جلد
موڪليندس۔ مهراڻ ۽ امداد ۔ ٻئي
منهنجي ماضيءَ جا پيارا يادگار آهن.
رکو اهو ڏسي ونان ته ڪهڙا مضمون
يا شعر اڻ ڇپيل آهن ۔

پهر حيدرآباد آيس ته
نه ڇڏيندو مان ـــ

تنهنجو
اُهوئي
تنوير عباسي

اجو تہ گڏجي حڪومت کان گهر ڪريون تہ اسان جي ماڻهن کي مئيان ني - وي چئنل ڏيکاريا وڃن تہ جيئن ماڻهن مان دُنيا کان ڪٽجڻ جو احساس ختم ٿئي.

اسان جي خواهش آهي تہ توهان هن مسئلي ۾ اسان جي رهنمائي ڪريو ۽ عوام کي منظم ڪري اڳواڻي ڪريو. توهان جي تجويز جو انتظار رهندو. مهرباني.

خادم

نظام الدين نظاماڻي

صدر: ٽنڊو سومرو ڊويلپمينٽ آرگنائزيشن.

❁★❁

سائين،

توهان جو خط پهتو آهي، ان لاءِ مهرباني. توهان خط ۾ جن مسئلن تي لکيو آهي. سي تمام اهم مسئلا آهن. هيءَ سائنس، ٽيڪنالاجي ۽ اليڪٽرا ميڊيا جو دور آهي، جنهن ۾ اسين رهون ٿا، پر اسان ماڻهن (سنڌي) جي بدنصيبي اها آهي، تہ اسان کي هر دور ۾ پٺتي رکيو ويو آهي ۽ اهو سڀڪجهہ اسان جي پنهنجن ڪيو آهي. اصل ۾ اسان جو مسئلو صرف هڪ آهي ۽ اهو آهي، جنهن ماڻهو جو جيڪو ڪم آهي، اهو ڪري ۽ ان کان پوءِ سنڌ جي ڀلائيءَ لاءِ ڪري جيئن توهين ڪري رهيا آهيو. توهان جي گهر بلڪل جائز آهي ۽ مان ان جي پٺڀرائي ڪريان ٿو، پر ان ڏس ۾ توهان جيڪا "عوام کي منظم" ڪرڻ جي ڳالهہ ڪئي آهي، اها هڪ بنيادي ڳالهہ آهي. اسان جو بنيادي مسئلو اهو بہ آهي تہ اسين منظم ناهيون، ڇڙو ڇڙ آهيون. انهيءَ ڪري ئي اسان جي ڪنهن بہ جائز گهر کي بہ مانُ نٿو ملي، حق ۽ سچ چوڻ تي خود اسان جا پنهنجا اسان جا دشمن بڻجي ٿا پون. بهرحال اسين توهان جو خط "مهراڻ" ۾ ڏئي رهيا آهيون. جيئن اهو گهڻن ماڻهن تائين پهچي ۽ هڪ راهہ هموار ڪري سگهجي. ان ڏس ۾ مون کان جيڪي بہ ڪجهہ ٿي سگهندو اُهو مان ڪندس ۽ هڪ فرض سمجهي ڪندس. وڌيڪ ٻئي پيري

اُڪير مان

امداد حسيني

●

مانوارا سائين امداد حسيني صاحب

شال خوشين ۾ هجو

سائين سنڌ جي اعليٰ علمي ۽ ادبي اداري سنڌي ادبي بورڊ ۾ نيون ذميواريون سنڀالڻ تي دلي واڌايون قبول پون ۽ اميدون آهن تہ اوهان جو جيڪو سچائيءَ جو نئون سفر شروع ڪيو آهي، سو ادبي بورڊ جي تاريخ ۾ اوهان جي ڪاوشن سان اعليٰ مقام ماڻيندو.

نيڪ جذبن ۽ تمنائن سان اوهان جو

وفا رضا

❁★❁

محترم خط لکڻ لاءِ مهرباني،

توهان مون ۾ جيڪي اميدون رکيون آهن، شال، انهن کي مان پورو ڪري سگهان! هن نئين سفر ۾ ڏکيايون آهن، اُهي اوهان کي بہ ساريل آهن، پر سڀني سڄڻن جي ساٿ سان مقصد جي منزل ماڻڻ جو اَٽل عزم ئي اسان جو سونهون ۽ سرواڻ آهي.

اُڪير مان

سيد امداد حسيني

●

مانورا جانڻ سنڌي ۽ آزاد جوهاڻ، توهان جي مبارڪن لاءِ مهرباني. توهان جي ساٿ ۽ سهڪار سان سنڌي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ جاکوڙ جاري رهندي ۽ مقصد جي منزل ماڻبي:

منزل ڏانهن وري هڪ ڀيرو عزم سفر آهي يارن جو!

قلم تازو: توهان پنهنجي ائسوسيئيشن جو تعارف، مقصد ـ سرگرميون، لکي موڪليو "مهراڻ" لاءِ.

اُڪير مان
سيد امداد حسيني

●

بخدمت جناب عزت مآب محترم سيد امداد حسيني صاحب

شال خوش باش هجو

السلام عليڪم. هزارين ڀيرا هٿن پيرن چمڻ بعد ته هت سڀ خير آهي خير عافيت اوهان صاحبن لاءِ ڏٿي در صبح و شام دعا گهرندو رهندو آهيان. آمين ثم آمين؟

مان هڪ غريب اوهان صاحبن کي، سنڌي ادبي بورڊ جام شورو جي سيڪريٽري چونڊجڻ تي دل جي گهراين سان مبارڪباد عرض رکان ٿو. شال قبول پوي.

مون کي اميد آهي ته اوهان جي ڪوشش ۽ رهنمائيءَ سان سنڌي ادبي بورڊ اڳي کان اڳيري منزل ماڻيندو. خداوند ڪريم اوهان کي وڌيڪ محنت ۽ ڪوشش جي همٿ عطا فرمائي. آمين.

اوهان جو پنهنجو
سپاهي محمد اسماعيل خاصخيلي

★

محترم سپاهي صاحب،

توهان جو خط پهتو، مهرباني

توهان جيڪا منهنجي لاءِ دعا ڪئي آهي، ڏٿيءَ در اُها دُعا ضرور اگهامندي، چو ته اُها دل جي گهراين مان نڪتي آهي.

تنهنجو غزل مهراڻ ۾ ڏني ڇڏيو اٿم.

اُڪير مان
امداد حسيني

●

محترم سيد امداد حسيني صاحب، اوّل خير!

سائين منهنجا "لوڪ ادب" تماهي مهراڻ آڪٽوبر ـ ڊسمبر ١٩٩١ع جو پرچو هٿن منجهه اٿم. پرچو تمام خوبصورت ۽ معياري هيو.

سائين منهنجا! اوهان کي سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري ٿيڻ تي لک لک واڌايون هجن. شل قبول پون.

ادا سائين رسالي کي اڃا به توهان خوبصورت بڻائيندا جيئن اڳ اوهان خوبصورت ڪري ڪڍندا هئا. اميد اٿم ته خوبصورت کان خوبصورت بڻائيندا.

دوست توهان ڏانهن تماهي مهراڻ لاءِ ڪجهه وايون موڪليان پيو. اميد ته رسالي ۾ جڳهه ڏيندا ته وڌ نيندا. مهرباني. قلمي سهڪار توهان سان جاري رهندو.

توهانجو پنهنجو
"تلهار" پيرزادو
خزانچي، سنڌي ادبي سنگت شاخ گمبٽ

يار تلهان تنهنجو نالو تہ واهہ جو آهي! مبارڪن لاءِ مهرباني. تو جيڪي اميدون مون ۾ رکيون آهن. توهان جي ساٿ ۽ سهڪار سان پڪ ٿي ڪ پوريون ٿينديون. تنهنجي واني هينئر بہ منهنجي هٿ ۾ آهي. تنهنجو خط "مهراڻ" لاءِ لکي بہ جڏيو هئم. پر واني، کي OK نہ ڪيو هئم. ان جو ڪارڻ مئينسٽ هئي، جنهن ۾ هڪ ماترا وڌي ٿي، ڇا اها رعايت ڏئي سگهجي ٿي؟ اتي هڪ بيو سوال بہ ٿو اٿي، تہ واني، ۾ ڪا سٽ ١١ جي تہ ڪا ١٢ جي، تہ ڪا تيرهن جي هجي؟ ٻارهن ۽ ١٣ ماترائن کي ورتائڻ سپاويڪ آهي. بهرحال تنهنجي واني ڏاڍي وڻي ۽ مان اُن کي مهراڻ ۾ ڏئي رهيو آهيان. خاص ڪري مون کي واني، جو آخري بند ڏاڍو چيندڙ لڳو. شاعري، جي ڪئنواس کي جيترو ڦهلا ڙيندؤ اوترو ئي اُن ۾ آفاقيت ايندي. خاص طور شاعر تي تمام وڏي ذميواري آهي، تہ هو پوري انسان ذات کي درپيش ان سنگين مسئلي کي پڙهندڙ جي ڌيان تي آڻي ۽ ائين "ڪرين مٿي سنڌ سڪار" کان "عالم سڀ آباد ڪرين" سائين پنهنجي شاعري جي ڪئنواس کي ڦهلاءُ ملي ٿو.

اُڪير مان
سيد امداد حسيني
رات جا ٣٣ـ١٢

●

السلام عليڪم،

سائين سڀ کان پهرين تہ اوهان کي بورڊ جو سيڪريٽري جونڊجڻ تي مبارڪ عرض رکجي ٿي ۽ ان کان پوءِ ماهہ آڪٽوبر ـ ڊسمبر ١٩٩١ جي مهراڻ لوڪ ادب بابت گذارش تہ اچ V.P ٣٥ ڪاپين جي ڇڏايم. هڪ ڪاپي ڪڏي ٻاڻ ڏنم. جنهن ۾ مقالن جو حصو بهترين آهي. ايم. اي سنڌي، جي شاگردن لاءِ ڏاڍو ڪارائتو ثابت ٿيندو ڪهاڻيون بہ لوڪ حوالي سان سٺيون آهن ۽ شعر جي حصي ۾ قبلہ طالب المولي، صديقي صاحب ۽ محمد خان مجيدي، جي ڪلامن کان سواءِ باقي متاثرڪن ڪونہ آهن جيتوڻيڪ سنڌ ۾ ڪوڙ سارا سگهڙ آهن، جيڪي لوڪ ادب ۾ ٻاڻ پتوڙين پيا. بهرحال پرچو سراسري طور سٺو آهي. لوڪ ادب جي واڌاري لاءِ اوهان جيڪو پهريون قدم کنيو آهي سو ساراهڻ لائق آهي.

سائين اوهان جي ادبي بورڊ جا رسالا گل ڦل، سرتيون ۽ مهراڻ وغيره سيوهڻ ۾ اَئون هلائيندو آهيان ۽ دوست پڇندا آهن تہ انهن ۾ تنهنجو شعر جو ٿو ڇپجي؟ اوهان ڏانهن بہ نڪور غزل موڪلي رهيو آهيان، ڇپي نوازنتو ڪندا. زياده خير.

همراز ٻٽي

(★)

مانوارا همراز

مبارڪن لاءِ مهرباني. شعر تہ تنهنجو "مهراڻ" ۾ ڇپجي پيو، پر تون اسان کي رڳو اهو ٻڌاءِ تہ "مهراڻ" اتي گهٽو ٿو کپي. "مهراڻ" جو ايندڙ پرچو ٻٽو (١ـ٢/١٩٩٢ع) هوندو ۽ اڍائين کان ٽن سو صفحن جو هوندو. جنهن ۾ شيخ اياز جي شاعري، جا ٥٠ کن صفحا هوندا. عبدالقادر جوڻيجي جي ٽنين ڪهاڻي هوندي. مان چاهيان ٿو تہ "مهراڻ" جو اهو پرچو، جيڪو سنڌي ادب جو هڪ اهم دستاويز هوندو پيو ڪجهہ گهڻو هلي، گهٽ ۾ گهٽ ڊبل ڪاپيون تہ ضرور هلن، جون جي آخر ۾ اچي ويندو ان بابت لکج.

اُڪير مان
امداد حسيني

●

سيڪريٽري،
سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو
ادا اسلام عليڪم

اميد ته اوهان بلڪل خيريت سان هوندا ادا مون کي اوهان جي اداري جا ڇپايل هيٺيان ڪتاب گهرجن. مهرباني ڪري مون کي V.P جي ذريعي جلد از جلد ارسال ڪيا وڃن مان پيسن تي V.P ڇڏرائي وٺنديس. ڪتابن جي فهرست هيٺين آهي.

(۱) قديم سنڌ جا مشهور شهر ۽ ماڳهو - مصنف - مرزا قليچ بيگ
(۲) مير محمد معصوم بکري - سيد حسام الدين راشدي
(۳) چار درويش - لطف الله بدوي
(۴) تذڪره امير خاني - سيد حسام الدين راشدي
(۵) سنڌ جا عظيم صوفي بزرگ - تنوير عباسي
(٦) مهراڻ مقالا نمبر -

ادا مهرباني ڪري مٿيان ڪتاب هر هڪ جي هڪ هڪ ڪاپي جلد از جلد موڪلڻ جي ڪوشش ڪجو، ڇو جو مٿيان ڪتاب مون کي M.Phil جي ٿيسز لکڻ لاءِ به گهرجن ٿا. اميد ته منهنجي وقت جو قدر ڪندا ۽ اجائي دير ڪري منهنجو وقت ضايع نه ڪندا. ادا اميد ته مناسب رعايت به ڪندا.

مهرباني
مس فرخنده زينب ميمڻ

❖★❖

سائين،
اسلام عليڪم،

هونئن توهان جو ڪتابن لاءِ اُماڻيل خط "منيجر بُڪ اسٽال، سنڌي ادبي بورڊ، تلڪ چاڙهي حيدرآباد سنڌ" جي ائڊريس تي وڃڻ کپندو هو؛ پر اُهو توهان مون ڏانهن موڪليو آهي. خير آهي مان بڪ اسٽال ڏياري موڪليندس. توهان ڪن ڪتابن گهرائڻ (V.pp) لاءِ لکيو آهي. ان ڏس ۾ جيڪڏهن توهان احسان ڪريو ها ته پيسا اسان کي مني آرڊر وسيلي موڪلي ڏيو ها ته ڪر ڏاڍو چڱو ٿئي ها! ڇاڪاڻ ته هونئن توهان کي جيڪا رعايت ملندي، سا وري - Vpp جي خرچ ۾ هلي ويندي؛ پر جيئن ته توهان کي ڪتاب جلد گهرجن، ان ڪري اهي اڄ ٿي ۳-٦-۹۲ تي توهان کي Vpp ڪري موڪليا ويندا، رعايت سان.

سيد امداد حسيني
سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ

●

محترم جناب امداد حسيني صاحب!

اميد ته خوش هوندا.

سنڌي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري مقرر ٿيڻ تي منهنجي طرفان لک لک واڌايون قبول فرمائيندا. اميد ٿي ڪجي ته سنڌي ادبي بورڊ، توهان جي نگرانيءَ ۾ تمام گهڻي ترقي ڪندو رهندو ۽ اها پڻ اميد ڪجي ٿي ته بورڊ جي ٽنهي رسالن کي، مواد جي لحاظ سان، نين امنگن ۽ روشن خيال ليکڪن جي لکڻين سان پڻ سينگاريو ويندو.

آخر ۾ پنهنجي طرفان هڪ ننڍڙي راءِ پيش ڪندس ته بورڊ مان هر ماهه هڪڙو ڪتاب شايع ڪرايو وڃي. جنهن ۾ ڪنهن به هڪڙي ليکڪ جون لکڻيون (ڪهاڻيون، افسانا، مضمون، يادگيريون، سفرناما، خط، شاعري يا ڪو پيو ادب) ترتيب ڏيئي شايع ڪرايون وڃن. پران ۾ انهي ڳالهه جو به خاص خيال رکيو وڃي ته جنهن ليکڪ جو ڪتاب شايع ڪرائجي ته ان جو تعلق سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ سان ضرور هجڻ گهرجي. جيڪڏهن ڪنهن سنڌي ليکڪ جي ڪنهن اڳ ڇپيل ڪتاب جو، انگريزي، اردو، فارسي يا ڪنهن ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ڇپائجي ته به "سون تي سهاڳي" جهڙو ڪم ڄڻي سگهجي ٿو. ائين ڪرڻ سان، سنڌي ادب ۽ سنڌي ادبي بورڊ، بين 'الاقوامي سطح تائين پنهنجو معيار برقرار رکي سگهي ٿو.

اوهان جو خير گهرندڙ

استاد لغاري

هاءِ اسڪول لوڻ ڪاڻ

پوسٽ آفيس ڪپرو ضلعو سانگهڙ سنڌ.

***

سائي،

توهان جو خط مليو. مهرباني.

سچ ڪري پڇو ته بورڊ جي ٽنهي رسالن جي ڪارڪردگيءَ مان، مان مطمئن ناهيان، نه ته اهي وقت تي ٿا نڪرن، نه ئي انهن جي سرڪيوليشن تي وڌي، ان ڪري انهن کي باقاعدي ۽ معياري بنائڻ تي منهنجو سڄو زور رهندو ۽ ان ڏس ۾ دوستن جو سهڪار لازمي هوندو.

(قلم تازو: توهان جي اسڪول ۾ اهڙا ٻار هجن جيڪي: (١) ذهين هجن ۽ پڙهيون نمبر کنيو هجين (٢) راندين ۾ نالو ڪڍيو هجين (٣) سماجي ڀلائيءَ ۾ حصو ورتو هجين (٤) ڊراما، تقرير، پينٽنگ ۾ سٺي ڪارڪردگي ڏيکاري هجين (٥) اهڙا معذور ٻار جيڪي پڙهندا، محنت مزدوري ڪندا هجن. انهن جو تعارف انٽرويو ڏياري موڪليو "گل ڦل" لاءِ).

●

سائين بهريانين تہ آئون اوهان کي ”سنڌي ادبي بورڊ“ جي هڪ اهم ۽ اعليٰ عهدي تي فائز ٿيڻ تي دل جي اٿاهہ اڪير ۽ الفت منجهان واڌايون پيش ٿو ڪريان. ”سنڌي ادبي بورڊ“ سنڌ جو هڪ عزت ما آب ادارو آهي. هن اداري سنڌي ٻولي، سنڌي ادب، سنڌي ثقافت ۽ تهذيب ۽ تاريخ کي جنهن انداز ۽ رفتار سان زنده رکندي اڳتي وڌايو، ان مان جيئوٽيڪ مڪمل طور مطمئن هئڻ جي تہ هام نٿي هڻي سگهجي، پر پوءِ بہ ڪجهہ نہ ڪرڻ کان ڪجهہ ڪرڻ بهتر آهي. سنڌي ادبي بورڊ سنڌي ادب جي ترقي ۽ واڌ ويجهہ يا اوسر لاءِ جيڪي ڪم بہ ڪيا، سي سنڌ ۽ سنڌي قوم لاءِ هڪ املهہ سرمايو آهن. پر وقت بوقت راشي آفيسرن ۽ منافق ۽ مفاد پرست ملازمن ۽ اداري جي ڪرپٽ ڪامورن هن اداري جي وسيلن کي جنهن بيدرديءَ سان ظالمائي نموني لٽيو ۽ ڦريو اهو عمل مذمت لائق آهي. بهرحال هن وقت اها اسان جي لاءِ خوشي جهڙي ڳالهہ آهي تہ اوهين هن اداري جي هڪ اهم عهدي تي فائز ٿيا آهيو ۽ سيڪريٽري هئڻ جي ناتي اوهين گهڻو ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. پر جيڪڏهن اوهان پنهنجي ان عهدي تي بااختيار آهيو تہ پوءِ واقعي گهڻو ڪجهہ ڪري سگهو ٿا. پر جيڪڏهن صرف سنڌي ادبي سنگت جي احتجاج کان خوفزده ٿي سرڪار صرف حالتن تي قابو پائڻ لاءِ اوهان کي ۽ اوهان جي صلاحيتن کي خريد ڪري ورتو آهي، تہ پوءِ اوهين محبوب سروريءَ کان بہ وڌيڪ سنڌي ادب ۽ سنڌي ادبي بورڊ لاءِ نقصانڪار ثابت ٿيندؤ. پر مون کي يقين آهي تہ اوهين باضمير، با غيرت ۽ جرئتمند اديب ۽ اهل علم انسان آهيو اوهين ائين ڪري نٿا سگهو.

سائين انهن مختلف ڳالهين کان پوءِ اوهان سان ”گل ڦل“ بابت ڳالهائڻ چاهيان ٿو ڇو تہ آئون ”گل ڦل“ باقائده پڙهندو آهيان ۽ ”گل ڦل“ ۾ لکندو بہ آهيان ۽ ”گل ڦل“ جي حوالي سان ئي مون سنڌي ادبي بورڊ جي ڪردار ۽ ڪارڪردگي کي گهري نظر سان ڏٺو آهي ۽ هن خط لکڻ جو سبب بہ ”گل ڦل“ آهي. ڇو تہ هن خط وسيلي آئون اوهان کي ”گل ڦل“ بابت ڪي تجويزون ۽ مشورا ڏيڻ چاهيان ٿو. ۽ ها سائين مون هڪ هن جهڙو خط محترم محبوب سروريءَ کي بہ لکيو هو پر ان صاحب ڪوبہ جواب ڪونہ ڏنو. بهرحال هي خط اوهان جي خدمت ۾ لکي رهيو آهيان.

سائين ”گل ڦل“ سنڌي ٻارڙن لاءِ واحد رسالو آهي. جنهن کي سرڪاري نگراني هيٺ هلايو پيو وڃي، پر ”گل ڦل“ رسالو معيار ۽ مواد جي لحاظ کان هن جديد دور جي گهرجن کي پورو نہ ٿو ڪري سگهي ۽ سنڌي ٻارڙن لاءِ ڪي خاص فائدا مهيا نہ ٿو ڪري. ان لاءِ چند گذارشون پيش ڪجن ٿيون. جيڪڏهن اوهان انهن تي عمل ڪرڻ جي عنايت ڪئي تہ اهو اوهان جو سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ٻارڙن تي املهہ احسان رهندو. پر نہ! ان ۾ احسانمنديءَ جي ڪا ڳالهہ ڪانهي بلڪ اهو ان اداري جو فرض آهي. تجويزون عرض آهن:

(١) ”گل ڦل“ ۾ جديد سائنسي مواد شامل ڪرڻ سان گڏوگڏ سائنسي ڄاڻپڻيءَ جو هڪ سلسلو شروع ڪريو ۽ بهترين سائنسي مضمون لکندڙ ٻارڙن کي انعام ۽ اعزازي ڪاپيون ڏيو.

(٢) عالمي ادب مان چونڊ ٻارڙيون ڪهاڻيون ”گل ڦل“ ۾ شايع ڪريو.

(٣) ”گل ڦل“ لاءِ سٺي ليکڪن کي مواد جي مناسبت سان نقد يا ڪتابي صورت ۾ اُجورو ڏيو. هر ان ٻار کي جيڪو ”گل ڦل“ لاءِ ٽوٽڪا، سهڻا سخن يا عالمي معلومات موڪلي ان کي اعزازي ڪاپي موڪليو.

(٤) ”گل ڦل“ ۾ لکندڙ ٻالڪ ليکڪن جو هڪ ڪلب ٺاهيو. جنهن جو نالو ”گل ڦل رائيٽرس ڪلب“ هجي ۽ هر سال وڌيڪ مواد موڪليندڙ ۽ بهترين ليک موڪليندڙ ساٿي کي ”گل ڦل ايوارڊ“ ڏيندا ڪريو. ۽ هر سال ”گل ڦل رائيٽرس ڪلب“ جي سائين کي سنڌي ادبي بورڊ جي احاطي ۾ ”گل ڦل“ طرفان آجياڻو ڏيندا ڪريو.

(٥) سنڌ جي هر هاءِ اسڪول جي لائبرري ۾ هر مهيني ”گل ڦل“ جي موجودگيءَ کي لازمي بڻايو ۽ سنڌ کانسواءِ پوري پاڪستان ۾ رهندڙ ۽ هن دبئي ۽ دنيا جي ٻين ملڪن ۾ بہ ”گل ڦل“ کي سنڌي ٻارڙن تائين پهچائڻ جي عملي

سائين، جُزيو هجين شال

السلام عليڪم يا علي مدد

آسانتو آهيان تہ اوهان جي اچڻ ڪري سنڌي ادبي بورڊ جي بهتري ٿيندي. اج ڪلهہ هر هڪ ماڻهو جي ڪُنبہ ۽ سُنبہ باڌارجو ٿي وڃي.

سائين خط لکڻ ان ڪري واجبي ٿو سمجهان تہ اوهان صاحبن کي دانهن ڏيان تہ منهنجو هڪ قيمتي مضمون جيڪو ايڊيٽر مهراڻ وٽ ٨ مهينن کان متي لکيل بيو آهي.

روبرو بورڊ ۾ اچي ايڊيٽر صاحب کي عرض ڪيو هيم جنهن چيو تہ ڪيس چارج ۾ اڳين ايڊيٽر ڏنو آهي ۽ جلدي شايع ڪيو ويندو پر

"نڪو ابر نہ پير نڪي اوڻي آئيو"

مضمون مارئيءَ تي لکيل آهي جنهن ۾ سڄي سُر جا رسالي ۾ آيل اکر (ٽڙ جا) وڌل آهن ۽ بيت ٪٦٠ رسالي کان ٻاهر جا آهن اميد تہ جلدي مهراڻ ۾ هي موتين جي مالها ٽانڪي ممنون ڪندا ۽ مون کي بہ ڪاپيون موڪلڻ جي عنايت ڪندا.
والسلام

اوهان جي برڪت جو خير

اوهان جو ساڳيو نياز مند فقير امداد سراني

محترم فقير صاحب،

يا علي مدد. توهان جو خط پهتو. مهرباني. توهان جي دانهن واجبي آهي، پر فقير صاحب هتي ١٩٨٩ جا بہ مضمون پيا آهن. توهان جي مضمون جي بجا ڪريان ٿو. توهان جي اميدن لاءِ مهرباني ۽ دعائن لاءِ بہ.

اُڪير مان

سيد امداد حسيني.

سنـڌي ادبـي بـورڊ سـنـڌ جـو
ٻـارن لاءِ اڪيلو رسالو

تماهي

# سرتيون

اپريل ــ جون ۱۹۹۲ع
۱۵۲ صفحا
قيمت ويهہ رپيا

جهلڪيون
۱ـ نثر:
●ام الڪلام آپا مريم نوحاڻيءَ سان ڳالهہ ٻولهہ ڀاران ۱. مسرت شيخ ۲. ماهہ طلعت عباسي ●جيجي زينت چنا ــ يادگيريون ●سنڌري اتم چنداڻي ــ ”اَملهہ ماڻڪن جو واپار“ (ڪهاڻي) ●ثميرا زرين ــ حميده قاضي (شخصيت) ●زرينہ بلوچ ــ ”هھڙا هاڃا“ ●عزيزه قاضي ــ ”پينر آنون پُلياس“ ●وينا شرنگي ــ ”تلاش هڪ ڪناري جي“ ●علي مرتضيٰ ڌاريجو ”ميون ۽ ڀاڄين مان فائدا“ ●شگفتہ شاهہ ــ ”ڳولهيان ڳولهيان مَ لهان“ ●عنبرين ٽيپو ــ ”قتل ياڳ“ ●پوپٽي هيراننداڻي ــ ”ڪاڏي جي ٿالهي“ ●عنايت الله عباسي ــ ”ماني بجلي“ ●رضيہ ڪوڪر ــ ”پيني ٽئي پامال“ ●عادل عباسي ــ ”اشارن تي هلندڙ ماڻهو“ ●ميمڻ روشن تبسم ــ ”هڪ شاعره جي سڃاڻپ“
۲ـ شاعري
●مخدوم محمد زمان طالب الموليٰ ــ ڪافيون ●امداد حسيني ــ ”ٻڻاني تنهنجو نانءُ“ ●آثم ناٿن شاهي ●ولي سروري ●آس قاضي ●محبوب سروري (غزل) ●سپنا گل قاضي ●زيبا ڏيرو ●نذير ناز
۳ـ متفرقہ ڪالم
عربيہ نور: رڌڻي جي راڻي، سميرا مغل: ڪر سينگار سکي، ڊائريءَ جو ورق، هر گهر لاءِ ضروري ڏهہ ڳالهيون ياد رکڻ جهڙيون، هي شعر وڻي ٿو، اوهان جا خط ۽ مزاحيہ ڪالم.

سائينم سدائين، ڪَرِين متي سِنڌُ سُڪارَ،
دوسَ! مِٺا دِلدارَ، عالَم سَڀ آباد ڪَرِين.
— شَاهه



"شاهه جي شاعري، ۾ فن جي اڀتار" ص ٢٨٥_٣٠١
- ڊاڪٽر الياس عشقي